سنڌو ديش
ڇو ۽ ڇالاءِ؟

جي ايم سيد



سنڌو ديش ڇو ۽ ڇالاءِ؟

جي. ايم. سيد

جي. ايم سيد اڪيڊمي

سن، ضلعو دادو

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو: سنڌوديش ڇو ۽ ڇالاءِ؟
ليکڪ: جي. ايم. سيد
ڇاپو: تيرهون
سال: 2010ع
ڪمپوزنگ: ولي محمد ڪاڪيپوٽو
ڇپيندڙ: آزاد پرنٽنگ پريس، دادو
ڇپرائيندڙ: جي ايم سيد اڪيڊمي.

قيمت، -/250 رپيا

ملڻ جا هنڌ:

سنڌ جا سمورا بڪ اسٽال
۽
جي ايم سيد اڪيڊمي، سن، ضلعو دادو، سنڌ

اهڙو ڪو انڌير، سرتيون جهڙو سنڌ ۾،
پِر نہ پائي پير، پَرُ ڪيائون پانهن جو.

(شيخ اياز)

فهرست

- پيش لفظ 07

فصل پهريون

سنڌو ديش ۽ پاڪستان 51

فصل ٻيو

پاڪستان مان سنڌ کي اميدون ۽ آسرا 105

فصل ٽيون

پاڪستان جي قيام بعد سنڌ کي رسيل نقصان 152

فصل چوٿون

سنڌو ديش جي قيام مان فائدا 214

فصل پنجون

سنڌو ديش جي مشن 246

پيش لفظ

هن دنيا ۾ اي سنڌو ديش،
هيا نادان هزارين، مان نہ رڳوا!
ـ اياز

سنڌو ديش ڪن فيڪون جي وقت کان هو. اسان جي محبت ان سان ايتري ئي قديم آهي.

جيئن ڏينهن ۽ راتيون بدلجن پيون ۽ موسمون بہ بدلبيون رهن ٿيون، اهڙيءَ طرح ماڻهو بہ ڪڏهن سجاڳ ۽ ڪڏهن ننڊ ۾ رهن ٿا. ماڻهن وانگر قومن جي حالت بہ بدلجندڙ آهي. ڪڏهن اهي بيدار ٿي، تهذيب ۽ تمدن طرف وک وڌائين ٿيون. تہ ڪنهن وقت هو گهريءَ ننڊ ۾ سهمي، روبہ تنزل ٿي، ڪيل ڪمائي ڪٽ ڪريو ڇڏين.

سنڌو ديش دنيا جي قديم ترين مهذب ۽ متمدن قوم جو ملڪ آهي. ان جو ماضي نهايت شاندار رهيو آهي، پر ڪجهہ وقت کان هتي جي رهاڪن پاڻ وساري، خواب غفلت ۾ غلطان ٿي، غيرن کي مٿن قابض ٿيڻ جو موقعو پئي ڏنو آهي.

اسان سنڌوءَ جي پاڻ وسارڻ واري دور جي پيدائش آهيون. بمبئي کان سنڌ جي جدائيءَ بعد جڏهن اسان سنڌين جي، ڪلچرل ترقيءَ، اقتصادي خوشحاليءَ ۽ سياسي آزاديءَ جي حصول ۾ رڪاوٽون پيل ڏٺيون. تہ ردعمل ۾ اچي، ان جو ڪارڻ هندو مستقل مفاد کي ڄاڻي، پاڪستان ذريعي ان جي حل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي سون. ڇوٽي آهي تہ "دوزخ ڏي رستو بہ چڱن ارادن (جي پٿرن) سان جڙيل ٿئي ٿو." ان وانگر پاڪستان لاءِ ڪوشش ڪرڻ وقت هينيان متا ۽ مرادون مدِنظر رکي، ڪم ڪيو هو سون:

(1) برصغير هند جي مسلم اڪثريت وارين ايراضين ۾ مڪاني مسلمانن جون جدا رياستون قائم ڪرائي، ڪين سندن روايات موجب ترقيءَ ۽ تعمير لاءِ موقعا ميسر ڪرائيندا سون.

(2) اهڙيءَ طرح برپا ڪيل، جدا رياستن جي سياسي آزاديءَ، اقتصادي خوشحاليءَ ۽ ڪلچر ترقيءَ لاءِ باهمي تعاون ذريعي قدم کڻنداسون.

انهيءَ تجربي ۾ اسان چويهہ سال گذاريا آهن. اچو تہ ان ساري مسئلي تي غور سان نظر ڪري ڏسون، تہ مٿي ذڪر ڪيل مرادون ڪيتريقدر برثواب ٿيون آهن.

مسلمانن جي جدا رياستن جو قيام

برصغير هند جي وڏي حصي تي، گهڻي وقت تائين مسلمان حاڪمن جو قبضو رهيو هو جيتوڻيڪ اهي حڪومتون شخصي ۽ قبيلائي هيون. انهن حڪومتن جي دور ۾ زمين ۽ نوڪرين وغيره تي مسلمانن جا ڪي طبقا ۽ گروهہ قابض ٿي، مستقل مفاد قائم ڪري ويا هئا. ان مان مُلي، پير، جاگيردار ۽ ڪاموري ڪلاس جي ماڻهن کي خاص فائدو پهتو هو جن انهن حڪومتن کي مذهبي حڪومتون قرار ڏيئي، سندن مفاد قائم رکڻ گهريا ٿي. اهڙيءَ طرح حاصل ڪيل تسلط کي قائم رکڻ لاءِ هنن بہ طريقا استعمال ڪيا:

پهريون، هندوستان جي رهاڪن کي مغل سامراج جي هٿ هيٺ جملي هندو مسلم طاقتور قبيلن جي مدد سان، نيم سيڪيولر بنيادن تي منظم ڪري، حاصل ڪيل مستقل مفاد کي برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. انهيءَ طريقي سان ٻنهي مذهبن جي پوئلڳن کي فائدو پهتو ٿي. پر ملڪي سياست کي مذهب سان ملائڻ ڪري، ٿوري وقت کان پوءِ اهو تجربو ناڪامياب ٿيو تہ مسلمانن جي مستقل مفاد جدا ٿي، اورنگزيب جي هٿ هيٺ، مذهب جي نالي ۾ غلبو قائم ڪري، خالص مذهبي بنيادن تي پنهنجو تسلط برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪجهہ وقت کان پوءِ اهو ٻيو تجربو بہ ناڪامياب ٿيو.

انهيءَ کان پوءِ برصغير تي انگريز سامراج تسلط ڄمايو انهن جي حڪومت جي عرصي ۾ مسلمان ٻن گروهن ۾ ورهائجي ويا.

هڪڙي گروهه انگريزن کان طاقت کسي، ٻاهرين مسلمان طاقتن ۽ مڪاني هندو راجائن جي مدد سان، وري مغل حڪومت کي واپس آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اها ڪوشش 1857ع جي جنگ آزاديءَ ۾ ناڪاميابيءَ بعد ختم ٿي ۽ اهو مسلمانن جو گروهه وڏيءَ مصيبت هيٺ اچي ويو.

ٻئي گروهه انگريز سامراج سان تعاون ڪري، مغل دور حڪومت ۾ حاصل ڪيل، پنهنجي مستقل مفاد کي بچائڻ ۽ برقرار رکڻ جي پاليسي اختيار ڪئي.

جڏهن ڪجهه وقت کان پوءِ انگريزن هندوستان جي عام راءِ ۽ ٻن مهاڀاري لڙاين بعد پيدا ٿيل بين الاقوامي راءِ کان متاثر ٿي، هندوستان کي جمهوري بنيادن تي حق ڏيڻ شروع ڪيا تہ انهيءَ پوئين گروهه، سندن مفاد کي نقصان پهچڻ جي خطري کان، اول ۾ انگريزن جي طرفداري ڪري، پنهنجا حق بحال رکائڻ چاهيا، پر جڏهن کين معلوم ٿيو تہ هندوستان ۾ آزاديءَ جي هلچل ايترو تيز ٿي ويئي هئي، جو انهيءَ کي روڪڻ ناممڪن هو تہ هنن پاليسي بدلي، انگريزن جي مدد سان مسلم اڪثريت وارن صوبن ۾ آزاد حڪومتن قائم ڪرڻ جي تحريڪ هلائي، پاڪستان برپا ڪرڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪئي.

برصغير جي مسلم اڪثريت وارن صوبن جي رهاڪن کي، جمهوري بنيادن تي سياسي آزاديءَ مان پنهنجي مستقل مفاد لاءِ اهڙو خطرو نظر ۾ نٿي آيو. تن جي رضامندي لاءِ منجهن هيٺين دليلن جي آڌار تي، ان تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ سڌ پيدا ڪئي ويئي.

(1) انهن صوبن جي رهندڙ مسلمانن کي، آزاد ۽ خودمختياري رياستن قائم ڪرڻ جو موقعو ملندو.

(2) مسلمانن واسطي مذهب ۽ گذريل روايات مطابق زندگي بسر ڪرڻ لاءِ اهڙيءَ طرح آزاد ٿيل رياستن ۾ حالتون سازگار ٿينديون.

(3) مسلم اڪثريت وارن صوبن جي مسلمانن کي غير مسلمان (هندو) جي سچي پچي يا موهوم اقتصادي تسلط کان آزادي نصيب ٿيندي

(4) پاڪستان، سيني مسلمان ملڪن جي اتحاد لاءِ مرڪزي رياست جو ڪم ڏيندو.

انهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ مسلم اقليت وارن صوبن جي مستقل مفادي مسلم گروهه طرفان، مسلمانن جي جداگانه قوم جو نظريو ايجاد ڪيو ويو جنهن نظريي جي آڌار تي مسلمانن کي مذهب جي بنياد تي جدا قوم تصور ڪيو ويو ٿي.

جيتوڻيڪ دنيا ۾ ڪنهن به مسلم ملڪ جي رهاڪن، انهيءَ نظرئي ۾ اعتماد نه ٿي رکيو پر سنڌ، بلوچستان، پختونستان ۽ بينگال جا رهاڪو مسلمان اسلام جي نالي ۾ برغلجي ويا. هنن ان وقت ان ڳالهه طرف ڪو به ڌيان نه ڏنو ته اهڙيءَ طرح قوم سڏائڻ ڪري، اڳتي هلي، کين ڪهڙين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوندو؟ ۽ پاڪستان جي قيام مان سنڌ، بلوچستان، پختونستان ۽ بينگال جي رهاڪن کي ڪهڙو فائدو حاصل ٿيڻ وارو هو؟ يا پاڪستان جي قيام مان اسلام جي فروغ ۽ غلبي کي ڪهڙي ترقي حاصل ٿيڻ واري هئي؟ انهيءَ وقت مذهبي جذبي کان متاثر ٿي، ڪنهن به آئيندي جي نتيجن طرف توجهه نه ڏنو.

اسان مان جن کي سنڌ جي جداگانه قوميت ۽ سنڌ جي گذريل شاندار ماضيءَ واري تاريخ کان واقفيت هئي، تن انهيءَ تحريڪ ۾ حصو ونڻ وسيلي سنڌ جي آزاديءَ، اقتصادي خوشحاليءَ ۽ ڪلچرل ترقيءَ جو مقصد حاصل ڪرڻ گهريو ٿي. اسان کي مولانا عبيدالله سنڌيءَ، علامه آءِ آءِ قاضيءَ ۽ ٻين پنهنجن بزرگن جي تعليم ته "سنڌي جدا قوم هئا" جو ڪجهه احساس هو پر سنڌ جي آزاديءَ جي دلاسي تي، اسان به انهيءَ گروهه سان گڏجي ڪم ڪيو جن مخفي طرح سنڌ ۽ ٻين مسلمان اڪثريت وارن صوبن ۾ مهاجر، پنجابي سامراج قائم ڪرڻ جو ارادو رکيو ٿي.

برصغير هند جي مسلم اڪثريت وارين رياستن مان صرف خان عبدالغفار خان ۽ سندس پوئلڳن جو گروهه بنياد کان مسلم ليگين جي انهيءَ نظرئي جي ڦندي ۾ نه ڦاٿو.

سنڌ ۾ اسان جي گروهه، شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ، اول ۾ پاڪستان جي تحريڪ ۾، مسلمانن جي جداگانه

قومي نظرئي جي بنياد تي حصو ورتو پر جڏهن مسلم اقليت وارن صوبن جي مستقل مفاد ۽ ان جي هم خيال سنڌي ڪوتاهه بين مستقل مفادي گروهه جي نيتن جو پتو پيوسون ته مسلم ليگ کان جدا ٿي وياسون.

پاڪستان 14 آگسٽ 1947ع تي وجود ۾ آيو. پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ جي پهرين بيٺڪ ۾ پاڪستاني حڪومت جي اڳواڻ مسٽر محمد علي جناح ملڪ جي صحيح حالتن جو اندازو لڳائي، جا تقرير ڪئي، ان جا مکيه ٽڪرا پڙهندڙن جي معلومات لاءِ هيٺ ڏجن ٿا.

"آئون سمجهان ٿو ته هينئر گذشته کي در گذر ڪري، اوهان مان هر هڪ ملڪي باشندي کي، پوءِ اهو ڪهڙي به فرقي جو هجي يا اڳي اوهان سان ڪهڙا به اختلاف هجنس، يا ڪهڙي به رنگ، جاتيءَ ۽ مت جو هجي، ساڳي ملڪ جو شهري، هڪجهڙن حقن ۾ جوابدارين سان شمار ڪرڻ گهرجي."

"آئون هن ڳالهه کي وڏيڪ دهرائڻ مناسب نٿو ڄاڻان ته اسان کي اهڙي جذبي سان ڪم ڪرڻ گهرجي، جو هي سڀ تفاوت، اقليت واري فرقي ۽ اڪثريت واري فرقي هندو فرقي ۽ مسلمان فرقي جا ڇاڪاڻ ته خود مسلمانن ۾ پٺاڻ، پنجابي، سني، کوجا، ميمڻ وغيره آهن، ۽ اهڙيءَ طرح سان هندن ۾ برهمڻ، کتري، وئش، بنگالي ۽ مدراسي وغيره آهن، سي سڀ گم ٿي وڃن."

"مون کان جيڪڏهن پڇو ته سچ پچ اها ڳالهه هندوستان جي آزاديءَ جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ هئي. هيءَ نه هجي ها ته اسان هن کان گهڻو وقت اڳ آزاد هجون ها. ڪو به چاليهه ڪروڙ ماڻهو جي قوم کي غلام رکي نٿو سگهي ۽ نه اوهان کي فتح ڪري سگهي ها؛ پر جي ڪٿي فتح ڪري ها، ته به گهڻيءَ دير تائين قبضي ۾ رکي نه سگهي ها. تنهن ڪري اوهان کي سبق وٺڻ گهرجي."

"اوهان هن پاڪستان جي حڪومت ۾ آزاد آهيو ته پنهنجن مندرن ۽ مسجدن ۾ وڃو اوهان جي مذهب يا فرقي يا مت کي ملڪ جي ڪاروبار سان ڪو به واسطو نه آهي."

”تاريخ ڏيڪاري ٿي تہ ڪجهہ وقت اڳ انگلينڊ جون حالتون، هندوستان جي هن وقت جي حالتن کان گهٽو خراب هيون. جيڪڏهن اوهان تاريخ پڙهي آهي تہ اوهان کي معلوم ٿيندو تہ اتي رومن ڪئٿلڪ ۽ پراٽسٽنٽ هڪ ٻئي کي تڪليف پهچائيندا هئا. خود هينئر بہ ڪي حڪومتون آهن، جتي ڪن طبقن تي بندش وڌي وڃي ٿي، يا منجهن تفاوت رکيا وڃن ٿا.“

”خدا جو شڪر آهي، جو اسان ان وقت شروعات ڪئي آهي، جڏهن هڪ فرقي ۽ ٻئي فرقي يا هڪ جاتيءَ ۽ متي جي ماڻهن جي وچ ۾ ڪو بہ تفاوت ناهي. اسان انهيءَ بنيادي اصولن سان شروعات ڪريون ٿا تہ. اسين سڀ هن ملڪ جا هڪجهڙا شهري آهيون.“

”انگلنڊ جي ماڻهن، جيئن وقت گذرندو ويو وقت جي حقيقتن کي مدنظر رکندي، پنهنجي ملڪ جي حڪومتي فرائض کي سرانجام ٿي ڪيو. اڄ اهي رومن ڪئٿلڪ ۽ براٽسٽنٽ رهيا ئي ڪونہ آهن. اهي سڀ گريٽ برٽن جا هڪ جهڙا شهري، هڪ ئي قوم جا فرد آهن.“

”هاڻ اسان کي اهو مثال سامهون رکڻ گهرجي تہ هتي پڻ ٿوري وقت اندر نہ هندو هندو رهندا، نہ مسلمان مسلمان رهندا. مذهبي نقطہ نگاہ کان نہ، ڇاڪاڻ تہ اهو سندن شخصي عقيدو آهي، پر سياسي نقطہ نگاہ کان سڀ ماڻهو هڪ قوم جا فرد ٿي ويندا.“

ان ساڳئي ماڻهوءَ جي 23 مارچ 1940ع تي لاهور ۾ آل انڊيا مسلم ليگ اجلاس ۾ ڪيل تقرير جا ٽڪرا، ملاحظي لاءِ هيٺ ڏجن ٿا:

”آئين ساز اسيمبليءَ ۾ مسلمانن کي جدا چونڊن جي بنياد تي نمائندا ملڻا هئا. اها ڳالهہ ٺيڪ هئي، پر وري بہ فيصلو اڪثريت کي ڪرڻو هو. جي ان ۾ اقليت ۽ اڪثريت ۾ اختلاف ٿين تہ ان جو نبيرو ڪير ڪرڻ وارو هو.“

”مسلمانن کي هن وقت تائين اقليت شمار ڪري، گفتگو ڪئي ٿي وڃي، اسان بہ ان تي اهڙو هري ويا آهيون، جو ٻئي طرف سوچي نہ سگهيا آهيون. ان ڪري هيءَ حقيقت وساري ويٺا

هئاسون، تہ مسلمان اقليت نہ آهن، بلڪ سڀ ڪنهن نقطہ نگاه کان جداگانہ قوم آهن."[1]

"هندستاني آئين جو مسئلو جاتيوار قسم جو نہ آهي، پر بين الاقوامي نموني جو آهي. جيستائين اها بنيادي ۽ مکيہ حقيقت تسليم نہ ڪئي ويئي آهي، ڪو بہ آئين نهندو سو تباهيءَ جو ڪارڻ بڻبو اهو نہ رڳو مسلمانن لاءِ، پر هندن ۽ انگريزن، سڀ لاءِ نقصانڪار ٿيندو."

"اهڙو ڪو سبب نٿي ڏسڻ ۾ نٿو اچي تہ ورهاست بعد اهي رياستون هڪ ٻئي جي خلاف ٿين. مون کي اميد آهي تہ انهيءَ ورهاست ڪري، هن وقت سماجي ۽ سياسي اقتدار لاءِ هلندڙ ڇڪتا ڇيتي غائب ٿي ويندي، ان مان باهمي مفاد جي بنياد تي ٿيل عهدنامن ڪري، ٻئي ملڪ هڪ ٻئي جا دوست ٿي رهندا."

"انهيءَ وراهاست ڪري هندو انڊيا ۽ مسلم انڊيا جي وچ ۾، ڳالهہ ٻولهہ ۽ سمجهوتي جي بنياد تي، اقليتن جو سوال هميشہ لاءِ فيصل ٿي ويندو."

"هيءَ ڳالهہ غور جي لائق آهي تہ موجوده صورت ۾ هندو ۽ مسلمان مذهب، جدا سوسائٽيون ۽ سوشل نظام هئا. جيستائين اهي نظام قائم آهن، هندن ۽ مسلمانن جو هڪ قوم بنجڻ ناممڪن نظر پيو اچي."

"ڪانگريس ڪارڪنن جو هيءُ خيال تہ هندستان جا رهاڪو هڪ قوم ٿي ويا هئا، ملڪ جي گهڻين تڪليفن جو باعث بنيو آهي. وقت آيو آهي تہ انهيءَ خيال کي درست ڪجي، نہ تہ اهو خيال هندستان جي تباهيءَ جو ڪارڻ بڻبو. سندن موجوده صورت ۾ هندن ۽ مسلمانن جا مذهب ٻن جداگانہ فلسفن، سماجن ۽ ادب جا حامل هئا. ان جا پوئلڳ نہ پاڻ ۾ شاديون ڪري سگهن ٿا، نہ ڪاڏو ڪائين ٿا، بلڪ جدا تهذيبن جا حامل آهن، هڪ ٻئي کان ابتڙ خيالن ۽ نظرين تي تعمير

هن ۽ ان کانپوءِ ٻيءَ پيرا گراف ۾ آيل سياسي دليل، چند لفظن جي مٽا سٽا سان، سنڌي قوم جي حق ۾ ساڳئي اعتماد سان پيش ڪري سگهجي ٿو.
پڙهندڙن حضرات، هنن پيرائن ۾ مسلمانن ۽ مسلمان اقليت لاءِ، سنڌي ۽ سنڌ، اقليت جا لفظ ۽ هندستاني هندن ۽ انگريزن لاءِ ترتيبوار پاڪستاني مهاجرن ۽ پنجابين جا لفظ رکي پڙهندا تہ سنڌ ۽ سنڌي قوم جي ڳالهہ واضح ٿي ويندي.

ٿيل آهن. انهن جي زندگيءَ جا طور طريقا ئي علحده آهن. هندن ۽ مسلمانن جون جدا تاريخي روايتون آهن. انهن جا تاريخي قصا، قومي سورما ۽ واقعا علحده آهن. اڪثر حالتن ۾ هڪڙن جو سورمو ٻين جو دشمن هو. اهڙيءَ طرح انهن جي تاريخي فتحن ۽ شڪستن جو حال آهي. انهن ٻنهي قومن کي هڪ اهڙيءَ حڪومت ۾ ڳنڍڻ، جنهن ۾ هڪ اڪثريت ۾ هجي ۽ ٻي اقليت ۾، ملڪي مضبوطيءَ ۽ امن عيوض، انتشار ۽ تباهيءَ جو ڪارڻ ٿيندو."

انهيءَ مسئلي تي وڌيڪ روشني وجهڻ ڪان اڳ بهتر آهي تہ بانيءَ پاڪستان مسٽر محمد علي جناح جي ٽين تقرير بہ ڏني وڃي، جا هن 28 سيپٽمبر 1939ع تي عثمانيہ يونيورسٽي حيدرآباد دکن، جي اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جي سالياني دعوت جي موقعي تي ڪئي هئي، ان جا ٽڪرا، ملاحظي لاءِ هيٺ ڏجن ٿا:

" آءٌ بنيادي طور، دنياوي ڪاروبار ۾ حقيقتن ۽ حالتن کي نظر ۾ رکي، سياسي عمل جو پيروڪار رهيو آهيان. بدليل حالتن هيٺ قوميت ۽ قوم پرست لفظن جي معنيٰ، جدا جدا مطلبن سان پئي ڪتب آندي ويئي آهي. هرڪو ماڻهو ان مان پنهنجي معنيٰ ڪڍي ٿو. صحيح معنيٰ جي نقطہ نگاه ڪان آءٌ اڃا تائين قوم پرست آهيان. مون هندو مسلم سمجهوتي ۾ اعتماد پئي رکيو آهي، پر اهو سمجهوتو عزت وارو هئڻ گهرجي، نہ اهو جنهن مان هڪ ڌر ختم ٿئي ۽ ٻي ڌر طاقت ۾ اچي." انهن ٽنهي تقريرن پڙهڻ مان معلوم ٿيندو تہ هن صاحب، جنهن وقت مسلمانن جي جداگانہ قوم جو آواز اٿاريو تہ، ساڳئي وقت ائين بہ چوندو رهيو هو تہ هو بنيادي طور قوم پرست هو، پر عزت واري سمجهوتي جي عدم موجودگيءَ ڪري، هن سياست عمل جو پيروڪار هئڻ سبب، مسلمانن جي جداگانہ قوم ۽ ملڪ جو نالو ورتو ٿي. ساڳيو ماڻهو جڏهن پاڪستان قائم ٿئي ٿو تہ يڪدم چوي ٿو:

- "گذشتہ کي درگذر ڪري، آئينده ملڪ ۾ هڪ قوم ٿي رهڻ گهرجي."
- "مذهب جو ملڪ جي ڪاروبار سان ڪو بہ واسطو نہ هئڻ گهرجي."
- "هاڻ پاڪستان جي جملي رهاڪن کي بنا تفاوت مذهب ۽ ملت

جي هڪ تي رهڻ گهرجي."

- مذهب ماڻهن جو شخصي عقيدو آهي. سياسي نقطہ نگاہ کان سيني ماڻهن کي هڪ قوم بنجي وڃڻ گهرجي.

انهن ٻنهي متضاد ڳالهين مان سندس مقصد ڪهڙو هو ان تي جيتري قدر غور ڪيو آهي، تہ مون کي ان لاءِ هيٺيان ڪارڻ سمجھ ۾ آيا آهن:

جناح صاحب بنيادي طرح اصولن ۾ اعتماد رکندڙ سياستدان نہ هو. هن سياست عمل جي پيروڪار هئڻ ڪري، مطلب. برآوريءَ لاءِ پئي موقف بدلايا هئا. هن صاحب کي نہ اسلام جي پوريءَ طرح واقفيت هئي، نہ هن جو مسلم عوام سان رابطو هو. هو هڪ ايماندار وڪيل وانگر مسلم اقليت وارن صوبن جي مستقل مفاد رکندڙ مسلمانن جي نمائندگي ڪري رهيو هو جن جڏهن ڏٺو تہ هندستان جي آزاديءَ بعد جمهوري طرز حڪومت هيٺ، سندن هٿ ڪيل مستقل مفاد برقرار رهڻ مشڪل هئا. تہ هنن نئين ملڪ (پاڪستان) ۾ پنهنجو مرغزار (سام اج) پيدا ڪري، اُتي پنهنجي استحصال لاءِ سرزمين تيار ڪرڻ جي ڪوشش تي ڪئي.

جناح صاحب پڻ انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ پنهنجا رايا پي بدلايا. هن اسلام ۽ مسلم قوم جي نالي ۾ برصغير هند جي ورهاست ڪرائي ۽ ان جي ورهاست بعد مذهب جي نالي تي جدا قوم جي تصور کي ملڪي استقامت لاءِ نقصانڪار سمجهي، پنهنجو رنگ بدلائي، ملڪ جي بنياد تي قوميت جو آواز اٿاريائين، ۽ نئين سلطنت تي قابض ٿيڻ بعد هن پاڪستاني قوميت جي گفتگو ڪئي. ڪيس خبر هئي تہ مذهب جي بنياد تي جداگانہ قوم جو تخيل، دنيا ۾ ڪنهن بہ ملڪ نہ تي قبوليو. تنهن ڪري هن پاڪستاني قوم جو آواز اُٿاري، مسلم قوم جي نظرئي کي ڦٽو ڪري ڇڏيو. پر ان ۾ بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ هيٺين ڳالهين ڏي توجھ ڪو نہ ڏنو!

(1) برصغير هند ۾، پاڪستان نالي سان ڪو بہ ملڪ تاريخ جي ڪنهن دور ۾ نہ رهيو هو. نہ اهڙي ڪا قوم وجود ۾ آيل هئي.

(2) جن جدا رياستن کي گڏي، پاڪستان ۾ شامل ڪيو ويو هو سي

تاريخي نقطہ نگاهہ کان جدا قومن جا ملڪ رهيا هئا.

(3) اهي جدا ٻولين، تاريخي روايتن، ڪلچرن، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جون حامل قومون ۽ ملڪ هئا.

جهڙيءَ طرح برصغير هند کي هن هڪ ملڪ يا قوم نٿي تسليم ڪيو اهڙيءَ طرح ساڳيو دليل هن نئين ملڪ سان بہ لاڳو ٿي سگهيو ٿي. پاڪستان هڪ ملڪ نہ هو ۽ نہ جديد نظرئي قوميت جي بنياد تي اُتي جا رهاڪو هڪ قوم هئا. البت اڳتي هلي هنن کي باهمي سمجهوتي سان، هڪ ٻئي سان تعاون ڪرائي سگهجي ها.

مطلب تہ هن جا غلطي، ڪانگريسين جي دليل ۾ ڏني هئي، جنهن موجب برصغير هند کي هڪ ملڪ ۽ قوم ٿي سمجهيو ويو. تنهن ساڳيءَ غلطي جو هيءُ هتي بہ جوابدار بڻيو ٿي. يعني هن پاڪستان کي هڪ ملڪ ۽ اُتي جي رهاڪن کي هڪ قوم سڏيو ٿي.

جهڙيءَ طرح هندوستان کي هڪ ملڪ ۽ قوم بنائڻ لاءِ باهمي سمجهوتي سان گهڻي وقت تائين ڪوشش جي ضرورت هئي، ساڳئيءَ طرح پاڪستان کي هڪ ملڪ ۽ قوم بنائڻ لاءِ باهمي سمجهوتي سان، گهڻي وقت تائين ڪوشش ڪرڻ جي ضرورت هئي. گفتگو ڪرڻ يا ڪنهن راءِ جو اظهار ڪ ڻ هڪ ڳالهہ آهي، ليڪن ان راءِ کي عملي جامو پهرائڻ ٻي ڳالهہ هئي. هزار ورهين جي جاگرافيائي طور بنيل ملڪن ۽ ان ۾ رهاڪو قومن کي، هڪ ملڪ ۽ قوم بنائڻ نهايت مشڪل مسئلو هو. نئين حڪومتي نظام ۾ شامل ٿيندڙ ملڪن جي ماڻهن ۾ ٻولين جا اختلاف هئا. سندن رسمون رواج، طبيعتون سياسي ۽ اقتصادي مفاد جدا هئا. انهن رياستن جي رهاڪن ۾ تاريخي اختلاف هئا. جن مان هڪ جي فائدي کي ٻئي نقص ان پئي سمجهيو. جهڙيءَ طرح ڪن مروج چوڻين ان جو اظهار ٿي ڪيو:

”جڏهن ڪڏهن سنڌڙي، ڏوکي قنڌارئون جوکو“

—

”پنجابي هڪ تہ پائنج ڏون، جي ڏون تہ جهڳو ۽ تون“

—

”سپ ٿا ر مهاجر مار“

جناح صاحب پنهنجي ان عمل مان سان، انهن جدا قومن کي، باهمي سمجهوتي سان نزديڪ آڻڻ جي عيوض، مورڳو هيٺين قدمن ڪري، منجهن بدگماني ۽ نفاق جو ٻج پوکي ڇڏيو:

(1) سنڌس پهريون قدم، جو هن نئين حڪومت ۾ اختلاف جو باعث بڻيو سو اهو هو تہ هن پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ جدا ملڪن جي ٻولين کي نظرانداز ڪري، مسلم اقليت وارن صوبن جي زبان اردوءَ کي پاڪستان جي قومي زبان بڻايو. جنهن مان، شامل ٿيندڙ قومن کي مهاجر سامراجيت جي بوءِ ٿي آئي.

(2) سنڌس ٻيو غلط قدم اهو هو تہ هزار سالن جي طبعي ۽ تاريخي ارتقا بعد وجود ۾ آيل جدا ملڪن کي، هن هڪ ملڪ تصور ڪري، سموري طاقت مرڪزي حڪومت ۾ ڪٺي ڪري، ننڍين ايراضين جي ملڪن کي پنجابي مهاجر تسلط هيٺ آڻي، نقصان ٿي پهچايو. کيس خبر هئڻ گهرجي ها تہ جن ملڪن کي نہ ايراني سامراج، نہ يوناني سامراج، نہ عرب سامراج، نہ مغل سامراج ۽ نہ ئي انگريز سامراج هڪ بڻائي سگهيا هئا، تن کي ڪهڙيءَ طرح هڪ ڪلن جي واپاريءَ جو پٽ، زبان جي هڪ گفتي سان، هڪ ملڪ بڻائي سگهيو ٿي.

(3) ٽي غلطي جا هن ڪئي، سا اها هئي تہ هن سموري حڪمرانيءَ جي واڳ، هندستان مان مسلم اقليتن جا ڪامورا گهرائي انهن جي سپرد ڪئي، جن پاڻ کي فاتح سمجهي، سامراجي ذهنيت جو مظاهرو ڪري، مڪاني قومن جو استحصال ڪرڻ شروع ڪيو جنهن ملڪ ۾ اتحاد جي عيوض، نفاق ۽ نفرت پيدا ڪئي.

(4) سنڌ جي مکيہ شهر ڪراچيءَ کي سنڌ کان زوريءَ کسي، مرڪزي حڪومت جي حوالي ڪري، لياقت علي خان، مهاجر وزيراعظم جي هٿ ۾ ڏئي، ان کي مهاجرن سان ڪالونائيز ڪرڻ جي شروعات ڪئي.

(5) هن مسلم قوم جي اصول کي ڇڏڻ جي باوجود قوم پرست ڪارڪنن تي سختيون روا رکيون ۽ انهن کي جيلن ۾ وڌو.

(6) هن هندن ۽ سکن جي ڇڏيل سموري ملڪيت، لٽ جو مال سمجهي، ٻاهران آيل ماڻهن جي حوالي ڪري، سنڌين کي ان کان محروم ڪيو.

(7) هن پاڪستان کي جملي هند جي مسلمانن جو ملڪ سڏي، مهاجرن جي اچڻ جو دروازو کولي، مڪاني قوميتن جي توازن تبديل ڪرڻ جي راهه کولي ڇڏي.

سندس عمر جتاءُ نه ڪيو تنهن ڪري اهو چوڻ مشڪل آهي ته هو ڪهڙيءَ طرح پنهنجي آخري ظاهر ڪيل نقطه نگاه کي عمل ۾ آڻي ها ۽ تڪميل تي پهچائي سگهي ها. پر مسلم اقليت وارن صوبن جي مستقل مفاد يعني مهاجر ڦورو طبقي، جن جو هيءُ نمائندو هو، هن جي ان نئين راءِ کي قبول نه ڪيو ۽ هو ساڳيءَ طرح مسلمانن جي جداگانه قوم جي نظرئي ۾ اعتماد رکندا آيا. ڇو ته هنن کي خبر هئي ته جنهن نظرئي قوميت (مسلم قوم) جي بنياد تي هنن هندستان جي ورهاست ڪرائي هئي، ان کي ڇڏڻ ڪري هنن کي هيٺين قسم جي نئين مشڪلاتن جو مقابلو ڪرڻو پوندو:

(1) جنهن صورت ۾ پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ ماڻهو جدا ٻولين جاگرافيائي خطن، تاريخي روايتن، ڪلچر ۽ سياسي ۽ اقتصادي مفاد تي ٻڌل جدا قومون هئا. ان حالت ۾ اهي صرف مذهب جي نالي ۾ گڏجي رهي سگهيا ٿي. جنهن بنياد تي هنن متحد ٿي ورهاست ڪرائي هئي، ان کي ڇڏڻ بعد جدا قومن طرفان حقِ خوداراديءَ ۽ قومي حقوق جي حفاظت جا سوال اُٿندا، جيڪي پاڪستان جو شيرازو ڪمزور ڪري، حالتون خراب ڪري ڇڏيندا.

(2) مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي سامراج جو تسلط تڏهن قائم رهي سگهندو، جڏهن مذهب جي نالي ۾ ماڻهن کي هڪ قوم جي نظرئي هيٺ گڏي هلايو وڃي. سندن سياسي تسلط، اقتصادي استحصال ۽ ڪلچر غلبي قائم رکڻ لاءِ اهو واحد علاج آهي.

(3) جناح صاحب جي نئين نظرئي هيٺ، پاڪستان کي هندستاني مسلمانن سان ڪالونائيز ڪري، سندن سامراج قائم ڪرڻ جو

مقصد فوت تي وڃڻ وارو هو.

اهڙيءَ طرح پاڪستان جي قيام کان پوءِ ملڪي سياست، ٻن مکيہ رجحانن ۾ روهائجي ويئي:

(الف) هڪڙا، جيڪي ملڪ جا اصل رهاڪو هئا، تن نئين حاصل ڪيل آزاديءَ کي غنيمت ڄاڻي، قوم پرستيءَ جي بنياد تي آزاد ۽ خود مختيار رياستون قائم ڪري، پنهنجي قديم روايات سياسي آزاديءَ، اقتصادي خوشحاليءَ ۽ ڪلچرل ترقيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ گهريو ٿي.

(ب) ٻيا، مهاجر، پنجابي ۽ سندن مڪاني ايجنٽ هئا، جن مذهب جي نالي ۾، سندن مستقل مفاد کي برقرار رکي، ملڪ جو استحصال ڪرڻ گهريو ٿي.

جنهن صورت ۾ انگريزن حڪومت جي واڳ، مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي هٿن ۾ ڏني هئي، ان ڪري هو پنهنجي اقتدار مان فائدو وٺي، لاڳيتو پرچار ڪري، طاقت جي زور تي، ٻهرينءَ ڏر وارن ماڻهن جو آواز بلند ڪري، قوم پرست ڪارڪنن کي تڪليفون ڏئي، مڪاني ماڻهن مان ڪي خود مطلب خريد ڪري، عوام جا ذهن ڪوڙيءَ پروپيگنڊا ذريعي بگاڙيندا، ڪند ڪندا، ۽ غلط پاسن ڏانهن موڙيندا رهيا.

انهن ڳالهين کي خيال ۾ رکي، بينگال، سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان جي قوم پرست نمائندن، 8 مئي 1948ع تي ڪراچيءَ ۾ خان عبدالغفار خان جي صدارت هيٺ گڏ ٿي، پيپلس آرگنائيزيشن (عوامي تنظيم) جو پايو وڌو. انهيءَ موقعي تي مون مرحبا ڪميٽيءَ جي طرفان، جيڪا تقرير ڪئي هئي، ان جا ٽڪرا ملاحظي لاءِ هيٺ ڏيان ٿو:

”آءٌ سنڌي عوام طرفان هن قديم سنڌو ديس جي زمين تي، جو اڄڪلهہ پاڪستان ۾ نهايت اهم جاءِ والاري ٿو، اوهان جي مرحبا ڪريان ٿو.“

”هن سرزمين تي ئي اسان جي جدا جدا ماڻهن جي قسمتن جا فيصلا ٿيڻ وارا آهن، ۽ هتان ئي نئين آئين ۾ جمهوري قدرن لاءِ آواز اُٿارڻو آهي، جيئن هرهڪ گروه کي حق پڙ پئي.“

”دوستو! سنڌ جي باشندن کي يڪتا تاريخ آهي، انهيءَ ڪري اها فطري ڳالهہ آهي تہ هو سندن مستقبل کي روشن ڪرڻ لاءِ جدوجهد

ڪن. سنڌ قديم تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز رهي آهي، جنهن جي ثابتي موهن جي دڙي مان ملي سگهي ٿي. هتي ڪيئي نسل ۽ متا پاڻ ۾ ملي هڪ ٿيا آهن ۽ صدين کان پنهنجي جداگانہ حيثيت برقرار رکي آهي. پڻ ڌرم جيتوڻيڪ جنم سرزمين هند تي ورتو پر اهو وڌيو ۽ ويجهيو هن ملڪ ۾ شاهہ لطيف مختلف فرقن جي وچ ۾ اتحاد جو سبق بہ هن سرزمين تي ڏنو جنهن سبق کي اسان سنڌو ديس جو پيغام سڏي سگهون ٿا. تازو برصغير هند ۾ جا فرقيوارانہ نفرت پکڙي هئي، ان ۾ سنڌين، هڪ قوم جي حيثيت ۾ بهرو نہ ورتو هو. سنڌين جدا قوميت ۽ ڪلچر تي قائم رهي، تاريخ ۾ پوري ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. قديم وقت کان سنڌ جي تاريخ ۾ پوري ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. قديم وقت کان سنڌ جي تاريخ ۾ ڪيئي واقعا ٿي گذريا هئا.“

”ايران، يونان، عرب، افغانستان ۽ دهليءَ جي مغل شهنشاهن هن ملڪ تي ڪجهہ وقت لاءِ پنهنجو اثر ۽ تسلط رکيو هو. ڪڏهن ائين پئي ڏسڻ ۾ آيو تہ سنڌ جي بخت جو ستارو تمام هيٺ تي ويو هو پر هر پيري اهو وري نئين سر پئي اُڀريو آهي. سنڌين جو آزاديءَ لاءِ جذبو سدائين تڙپندو رهيو آهي، ان لاءِ سندن تاريخ شاهد آهي.“

”سنڌي مسلمانن آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪئي، اها لاهور جي مارچ 1940ع جي نهراءَ کان بہ اڳ هئي. ان جو مطلب انگريزي سامراج ۽ هندو مستقل مفاد طرفان، سنڌ جي معاملن ۾ دست اندازيءَ جي مخالفت ۾ شروع ڪئي هئي.“

”1945ع ۾ مون کي ۽ منهنجي پارٽيءَ کي پتو پيو تہ مسلم ليگ نظرئي ۽ ارادن مطابق، مسلم اقليت وارن صوبن **جا مستقل مفاد. اسان تي هندن** وانگر سندن تسلط ويهارڻ چاهين ٿا. تہ **اسان آزاد سنڌ ۽ آزاد پاڪستاني** رياستن لاءِ جدوجهد شروع ڪئي، **ڇاڪاڻ** تہ اسان سنڌ ۾ هندو بالادستن کي بدلائي، بين مسلم بالادستن کي آڻڻ نٿي گهريو. اها تسلي بخش ڳالهہ نہ آهي، تہ هندن جي غلاميءَ مان نڪري، باهرين مسلمانن جي غلامي قبول ڪجي. غلامي نيٺ غلامي آهي. جيستائين اها موجود آهي، تہ ان مان پاڻ تہ اهو غلام جو فطري حق آهي، تہ ان مان

پاڻ چڏائڻ لاءِ ڪوشش ڪري.“

”هن وقت سنڌين ۾ جا ناراضگي پيدا ٿيل آهي، ان تي ٿڌيءَ دل سان غور ڪري ڏسڻ گهرجي. اهو صحيح نہ ٿيندو تہ سنڌين تي صوبائي عصبيت جو بهتان مڙهي، سنڌن بيچينيءَ جا بنيادي ڪارڻ نہ ڳوليا وڃن. اهڙن طريقن استعمال ڪرڻ سان هن نئين حڪومت کي، سندس ابتدائي دور ۾ فائدو پهچڻ وارو نہ آهي.“

”هن ملڪ ۾ مختلف زبانن ۽ رسم رواجن جا ماڻهو رهن ٿا. تنهن ڪري بهتر اهو آهي تہ ماڻهن جي قوت، باهمي تصادم جي عيوض، حقيقتن کي ايمانداريءَ سان تسليم ڪرڻ طرف صرف ڪجي. شتر مرغ وانگر، قوميتن جي وجود ۽ انهن مختلف مسئلن کان ڪنڌ لڪائڻ نيڪ نہ ٿيندو.“

اها عوامي جماعت، جناح صاحب جي زندگيءَ ۾ ئاهي ويئي هئي. جمهوري طرز حڪومت ۾ جماعت سازيءَ ۽ جدا پارٽيءَ جي اصولن جي پرچار جي اجازت رهي ٿي، ليڪن افسوس ان ڳالهہ تي آهي، تہ پاڪستان جي قيام بعد، خود ان جي بانيءَ جناح صاحب باوجود جمهوري دعوىٰ جي، انهن اصولن تي عمل نہ ڪري، هينيان غير جمهوري قدم کڻي جمهوريت جي مٽي پليت ڪئي:

(1) هن حڪومت جا مکيہ کاتا ۽ اختيار مرڪز جي هٿ ۾ ڏنا، ۽ انهن جي واڳ مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي نمائندن جي حوالي ڪئي.

(2) جناح صاحب، نيم ڊڪٽيٽر ٿي، ملڪ جو ڪاروبار هلائڻ لڳو، ايتري قدر جو هڪ ئي وقت ملڪ جو گورنر جنرل، آئين ساز اسيمبليءَ جو اسپيڪر ۽ مسلم ليگ جو صدر رهي ڪم هلائڻ لڳو.

(3) هن سندس دور حڪومت ۾ باهران هندستان مان ڪثير تعداد مهاجر گهرائي، انهن کي سنڌ ۾ ڪالونائيز ڪرڻ شروع ڪيو.

(4) هن پارت مان ڪثير تعداد ۾ مسلم آفيسر گهرائي، حڪومت جون واڳون سندن حوالي ڪري، انهن جي ذريعي نئين حڪومت تي عام طرح ۽ سنڌ تي خاص طرح مهاجر پنجابي مستقل مفاد کي مسلط ڪرڻ جي شروعات ڪئي.

(5) هن پاڪستان ۾ شامل ٿيل ملڪن جي قديم زبانن کي ريٽي، هندستان جي مهاجرن جي اردو زبان کي قومي زبان بنايو. جنهن ڪري سنڌين ۾ ناراضگي پيدا ٿي ۽ بينگال ۾ لساني فساد ٿيا.

(6) هن ڀارت کان ڪارخانيدار ۽ بئنڪر گهرائي، انهن کي سرڪاري سرپرستيءَ هيٺ، نيئن ملڪ جي اقتصادي ڪاروبار جي واڳ سپرد ڪئي.

(7) هن سنڌ جي مکيہ شهر ڪراچيءَ کي، جنهن کي ڪروڙن روپين جي لاڳت سان سنڌين تعمير ڪيو هو، سنڌ سرڪار کان زوريءَ کسي، مرڪزي سرڪار جي گاديءَ جو هنڌ ۽ مهاجرن جو ڳڙهہ بنايو.

(8) هن صوبن ۾ چونڊيل نمائندن جي وزارتن کي ڪيڊي، پنهنجين هٿ ٺوڪين وزارتن قائم ڪرڻ جي شروعات ڪئي. هن صوبي سرحد مان ڊاڪٽر خان صاحب جي اڪثريت واري وزارت کي ڪيڊي، ان جي جاءِ تي قيوم خان کي نامزد ڪري، ظلم جي بازار گرم ڪري، پختون قوم پرستن کي ڏنڊي جي زور تي ختم ڪرڻ جي شروعات ڪئي سنڌ ۾ هن محمد ايوب خان کهڙي کي باوجود ميمبرن جي اڪثريت جي پوئلڳيءَ جي ڊسمس ڪري، ان جي جاءِ تي پير الاهي بخش کي نامزد ڪري، ان کان سنڌ دشمنيءَ جا ڪيترا ڪڏا ڪم ڪرايا. بينگال مان حسين شهيد سهرورديءَ کي وزارت تان لاهي، ان جي جاءِ تي خواجہ ناظم الدين کي نامزد ڪري قوم پرست گروهہ کي ڪمزور ڪيائين.

(9) نئين ٺاهيل قوم پرست مخالف جماعت، پيپلس آرگنائيزيشن جي مکيہ ڪارڪنن کي، بنا ڪيس هلائڻ جي، سيڪيورٽي ۽ سيفٽي آف پاڪستان جي نالي ۾ جيل موڪليو ويو يا نظربند ڪيو ويو. سرحد مان خان عبدالغفارخان، امير محمد خان، قاضي عطاءُالله وغيره کي بند ڪيو ويو. بلوچستان مان عبدالصمد خان اچڪزئي، شهزاده عبدالڪريم، محمد حسين عنقا وغيره کي جيلن ۾ موڪليو ويو. سنڌ مان مون کي نظربند ڪري، نئين جماعت کي وڌڻ ۽ ويجهڻ کان روڪيو. بنگال مان سهرورديءَ کي آئين ساز اسيمبليءَ مان خارج ڪرايو ويو ۽ مولوي فضل الحق

ڪي سياست مان ٻاهر ڪڍيو ويو.

(10) هن نئين ملڪ ۾ آئين پاس ڪرائڻ ۾ رنڊڪ وجهي، ڊڪٽيٽرانه طرز حڪومت هلائي.

جناح صاحب جي انتقال کان پوءِ حڪومت جي واڳ، سنڌس دست راست لياقت علي خان جي حوالي ٿي، جنهن جي وزارت عظميٰ جي پاليسيءَ ڪري، پاڪستان ۾ شامل ٿيل قوميتن کي هيٺيان نقصان پهتا. جيڪڏهن ٻين صوبن کي ڇڏي، صرف سنڌ جي گذريل ڇويهن سالن جي تاريخ تي نظر ڪبي ته اڪثر مشڪلاتن جي شروعات لياقت علي خان جي پاليسيءَ ۽ ڪارنامن کان ٿي:

(1) هيءُ اهو صاحب هو جنهن ڀارت جي مسلم اقليت وارن صوبن کان ڪثرت تعداد ماڻهن کي ترغيب ڏئي، سنڌ ۾ آڻي، سنڌ کي ڪالونائيز ڪرڻ جي شروعات ڪئي.

(2) هيءُ اهو صاحب هو جنهن سنڌي هندن خلاف، پنهنجي ماڻهن هٿان فساد ڪرائي، انهن کي ملڪ ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو.

(3) هيءُ اهو صاحب هو جنهن سنڌ جي ماڻهن ۽ انهن جي ڪلچر کي حقارت جي نظر سان ڏسڻ جو اظهار ڪيو. ايتري قدر جو سنڌي کيس پنهنجو بدترين دشمن سمجهڻ لڳا.

(4) هيءُ اهو صاحب هو جنهن جناح صاحب کي برغلائي، ملڪ کان ٻاهر جي اردو زبان کي قومي زبان بنايو ۽ پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ قومن جي هزارين ورهين جي قديم زبانن کي پسِ پشت اڇلايو.

(5) هيءُ اهو صاحب هو جنهن صوبائي وزارتن کي ڪيڏڻ ۽ انهن جي جاين تي ٻين کي نامزد ڪرڻ جي راهه هموار ڪئي.

(6) هيءُ اهو صاحب هو جنهن سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن ۾ لالچ ۽ ڊپ ذريعي نفاق پيدا ڪرڻ جي ابتدا ڪئي.

(7) هيءُ اهو صاحب هو جنهن سنڌين جي زمين، دڪانن، ڪارخانن، بئنڪن، واپار ۽ جاين تي مهاجرن کي قابض ڪرايو.

(8) هيءُ اهو صاحب هو جنهن پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ جدا جدا صوبن ۾ هڪ ٻئي جي خلاف مخالفت جو ٻج پوکيو.

(9) هيءُ اهو صاحب هو جنهن پاڪستان کي غير ملڪي جنگي عهدنامن

۾ قاسائي، ڀارت، روس ۽ افغانستان سان تعلقات خراب ڪيا.

(10) هيءُ اهو صاحب هو جنهن اسلامي نظام جو نالو وٺي، ملڪ ۾ مينا بازارن جو بنياد وڌو.

(11) هيءُ اهو صاحب هو جنهن پاڪستان جي سياست جو نشانو مڪو نهرائي، جمهوريت جي عيوض فسطانيت کي زور وٺرايو.

لياقت علي خان پاڪستان جي حڪومت تي ملٽري ۽ سول سروس جي آڏار تي اهڙو قبضو ڄمائي ويو هو جو ٻيو چارو نہ ڏسي، پنجاب جي مستقل مفاد ڪيس مهاجر مستقل مفاد جو واحد ۽ متعصب عملدار سمجهي قتل ڪري، منجهانئس سندن ۽ پاڪستان ۾ شامل جملي قومن جي جند آزد ڪرائي.

بعد ۾ پاڪستان ۾ وڏن صوبن جي وچ ۾ اقتدار لاءِ ڇتا پيٽي شروع ٿي، جنهن ڪري ڪيتريون وزارتون تبديل ٿيون. خواجہ ناظم الدين، محمد علي بوگرا، محمد اسماعيل چندريگر، چوڌري محمد علي، حسين شهيد سهروردي، سرفيروزخان نون ۽ ٻيا ٿوري ٿوري عرصي لاءِ پاڪستان جا وزيراعظم نامزد ٿيندا آيا. ان لاءِ هيءَ ڳالهہ ذهن ۾ ويهارڻ جي لائق آهي، تہ انهن وزارتن مان ڪا بہ وزارت نين چونڊن يا اسيمبليءَ ۾ شڪست کائڻ ڪري، تبديل نہ ٿي هئي. اهي سڀ تبديليون مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي ڪارڪنن ۽ سول توڙي ملٽري جنتا جي محلاتي سازشن ڪري وجود ۾ آيون هيون. اهو سلسلو هلندو رهيو. نيٺ 8 آڪٽوبر 1958ع تي انهيءَ جنتا پردي مان نڪري نروار ٿي، ملڪ سان مارشل لاءِ لاڳو ڪري، پهريائين سڪندر ميرزا کي صدر ڪري، حڪومت جون واڳون سپرد ڪيون، پر سگهوئي 30 ڏينهن کانپوءِ ان کي صدارت تان لاهي، جنرل ايوب خان کي حڪومت جي واڳ حوالي ڪئي ويئي. جنهن ڏهن سالن تائين حڪومت هلائي ان جي دور حڪومت جڏهن بدنام ٿيڻ لڳي، تہ پاڻ بچائڻ خاطر هن عوام جو توجهہ، ملڪ جي حقيقي مسئلن کان هٽائڻ لاءِ ڪشمير جي سوال تي جنگ شروع ڪئي، ليڪن ان جي کٽڻ جي اميد نہ ڏسي، گهٽي نقصان کان بچڻ خاطر بيروني، مشوري تي، هن ڀارت سان تاشقند ۾ صلح ڪري ڇڏيو. ان تي ۽ ملڪ ۾ سندس ٻين ڪارنامن

جي ڪري ناراضگي زور وٺي ويئي. جنهن ڪري هن مجبور ٿي، حڪومت جون واڳون سنڌس پوئلڳ، جنرل يحيٰ خان جي سپرد ڪري، جند آزاد ڪئي.

جهڙيءَ طرح ايوب خان ملٽريءَ ۾ سول سروس جو نامزد نمائندو هو ساڳيءَ طرح يحيٰ خان به انهيءَ جنتا جو "شو بواءِ" هو. اها جنتا انگريزي سامراج جي تربيت يافته، سامراجي بيوروڪريٽڪ ذهنيت جي حامل هئي. انهن جي نگاهه جي پهچ سندن طبقي جي فائدي تائين محدود هئي، ملڪ ۾ قومن جي مفاد جي ڪين سُتي ئي ڪانه پيل هئي. هو ڪوتاهه نظر هئا، تن مکيه سوالن تي توجهه ڪرڻ جي عيوض، سياستِ ملڪ کي نئين ڦيري ڏيڻ لاءِ، هيٺين ڳالهين کي ڪافي ڄاڻي، انهن تي عمل ڪرائڻ لاءِ جنرل يحيٰ خان کان قدم کڻايا:

(1) ون يونٽ کي مخالفت جو ڪارڻ سمجهي، ان کي رد ڪرائي، مغربي پاڪستان ۾ اڳوڻا صوبا بحال ڪرايا ويا.

(2) ملڪ ۾ جمهوريت بحال ڪرائڻ لاءِ، نئين سر چونڊن جو اعلان ڪرايو ويو.

(3) چونڊن وقت مختلف پارٽين کي پرچار ڪرڻ جي اجازت ڏني ويئي.

اهي لالچي ۽ خود پسند مستقل مفاد، جن اها پاليسي ناهي، جنرل يحيٰ خان کي عمل ڪرائڻ لاءِ ڏني هئي، تن کي خبر نه پئجي سگهي ته بنيادي مسئلن کي فيصل ڪرڻ کانسواءِ اهي عارضي ۽ جزوي ٽوٽڪا، ملڪ جي مکيه بيماريءَ جو علاج ٿي، ان کي شفاياب ڪرائي نٿي سگهيا. هنن جنهن وقت پنهنجي "شو بواءِ" کان مٿيان قدم کڻايا ٿي، ته ان وقت سندن ذهنن هيٺين ڳالهين ۾ غلطان هئڻ سبب، بنهه اوجهڙيل ۽ توائي هئا:

(1) هنن سمجهيو هو ته رڳو صوبن جي بحال ڪرڻ سان، مغربي پاڪستان جي ننڍين قومن جي مخالفت ختم ٿي ويندي ۽ انهن جا رهاڪو خوش ٿي ويهي رهندا.

(2) هنن سمجهيو هو ته چونڊن ۾ مغربي پاڪستان جي اڪثريت ۽ ڪجهه مغربي پاڪستان جا ميمبر، سندن همخيال چونڊجي ايندا ۽ پوءِ اچڻ بعد حڪومت تي وري به اڳ سڏيءَ طرح سندن ئي

قبضو رهندو.

(3) هنن سمجهيو هو تہ اڳي صرف مذهب جي نالي ۾ عوام کي برغلائي هٿ ۾ رکڻ جو حربو ڪمزور ٿي چڪو هو. تنهن ڪري هن وقت مذهب کان علاوه اقتصادي مسئلن کي بہ پروپيگنڊا جو اوزار ڪري استعمال ڪرڻ سان، هو ماڻهن کي پنهنجي طرف ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا. انهيءَ ڪري هنن هڪ طرف ڀٽي صاحب جي معرفت پيپلس پارٽي وجود ۾ آڻائي، عام ماڻهن کي اقتصادي مسئلن جي بنياد تي اپيلون ڪرايون، تہ ٻئي طرف فرقي پرست جماعتن کي ڪنو ڪري، قيوم خان ۽ نورالامين معرفت مذهبي نالن ۾ اپيلن کي زور ونايو. هنن ائين سمجهيو هو تہ اهڙيءَ طرح هو قوم پرستن جي طاقت کي شڪست ڏيئي سگهندا ۽ وري حڪومت مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي حوالي ۾ اچي ويندي.

پر ائين نہ ٿيو اهل بينگال تنگ تي، ڇهن نڪتن جي آڌار تي عوامي ليگ کي مڪمل اڪثريت ڏياري. مغربي پاڪستان ۾ بهرحال ون يونٽ جي دور ۾ ننڍن صوبن جي رهاڪن جي پست پئجي وڃڻ ڪري، اهي پاڻ سنڀالي نہ سگهيا ۽ خاص ڪري سنڌ جا ووٽر ڀٽي صاحب جي چڪمي ۾ اچي ويا. اهل پنجاب تہ پاڪستان ۾ سندن مستقل مفاد سامراجي قرلت ۾ پاڳي پائيوار هجڻ سبب. ان مهاجر پنجابي سامراج جي تيار ڪيل سياسي حڪمت عمليءَ جا روح روان ٿي اڪيون پوري مچڻ وارا هئا. فقط صوبي سرحد ۽ بلوچستان ۾ قوم پرست گروهہ پنهنجا ڪجهہ ميمبر چونڊائي سگهيا.

نتيجي ۾ مرڪزي اسيمبليءَ جي حالت اها ٿي، جو مغربي پاڪستان جي ميمبرن جي اڪثريت ڀٽي صاحب جي پارٽيءَ کي حاصل ٿي، ۽ اُيرندي پاڪستان جا ميمبر، سواءِ ٻن جي سڀ عوامي ليگ جي ٽڪيٽ تي چونڊجي آيا. جنهن صورت ۾ آئين ساز اسيمبليءَ جي ميمبرن جي مجموعي اڪثريت عوامي ليگ کي حاصل ٿي، تنهن ڪري جمهوري دستور مطابق حڪومت هنن جي حوالي ٿيڻ واري هئي، جا ڳالهہ مهاجر پنجابي مستقل مفاد ۽ انهيءَ جي نمائندن سوسروس ۽ ملٽري جنتا جي مفاد خلاف هئي، تن مسٽر ڀٽي کان، جو سندن سياسي شو بواءِ هو

جمهوري دستور خلاف اعلان ڪرايو تہ جيڪڏهن وزارت ۾ ڪيس پائيوار نہ ڪيو ويندو تہ هو بغاوت ڪندو. ان تي يحيٰ خان آئين ساز اسيمبليءَ جو سڏايل اجلاس مڪمل ڪري، بنگلاديش ۾ لشڪر موڪلڻ شروع ڪيو ۽ ٻئي طرف عوامي ليگ جي ليڊر شيخ مجيب الرحمان کي وزيراعظم ڪوني، ملٽري بلڊاپ ٿيڻ تائين، ڳالهين ۾ مشغول رکيو. جڏهن جنرل يحيٰ خان کي يقين ڏياريو ويو تہ بنگال ۾ پوري ملٽري تيار ٿي ويئي هئي، تڏهن هن عوامي ليگ کي وزارت ڏيڻ کان انڪار ڪري، ملڪ سان مارشل لا لڳائي، بنگلا ديش ۾ قتل عام شروع ڪرايو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو تہ بنگالين لڙي پاڪستان جي مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي طوقِ غلاميءَ مان آزادي حاصل ڪئي، ۽ هيڏانهن مغربي پاڪستان ۾ ان مستقل مفاد، يحيٰ خان کي لاهي، ان جي جاءِ تي ڀٽي کي رهيل پاڪستان جي حڪومت سپرد ڪئي.

آئون اول ۾ چئي آيو آهيان تہ پاڪستان جي قيام کان وٺي حڪومت جي واڳ، مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي هٿ ۾ رهي هئي. هو ئي هئا، جن هڪڙين وزارتن کي ڪيڏي، ٻيون آنديون ٿي. انهي سموري عرصي ۾ اهو ذڪر ڪيل مفاد پاڪستاني حڪومتن جي پاليسي، پنهنجي طبقاتي فائدي جي بنياد تي هلائيندي، ان کان هيٺيان ڪم وٺندو رهيو ٿي.

(1) پاڪستان جي حڪومتي نظام ۾ شامل ٿيل جدا ملڪن ۽ قومن جي وجود کان انڪار ڪري، سندن پنهنجي ايجاد ڪيل نظرئي پاڪستان هيٺ، واحد قوم ۽ هڪ ملڪ جي نالي ۾ مرڪزي حڪومت کي جملي اختيار سپرد ڪري، ڪاروبار هلايو ٿي ويو ۽ ان تي مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي نمائنده ملٽري ۽ سول سروس جو تسلط قائم رکيو ٿي.

(2) پاڪستان ۾ شامل ٿيل جدا ملڪن ۽ قومن جي زبانن کي منظم سازش ذريعي ڪمزور ڪري، مٿن مهاجرن جي اردو زبان کي مڙهي، مڪاني ڪلچرن کي نقصان رسايو ٿي ويو.

(3) پاڪستان ۾ شامل رياستن کي ٻيوس بنائي، مرڪزي حڪومت ذريعي ملڪ جي نوڪرين، واپار ڪارخانن، زرعي زمين، درسگاهن،

بئنڪن وغيره تي مهاجر پنجابي مستقل مفاد کي مسلط ڪيو ٿي ويو.

(4) مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي سامراج کي قائم رکڻ خاطر عوام کي پارت، افغانستان ۽ روس دشمنيءَ جو ڍپ ڏيئي، ملڪ کي آمريڪا ۽ ان جي حوارين جي جنگي عهدنامن ۾ ڦاسائي، رکيو ٿي ويو.

(5) پاڪستان جي آئين ۾ قانونن کي اسلامي بنائڻ جو عوام کي ڏوڪو ڏئي، هڪ طرف آئين ٺاهڻ ۾ رڪاوٽ وڌي پئي ويئي، ٻي طرف ماڻهن جو توجهه حقيقي مسئلن کان هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي ويئي.

(6) سرحد علائقي ۾ قوم پرست وزارت کي طاقت مان ڪڍي، اتي جي قوم پرست ليڊرن، خان عبدالغفار خان ۽ سندس ساٿين کي جيل ۾ موڪلي، ظلم ڪري، سندن هم قوم افغانستان جي رهاڪن کي سندن همدرديءَ ۽ پختونستان جي تحريڪ هلائڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو.

(7) بلوچستان ۾ قوم پرست بلوچن کي جيلن ۾ وجهي، انهن تي ٻاهريان عملدار مقرر ڪري، سندن حقن کي ريٽي، جمهوريت کان محروم ڪري، آزاد بلوچستان جي تحريڪ هلائڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو.

(8) سنڌ جي اندروني خود اختياري ختم ڪري، سنڌين جا حق غصب ڪري، کين پاڙ ۾ ويڙهائي، ٻاهرين کي ان ۾ ڪالونائيز ڪري، سندن سياسي آزاديءَ، اقتصادي خوشحاليءَ ۽ ڪلچرل ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ وجهي، ان کي ڪالوني ڪري هلائڻ شروع ڪيو ويو.

(9) بنگال جي رهاڪن کي سندن جمهوري اڪثريت واري حق کان محروم ڪري، مٿن مغربي پاڪستان جا عملدار مسلط ڪري، سندن حقيقي نمائندن جي وزارتن کي ڪڍي، انهن جي جاءِ تي ٻين هٿ ٺوڪين وزارتن کي نامزد ڪري، سندن ملڪ جي پيداوار کي مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي فائدي لاءِ ڪتب آندو ٿي ويو ۽ اهڙيءَ طرح هنن کي تنگ ڪري جدا ٿيڻ لاءِ مجبور

ڪيو ويو.

(10) مغربي پاڪستان سان لاڳو ٿن ننڍن صوبن کي آخرڪار زوريءَ ختم ڪري، ون يونٽ ۾ داخل ڪرڻ بعد. انهن صوبن جي اندروني آزاديءَ تي پاڻي ڦيري، انهن جي استحصال لاءِ رستو هموار ڪيو.

اسان کي مغربي پاڪستان جي قيام وقت جناح صاحب جي ابتدائي تقرير مان جي اميدون پيدا ٿيون هيون، سي مٿي ذڪر ڪيل احوال مان معلوم ٿيندو تہ ڪهڙيءَ طرح برثواب ٿي نہ سگهيون. ان کان پوءِ اڪثر وزارتن لياقت علي خان جي پاليسيءَ تي پٺي عمل ڪيو. هاڻي جڏهن مسٽر ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جو صدر نامزد ٿيو تہ اسان کي اميد پيدا ٿي تہ ممڪن آهي تہ هيءُ مظلوم قوم جو فرد هئڻ ڪري، ساري مسئلي تي ازسرنو غور ڪري، حالتن کي درست ڪري. انهيءَ اميد جي آڌار تي مون 17 جنوري 1972ع تي پنهنجي 29 سالگره جي موقعي تي، سن ۾ گڏ ٿيل ماڻهن اڳيان تقرير ذريعي ڪيس هيٺيان مشورا ڏنا:

”نئين صدر همت کان ڪم ورتي، هڪ طرف اسان کي آزاد ڪيو ۽ ٻئي طرف 8 جنوري 1972ع تي شيخ مجيب الرحمان کي آزاد ڪري، ڍاڪا وڃڻ لاءِ اجازت ڏني، جتي هن 10 جنوريءَ تي وڃي حڪومت جون واڳون سنڀاليون.

”نئين صدر حڪومت جون واڳون ان وقت ورتيون آهن، جڏهن پاڪستان جي سامهون ڪيئي مسئلا ۽ مشڪلاتون درپيش آهن. مثلاً: جنگ ۾ شڪست اچڻ ڪري هڪ لک کن سپاهي نظربند آهن. ملڪ کي اربين روپين جو نقصان رسيو آهي. مغربي پاڪستان مان ڪجهہ حصا ڀارت جي هٿ هيٺ ويل آهن. فوجون سرحدن تي آهن. مارشل لا هٽائڻ ۽ صوبن ۾ حڪومتن بحال ڪرڻ جو مطالبو ٿي رهيو آهي. آئين ٺاهڻ، بنگلاديش کي تسليم ڪرڻ، ڀارت ۽ افغانستان سان تعلقات قائم ڪرڻ ۽ عوام جي غربت کي دور ڪرڻ جا مسئلا پڻ حل طلب آهن.“

”ملڪ جي آئينده سلامتيءَ، ترقيءَ ۽ تعمير جو مدار انهن سوالن

جي خاطر خواهہ نموني حل ڪرڻ تي آهي. جيتري قدر مون ان مسئلي تي غور ڪيو آهي، آئون هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ پاڪستان جي انتشار افراتفريءَ ۽ موجوده پست حاليءَ جا هيٺيان ڪارڻ آهن:

(1) مسلمانن جي جداگانہ قوم جو تصور.

(2) مذهبي نظام حڪومت جو تخيل.

(3) سياست جو فسطائي نظريو.

(4) چند مستقل مفاد طرفان ملڪ جو استحصال.

(5) پر وارن ملڪن سان دشمني.

اچو تہ مٿي ذڪر ڪيل مسئلن جي مختلف پهلوئن تي نظر ڪريون:

(1) مسلمانن جي جداگانہ قوم جو تصور

"دنيا ۾ ڪٿي بہ مذهبي بنياد تي قوم جو وجود تسليم ٿيل نظر نہ ايندو. هندوستان ۾ ڪن عارضي اختلافن جي پيدا ٿيڻ جو سبب مسلم اقليتي صوبن ۾ پنجاب جي مستقل مفادي مسلمانن اهو نظريو ايجاد ڪري، سامراجي خيال جي انگريز آفيسرن جي معرفت ملڪ جي ورهاست ڪرائي. پاڪستان جي بانيءَ ان نظرئي کي دائمي طور ڪتب آڻڻ کي نقصانڪار جاتي، 11 آگسٽ 1947ع تي آئين ساز اسيمبليءَ جي پهرين نشست ۾ ان کي رد ڪري ڇڏيو ليڪن هو گهڻو وقت زنده نہ رهيو. بعد ۾ مٿي ذڪر ڪيل گروهہ سندن اقتدار ۽ استحصال قائم رکڻ خاطر ان کي ڪتب آڻيندو رهيو آهي. ان نظرئي ۾ اعتماد رکڻ ڪري، ملڪ کي هيٺين مشڪلاتن ۾ مبتلا ٿيڻو پيو آهي.

(الف) بينگال، سنڌ، بلوچستان ۽ پختون ايراضيءَ جي هزارها سالن جي قديم قومن جي وجود کان انڪار ڪرڻو پيو ٿو.

(ب) جنهن ڪري اُتي جي قومن جي زبان، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفاد ۽ وطنن کي نقصان پهچي ٿو.

(ت) مستقل مفاد ان نظرئي جي آڙ وٺي، مذهبي نظام حڪومت، پارت دشمنيءَ ۽ خاص لائقن جي حڪومت جا نعرا لڳائي، عوام جو توجهہ حقيقي مسئلن کان هٽائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

(ث) سياستِ ملڪ کي نفرت جي بنياد تي هلايو ويو.

نئين صدر صاحب اعلان ڪيو آهي تہ "ملڪ جون حالتون نهايت ڳنڀير آهن، تنهن ڪري هو ملڪ جي پاليسيءَ تي ازسرنو غور ڪندو، ان ڪري هر هڪ شهريءَ جو فرض آهي تہ ڪيس اهڙي نئين پالسي مرتب ڪرڻ لاءِ مشورو پيش ڪري." انهيءَ نقطہ نگاهہ ڪان آئون بہ ڪي تجويزون پيش ڪريان ٿو جي سندس ۽ عوام جي ويچار هيٺ اچڻ گهرجن.

"وقت آيو آهي تہ گذريل 24 سالن جي تجربي مان فائدو وٺي، اسان ڪي بنيادي تبديليون آڻيون. انهن مان سڀ کان وڏي تبديلي مسلمانن جي جداگانہ قوم جي نظرئي کي خيرباد چئي، پاڪستان کي پنجن قومن جو وطن تسليم ڪرڻو آهي. جنهن صورت ۾ هر قوم کي خوداراديءَ جو حق رهي ٿو تہ سندن اهڙيءَ تقاضا کي صحيح سمجهي، بنگلا ديش کي تسليم ڪرڻ گهرجي. مغربي پاڪستان جي باقي چئن قومن جي رياستن کي اندروني طور مڪمل خودمختياري ڏئي، سندن باهمي سمجهوتي سان هڪ فيڊريشن ٺاهجي. جنهن ۾ مرڪزي حڪومت کي صرف ٽي ڪاتا سپرد ڪجن. دفاع، خارجہ معاملات ۽ ڪرنسي. باقي سڀ ڪاتا علاقائي رياستن جي حوالي رهڻ ڏجن. ٻيءَ صورت ۾ پاڪستان جي اندروني انتشار جو ختم ٿيڻ ۽ ملڪ جو مستحڪم ٿيڻ مشڪل پيو نظر اچي."

(2) مذهبي نظام حڪومت

"هيءَ ڳالهہ بہ خاص ذهن ۾ ويهارڻ جي لائق آهي تہ دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ مذهبي نظامِ حڪومت مروج نہ آهي. دنيا جي جديد حالات مطابق ان جي مستقل ۾ ڪٿي بہ رائج ٿيڻ جو امڪان نہ آهي."

مٿي ذڪر ڪيل نظرئي تي اعتماد رکڻ سبب، پاڪستان جي جملي حڪومتن لفظي طرح ان نظرئي موجب نظام ناهڻ جا واعدا پئي ڪيا آهن. جنهن صورت ۾ اهڙو نظام قائم ٿيڻ ناممڪن آهي، ان ڪري ان تي عمل ٿي نہ سگهيو آهي. نتيجو اهو پئي نڪتو آهي تہ حڪومتن جي قول ۽ فعل ۾ تفاوت پئي رهيا آهن. جنهن ڪري رجعت پسند گروهن طرفان حڪومتن خلاف پروپيگنڊا ڪرڻ ۽ سندن

پنهنجي قوتن کي زور وٺائڻ لاءِ وٽن اسباب موجود پئي رهيا آهن.

چوڏاري نظر ڪري ڏسجي ٿو ته دنيا جي اڪثر حڪومتن جو آئين ۽ نظام سيڪيولر طريقي جو آهي، تنهن ڪري هن ملڪ ۾ جداگانه آئين ۽ نظام قائم ڪرڻ قريباً ناممڪن نظر پيو اچي، ان ڪري بهتر آهي ته صاف ظاهر ڪجي ته اهڙو آئيني نظام قائم ڪري نه سگهبو. جيڪڏهن هن وقت صاف گوئيءَ کان ڪم نه ورتو ته ترقي پسند گروهن کي آئينده هلي، رجعت پسند طاقتن کي منهن ڏيڻ مشڪل ٿي پوندو. ان ڪري نئين صدر صاحب کي عرض ٿو ڪجي ته ان بابت صاف ذهن کان ڪم وٺي، سيڪيولر نظام حڪومت واري پاليسي مرتب ڪري نه ته اهي قوتون سندس سوشلزم ۽ عوامي مفاد جي پروگرام ۾ ڇپي ڇپي تي مذهب جي نالي ۾ رنڊڪون وجهنديون رهنديون.

(3) سياست جو فسطائي نظريو

”بدقسمتيءَ سان پاڪستان ۾ ابتدا کان وٺي، مستقل مفاد جي تسلط هئڻ سبب، صحيح طور تي جمهوريت ۽ عوامي حڪومت قائم نه ٿي سگهي آهي. مستقل مفاد طرفان هڪ ٻئي پنيان حڪومتن کي بدلائڻ جو دستور هلندو رهيو آهي. ابتدا ۾ ته نالي خاطر ميمبرن جون اسيمبليون هونديون هيون، پر آهستي آهستي ڊڪٽيٽري راڄ قائم ٿيو جنهن جو دور اڌ کان وڌيڪ عرصي تائين قائم رهيو. اهي ڊڪٽيٽر ڪڏهن ڪنٽرولڊ ڊيموڪريسي، ڪڏهن بنيادي جمهوريت، ته ڪڏهن مضبوط مرڪز جا نعرا لڳائي، پنهنجي تسلط کي قائم رکندا آيا آهن.“

”هيءُ پهريون دفعو آهي ته عوام طرفان چونڊيل ميمبرن کي اقتدار هٿ ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. ممڪن آهي ته اهي طاقتون، جن اڳي جمهوريت بحال ڪرڻ ۾ رنڊڪون وڌيون هيون، وري به ان کي ناڪام بنائين، تنهن ڪري هر هڪ شهريءَ جو فرض آهي ته هن موقعي تي جمهوريت کي ناڪامياب بنائڻ نه ڏين.“

اهو تڏهن ٿي سگهندو جڏهن اول ۾ صوبائي حڪومتن کي مڪمل اختيار ڏئي، ڪاروبار هلائڻ ڏنو وڃي. تنهن ڪري مرڪزي اسيمبلي سڏڻ ۾ دير ٿئي ته پرواهه نه آهي، پر صوبائي اسيمبليون ۽

وزارتون جلد ناهڻ ڏنيون وڃن. انهيءَ اصول کي مدنظر رکي سنڌ ۽ پنجاب ۾ حڪومت جون واڳون پيپلز پارٽيءَ جي هٿ هيٺ گهرجن ۽ سرحد ۽ بلوچستان ۾ حڪومت جون واڳون نعپ ۽ جميعت العلماءِ اسلام جي ڪوليشن پارٽين جي هٿ ۾ هئڻ گهرجن. صوبن جا گورنر، انهيءَ اصول پٽاندر حڪمران پارٽين جا هئڻ گهرجن، ٻيءَ صورت ۾ صوبائي خودمختياري بي معنيٰ ٿي پوندي.

”ملڪ جو آئين حال انڊين پاڪستان انڊيپينڊنٽ ائڪٽ مطابق هلايو وڃي. آئيندي جو آئين 12 مهينن جي تجربي بعد رياستن جي رضامنديءَ سان، پارليامينٽري طرز جو ناهيو وڃي. جن جي ناهڻ لاءِ اڪثريت موجب فيصلا نہ ڪيا وڃن، بلڪ هر هڪ صوبي جي ان ۾ رضامندي حاصل ڪرڻ گهرجي. مرڪز کي صرف ٽي کاتا سپرد ڪيا وڃن. وقت آيو آهي تہ صدر صاحب ان طرف غور ڪري ترت فيصلا ڪري نہ تہ ممڪن آهي تہ رجعت پسند طبقا، وري انهيءَ موقعي کي بہ ناڪامياب نہ بنائين.“

(4) مستقل مفاد طرفان استحصال

”تجربي ۽ تاريخي حقيقتن جي بنياد تي ڪيترا ماڻهو ان نتيجي تي پهتا آهن، تہ مسلم اقليت وارن صوبن ۽ پنجاب جي ڪامورن ۽ زميندار طبقي جي مسلم مستقل مفاد طرفان، مسلمانن جي جدا قوم جو نظريو ايجاد ٿي، ملڪ جو ورهاڱو ڪرايو ويو. ان جي پويان انهيءَ طبقي جي نئين ملڪ ۾ تسلط ۽ استحصال قائم ڪرڻ جو جذبو لڪل هو.“

”گذريل 24 سالن جي عرصي ۾ تاريخ گواهي ڏئي ٿي تہ انهيءَ مفاد، نہ ملڪ جو آئين ناهڻ ڏنو نہ عوامي حڪومتن کي وجود ۾ اچڻ ڏنو. هن وقت مس مس عوامي طرح چونڊيل صدر اقتدار ۾ آيو آهي. سنڌس پارٽيءَ جي پروگرام ۽ واعدن ڪري، مستقل مفاد کي ڪک ۾ ڪان هوندو. ممڪن آهي تہ هو سنڌس هٽائڻ لاءِ ڪي طريقا استعمال ڪن، ان ڪري اهو نهايت ضروري آهي تہ سندن استحصال کي ختم ڪرڻ کان اڳ، سندن واري اقتدار ۾ اچڻ جا رستا ۽ ذريعا ختم ڪيا وڃن. ڇاڪاڻ تہ قومن جي تعمير ۽ ترقي، چند مهينن ۾ ڪا نہ ٿي سگهندي آهي. سوويت يونين ۽ چين جا مثال اسان جي سامهون آهن، جن کي نئين طرز تي تعمير ڪرائڻ

لاءِ سالن جا سال گذري ويا آهن، پر اجا تائين سندن ڪم پايہ تڪميل تي ڪونہ پهتا آهن. انهيءَ لاءِ دراز عرصي جي ضرورت آهي، تنهن ڪري صدر صاحب کي اهي طريقا اختيار ڪرڻ گهرجن، جي عوامي دور کي قائم رکڻ لاءِ ڪارائتا ٿين. جيڪڏهن چند سڌارا ڪيائين ۽ ان کانپوءِ ڪيس هٿائي ڇڏيو ويو تہ ساري محنت رائگان ويندي. تنهن ڪري بنيادي طرح سان ڪيس اول ۾ اهي مسئلا حل ڪرڻ گهرجن، جن جي ڪري هنن جو حڪومت تي تسلط ۽ اثر رهي ٿو.“

”منهنجي نظر ۾ اهي ذريعا، جيڪي مستقل مفاد کي حڪومتن تي تسلط ۽ اثر ڏين ٿا، سي هيٺيان آهن:

(1) مرڪزي حڪومت جي مضبوطي

جنهن ڪري ملٽري ۽ سول سروس وارا، ساري نظام تي اثرانداز ٿين ٿا.

(2) مسلمانن جي جداگانہ قوم جو نظريو

جنهن ڪري مختلف علائقا ئي قومن جي حقن جي پائمالي ڪري، مستقل مفاد انهن جي استحصال جاري رکڻ لاءِ منصوبہ بندي ڪن ٿا.

(3) اسلامي نظام حڪومت

جنهن ڪري عوام جو توجهہ سندن روز مره جي مسئلن کان هٽائي، عقل جي عيوض جذباتي بنيادن تي رکي، مستقل مفاد جي استحصال جاري رکڻ لاءِ ميدان هموار ڪيو وڃي.

(4) پڙوارن جي مخالفت

جنهن ڪري هنگامي حالتن جو اظهار ڪري، لشڪر وڌائڻ ۽ عوام جي آزادي سلب ڪرڻ جو جواز پيدا ڪيو وڃي ٿو.

”ان ڪري صدر صاحب کي سندس پروگرام کي پايہ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ پهرين مٿي ذڪر ڪيل چئني سوالن جو فيصلو ڪرڻو پوندو تہ جيئن ”هجي بانس، نہ وڃي بانسري“

(5) پر وارن ملڪن سان دشمني

”پاڪستان قائم ٿيڻ کان وٺي جملي حڪومتن جي پاليسي، ڀارت ۽ افغانستان جي مخاصمت جي آڌار تي رٿيل رهي آهي. انهيءَ پاليسيءَ سبب لشڪر واڌائڻ ضروري سمجهيو ويو. ان لاءِ ٻاهرين سامراجي طاقتن کان مدد حاصل ڪرڻ واسطي عهدناما ڪيا ويا. انهيءَ ڪري ٽي جنگيون لڙيون پيون. لشڪر وڌائڻ سبب ملٽريءَ کي ملڪي سياست ۾ دست اندازيءَ ڪرڻ جو موقعو ميسر ٿيو ۽ ڊڪٽيٽري نظام قائم ٿيو. جيڪڏهن ان مسئلي جي تهه ۾ وڃبو تہ ملڪي سياست کي نفرت جي بنياد تي تصور ڪرڻ، ان جو مکيہ ڪارڻ معلوم ٿيندو.“

”پاڪستان کي مضبوط ڪرڻ لاءِ، امن جي ضرورت آهي. اهو تڏهن حاصل ٿي سگهندو جڏهن ان جا تعلقات پر وارن ملڪن سان دوستاڻا هجن. مستقل مفاد ڪڏهن بہ نہ چاهيندا، تہ پاڪستان جي موجوده مخاصمت وري پاليسي ختم ڪئي وڃي. ڇاڪاڻ تہ ان ڪري هنگامي حالتن جي عذر تي، هو پنهنجو اقتدار ۽ استحصال قائم رکي سگهن.“

”اهي چند سوال آهن، جن جو خاطر خواه حل پاڪستان کي موجوده ڳنڀير حالتن مان ڪڍي سگهي ٿو.“

”سنڌ جي دانشور طبقي لاءِ پڻ مون چند تجويزون رٿيون آهن. جيڪڏهن هو ان تي عمل ڪندا تہ ملڪ جا گهڻا مسئلا حل ڪرڻ ۾ مدد ڏيئي سگهندا:“

(1) ملڪ جي انتشار افراتفري ۽ موجوده پست حاليءَ جي مٿي ذڪر ڪيل، پنجن اصولن جي تشريح ڪري، ذهني تبديلي آڻڻ لاءِ مون ڪي خيال قلمبند ڪيا آهن. ڪين گهرجي تہ انهن کان واقفيت حاصل ڪن.

(2) صدر کي مٿي بيان ڪيل اصولن جي روشنيءَ ۾ چند معروضات پيش ڪري، انهيءَ بنياد تي هو عام راءِ پيدا ڪن.

(3) هو مخلص ڪارڪنن تي مشتمل ”خدام سنڌ“ (Servants of Sind) جا جٿا تيار ڪن.

”منهنجي سمجهہ موجب نئين صدر جي هٿ هيٺ عوام کي آخري موقعو مليو آهي تہ ملڪي مسئلن کي حل ڪرائين، نہ تہ پاڪستان پرزا پرزا ٿي ويندو. جيئن تہ صدر جي چوطرف ڪيئي غلط ماڻهو ڦريا بيٺا آهن، ان ڪري مؤثر تجويزون ان تائين پهچائڻ لاءِ جامع ۽ زوردارُ عوامي آواز پيدا ڪرڻو پوندو.“

انهيءَ منهنجي تقرير ڪرڻ ڪانپوءِ، ساريءَ سنڌ بلڪ پاڪستان ۾ مهاجر پنجابي مستقل مفاد اخبارن هاءِ گهوڙا مچائي ڏني- چي:

(الف) جي ايم سيد نظرئي پاڪستان جي ظاهر ظهور مخالفت ڪري، پاڪستان کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي.

(ب) جي ايم سيد هندو ڀارت سان ناهہ ڪرڻ لاءِ مشورو ڏئي، ان جي ايجنٽيءَ جو ڪم ڏنو آهي.

(ت) جي ايم سيد سيڪيولر نظام حڪومت قائم ڪرڻ جي تجويز پيش ڪري، اسلام دشمنيءَ جو ڪم ڪيو آهي.

(ث) جي ايم اسيد مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو ذڪر ڪري، ملڪ ۾ نفرت ۽ نفاق پيدا ڪرڻ جو ٻج پوکيو آهي.

(ج) جي ايم سيد فسطائي نظام حڪومت جو نالو وٺي، مرڪز کي ڪمزور ڪري، رهيل پاڪستان کي وڌيڪ ڪمزور ڪرڻ لاءِ پرچار ڪيو آهي.

(ح) جي ايم سيد ڪارڪنن جا جٿا تيار ڪرائي، گوريلا جنگ ذريعي سنڌ کي آزد ڪرائڻ گهري ٿو.

(خ) جي ايم سيد جي مجلس ۾ شاگردن طرفان تقريرون ٿيون، تہ مهاجر ۽ پنجابي مستقل مفاد جو قتل عام ڪري، سنڌو درياهہ رت سان ڀريو وڃي وغيره.

انهيءَ تي نئون صدر ڏجي ويو ۽ پنهنجي سيڪريٽري (مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي رکوال) مسٽر جي ايم رحيم کان ليٽر لکارائي موڪليائين. جنهن ۾ مون کان، مٿي ذڪر ڪيل الزامن جا جواب طلب ڪيا ويا. جنهن تي مون ڪيس جواب موڪليو تہ:

(الف): نظرئي پاڪستان کي سندس بانيءَ جناح صاحب رد ڪري ويو هو.
(ب): ڀارت سان دوستانہ تعلقات، پاڪستان جي بچاءَ لاءِ ضروري هئا.
(ت): سيڪيولر نظام حڪومت دور جديد جي تقاضائن جي مطابق آهي.

(ث): سنڌي مفاد جي حفاظت جي گفتگو ڪرڻ کي نفاق ۽ نفرت
ڦهلائڻ سان تشبيهه ڏيڻ غلط آهي.
(ح): ڪارڪنن جا جٿا. گوريلا جنگ لاءِ تيار ڪرڻ مقصد نه هو پر
ماڻهن ۾ صحيح سياسي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ هئا.
(خ): شاگردن طرفان خون خرابيءَ جون تقريرون ڪوڙ نه ٿيون هيون.

ممڪن آهي،انهيءَ وقت مون کي نظر بند ڪرايو وڃي ها. پر اڃا سنڌس حڪومت طاقتور نه ٿي هئي، تنهن ڪري منهنجو جواب اخبارن ۾ شايع ڪري، وڏيڪ منهنجي خلاف ڪو به قدم نه کنيو ويو.

ڪجهه وقت کان پوءِ مون کي اسلام آباد گهرائي، صوبي سرحد ۽ بلوچستان جي نيشنل عوامي پارٽيءَ جي ميمبرن سان سمجهوتي ڪرائڻ ۾ مدد ڪرائڻ لاءِ چيو ويو. ان لاءِ مون حتي الامڪان مدد ڪري، ٻنهي ڌرين جي ناهه لاءِ ماحول سازگار بڻايو. انهيءَ جي نتيجي ۾ صوبي سرحد ۽ بلوچستان ۾ نعپ ۽ جميعت العلماءِ جون گڏيل وزارتون وجود ۾ آيون. ۽ نعپ جا گورنر مقرر ٿيا.

اها ڳالهه مهاجر پنجابي مستقل مفاد کي ناپسند پئي، تن ڀٽي صاحب تي زور وڌو ته ان عهدنامي کي ٽوڙيو وڃي. جيئن ته ڀٽو صاحب انهيءَ گروهه جو نمائندو ۽ پوئلڳ هو. تنهن ان صورتحال جي پيدا ڪرڻ لاءِ، حالتون پيدا ڪرڻ شروع ڪيون. سرحد مان ان ڪم جي سرانجاميءَ لاءِ خان قيوم خان کي مرڪزي وزارت ۾ مقرر ڪيائين، جو سنڌس پارٽيءَ جو به نه هو. تنهن يڪدم شرارت ڪرڻ شروع ڪئي. بلوچستان وزارت لاءِ مخالف گروپ پيدا ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ کنيو. ٻئي پاسي هن کي سنڌس آقا مهاجر پنجابي سامراج طرفان، دماغ ۾ هيءَ ڳالهه ويهاري ويئي، ته هو اهڙو لائق هو جو مغربي پاڪستان ۾ جدا جدا قومن کي اسٽيم رولر وانگر ختم ڪري، هڪ قوم بڻائي سگهندو. جو ڪم جناح صاحب نه ڪري سگهيو. سو هو ڪرڻ جو اهل هو. ازانسواءِ هن کي فسطائي ڪتاب پڙهڻ بعد دماغ ۾ هيءُ وهم ويهي رهيو ته ساري پاڪستان ۾ ٻين پارٽين کي ختم ڪري، پيپلز پارٽيءَ کي ملڪ جي واحد نمائنده جماعت بڻائي، هٽلر وانگر هو ملڪ جو واحد ليڊر بڻجي، ڊڪٽيٽرانه طور حڪومت هلائي سگهيو ٿي.

انهن ڳالهين کي سامهون رکي نئين صدر صاحب مخالف پارٽين جي مکيه ليڊرن کي ڏيڄاري يا لالچ ڏيئي، پارٽين کي ڪمزور ڪرڻ شروع ڪيو. مسلم ليگ جي مکيه ليڊر ميان محمد ممتاز دولتانه کي هن انگلنڊ ۾ سفير ڪري، مسلم ليگ کي وڏو ڌڪ هنيو. ان کان پوءِ مسلم ليگ جي ٻئي گروهه جي مکيه ليڊر عبدالقيوم خان کي مرڪزي وزارت ۾ وزير مقرر ڪري، خريد ڪري ورتائين. اهڙيءَ طرح سان هن ملڪ جي وڏي جماعت مسلم ليگ کي بغير ڪنهن تڪليف جي ڪمزور ڪري ڇڏيو. ٻي پارٽي جماعت اسلامي هئي، ان جي هڪ سابقه مکيه ڪارڪن ڪوثر نيازيءَ کي پاڻ وٽ وزير ڪري رکيائين. ليڪن ان جي ٻين ليڊرن مولوي مودوديءَ ۽ ميان طفيل کي جڏهن لالچ ذريعي خريد ڪري نه سگهيو ته هڪ طرف هنن کي هيسائڻ جا حربا استعمال ڪيائين، ۽ ٻي طرف سندن پاليسيءَ جا مکيه اصول اپنائي، انهيءَ مطابق ڪم ڪرڻ لڳو.

پاڪستان ۾ مسلم ليگ ليڊرن جي اخلاق جو اندازو ان مان ڪري سگهجي ٿو ته رڳو ٿورو اڳ يٽي صاحب دولتانه کي برسر عام ”ڪوئو“ سڏي بي عزت ڪيو هو ۽ خان عبدالقيوم خان کي ”ڊبل بيرل خان“ ۽ ”اڳيان پٺيان خان“ سڏي بدنام ڪيو هو پر شخصي لالچ خاطر هن صاحبن، پارٽيءَ جي عزت کي درڪنار رکي، وڃي ساڳئيءَ ماڻهون هٿان عهدا قبول ڪيا.

هاڻي ته صاف ظاهر ٿي ويو آهي، ته صوبي سرحد ۾ نيشنل عوامي پارٽيءَ جي ڪوليشن وزارت ناهڻ جي اجازت ڏيڻ وقت، هن صدق دليءَ سان سمجهوتو نه ڪيو هو. سگهو ئي مرڪزي وزارت ۾ عام تسليم ٿيل اصول ۽ سمجهوتي خلاف، خان عبدالقيوم خان کي وزير ڪري، ان جي معرفت نئين صوبائي وزارت خلاف سازش رٿي، ميمبرن کي ورغلائي، وزارت کي ڪمزور ڪرڻ شروع ڪيو ويو. ساڳي روش بلوچستان ۾ اختياري ڪئي وئي، جو اتي غوث بخش رئيساڻيءَ کي مرڪز ۾ وزير مقرر ڪري، مرڪزي حڪومت جي معرفت نئين وزارت خلاف مير غلام قادر خان جي ماڻهن کان بغاوت ڪرائي وئي. انهيءَ بهاني تي صوبائي وزارت جي اجازت کان سواءِ اوڏانهن لشڪر موڪلي، صوبائي حڪومت کي بيڪار بنائي، پوءِ انهيءَ کي ڊسمس ڪري، ٻيو

پنهنجو گورنر مقرر ڪري، اقليت واري پارٽيءَ کان وزارت ٺهرائي ويئي. اها وزارت جڏهن بجيٽ پاس ڪرائي نہ سگهي، تہ گورنر ان کي پنهنجي اختيار تي پاس ڪري، سندن مشڪلات کي دور ڪيو. اهڙيءَ حالت کي ڏسي، صوبي جي وزارت بہ استعيفا ڏني. جنهن تي هنن پنهي صوبن ۾ پنهنجين هٿ ٺوڪين وزارتن ذريعي ڪم هلائڻ شروع ڪيو.

هاڻي هن ملڪ ۾ سياسي مخالفت کي ختم ڪرڻ لاءِ هيٺيان طريقا اختيار ڪيا آهن:

- مخالف پارٽين جي مکيہ ڪارڪنن کي بنا ڪيس هلائڻ جي، پاڪستان جي بچاءَ واري ريگوليشن هيٺ جيلن ۾ موڪلڻ.
- مخالفن کي مختلف طريقن سان ملائڻ.
- جيلن ۾ مخالفن جي اخلاق سوز بي عزتي ڪرائڻ.
- مخالفن جون غنڊن هٿان ميٽنگون ڦٽائڻ. جي ان ۾ ڪاميابي نہ ٿئي تہ 144 قلم لڳائي، ان تي بندش وجهڻ.
- اخبارن ۽ رسالن تي بندش وجهڻ.
- عدالتن کي هيسائي، قانوني چاره جوئي کي بيڪار بنائڻ.

هتي سنڌ ۾ ڀٽي صاحب جي ماڻهن قوم پرست تحريڪ کي ڪمزور ڪرڻ جي ۽ پاڻ کي عوام ۾ سرخرو ڪرڻ لاءِ سنڌي زبان کي قومي ۽ سرڪاري زبان بنائڻ جو راڳ ڳائڻ شروع ڪيو. پيپلز پارٽيءَ جي همدرد شاگردن کان بک هڙتال ڪرائي، انهن سان وعدو ڪيو ويو تہ اهڙو بل سنڌ اسيمبليءَ ۾ پيش ڪري، پاس ڪرايو ويندو.

جڏهن اها خبر مهاجر پنجابي مستقل مفاد کي پئي، جن جو ڀٽو صاحب "شو بواءِ" آهي، انهن يڪدم آئين ۾ اردوءَ کي قومي زبان بنائي ڇڏيو. ان تي سنڌين ۾ ناراضگي پيدا ٿي، جنهن کي مٽائڻ لاءِ هن سنڌي زبان، سنڌ ۾ واحد سرڪاري زبان بنائڻ جو بل اسيمبليءَ ۾ پيش ڪري، پاس ڪرائڻ جو اعلان ڪيو. ان تي وري جڏهن ڀٽي صاحب جي آقائن، مهاجر پنجابي گروهہ طرفان شور ٿيو تہ ان وعدي تان ڦري، سنڌي زبان کي صرف صوبائي زبان بنائڻ جو بل، سنڌي اسيمبليءَ اڳيان پيش ڪري، پاس ڪرايو ويو. هن بل کي 62۔ميمبرن جي حمايت ٿي، پر اهڙي بيڪار بل پاس ٿيڻ تي بہ مهاجر ناراض ٿي پيا ۽

ان کي بدلائڻ لاءِ ساريءَ سنڌ ۾ فساد برپا ڪيائون، جن ۾ سنڌين جي گهرن کي ساڙيائون، دڪان ڦريائون، سنڌين کي ماريائون، پٽي ۽ سندس وزيرن جا پتلا ساڙيائون ۽ ٻيون سندن شخصي بي عزتيون ڪيائون. پوءِ جڏهن انهن حرڪتن کي بند ڪرڻ لاءِ صوبائي حڪومت ڪي قدم کنيا، تہ مهاجرن اهل پنجاب کي سندن مدد ڪرڻ لاءِ اپيل ڪئي. جن جي زور بار پوڻ تي، پٽو صاحب ٻجي ويو ۽ بل جي منظوري ڏيڻ بند ڪري، مهاجر ليڊرن کي گهرائي، انهن سان سمجهوتو ڪري، سندن هيٺيان شرط قبولي، سنڌين سان دغا ڪئي:

(1) سنڌ کي ٻن زبانن جو صوبو بنايو ويندو هڪ سنڌي ۽ ٻي اردو زبان.

(2) سنڌ ۾ مکيہ عهدا مهاجر ۽ سنڌين ۾ مساوي طور ورهايا ويندا. انهيءَ کي مدنظر رکي، هن مير رسول بخش خان کي گورنريءَ تان لاهي، بيگم لياقت علي خان کي گورنر مقرر ڪيو.

(3) اڳئين دستور کي مٽائي، سنڌ ۾ نوڪري ڪندڙ مهاجرن کي ٻارهن سالن لاءِ سنڌي زبان سکڻ جو شرط لاٿو ويندو.

(4) مکيہ عهدن تي مساوي طور مهاجرن کي کنيو ويندو ۽ وزارتن ۾ بہ مهاجرن کي نمائندگي ڏني ويندي. جنهن تي عمل ڪيو پيو وڃي.

(5) بهارين کي بينگال مان گهرائي، سنڌ ۾ آباد ڪيو ويندو ۽ ان ۾ سنڌين جي آباديءَ جي توازن کي نقصان پهچڻ جي پرواه نہ ڪئي ويندي.

(6) ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪري، ان ۾ مهاجرن کي جدا صوبو بنائي ڏنو ويندو.

(7) قوم پرست شاگردن کي جيل ۾ موڪلي، سنڌ يونيورسٽي مان قوم پرست استاد ۽ عملو ڪڍي، يونيورسٽيءَ ۾ مهاجرن جي پروپيگنڊا لاءِ ميدان هموار ڪيو ويندو.

(8) قوم پرست ڪارڪنن ۽ ليڊرن کي جيلن ۾ وجهي، انهن جي جلسن کي ممانعت هيٺ آڻي، رسالن ۽ ڪتابن تي بندش وڌي ويندي.

انهن سمورن شرطن جي پٽو صاحب. هاڻي وفاداريءَ سان پوئواري ڪري رهيو آهي. هن جي ذهنيت آهي تہ "ڪرسي مرابده کفش برسربزن."

هي جو چئڻ ۾ اچي ٿو تہ اُپرندي بينگال وارن جاڻي واڻي پاڪستان کان علحدگي اختيار ڪئي آهي. ان تي نظر ڪري ڏسو تہ

پتو پئجي ويندو تہ ڪيئن نہ هنن کي مجبور ڪري، جدا ڪرڻ لاءِ ميدان تيار ڪيو ويو. آئون مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ ان صوبي جي رهاڪن سان کهڙو برتاءُ ڪيو ويو هو. آخر ۾ سندن ليڊر شيخ مجيب الرحمان تي بغاوت ۽ منصوبي جو ڪيس هلائي، تنگ ڪيو ويو. انهيءَ ڪري اليڪشن وقت تنگ تي، عوامي ليگ هيٺين ڇهن نڪتن تي اليڪشن لڙي:

(1) پاڪستان جو آئين وفاقي طرز جو هوندو.

(2) مرڪزي سرڪار کي صرف بہ کاتا، بچاءُ ۽ پرڏيهي معاملات سپرد ڪيا ويندا.

(3) سڀني صوبن جون ڪرنسيون جدا هونديون، جي ڪرنسي هڪ ڪبي، تہ بہ ناڻي جي ٻاهر نڪرڻ تي روڪ وجهڻ جو صوبن کي اختيار ڏنو ويندو.

(4) ٽيڪسن وجهڻ جا اختيار صوبن کي هوندا. پوءِ مرڪز کي اهي حصي موجب رقم ڏيندا.

(5) ٻيروني مٽاسٽا ۽ واپار صوبن جي حوالي رهندو.

(6) صوبائي مليشيا رکڻ جو اختيار صوبن کي هوندو.

هنن ڇهن نڪتن جو وڌيڪ تفصيل، اڳتي فصلن ۾ ڏنو ويندو. هتي هيءُ چوڻ ڪافي آهي تہ اُيرندي بينگال جا رهاڪو مصالحت جا ٻيا سڀ طريقا آزمائي چڪا هئا، ان ڪري هنن مٿي ذڪر ڪيل ڇهن نڪتن کي سندن مفاد لاءِ لازمي سمجهي، عوامي ليگ جي سڏ تي لبيڪ چئي، کين ووٽ ڏيئي ڪامياب ڪيو. اهڙيءَ طرح 99 سيڪڙو سيٽون صوبي ۽ مرڪزي اسيمبليءَ جون عوامي ليگ کي مليون.

مغربي پاڪستان ۾ نيشنل عوامي پارٽي، قوم پرست جماعت هئي، پر ان جي ڪارڪنن، ڪن سببن ڪري، اُيرندي پاڪستان وارن جي ڇهن نڪتن کي نہ قبوليو. اسان کي سنڌ ۾ علحده متحده محاذ ناهي ڪم ڪرڻو پيو. اسان ڇهن نڪتن کي سنڌ لاءِ مفيد سمجهي، ان بنياد تي ماڻهن کي اپيل ڪئي.

جنهن صورت ۾ سنڌ ۾ ملي، پير، زميندار ۽ ڪاموري جو اثر گهٽو هو تن ۽ مهاجر پنجابي مستقل مفاد، ووٽرن کي متاثر ڪري،

قوم پرست محاذ کي شڪست ڏياري، ۽ سندن ايجنٽ پيپلز پارٽيءَ کي ڪامياب ڪرايو. انهيءَ پارٽيءَ جو سربراهه مسٽر ذوالفقار علي ڀٽو هو. جيئن ته اها پارٽي ۽ ان جو ليڊر مهاجر پنجابي مستقل مفاد جا ايجنٽ هئا. تنهن ڪري چوندن جي نتيجي ظاهر ٿيڻ کان پوءِ، هنن جمهوري اصولن جي خلاف ڀٽي کان اعلان ڪرايو ته ڪيس حڪومت ۾ شامل نه ڪيو ويو ته هو بينگال جي عوام ليگ کي حڪومت برپا ڪرڻ نه ڏيندو.

هن کان انهيءَ اعلان ڪرائڻ مان مهاجر پنجابي سامراجين جا هيٺيان مقصد هئا.

(1) حڪومت جي واڳ سندن هٿن مان نڪري، جمهوري طريقي سان عوام جي نمائندن جي هٿ ۾ نه اچي.

(2) کين پڪو هو ته انهيءَ ڪري، نه فقط ممڪن، پر بنهه لازمي هو ته اهل بينگال ناراض ٿي بغاوت ڪندا. ان حالت ۾ هنن پڪو پهه ڪري ڇڏيو هو ته هو کين دٻائي ماتحت رکڻ جي ڪوشش ڪندا. ۽ جي اهلِ بينگال ان هوندي به جدا ٿي ويا ته مورڳو هنن کي هتي مغربي پاڪستان جي صوبن کي ڪالوني ڪري هلائڻ لاءِ ميدان صاف ٿي ملندو.

(3) سندن انهيءَ پاليسيءَ جي اختيار ڪرائڻ ۾ بڌڻ ۾ آيو آهي ته آمريڪي چيني سياست کي به دخل هو.

پيپلس پارٽيءَ جي سربراهه مسٽر ذوالفقار علي ڀٽي جي انهيءَ اعلان تي جنرل يحيٰ خان، جو پڻ انهيءَ مهاجر پنجابي سامراجي گروه جو "شو بواءِ" هو، فوراً آئين ساز اسيمبليءَ جي سڏايل اجلاس کي ملتوي ڪري ڇڏيو ۽ آخر ۾ هنن سڀني 17 جنوري 1971ع تي لاڙڪاڻي ۾ گڏ ٿي، مشورو ڪري فيصلو ڪيو ته اقتدار جي واڳ ڪنهن به صورت ۾ عوامي ليگ جي اڪثريت جي حوالي نه ڪجي.

ان فيصلي کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ، هنن فوجون اُيرندي بنگال طرف موڪلڻ شروع ڪيون. آمريڪا کان ڪثير تعداد ۾ جنگي اسلح گهرائڻ لاءِ آرڊر موڪليا ويا. ليڪن باوجود ان جي شيخ مجيب الرحمان کي ڏوڪي ۾ رکڻ لاءِ کيس مستقبل جو وزيراعظم سڏيندا رهيا. نيٺ

جڏهن ڏنائون تہ اُيرندي پاڪستان ۾ سندن فوجي تياري مڪمل ٿي ويئي هئي، تڏهن يڪدم ملڪ سان مارشل لا لاڳو ڪري، اڪثريتي پارٽيءَ جي ليڊر شيخ مجيب الرحمان کي جيل ۾ وجهي، عوامي ليگ کي غيرقانوني جماعت قرار ڏئي، هنن بنگالين جو قتل عام شروع ڪرايو.

ان وقت جي اُيرندي بينگال جي گورنر ٽڪا خان سان، اها ڳالهہ منسوب ڪئي ويجي ٿي تہ "اسان کي اُيرندي بينگال جي زمين کپي، ماڻهن جي اسان کي ضرورت نہ آهي." هن گويا بينگالين کي ختم ڪري، اولهندي پاڪستان مان ماڻهو آڻائي، اُيرندي بينگال جي سرزمين کي ڪالونائيز ڪرڻ گهريو ٿي.

چيو وڃي ٿو تہ انهيءَ "سول وار" جي دور ۾ اُيرندي بينگال مان هڪ ڪروڙ ماڻهن خوف مان ملڪ ڇڏي، وڃي اُلهندي بينگال ۾ پناهہ ورتي هئي. ان قتل عام ۾ 30 لک بينگالين کي ماريو ويو ۽ ٻن لک عورتن جي عصمت دري ڪئي ويئي. اُيرندي بينگال ۾ اربن روپين جي ملڪيت تباهہ ٿي.

ٻئي طرف اُهندي پاڪستان ۾ باوجود مخالفت نہ ڪرڻ جي، نعپ کي بي قانوني جماعت نهرائي، ان جي ڪارڪنن کي جيلن ۾ موڪليو ويو. سنڌ ۾ اسان جي پارٽيءَ کي جيتوڻيڪ هو شڪست ڏئي چڪا هئا ۽ اسان جو هڪ ميمبر بہ اسيمبليءَ نہ چونڊيو هو تہ بہ مون کي ۽ ٻين ڪيترن ڪارڪنن کي نظربند ڪيو ويو يا جيل ۾ موڪليو ويو.

مهاجر پنجابي سامراجين جي سازشن ڪري نيٺ اهو ٿيو جنهن جو ڊپ هو يعني اُيرندو بينگال پاڪستان کان جدا ٿي ويو. اهڙيءَ طرح اُلهندي پاڪستان ۾ ننڍين صوبن جي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ آخري اميد، بينگال جي علحده ٿيڻ ڪري، ختم ٿي ويئي. سنڌ ۾ تہ مهاجر پنجابي سامراج ايجنٽ پارٽيءَ جي اڪثريت هئي، پر بلوچستان ۽ سرحد ۾ نين وزارتن کي ڪيڏي، ڀٽي صاحب ڪهڙيءَ طرح پنهنجون هٿ ٺوڪيون وزارتون قائم ڪرايون هيون، ان جو ذڪر مٿي پيش ٿي چڪو آهي.

ان کان پوءِ بلوچن جي ٻي هٿيار ڳوٺن تي فوج کان ظلم ڪرائي، سندن ليڊرن کي جيل ۾ موڪليو ويو آهي. ولي خان تي چار دفعا خوني حملا ڪرايا ويا آهن. سرحد جي قومي ڪارڪنن کي جيل ۾ وڌو ويو

آهي، اِهي اهڙا ڪم آهن، جن ڪان مجبور ٿي، هو پاڪستان کان علحده ٿي، پنهنجين آزاد حڪومت برپا ڪرڻ طرف راغب ٿيا آهن.

ڀٽي صاحب جي حڪومت مڪمل طور مهاجر پنجابي سامراج جي حڪم مطابق هلي رهي آهي. سنڌ ۾، باوجود حڪومت سنڌين هٿ ۾ هئڻ جي، هو پنهنجي آقائن جي اشاري تي، سنڌي قوم پرست ڪارڪنن کي جيلن ۾ رکيو ويٺا آهن. انهن جي رسالن ۽ ميٽنگن تي بندش پيل آهي. پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت جا ليڊر دعويٰ ڪن ٿا تہ، هنن ملڪ ۾ نئون آئين پاس ڪري، جمهوري راڄ قائم ڪيو آهي، ۽ ملڪ ۾ سک ۽ سلامتي قائم ٿي ويئي آهي. اچو تہ سنڌن ان دعويٰ تي نظر ڪري ڏسون، تہ سنڌن اها دعويٰ ڪيتري قدر صحيح آهي.

(1) ان نئين آئين پاس ڪرڻ سان، سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان جي هزارها ورهين جي قديم قومن کي، سنڌن علحده زبانن، ڪلچرن، تاريخي روايتن، وطنن ۽ پنهنجن خاص سياسي ۽ اقتصادي مفادن هوندي، پوريءَ طرح دٻائي، گهٽي ۽ ٻوساٽي، هڪ خودساختہ نظرئي پاڪستان هيٺ، سنڌن جدا وجود کان انڪار ڪندي، پنجاب جي اڪثريت جي ماتحت اقليت بڻايو ويو آهي.

(2) انهيءَ آئين جي وسيلي، سنڌ کي مرڪزي اسيمبليءَ ۾ صرف 21 سيڪڙو نمائندگي ڏني ويئي آهي، حالانڪ سنڌ مان مرڪزي حڪومت کي 80 سيڪڙو ٽيڪس وصول ٿين ٿا.

(3) وصول ٿيندڙ ٽيڪسن جي اهڙيءَ طرح ورهاست ڪئي ويئي آهي، جو سنڌ مان اٽڪل 350 ڪروڙ روپين جا ٽيڪس مرڪزي حڪومت جي حوالي ٿين ٿا، جن مان صرف 5 سيڪڙو رقم سنڌ تي خرچ ٿئي ٿي.

(4) انهيءَ آئين جي آڌار تي، مهاجر پنجابي سامراج سنڌ جي زرعي زمين، ڪارخانن، واپار، بئنڪن ۽ نوڪرين تي غيرسنڌين کي، پوريءَ طرح مسلط ڪري ڇڏڻ جي پروگرام تي عمل ڪري رهيو آهي.

(5) انهيءَ آئين جي آڌار تي، ٻين ملڪن يا صوبن جا رهاڪو جهڙوڪ پنجابي، پٺاڻ، بهاري وغيره، سنڌ ۾ رهي، ان جي زمين، نوڪرين، واپار وغيره مان ساليانو 50 ڪروڙ کان بہ مٿي روپيا

ڪمائي، سنڌ کان ٻاهر ڪڍي، سنڌ جي ايڪانميءَ کي ڪمزور ڪري رهيا آهن.

(6) انهيءَ آئين جي آڏار تي، سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان جي هزارها ورهين جي تسليم ٿيل قومن کي، نظرئي پاڪستان، اسلامي آئين ۽ مضبوط مرڪز جي بهاني هيٺ ڪالونيون بنائي رکيو ويو آهي. سنڌن قومي ۽ جمهوري حقن لاءِ گفتگو ڪرڻ کي به ڏوهه شمار ڪيو ويو آهي.

انهيءَ آئين جي آڏار تي، سنڌ مان اُپايل ۽ تيار ٿيل سامان کي ٻاهر موڪلڻ جو اختيار مرڪزي حڪومت جي حوالي ڪيو ويو آهي. ان جي ذريعي ڪمايل مٽا سٽا جو ناڻو سمورو مرڪزي حڪومت جي حوالي رهڻ ڪري، ان کي اڪثري غير سنڌين جي مفاد لاءِ ڪتب آندو ويو آهي.

(8) انهيءَ آئين جي آڏار تي، ٻاهرين ملڪن سان واپار جو اختيار مرڪزي حڪومت جي حوالي هئڻ ڪري، اهو اهڙيءَ طرح استعمال ڪيو ويو آهي جو سنڌ جي ڪارخانن ۽ زرعي پيداوار وغيره مان غير سنڌين کي ئي فائدو پهچي ٿو. جنهن ڪري سنڌ جي ايڪانميءَ تي هاڃيڪار اثر پوڻ ڪري، سنڌي جيئن پوءِ تيئن غريب ٿيندا وڃن ٿا.

(9) انهيءَ آئين جي آڏار تي، بئنڪون، ريلوي، پوسٽ، ٽيليگراف، ڪاٽيون ۽ ٻيا اقتصادي ادارا، مرڪزي حڪومت جي هٿن ۾ رهن ٿا. جن کي اهڙيءَ طرح هلايو وڃي ٿو، جو گهڻو ڪري، اهي سڀ ادارا ۽ بئنڪون غير سنڌين جي حوالي ٿي ويون آهن. يا انهن تي غير سنڌين جو قبضو آهي. ملڪ جي ريلوي سروس ۾ سنڌي هڪ سيڪڙو به نه آهن. ساڳي حالت پوسٽ، ٽيليگراف ۽ ڪاٽين جي نوڪرين بابت آهي. اقتصادي ادارن ۾ هڪ سيڪڙو نوڪريون مس سنڌين کي نصيب ٿيل آهن.

(10) انهيءَ آئين جي آڏار تي، ريڊيو ۽ ٽيليويزن مرڪزي حڪومت جي قبضي ۾ آهن، جن کي پوريءَ طرح اردو ٻوليءَ جي فروغ ۽ يوپي ڪلچر جي واڌاري لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو. ٻئي پاسي انهن جي ذريعي منظم طريقي سان خودساخته نظرئي پاڪستان جي

پروپيگنڊا ڪري، ۽ ٻئي طرف سنڌين، بلوچن ۽ پناڻن جي قومي وجودن، ڪلچرن ۽ زبانن کي نقصان پهچايو ويو آهي.

(11) انهيءَ آئين جي آڌار تي، بچاءَ جو کاتو مرڪزي حڪومت جي حوالي ڪري، ان تي اڪثريت واري صوبي پنجاب جو قبضو آهي ۽ اڳتي به ايئن رهڻو آهي. جنهن ڪري سدائين ان کي مهاجر پنجابي سامراج جي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو ويو آهي، ۽ پاڪستان جي حڪومتن کي تبديل ڪرڻ ۾ پڻ انهيءَ جي سڌي دست اندازي، بلڪ پوري دسترسي رهي آهي.

(12) انهيءَ آئين جي آڌار تي، پرڏيهي معاملات جو کاتو سدائين مرڪزي حڪومت جي حوالي ۾ رهندو. جنهن تي قبضو مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو قائم آهي. اڳي تجربي مان ڏٺو ويو آهي ته هن سامراج جي سياسي ۽ فوجي جنتا، ان کي اهڙيءَ طرح هلايو آهي، جو ان مان ملڪ کي هيٺيان نقصان پهتا آهن.

(الف) سامراجي طاقتن جي جنگي معاهدن ۾ ملڪ کي ڦاسايو ويو آهي.

(ب) پڙ وارن ملڪن سان مخاصمت پيدا ڪري، لشڪر وڌائي، ملڪي معيشت کي نقصان پهچايو ويو آهي.

(ت) ان کاتي تي جملي خرچ مان 80 سيڪڙو سنڌ جي ٽيڪسن مان ٽيڻ جي باوجود، ان ۾ پنجن هزارن پوسٽن مان هڪ سنڌيءَ کي نوڪري مليل آهي.

(13) انهيءَ آئين جي آڌار تي، دائمي اڪثريت پنجابي ۽ مهاجرن جي هئڻ ڪري، مرڪزي حڪومت تي سدائين قبضو مهاجر پنجابي سامراجين جو رهڻو آهي. هي ان کي سنڌن سامراجي مفاد لاءِ ڪتب آڻيندا رهندا. هن وقت جيتوڻيڪ مرڪزي حڪومت جو وزيراعظم هڪ سنڌي آهي، پر ان جي حيثيت مٿي ذڪر ڪيل هڪ "شوبواءِ" کان وڌيڪ نه آهي.

(14) انهيءَ آئين جي آڌار تي، ملڪي سياست ۾ مذهب کي ملوث ڪري، ان کي حقيقتن ۽ عقل جي بنياد تي هلائڻ عيوض، جذباتي بنياد تي هلايو وڃي ٿو. جنهن ڪري سنڌين، بچاءِ ۽ پناڻن تي سياسي تسلط، اقتصادي استحصال ۽ ڪلچرل غلبي لاءِ مهاجر پنجابي سامراج کي ڇوٽ ملي ٿي.

(15) انهيءَ آئين جي آڌار تي، آمريڪي سامراج ۽ ان جي ايجنٽ، بنگلاديش ۽ روس مان مخاصمت جي پاليسي اختيار ڪئي ويئي آهي.

(16) انهيءَ آئين جي آڌار تي، سنڌ ۾ ٻين صوبن مان يا ٻاهران ايندڙ ٻهارين جي اچڻ تي بندش نہ پوڻ، يا پئجي نہ سگهڻ ڪري، سنڌ کي هيٺين نقصان پهچڻ جو انديشو آهي.

(الف) ٻاهريان ماڻهو پئسو ڪمائي، ٻاهر موڪلي، سنڌي معيشيت کي نقصان پهچائيندا رهندا.

(ب) سنڌ جي اصل رهاڪن جي آباديءَ کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ آساني رهندي.

(ت) ملڪ جي آباديءَ جي بار وڌڻ ڪري، ان جي پرڪئپيتا يعني في آدمي پيداوار گهٽبي، ۽ عوام جي غربت وڌندي.

(ث) سنڌ ۾ الڳ الڳ قسمن جي ماڻهن جي اچڻ ڪري، سنڌن قومي هڪجهڙائي ۾ فرق پوندو ۽ قومي انتشار وڌڻ جا اسباب پيدا ٿيندا.

(ج) سنڌ جي سياسي غلاميءَ جا زنجير مضبوط ٿيندا.

(ح) سنڌ جهڙي صلح پسند ملڪ ۾ پٺاڻ ۽ پنجابين جهڙن جهيڙاڪ ۽ ٻهارين جهڙن شرپسند ماڻهن جي اچڻ ڪري، فساد ۽ خانہ جنگيءَ لاءِ ميدان هموار ٿيندو.

(17) انهيءَ آئين جي آڌار تي سنڌين جي لاءِ مستقل اقليت ۾ رهڻ ڪري، جمهوري طريقي سان سياسي آزاديءَ، اقتصادي خوشحاليءَ ۽ ڪلچرل ترقيءَ جي حاصلات جون راهون بند ڪيون ويون آهن. تنهن ڪري سنڌين کي انهن بنيادي انساني حقن جي حصول لاءِ جمهوريت ۽ امن پسنديءَ جي ذريعن جي استعمال جي عيوض، غير جمهوري ۽ تشدد جي ذريعن کي اختيار ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويندو.

(18) انهيءَ آئين جي آڌار تي، سنڌي قوم کي دائمي ۽ مستقل پنجابي اڪثريت واريءَ قوم جي ماتحت رکي، ان جو مٿس سامراجي تسلط قائم ڪيو ويو آهي، جنهن کي تشدد جي بنياد تي قائم رکيو پيو وڃي.

پنو صاحب سنڌ جو رهاڪو هيو ان ڪري ڪيترن کي

اميد هئي تہ هو شخصي اقتدار کي قائم رکڻ لاءِ. سنڌ جي سياسي آزاديءَ. اقتصادي خوشحاليءَ ۽ ڪلچرل ترقيءَ کي مهاجر پنجابي مستقل مفاد وٽ نہ وڪڻندو. ليڪن تجربي اهو ثابت ڪيو آهي تہ هو پنهنجن آقائن کي رضامند ڪرڻ خاطر نہ صرف سنڌين جي حق تلفي ڪري رهيو آهي، پر پاڪستان جي پاڙ پٽڻ جون تياريون ڪري رهيو آهي. سندس هيٺيان قدم اهڙي گواهي ڏيئي رهيا آهن.

(1) پاڪستان جي باني جناح صاحب جي پهرين تقرير جي خلاف هن نظرئي پاڪستان سان حلف وفاداري کڻي، پاڪستان شامل ٿيندڙ قومن جي وجود کان انڪار ڪري، انهن کي بغاوت ڪرڻ لاءِ دعوت ڏني آهي.

(2) هڪ قوم ۽ ملڪ جي آڌار تي آئين پاس ڪرائي، سنڌ جي سياسي آزاديءَ. اقتصادي خوشحاليءَ ۽ ڪلچرل ترقيءَ جي راهہ ۾ رنڊڪ وجهي، ان کي مهاجر پنجابي سامراج جي ڪالوني بنائڻ جو گناهہ ڪيو آهي.

(3) پاڪستان ۾ شامل ٿيل قومن ۽ ملڪن کان ٻاهر جي اردو زبان کي قومي زبان قرار ڏيڻ سان. مٿن مهاجر سامراجي تسلط کي مڙهيو آهي، ۽ سنڌ کي ٻن زبانن جو ملڪ تسليم ڪري، آخرڪار زبان جي بنياد تي سنڌ جي ورهاست لاءِ دروازو کوليو ويو آهي.

(4) سنڌ جي سياسي آزاديءَ. اقتصادي خوشحاليءَ. ڪلچرل ترقيءَ ۽ ٻين حقن جي حفاظت لاءِ آواز اٿاريندڙ قوم پرستن کي، مهاجر پنجابي آقائن جي رضامنديءَ خاطر. جيل ۾ رکي ۽ سختيون ڏيئي، سندن آواز کي گهٽڻ شروع ڪيو آهي.

(5) هن پنهنجي طاقت کي برقرار رکڻ خاطر. ڪراچيءَ ۾ ٻاهرين ۽ ٻين صوبن جي ماڻهن کي ڇوٽ اچڻ جي اجازت ڏيئي. ۽ سنڌ کي ورهائي، مهاجر صوبي بنائڻ جو مهاجر سربراهن سان وعدو ڪري، ان جي قيام لاءِ عملي سهوليتون پيدا ڪيون آهن.

(6) هن ڪراچي يونيورسٽيءَ کي مڪمل طور مهاجرن جي حوالي ڪري، ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اختلاف پيدا ڪري. اتان قوم پرست عملي

ڪڍائي، ٻنهي يونيورسٽين کي مهاجر پنجابي نظرئي پاڪستان جي تعليم جا اڏا ڪري ڪتب آڻڻ جي شروعات ڪئي آهي.

(7) هن سنڌ جي ڪوٽڙي بيراج تي نڪتل زمين غير سنڌي آفيسرن ۽ زميندارن جي هٿ ۾ رهڻ تي چشم پوشي ڪئي آهي.

(8) هن سنڌ جي گڊوبيراج تي نڪتل زمين، غير سنڌي آفيسرن ۽ آبادگارن جي هٿ ۾ اچڻ لاءِ ميدان هموار ڪيو آهي.

(9) هن سنڌ جي ريڊيو ٽيليويزن اسٽيشن تان 95 سيڪڙو وقت غير ملڪي اردو زبان کي ڏياري، سنڌي زبان ۽ ڪلچر کي وڏو نقصان رسايو آهي.

(10) هن پاڪستان جي سياست فسطائي طريقن سان هلائيندي، پنهنجيءَ پارٽيءَ کي زور وٺائڻ لاءِ مخالفن کي جيلن ۾ موڪلڻ، مارائڻ ۽ انهن جي اخبارن، رسالن، جلسن ۽ ميٽنگن تي بندش وجهي، سندن آواز گهٽڻ جا رستا اختيار ڪيا آهن.

(11) هن جمهوري قدرن کي بالائي طاق رکي، ننڍين قومن جي آواز کي ختم ڪرڻ، مخالف راءِ جي آزادانہ پرچار، جماعت سازيءَ ۽ اخبارن جي آزاديءَ تي بندش ۽ مخالف ڪارڪنن ۽ ليڊرن کي بنا ڪيس هلائڻ جي پاڪستان جي بچاءَ واري ڪاري قانون هيٺ نظربند يا جيل ۾ رکڻ جا عوام دشمن رستا اختيار ڪيا آهن.

(12) هن غير جمهوري طريقا اختيار ڪري، سرحد ۽ بلوچستان جي قانوني حڪومتن کي ڪڍي، انهن جي جاين تي پنهنجا هٿ ٺوڪيا وزير مقرر ڪيا آهن، ۽ اهڙيءَ طرح سان ٻنهي قومن جي جائز نمائندن کي حڪومت کان محروم ڪيو آهي.

(13) هيءَ مهاجر پنجابي سامراج جي حڪم موجب قوم پرست ۽ سيڪيولر قسم جي تحريڪن کي دٻائڻ لاءِ، انهن جي اخبارن، رسالن ۽ ميٽنگن تي بندش وجهي يا غنڊن هٿان انهن جي ميٽنگن کي ڦٽائڻ جا طريقا استعمال ڪري ٿو.

(14) هن قومي ڪارڪنن، ڪن وزيرن جي مخالفن ۽ پيپلز پارٽيءَ ۾ داخل ٿيڻ کان انڪار ڪندڙن کي ڪوڙن ڪيسن ۽ ڊي پي آر هيٺ جيلن ۾ وڌو آهي ۽ ڪورٽن طرفان ضامن ڪڄڻ تي وري ٻيا

ڪيس ڪرائي، پنهنجن سياسي مخالفن کي جيل جي دروازي تان واپس جيل ۾ موڪليو آهي.

(15) هن قومي ڪارڪنن ۽ مخالفن کي گهرن ۽ جيلن مان پوليس هٿان گهرائي، مارائي گم ڪرائي ڇڏيو آهي.

(16) هن شخصي يا سياسي مخالفن کي جيلن ۾ طرح طرح جا عذاب ڏياريا آهن. ڪن کي پيشاب پياريو ويو آهي، ڪن کي ڏنيپ ڏياريا ويا آهن، ڪن کي غير مهذب طريقي سان تنگ ڪرايو ويو آهي.

(17) هي آمريڪن ۽ چيني حڪومتن جي اشاري تي پارٽ. روس ۽ افغانستان جي خلاف فوجي ڪارروايين ۽ سازشن ۾ شريڪ ٿيو آهي. اهي ٻاهران مليل هٿيار ۽ پئسا قوم پرست طاقتن کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ خرچ ڪري رهيو آهي.

(18) انگريزي دور کان سنڌ ۾ دستور هو تہ غير سنڌي ملازمن لاءِ 6 مهينن اندر سنڌي سکڻ لازمي هو ليڪن هن صاحب مهاجرن جي رضامنديءَ خاطر، باوجود سندن سالها سال سنڌ ۾ رهڻ جي، کين سنڌي سکڻ لاءِ 12 سالن جي وڏيڪ مهلت ڏني آهي.

(19) هن سندس پارٽيءَ کي زور وٺائڻ لاءِ سرڪاري عملدارن کي حڪم ڏنا آهن تہ پيپلز پارٽيءَ جي سفارشن موجب ڪم ڪن ۽ مخالف پارٽين جي ڪارڪنن جا ڪم نہ ڪن. اهڙين حالتن ڪري ملڪ ۾ چور بازاري، رشوت خوري، بدامني ۽ اقربا نوازي وڌي ويئي آهي.

مٿي ذڪر ڪيل حقيقتن ۽ ايندڙ فصلن ۾ بيان ڪيل ڳالهين کي ويچار هيٺ آڻي، سنڌين، بلوچن ۽ پختونن لاءِ ٻيو رستو ئي نہ بچيو آهي تہ جنهن پاڪستان جي قائم ڪرائڻ لاءِ هنن رضامندو ڏيکاريو هو يا جدوجهد ڪئي هئي، ان کي هو مهاجر پنجابي سامراج جو اڏو سمجهي، ان کي ڊاهي، پنهنجن ملڪن کي آزاد ڪرائين. آئيني طريقن سان اهڙي غلاميءَ کان ٻاهر نڪرڻ يا حق طلب ڪرڻ تي بندش پوڻ ڪري، هتي جي رهاڪن لاءِ ٻيو چارو ئي نہ رهيو آهي، سواءِ ان جي تہ قومي ٻڌي پيدا ڪري، غير آئيني طريقن سان پنهنجي رهائي حاصل ڪن.

فصل پهريون

سنڌو ديس ۽ پاڪستان

جڏهن سنڌ جا قومي ڪارڪن سنڌو ديش جو نالو وٺن ٿا، تہ مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي گهرن ۾ هنگامو مچيو وڃي، نہ صرف اهي، پر انهن جا سنڌي ايجنٽ "پٽي ۽ سندس پارٽيءَ وارا بہ ڪاوڙ ۾ باهہ ٿيو وڃن."

اول ۾ جيئي سنڌ جي نعري تان ڪاوڙيا هئا. وٽن "جيئي پٽو" جي نعري کانسواءِ ٻيو نعرو ممنوع هو پر هاڻ هنن "جيئي پٽي" جي نعري سان گڏ "جيئي پاڪستان" بہ چوڻ شروع ڪيو آهي. انهيءَ مان سنڌي قوم پرست اها معنيٰ ڪڍن ٿا تہ "پاڪستان" معنيٰ مهاجر پنجابي سامراج جو اڏو ۽ "پٽو" معنيٰ مهاجر پنجابي سامراج جو "شو بواءِ".

هي صاحب سنڌو ديش جي نالي تان ڇو ٿا آگ بگولا ٿين. ان جو مطلب پڌرو ٿيو آهي، تہ سنڌو ديش جي نالي مان بنگلاديش وانگر سنڌ جي مڪمل آزاديءَ جي بوءِ اچي ٿي. صحيح حقيقت بہ واقعي ائين آهي. سنڌ جو مخلص ڪارڪن، مهاجر پنجابي سامراج ۽ سندن سنڌي ايجنٽن جي ڪارنامن مان اهڙو تنگ اچي ويو آهي، جو هو هاڻ ردعمل ۾ اچي، هر اهڙيءَ ڳالهہ مان خوشي محسوس ڪري ٿو جنهن مان مهاجر پنجابي سامراجين ۽ سندن سنڌي ايجنٽ کي ناراضگي پيدا ٿئي ٿي.

ازانسواءِ تجربي پرائڻ بعد ڏينهون ڏينهن نظرياتي طور پختہ دماغ ٿيڻ ڪري، سنڌي قوم پرستن تان غلط نعرن ۽ نظرين جو جادو ٽٽندو وڃي ٿو. هنن "قائداعظم زنده باد!"، "قائد ملت لياقت علي خان زنده باد!"، "قائد عوام زنده باد!"، "جيئي پٽو!" ۽ "پاڪستان زنده باد!" جا نعرا آزمائي ڏٺا آهن. هاڻي هنن کي معلوم ٿي چڪو آهي، تہ انهن نعرن پويان شخص پرستيءَ ۽ آمرانہ ذهنيت ڪم ڪري رهي آهي. اهي تيئي ماڻهو مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراج جا "شو بواءِ" ۽ ايجنٽ هئا، سنڌ دشمن هئا.

پاڪستان سنڌين لاءِ گلن جي نہ پر ڪنڊن جي سيج ثابت ٿي آهي. ان ڪري هاڻ، نعرن تان ڪين نفرت اچي ٿي. جيڪو ماڻهو اهي الفاظ ڪتب آڻي ٿو تہ تنهن کي سنڌ جو دشمن ۽ ڏارين جو غلام ڪري سمجهن ٿا.

اچو تہ انهيءَ تبديليءَ جا ڪارڻ معلوم ڪريون. ۽ سنڌو ديش ۽ پاڪستان جو مقابلو ڪري، انهن بابت حقيقتون بيان ڪريون:

سنڌو ديش

جاگرافيائي طور جيڪڏهن نظر ڪري ڏسندا تہ ايشيا کنڊ ۾ برصغير هند ۾، زماني قديم کان "سنڌو ديش" هڪ مستقل جا گرافيائي خطي جي حيثيت رکي ٿو. ان جو وجود قدرت جي پيداوار آهي. مٿس اهو نالو "سنڌو درياهہ" تان پيل آهي، جو ان جي وچ مان گذري، بدن جي شاهہ رڳ وانگر ڪم ڏئي ٿو. عربي سمنڊ ان جي پاسباني ڪري ٿو. ڏکڻ طرف ڪڇ جو رڻ پٽ، اُڀرندي طرف راجستان جون پٽون، اتر طرف بهاولپور ۽ پنجاب جا ملڪ ۽ الهندي طرف بلوچستان جا جبل، ميدان ۽ پٽون طبعي ارتقا ڪري وجود ۾ آيل آهن.

تاريخي طور، ان جي پنجن هزارن ورهين کان بہ مٿي پراڻيءَ تهذيب، تمدن، زبان ۽ شاندار ماضيءَ جا يادگار ۽ ڏڌا، ان جي هن عظمت جي ثابتي ڏيئي رهيا آهن.

سنڌ جي زمين زرخيز ماڻهو ڪم آزار ۽ محبتي رهيا آهن. هتي جا رهاڪو هتي جي زبان، هتي جو ڪلچر، قومي ڪردار، معدني ۽ زرعي پيداوار، ساموندي واپار، هزارن ورهين جي ارتقا جي پيداوار آهن. هيءَ زمين پنهنجي وجود لاءِ اقبال ۽ جناح جي مرهون منت نہ آهي.

هتي جو مذهب ۽ تهذيب ماڻهن جي ضرورتن، زماني جي حالات ۽ قانونِ ارتقا مطابق هر وقت نين نياپن ذريعي مالا مال ٿيندا آيا آهن. هتي جي رهاڪن جي ذهني ساخت، رواداريءَ، مساوات، قومي عصبيت، (غيرت) ۽ آزاديءَ جي جذبي جي خمير مان نهيل آهي. هتي جا رهاڪو ڪنهن جا غلام ٿي رهڻ لاءِ تيار نہ آهن. پوءِ اها غلامي مٿن مذهب جي نالي ۾ مڙهي وڃي يا پاڪستان ۽ مسلم قوم جي ڏوڪي

سان مسلط ڪئي وڃي. ”سنڌ“. ”سنڌوءَ“ جو ”وطن“ جي هم معنيٰ آهي. جيڪڏهن ڪن اکين جي انڌن کي ان جي معنيٰ سمجھ ۾ نہ ٿي اچي، تہ انهن لاءِ صرف هي لفظ ڪافي ٿيندا تہ

صُمٌّۢ بُكۡمٌ عُمۡىٌ فَهُمۡ لَا يَرۡجِعُوۡنَ (قرآن)

(اهي ٻوڙا، گونگا ۽ انڌا آهن، انهن کي سمجھ ۾ نہ ايندا.)

سنڌ هزار ورهين کان قديم سڀيتا جو مرڪز رهي آهي. آمريءَ جو دڙو موهن جو دڙو ۽ ڪوٽ ڏيجيءَ جا دڙا، ان جو ثبوت ڏين ٿا. ڪئين نسل ۽ ڪئين عقيدا، اتي مليا جليا ۽ ڪئين لاها چاڙها ڏٺائين، ليڪن باوجود ان جي، هزارها سالن کان هن جي جداگانہ ۽ علحده هستي قائم رهندي آئي آهي.

دراوڙن، آرين، سامين، ۽ منگول نسلن جي ملاوت جا هتي آسانيءَ سان آثار ملي سگهندا. انهن کان وڌيڪ هتي جدا جدا مذهبن ۽ فلاسافين جي ميلاپ جا ثبوت ملي سگھن ٿا. ٻڌ ڌرم جيتوڻيڪ هندستان جي وچ ۾ جنم ورتو ليڪن وڌيو ۽ ويجهيو هتي. ان جي تعليم نرواڻ (نفي) جا اثر اڃا باقي هئا، تہ اسلام هتي پير پاتو. اسلام صرف ان ۾ اثبات جو اضاف ڪيو. ويدانت وحدانيت هن ئي زمين تي هڪ ٻئي سان روشناس ٿيون. هتي جين ڌرم جي يوڳين جي ڪم آزاريءَ ۽ اهنسا جو ماڻهن تي اثر هڪ طرف پيو تہ هندو سنياس ۽ راڳ کي مسلمان صوفين، ٻئي طرف تعليم ۾ داخل ڪيو. اهڙي اتحاد جو مثال دنيا جي ٻئي ڪنهن حصي ۾ چٽو ملي نہ سگهندو.

سنڌ تاريخ جي گهڻن دورن مان لنگهندي، ڪيترن ماڻهن جي تصادم جو ميدان رهي آهي. ڪي وقت اهڙا بہ آيا، جو ظِاهري طرح سندس بخت جو ستارو هميشہ لاءِ لٽل ڏسڻ ۾ پئي آيو پر تاريخ شاهد آهي تہ انهن سارين مشڪلاتن مان پار پئي، سنڌ هميشہ پاڻُ جهليندي، اپرندي ۽ اڳتي وڌندي رهي آهي. سنڌي پاڙيسري تي رهڻ جا ڪوڏيا آهن، پر ڌارين جو جابراڻو ۽ آمراڻو تسلط گهڻي وقت تائين برداشت نہ ڪري سگهيا آهن. ٻاهرين کان بهترين ڳالهين حاصل ڪرڻ کان ڪڏهن بہ گريز نہ ڪيو اٿن، پر علحده وجود ۽ هستيءَ کي ختم ڪرڻ

لاءِ ڪڏهن بہ تيار نہ ٿيا آهن. قومي جذبوءِ آزاديءَ جي خواهش، سنڌن روايات جو مکيہ جزو پئي رهيا آهن.

سنڌ جا رهاڪو دنيا جي تسليم ڪيل اصول مطابق جداگانہ قوم آهن. اهي اصول جدا وطن، جدا زبان، مخصوص ڪلچر، تاريخي روايات، سياسي ءِ اقتصادي مفاد نهرايا ويا آهن.

اچو تہ غور ڪري، مٿي ذڪر ڪيل اصولن موجب سنڌين جي هن دعويٰ کي پرکي ڏسون:

سنڌن جدا وطن جو مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان.

سنڌن زبان سنڌي آهي. جنهن جو پتو سنڌن قديم موهن جي دڙي واريءَ سڀيتا جي زماني کان پئجي سگهيو آهي، تہ ان کان وٺي اها وجود ۾ آئي. زماني جي حادثن ڪري، انهيءَ زبان، ٻاهرئين اثر هيٺ ٻين ڪيترين زبانن جا لفظ پاڻ ۾ سمائي ڇڏيا هئا. اصل ۾ اها زبان، قديم انڊو آرين ٻوليءَ جي پراڪرت هئي، جنهن ۾ دراويدي، منگول، عربي، انگريزيءَ ءِ فارسي زبانن جا لفظ ملي ويا آهن، جن ان کي نهايت مالا مال ڪري ڇڏيو آهي. اها ٻولي ڪنهن لشڪري ملاوت ءِ عارضي لاڳاپن ڪري، نئين طور وجود ۾ نہ آئي هئي، بلڪ ان جون پاڙون پاتال ۾ آهن.

جڏهن بہ سنڌ سياسي آزادي وڃائي، ڌارين جي تسلط هيٺ آئي هئي تہ ڌارين زور، لالچ ءِ غلط تعليم ذريعي انهي زبان کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. عربن سنڌ ۾ سنڌيءَ جي عيوض سرڪاري زبان عربي ڪري، مذهب جي آڌار تي اها ٻولي مٿن مڙهڻ گهري، پر ٿوري وقت کان پوءِ سنڌين انهن جي سامراج کي اُچلائي ڇڏيو ءِ سنڌن زبان جي چند لفظن ءِ رسم الخط کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ سنڌ ۾ نہ رهيو ءِ سنڌي زبان پنهنجي جاءِ تي اٽل رهي. ساڳي حالت مغلن جي دور ۾ حڪومت ۾ ٿي. انهن هتي پارسيءَ کي مسلط ڪيو پر اها بہ چند لفظن ڇڏڻ کانسواءِ سنڌيءَ کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي. انگريزي دور حڪومت ۾ انگريزيءَ کي سرڪاري زبان طور ملڪ تي مڙهيو ويو پر ان جو بہ ساڳيو حشر ٿيو جو سواءِ چند لفظن وٺڻ جي سنڌي زبان پنهنجي هستي قائم رکي.

هن وقت مهاجر پنجابي سامراج طرفان سنڌين تي سنڌن اردو زبان طرح طرح جي طريقن سان زوريءَ مڙهي وڃي ٿي. پر يقين محڪم آهي، تہ باوجود پنهنجن جي غدارين جي، اسان جي زبان، انهيءَ چاڙهہ مان بہ چڙهي ويندي.

ڪلچر لاءِ ثقافت، تهذيب ۽ سڀيتا جا لفظ بہ استعمال ڪيا ويا آهن، ليڪن ڪلچر جامع لفظ آهي، جنهن مان ثقافت، تهذيب ۽ تمدن جو مطلب نڪري سگهي ٿو. ان جي وسعت ۾ انساني زندگيءَ جي اندروني خواه ظاهري آراستگي ۽ اصلاح اچي وڃن ٿا. اخلاق جي درستي، نفسي اصلاح، ذهني تربيت ان جي دائري ۾ هڪ طرف اچن ٿا تہ ملڪ ۽ معاشري جي ترقي، سماجي دستور بہ ٻئي طرف ٿين ٿا.

ڪلچر هڪ اڻ ڪٿ اظهار خيال، جذبي ۽ عمل جو نالو آهي. جهڙيءَ طرح سج جي روشني جملي ذي حيات شين لاءِ ضروري آهي، اهڙيءَ طرح ڪلچر بہ قومن جي اندروني خواهہ ظاهري آراستگيءَ ۽ اصلاح لاءِ لازمي ٿئي ٿو.

جهڙيءَ طرح ساري انسان ذات جي بنيادي طرح هڪ جنس آهي، پر سجاڳپ ۽ نظام لاءِ قبيلن ۽ قومن ۾ ورهايل ٿئي ٿي. اهڙيءَ طرح آخري طور جملي انسان ذات جو ڪلچر بہ هڪ ٽيٽو آهي. ليڪن هر ملڪ ۽ هر قوم وٽ هزارن ورهين جي تجربي، معلومات ۽ ماحول جي اثر، نسلي رجحانن ۽ باهم ميلاپ بعد ڪلچر بہ سرجي، پرورش پائي، خاص صورت وٺي ٿو جو قومن جو ورثو بڻجي پوي ٿو. جنهن ڪي قيمتي ذخير و سمجهي، هو محفوظ رکنديون آهن.

جهڙيءَ طرح سان جبلن ۽ مٿانهين زمينن تي هزارن ورهين جي برفن ۽ بارشن پوڻ ڪري، درخت جميو ٻيلا ٿين ٿا، جن مان ڪڏهن پن، ڪڏهن درخت ڪريو سڙيو پاٽي درختن جي سيراب ڪرڻ کان پوءِ نالن ۽ ندين ذريعي مٿينءَ طرح نهيل پاڻ. جبلن ۽ زمينن جا ڪيمياوي جزا لوڙهيو گهليو هيٺانهين زمينن تي اچيو لٽ وجهي ٿو ۽ لائق آباد ۽ زرخيز زمين بنائي ٿو. جنهن ۾ طرح طرح جا فصل پيدا ٿي، ملڪ ۽ ان جي رهاڪن جي گذر معاش ۽ ترقيءَ جو ڪارڻ بڻجن ٿا. بلڪل اهڙيءَ طرح ساڳي حالت قومن جي نهڻ ۽ سندن ڪلچر پيدا

تيڻ جي رهي تي. مختلف ڪٽنب ۽ قبيلا هزارن ورهين کان گذر معاش جي تنگيءَ ۽ پنيان طاقتور قبيلن جي ڪين ڏڪي جاءِ والارڻ ۽ بيمارين، ڏڪار پوڻ ۽ سلامتيءَ ۽ ترقيءَ وغيره جي وجهن ڪري، تاريخ جي جدا دورن ۽ زمانن ۾، ڏکيو گهلجيو حالتن جي تقاضا، حفاظت ۽ گذر معاش جي سهوليت سبب، اچيو ڪن جاگرافيائي خطن ۽ زمينن ۾ اتان جي اصل رهاڪن سان گڏ ڪنا تي رهن تا. رڳو سنڌ جو مثال وٺندا، ته اتي دراوڙ آريا، سامي، منگول نسلن جا ماڻهو ۽ انهن جي ننڍين قبيلن جا ڪٽنب ۽ افراد، وڻ وڻ جي ڪانيءَ وانگر، اچي هن ملڪ ۾ آباد ٿيا، جن ۾ سماٽ راجپوت، لهاٽا، مهاٽا، پناڻ، بلوچ ۽ عرب قبيلن جا ماڻهو اچي ويا تي. انهن سيني باهران آيل ماڻهن ڪي سنڌن ٻوليون، رسمون رواج، لباس ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جا طريقا، ادب، قديم روايات، لوڪ ڪهاڻيون، مذهب ۽ قومي ڪردار هئا. جن سيني گڏجي سنڌي قوم جي ساخت ۾ حصو ورتو ۽ ان کي مخصوص ڪلچر سان سينگاريو. صدين جي باهمي تعلقات، ملڪي ضرورتن، حالتن جي تقاضائن، گذر معاش جي ذريعن، پاڻ ۾ سڱابندي ڪرڻ ۽ ملڪي آبهوا ۽ ماحول سبب سنڌن اختلاف گهٽبا ويا. اهي جدا ڪيمياوي جزا، هڪ قومي قالب ۾ سميٽجي، هڪ عام فهم ٻولي، لباس، قصا ڪهاڻيون (فوڪ لور)، خاص مذهبي عقيدا، رسم رواج، سماجي دستور ۽ قومي ڪردار اختيار ڪري ويا، جن زمانن گذرڻ سان سنڌي ڪلچر جي صورت ورتي. ان سار سرگذشت هزارها ورهيه ورتا. جنهن تي مختلف قومن جي روايات، قبيلائي گروهه جي رجحانن، زرعي پيداوار، گذر معاش جي وسيلن، ملڪي ماحول، واپار جي ذريعن ۽ مختلف مذهبي عقيدن جي ملاوٽ جا اثر وڌا. ان سڄي پکل ۽ رچيل مواد سان سنڌين جو ڪلچر نهي، سنڌن ذهني، سماجي، نفسياتي ۽ قومي ڪردار جو حامل ٿيو.

دنيا ۾ اهڙا سوين زميني خطا جا آهن، جن ۾ آباد ٿيل ماڻهن قومن جي صورت ۾ اختيار ڪري، ڪلچر بنايا ۽ ٻوليون ناهيون، جن کي اتي جا رهاڪو قومي ورثا سمجهي، انهن جي حفاظت ڪرڻ سنڌن قومي فرض سمجهن ٿا.

تاريخي روايات ۽ قومي ڪردار

هر ملڪ ۾ هزارين ورهين جي روايات بعد، آبهوا، جدا جدا نسلن جي رسم رواجن، ماحول، مذهبي عقيدن وغيره جي اثرن ڪري، اتي جي رهاڪن جا قومي ڪردار ٺهن ٿا. اهي شيون سندن طبيعت جو جزو بنجي، زندگيءَ تي اثر ڪري، هنن جي ڪردار کي صورت وٺائين ٿيون.

ڪن قومن ۾ نسل جي پاڪيزگيءَ کي زياده اهميت ڏيڻ ڪري، غيرت وڏيڪ ٿئي ٿي. جنهن ڪري زنا ۽ بين اهڙين بيغيرتيءَ جي ڳالهين تان خونريزيون ۽ فساد ٿين ٿا. ليڪن ڪن قومن ۾ انهن ڳالهين کي معمولي ڪري ورتو ويجي ٿو. ڪن قومن ۾ وفاداريءَ جو مادو زياده ٿئي ٿو، ته ڪن ۾ ڏوڪي ۽ نڳيءَ کي ترجيح ڏني ويجي ٿي. ڪن قومن ۾ مهمانوازيءَ کي خاص اهميت ڏيئي، قومي صفت ڪري سمجهيو ويجي ٿو ته ڪي ان کي فضول خرچي سمجهي، ان تي هريون کين آهن. ڪي قومون جنگجو هئڻ ڪري، زندگيءَ ۾ تشدد جي استعمال کي ضروري ٿيون ڄاڻن، ته ڪي ان کي بدامني ۽ فساد جو باعث سمجهي، عدم تشدد کي مفيد ٿيون ڄاڻن. ڪي قومون محبت کي زندگيءَ جو وٿيرو سمجهي، ان کي حياتيءَ جو روح روان بنائين ٿيون، ته ڪي وري نفرت ۽ نفاق جي راهه ۾ سندن فائدو ڏسن ٿيون. ڪي قومون پراپڪاريءَ ۾ زندگيءَ جو صحيح راز محسوس ڪن ٿيون، ته ڪي وري خود مطلبيءَ جي بنياد تي ترقي ڪرڻ کي مفيد سمجهن ٿيون. ڪن قومن جي ماڻهن ۾ حب الوطنيءَ جو مادو گهر ڪري ويٺل آهي، ته ڪي ان کي وڏو بت سمجهي انڪار وطن تي قومي بنياد رکڻ گهرن ٿيون. ڪي قومون رواداريءَ ۽ بي تعصبيءَ کي اعليٰ اصول سمجهي، ان جي پوئواري ڪن ٿيون، ته ڪي ان کي قومي زندگيءَ لاءِ نقصانڪار سمجهن ٿيون. ڪي قومون آزاديءَ جي جذبي ۾ زندگيءَ جو راز سمجهي، ان لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو حق سمجهن ٿيون. ته ڪي ڪري وري غلاميءَ تي رضي رهي، سهل رستو اختيار ڪن ٿيون.

هرو ڀرو ائين نه آهي، ته قوم جا جملي افراد مخصوص قومي ڪردار جا پوئلڳ يا قائل ٿين. هر قوم ۾ ڪثرت تعداد ماڻهو اڪثر

ڪريل ڪردار جا ٽين ٽا. ڪي ٽورا هوندا. جي اعليٰ ڪردار جا حامي ۽ حامل ٽين ٽا. قوم جي ڪردار جي سڃاڻپ جي ڪسوٽي، اها ٿئي ٿي ته ملڪ جي شعر، ڏند ڪٿائن ۽ ادب ۾ جن ڳالهين کي ساراهيو ويجي ٿو ان کي قومي ڪردار جا جزا شمار ڪري ٿو.

انهيءَ مسئلي تي غور ڪرڻ بعد آءُ هن نتيجي تي پهتو آهيان ته سنڌين جي قومي ڪردار جا جزا هيٺيان آهن:

(1) قومي غيرت ۽ روايتن جي حمايت.

(2) وفاداري.

(3) مهمان نوازي.

(4) اهنسا يا عدم تشدد.

(5) محبت.

(6) پرا پڪاري ۽ ايثار.

(7) حب الوطني.

(8) رواداري.

(9) آزاديءَ جي تمنا.

(10) ڌاڙ جو مقابلو

(1) قومي غيرت ۽ روايتن جي حمايت

سنڌين ۾ قديم روايتن جو لحاظ حد درجي جو آهي. دودي سومري جي پيڻ جو سنگ ڌارين کي ڏيڻ بدران قبيلي سوڌو قربان ٿي وڃڻ، مارئيءَ جو لوئيءَ جي لڄ رکڻ لاءِ سون تي سيڻ نه مٽڻ، شاهه بلاول ۽ دولهه دريا خان جو سنڌ کي ڌارين جي هٿن ۾ وڃڻ کان شهيد ٿي وڃڻ، اهي ان جا چند نمايان مثال آهن.

(2) وفاداري

سنڌين جي دوستن، عزيزن، وڏيرن، پيرن ۽ ملن سان وفاداريءَ زبان زد عام آهي. پنهنجن وڏيرن، پيرن ۽ ملن طرفان ته بيوفائيءَ جي ڪيترن تجربن سهڻ کان پوءِ به هو ساڻن پنهنجي وفاداري قائم رکيو ايندا آهن. ان ڪري منجهن چوڻيون مشهور ٿي ويون آهن ته:

"پنهنجي توڙ نباهِه، هن جي هو جائي.
"يار جي ياريءَ سان ڪم، پنهنجا فعل هو پاڻ ڄاڻي."

(3) مهمان نوازي

سنڌين ۾ مهمان نوازي گهر ڪري وينل آهي. ڳوٺ ۾ ڪنهن مسڪين وٽ اتفاق سان ڪو مهمان گهر لنگهي آيو ته پارن جا هٿ جهلي به ڪاڏو ڪيس ڏيندا آهن. جي گهر ۾ ڪجهه به نه هوندو اٿن، ته قرض کڻي به ان کي کارائيندا آهن. ٻاهران آيلن جي اهڙيءَ طرح مرحبا ڪري سَنو به گهٽو اٿن. ان ڪري وٽن مثال مشهور آهي ته:
"آئي ٽانڊي ڪاڻِ، بورچياڻي ٿي ويٺي."

ڪيترن ٻاهرين حاڪمن ۽ قبيلن، اڪثر حالتن ۾ سنڌن مهمان نوازيءَ جو ناجائز فائدو پئي ورتو آهي. هاڻوڪن نون آيل مهاجر پنجابي سامراجين جو تجربو سنڌن اکين اڳيان آهي. پر "گهر آئي مهمان" کي موٽائڻ هنن پنهنجي شان کان گهٽ ٿي سمجهيو.

(4) اهنسا

سنڌي عام طرح ڪم آزار ۽ جهيڙي جهٽي کان پري رهڻ جي عادت رکن ٿا. سنڌين ٻئي ڪنهن ملڪ يا قوم تي ڪڏهن به حملو نه ڪيو آهي. جنهن مان سنڌن مخالفن اهو نتيجو ڪڍيو آهي، ته هو بزدل ۽ بي همت آهن. پر اها ساڻن بي انصافي ٿيندي، جو سنڌن قومي شرافت ۽ امن پسنديءَ جي عادت کي بزدليءَ سان تعبير ڪيو وڃي.

سچي اهنسا اها آهي ته سرنديءَ ٿري وڃجي، خواه مخواه جهيڙو نه ڪجي. اختلاف جو فيصلو باهمي سمجهوتي سان ڪرڻ کي ترجيح ڏجي. ناحق جو مقابلو ڪنهن خد تائين اهنسا طريقن سان ڪجي. ڏاڍائيءَ اڳيان سچ چوڻ جي جرئت رکجي.

اهنسا ڪمزوريءَ جو نه پر اعليٰ همت جو نشان آهي. زندگيءَ ۾ آزادي، امن ۽ ترقيءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ لازمي امر آهي، پر ان جي طريقه ڪار جو تفاوت رهي ٿو. هڪڙا، راءِ يا عقيدا ٻين مٿان زوريءَ مڙهين ٿا،

ٻيا، بقائي ٻاهميءَ يا گڏيل بچاءَ جي اصولن کي مدنظر رکي، حد کان ٻاهر تجاوز نٿا ڪن.

(5) محبت

انساني ۽ حيواني ڪردار ۾ اهو تفاوت آهي تہ پهرئين ۾ محبت کي اتحاد ۽ امن جو رهبر سمجهي، ان موجب زندگيءَ جو ڪاروبار هلايو وڃي ٿو ٻئي ۾ خودمطلبيءَ جي اثر هيٺ، نفرت جي راهہ ونڻ ڪري، بدامنيءَ ۽ فساد پيدا ٿين ٿا.

سنڌين جي سياست، سماجي دستورن ۽ مذهبي عقيدن تي محبت جو جذبو حاوي رهيو آهي، سنڌ جي درويشن جو اهو ئي پيغام هو. بقول شاهہ عبداللطيف رحمۃ اللہ علیہ:

"ڪونهي آڳہ اهڙو جهڙي محبت من."

(6) پراپڪاري ۽ ايثار

سنڌي ڪردار جو مکيہ اصول ٻين جي نفعي خاطر ذاتي نفعي کي قربان ڪرڻ آهي. اهو محبت جي معراج جو درجو آهي. مومل جو راڻي خاطر راتيون وهائي ڏينهن ڪرڻ ۽ آخر پاڻ کي قربان ڪرڻ، مارئيءَ جو مارن لاءِ عمر جي بنگلن، محلن، ست رڃي طعامن، پٽ پٽيهرن جي پرواهہ نہ ڪرڻ، سنڌن ايثار ۽ قربانيءَ جا مثال آهن. مهماننوازيءَ ڪري پاڻ کي مسڪين بنائي ڇڏڻ، سامن لاءِ سر ڏيڻ، سون تي سيڻ نہ مٽڻ، سنڌن پراپڪاريءَ جو مثال آهي.

(7) حب الوطني

حب الوطني سنڌي ڪردار جو مکيہ جزو آهي. جنهن ڪري ئي شاهہ لطيف ۽ ٻين سنڌي شاعرن مارئيءَ جي بيان ۾ انهيءَ جذبي جي تعريف ڪئي آهي. سنڌ جا هندو ولايت وڃي پيسا ڪمائيندا هئا. تہ بہ اهي واپس آڻي سنڌ ۾ خرچ ڪندا هئا. هن وقت بہ ڪيترا سنڌي هندو يا سنڌي مسلمان، جي ملڪ ڇڏي ٻاهر ويل آهن، سي وطن جي سڪ ۾ روئي رهيا آهن. راجا ڏاهر جو سنڌ لاءِ سر ڏيڻ، دودي سومري جو سنڌ جي آزادي، ناموس ۽ روايات لاءِ ڪٽنب سميت قربان ٿي وڃڻ. دولهہ دريا خان جو پٽن

سميت شهادت پائڻ، شاهه بلاول جو گهاڻي ۾ پيڙجڻ، هيمون ڪالاڻيءَ جي ڦاسي چڙهڻ جا مثال سنڌين جي حب الوطنيءَ جا چند مثال آهن.

(8) رواداري

رواداري ۽ بي تعصبي سنڌين جي ڪردار جي بنيادي صفت آهي. سنڌي شاعرن جهڙوڪ شاه لطيف، سچل سرمست، روحل فقير، سامي، دلپت ۽ بيدل وغيره. جنهن فراخدليءَ سان جملي مذهبن جي ماڻهن کي ڳنڍڻ جو پيغام ڏنو آهي، اهو پنهنجو مٽ پاڻ آهي. تعصب ۽ رواداري ٻيئي متضاد ڳالهيون آهن. جتي رواداري هوندي، اتي تعصب کي جاءِ نہ هوندي آهي، جيڪي ماڻهو هن وقت تعصب جا پنڌار پاڻ سان کڻي آيا آهن، سي ڪهڙيءَ طرح سان سنڌين سان هڪ ٿي سگهندا. سنڌ رواداريءَ جو مرڪز آهي، پاڪستان تعصب جو مجسمو آهي. انهن ٻنهي جو پاڻ ميثاق ناممڪن آهي. ٻاهران آيل ماڻهن جي اڪثريت جا قلب ڪارا ٿيا پيا آهن. جتي تعصب آهي، اتي نفرت جو پيدا ٿيڻ لازمي آهي، ۽ نفرت، فساد ۽ بدامنيءَ جو باعث بنجي ٿي.

(9) آزاديءَ جي تمنا

اها سنڌين جي ڪردار جي خاص نشاني آهي، ۽ تاريخ ان تي شاهد آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن وقت ڌارين مٿن زوريءَ يا اندروني ٻي اتفاقيءَ ڪري تسلط قائم ڪيو آهي، تہ بہ جلد يا بدبير، موقعي ملڻ تي هنن غلاميءَ جو ڳٽ ڳچيءَ مان لاهي پئي ڇڏيو آهي. ايراني، يوناني، عرب، مغل ۽ انگريز سامراجن وقتي مٿن قبضو رکيو پر نيٺ انهن کي ڪڍي، وري سنڌين آزادي حاصل ڪئي آهي.

سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعرن هميشہ آزاديءَ جا گيت ڳايا آهن. مارئيءَ جو عمرڪوٽ جي بند کان آزاديءَ جو ذڪر، دودي سومري جي بهادريءَ جا راتين جون راتيون جاڳي قصا بيان ڪرڻ، موجوده شاعرن جا سنڌ جي آزاديءَ لاءِ شعر لکڻ، سنڌي ڪردار ۾ آزاديءَ جي امنگ جي سدا حيات هئڻ جا ڪجهہ مثال آهن.

هن وقت جڏهين اسلام، پاڪستان، مسلم قوم، اسلامي نظام حڪومت جي ڏوڪن سان مهاجر پنجابي سامراج، سنڌ کي غلام بنائي، ان تي پنهنجو تسلط قائم ڪيو آهي، تہ سنڌي شاعر صاف چيو چڏين:

نيٺ تہ ڊهندي، ڪيسين رهندي،
دوکي جي ديوار، وو يار!
سنڌڙيءَ کي سر ڪير ڏيندو.
(اياز)

(10) ڏاڍ جو مقابلو

سنڌين جي ڪردار هن وصف جو هڪ عمدو مثال اهو آهي، تہ جڏهن کين پنهنجي بيوسيءَ، ڪمزوري، وسيلن جي گهٽتائيءَ، تعداد جي ڪميءَ جو پتو پيل هجي ۽ مخالفن جي زبردست طاقت، هر طرح جي وسيلن جي گهڻائيءَ، تعداد جي ڪثرت، جنگجو ذهنيت، لشڪر ۽ ذهني فوقيت جو پتو بہ هجي، تہ بہ لوئيءَ جي لڄ، قومي روايات جي حفاظت، قوم جي ناموس ۽ عزت جي لاءِ سچ جي آواز بلند ڪرڻ ۽ آزاديءَ لاءِ لڙندي، قربان ٿي وڃڻ ڪان کين ڪا هبڪ ڪو آر نٿو ٿئي.

سندن لوڪ ادب جا ڪردار مارئي، سسئي، سهڻي، ڪاهوڙي، ڪاپڙي، ساموندي، مورڙو ۽ سندن تاريخ جا امر سورما، ڏاهر، دودو سومرو، دولهہ دريا خان، شاهہ بلاول، شاهہ عنايت صوفي سندن ڪردار جي ان صفت جا چند مثال آهن. شاهہ لطيف ۽ اياز سندن ان ڪردار کي هيٺين طرح مختلف جڳهين تي پنهنجي شاعريءَ ۾ بيان ڪيو آهي.

سهڻي: ڪاري رات، ڪچو گهڙو نڪا سيٽهہ ساڻ،
وڃهي، ويرم نہ ڪري پريان ڪارڻ پاڻ،
محبت کي مهراڻ، سُڪي سيِ پٽ ٿيو!
(شاهہ صاحب)

سسئي: جبل ماري جک، آڏو عجيب کي،
توڙي لکن کن، سيِ لنگهنديس سڪ سان!
(شاهہ لطيف)

جي تو الڪو ڪنڌ جو تون ڇا وڙهندين؟ وڃ!
تنهنجي رت ۾ تڃ، ناهه اسان جي اَن جي.
(اياز)

ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌ، پوءِ به نعرا نينهن جا،
سنڌڙيءَ جو سوڳند، مرنداسين پر مرڪنديں!
(اياز)

سنڌ ۾ دنيا جا مختلف مذهب ۽ فلسفا پاڻ ۾ ملي مفيد مرڪب بنيا آهن. سنڌ دنيا لاءِ محبت ۽ امن جو پيغام ڏئي ٿي. سنڌ کي مغرب ۽ مشرق جي تهذيبن جي وچ ۾ ميلاپ لاءِ مشن سپرد ٿيل آهي.

سنڌ جو ملڪ فطري پيداوار آهي. سنڌي قوم کي هزارن ورهين جي تاريخ آهي. قدرت جون پيدا ڪيل شيون دائمي ۽ پائيدار ٿين ٿيون. انهن جي وجود کي ايراني، يوناني، عرب، مغل ۽ انگريز سامراج ختم ڪري نه سگهيا آهن. تازو قابض ٿيل مهاجر پنجابي مستقل مفادي سامراج ڪيترو به انهن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري پر ان کي مٽائي نه سگهندو. اٽلو پاڻ پاڪستان سوڊو اڳين سامراجن وانگر تباهه ٿي ويندو.

پاڪستان

پاڪستان عجوبهءِ روزگار (Freak of Nature) آهي. سنڌ، بلوچستان، پختونستان ۽ پنجاب وانگر پاڪستان فطري پئداوار جو ملڪ نه آهي، نه وري اهو هڪ قوم، زبان، قومي ڪردار، ڪلچر ۽ هڪ سياسي اقتصادي مفاد جو حامل آهي. اهو برصغير هند ۾ هندو سرمائيدار ۽ نوڪري پيشه مستقل مفاد ۽ مسلم جاگيردار، نوڪري پيشه ۽ ڪارخانيدار جي مستقل مفاد جي باهمي اقتصادي اختلافن ۽ اقتدار جي حصول لاءِ ڇڪتا ڇيتيءَ سبب، مهاجر (ڀارت کان لڏي آيل مسلمانن) ۽ پنجابين جي سازش ڪري وجود ۾ آيو آهي. انهن جي فائدي لاءِ ڪتب آندو ۽ قائم رکيو ويجي ٿو. ان کي ماضيءَ حوِن روايتون ڪونه آهن. اهو 26 سالن جي نو زائيده، خود ساختہ ملڪ جو نالو آهي. ان ۾ سنڌس قيام بعد ٿوري عرصي اندر جيڪي حالتون

رونما ٿيون آهن. تن ان جي وجود کي غير مفيد بنائي، ان جو مستقبل تاريڪ ڪري ڇڏيو آهي. اهو فطرت جو قانون آهي تہ عارضي طور هنگامي سببن ڪري، پئدا ٿيل شيون وقتي ڪم اسرنجام ڏيئي، وري پرده غيب ۾ گم ٿي ويندڙيون آهن. پاڪستان جو حشر بہ اهڙو ڏسڻ ۾ پيو اچي. پاڪستان ۾ جي بد عنوانيون، عوامي حقن جا غصب استحصال ۽ ننڍين قومن جي حقن جي پائمالي ٿي آهي، ان جي شاهدي تاريخ ڏيئي رهي آهي. اسلام جي نالي ۾ جي بد اخلاقيءَ جا ڪم هتي سرزد ٿيا آهن، انهن جو مثال ٻئي هنڌ ڇتو ڏسڻ ۾ ايندو. ان ڪي مهاجر پنجابي مستقل مفاد رکڻو سندن جاگير طور ڪتب آڻي رهيا آهن. تنهن ڪري، اهو پنهنجي افاديت وڃائي وينو آهي. ظلم جو گهڙو اڄ نہ ڀڄي، سڀاڻ ضرور ڀڄندو. جنهن خود ساختہ نظرئي (نظرئي پاڪستان) جو خدا (قدرت) جي نظرئي قوميت سان ٽڪر ٿيو آهي، سو گهڻي وقت تائين جٽاءَ ڪري نہ سگهندو.

پاڪستان طبعي طور نهيل جاگرافيائي نالي وارو ملڪ نہ آهي، پر برصغير هند ۾ اقتصادي، سماجي ۽ سياسي اختلافن ڪري مسلم اقليت وارن صوبن جي رهاڪو مفاد پرست مسلمانن ۽ پنجابي مستقل مفاد، مسلم اڪثريت وارن صوبن کي مذهب جي نالي ۾ گمراهہ ڪري، کين آزاد رياستن قائم ڪرڻ جا دلاسا ڏيئي، وجود ۾ آڻايو هو. ان جي ناهڻ وقت، ان جي ترڪيبي اجزاءِ يعني شامل ڪيل قومن سان جيڪي وعدا ڪيا ويا هئا، تہ اهي آزاد ۽ خودمختيار رياستن جي صورت اختيار ڪنديون، تن وعدن جي ڀڃڪڙي ٿي چڪي آهي. انهن کي آزاد ۽ خودمختيار رياستن جي عيوض، مهاجر پنجابي سامراج جون ڪالونيون ڪري هلايو وڃي ٿو. ان جو وڏو حصو يعني بينگال اهڙين حالتن کان تنگ ٿي پاڻ ڇڏائي ويو آهي. باقي سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان جا علائقا نالان ۽ پريشان آهن. ان جي پوري 25 سالن جي عرصي اندر سندس آئين ٺهي نہ سگهيو. ڇاڪاڻ تہ بينگال جي اڪثريت ڪو بہ اهڙو آئين نہ قبولي ها، جنهن موجب هو مهاجر پنجابي سامراج جي اقتدار هيٺ اچي وڃن ها. بلوچ، پختون ۽ سنڌي جيڪي اڄا تائين ان سامراجي استحصال جو شڪار ٿيندا

اچن ٿا، ۽ جن تي مهاجر پنجابي مستقل مفاد پنهنجي ڏيڍ دونس اڪثريت جي زور تي، جمهوريت جي پرفريب نالي ۾، پنهنجو سامراجي ظالماڻو لوهي آئين تسلط ڪري چڪو آهي. اهي ان پنهنجي غلامانه بيٺڪي حيثيت تي ڪنهن به صورت ۾ راضي ٿي ويهڻ وارا نه آهن. پنهنجي قومي آزاديءَ لاءِ انهن جي جدوجهد پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ کان اڳ ختم ٿيڻ واري نه آهي. تاريخ جو هيءُ اٽل فيصلو آهي ته قومون هميشه لاءِ غلام رهي نه ٿيون سگهن.

هاڻ اچو ته ڏسون ته پاڪستان ناهڻ ۽ ان کي قائم رکڻ لاءِ ڪهڙا دليل ۽ سبب ڏنا ويا هئا. اهي دليل ۽ سبب هيٺيان هئا:

(1) مسلمان مذهب جي نقطه نگاه موجب علحده قوم هئا.

(2) پاڪستان هندوستان جي مسلمانن جو هوم لينڊ هو.

(3) پاڪستان ۾ اسلامي بنياد تي نئين حڪومت ۽ سوسائٽي برپا ڪئي ويندي، جا دنيا لاءِ مثال پيش ڪندي.

(4) ان ۾ شامل ٿيندڙ قومن کي خودمختيار ۽ آزاد رياست بنايو ويندو.

(1) مسلمانن جي جداگانه قومي حيثيت

تاريخ شاهد آهي ته مسلمان مذهب جي بنياد تي ڪڏهن به متحد ۽ هڪ قوم نه رهيا آهن. انهن ۾ هن وقت 350 فرقن کان به مٿي فرقا موجود آهن. جن مان هرهڪ پاڻ کي ناجي (نجات وارو ۽ صحيح) ۽ ٻئي کي ناري (دوزخي ۽ غلط) سمجهي ٿو.

تاريخ جي ڄاڻن کي هيءُ پتو آهي ته مسلمانن جون هڪ ٻئي سان جنگيون ٿيون آهن، جن ۾ ڪيئي قتل عام ۽ خونريزيون ٿيون آهن. هڪڙن مسلمان ملڪن ۽ قومن، ٻين مسلمان ملڪن ۽ قوم تي حملا ڪري، انهن تي قبضا ڪيا آهن. تاريخ جي ڪنهن به دور ۾ ڪڏهن به انهن مسلم قوم جي نالي سان ڪا حڪومت قائم نه ڪئي آهي. مسلمانن جون قائم ڪيل اهي حڪومتون بني اُميه، عباسي، ايراني، افغاني، ترڪ وغيره جي قبيلائي يا قومي نالن سان سڏبيون هيون. هن وقت به دنيا جي ڪنهن به مسلمان ملڪ ۾ مذهب جي نالي تي ڪا قوم سڏي نه ٿي وڃي. خود اقوام متحده ۾ اهي سڀ مسلمان

ملڪ سندن وطن، سياسي، اقتصادي ۽ روايتي بنيادن تي علحده ۽ آزاد، قومون ۽ ملڪ شمار ڪيا وڃن ٿا.

هتي پاڪستان ۾ تہ جدا زبانن، جاگرافيائي خطن، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جون قومون رهن ٿيون، پر جي بين مسلم ملڪن کي چتائي ڏسبو تہ ايران ۽ افغانستان، باوجود ساڳيءَ زبان ڳالهائڻ ۽ هڪ ٻئي جي پر ۾ رهڻ جي بہ، هڪ قوم نہ ٿا سڏائين، بلڪ علحده رهڻ پسند ڪن ٿا. عرب ملڪن جا رهاڪو باوجود هڪ ٻين جي نزديڪ ملڪن ۾ رهڻ ۽ ساڳي ٻولي ڳالهائڻ جي، هڪ حڪومت هيٺ رهڻ لاءِ تيار نہ آهن. ڪويت، قطر ۽ بحرين جدا ملڪ آهن. اتر يمن ۽ ڏکڻ يمن اڃا تائين علحده ملڪن ۾ ورهايل آهن. شام ۽ لبنان علحده ملڪ آهن. مطلب تہ پندرهن کان متي عربي ڳالهائيندڙ مسلمان ملڪ هڪ حڪومت ۾ رهڻ لاءِ تيار نہ آهن، تہ پوءِ سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان جي جدا ملڪن وارين قومن کي، جن جون ٻوليون، تاريخي روايتون، سياسي ۽ اقتصادي مفاد ۽ ڪلچر مختلف آهن، اسلام جي نالي ۾ مهاجر پنجابي سامراج هيٺ ڪهڙي حساب سان رکيو وڃي ٿو، يا رکي سگهجي ٿو.

اقوام متحده جون سڀ قومون، سواءِ اسرائيل جي، جديد نظرئي، قوميت ۾ اعتماد رکن ٿيون، جنهن جو مدار وطن، زبان، ڪلچر، قومي روايات، سياسي ۽ اقتصادي مفاد تي رهي ٿو.

گذريل 26 سالن جي تاريخ هن ڳالهہ جو ثبوت ڏئي ٿي تہ انهيءَ مذهبي قوميت جي نظرئي ڪري پاڪستان ۾ استحڪام جي عيوض افراتفري پکڙي آهي، اتحاد جي عيوض انتشار پيدا ٿيو آهي.

ڪنهن هڪ گهر ۾ ٻڌي ۽ صلح ان وقت تائين رهي نہ ٿو سگهي، جيستائين هرهڪ ڀاءُ کي شريعت اسلاميءَ موجب حصي واري ملڪيت جي استعمال جو پروسو نہ هوندو. هتي تہ باقاعده ننڍين قومن جو استحصال ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن اڄڪلهہ سنڌ و ديش ۽ سنڌي قوم جي مڪمل آزاديءَ جا آواز ٻڌڻ ۾ اچن ٿا تہ ان جو مکيہ ڪارڻ، هيءُ هٿرادو مذهبي قوميت جو نظريو آهي، جنهن کي مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراج، نظرئي پاڪستان جو پرفريب نالو ڏيئي، سنڌي

قوم ۽ بين نندين قومن تي پنهنجي سامراجي تسلط جي قائم ڪرڻ جو جواز پيدا ڪرڻ چاهي ٿو.

پاڪستان کي ٺهئي چويهه سال ٿي چڪا آهن. پر پاڪستان جي حڪمران طبقي جي نيتن ۾ ڪو به تفاوت ۽ تبديلي نه آئي آهي. هو روزبروز ان ڳالهه کي، جا نندين قومن جي حقن جي حفاظت لاءِ ڪئي وڃي ٿي، پاڪستان جي دشمني، اسلام جي مخالفت، انتشار پسندي سنڌي، قوم پرستن کي دبائي، سزائون ڏئي رهيا آهن. ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي ته آئينده به سندن ان پاليسيءَ ۾ تبديليءَ جو امڪان ڪونهي. يٺو صاحب نندين قومن جي آزاديءَ رضامنديءَ سان پاڪستان قائم رهڻ جي آخري اميد هو پر افسوس جو هن پنهنجي اقتدار قائم رکڻ خاطر، جا پاليسي اختيار ڪئي آهي، تنهن مان ثابت ٿي وڃي ٿو ته سندس پاليسي، مرتب ڪرڻ وارا، ڪيترا حريص ۽ ڪوتاهه نظر آهن. روزبروز سنڌي، بلوچ ۽ پختون قومن جي قوم پرست ڪارڪنن تي ظاهر ٿيندو وڃي ٿو ته پاڪستان جي عمارت درست ٿيڻ جو آسرو ڪرڻ بيڪار آهي، تنهن ڪري سندن نجات انهيءَ نقصانڪار جاءِ کي ڊاهي، جدا آزاد ملڪن جي برپا ڪرڻ ۾ مضمر آهي. مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي ديڙ دونس واري اڪثريت بوڙي، گونگيءَ ۽ انڌي بنجي وئي ويئي آهي. هن جا قلب ڪتجي ويا آهن. سندن راهه راست تي اچڻ جو ڪو به امڪان نه آهي، تنهن ڪري جراحي ڪري نظرئي پاڪستان واري سرطان کي ڪپي ڪيڻ ٿي ضروري ۽ واحد علاج آهي.

مسلمانن جي جدا قوم وارو نظريو حقيقتن جي خلاف، غلط ۽ خسيس جاهلانه ڏوڪو آهي، جو مهاجر پنجابي مستقل مفاد سنڌين بلوچن ۽ پختونن تي سندن تسلط قائم نه رکڻ لاءِ ايجاد ڪيو آهي. انهيءَ کي مڃڻ سنڌين، بلوچن ۽ پختونن لاءِ سندن سياسي آزاديءَ، اقتصادي خوشحاليءَ ۽ ڪلچرل ترقيءَ تان هٿ ڪڻڻ جي برابر ۽ مهاجر پنجابي سامراج جي غلاميءَ هيٺ رهڻ جي مترادف آهي.

درحقيقت سنڌ ۽ پاڪستان ۾ رهندڙ بين نندين غلام قومن جي آزادي، قومن جي حق خوداراديءَ موجب، سندن جنم جو حق آهي. ان جي مخالفت صرف مهاجر پنجابي سامراجي يا سندن ايجنٽ ڪري سگهن ٿا.

(2) پاڪستان هندوستان جي ملسمانن جو هوم لينڊ هو

ٻيو دليل، جو ڏنو ويچي ٿو ته پاڪستان برصغير هند جي مسلمانن جو وطن آهي، سو به سراسر غلط ڪل جهڙو دليل آهي. ان اصول ڪي سنڌي، بلوچ ۽ پختونن آخر ڇو قبولين! هندوستان جي مسلمانن ڪي لڏائي، جيڪڏهن مسلمان ٻاهرن سان گڏ ويهارڻو ۽ آباد ڪرائڻو آهي، ته انهن جو بوجو ساري دنيا جي مسلمان ملڪن تي پوڻ گهرجي، ۽ نه سنڌين، بلوچن ۽ پختونن تي. ان اصول ۾ سنڌين بلوچن ۽ پناڻن نه اعتماد رکيو هو ۽ نه اهڙو واعدو ڪيو هئائون، ۽ نه ان لاءِ ٻڌل آهن. تنهن ڪري جنهن ڳالهه جو بنياد ئي غلط هجي، ان ڪي دليل ڇئي بچائڻ بي سود آهي.

(3) پاڪستان ۾ اسلامي حڪومت ۽ سوسائٽي برپا ڪرڻ

ان دليل پاڪستان جي قيام کان اڳ هتي جي رهاڪن تي گهڻو اثر ڪيو هو ليڪن ان جي قيام کانپوءِ جهڙيءَ طرح اسلام جي نالي ۾ مڪاني ماڻهن جو استحصال ڪيو ويو آهي، يا جهڙيءَ طرح رشوت خوري، زنا، جوئا، شراب خوري، بليڪ مارڪيٽي، ملاوت سمگلنگ جا ڪم پئي رونما ٿيا آهن، ان صاف ظاهر ڪري ڇڏيو آهي ته پاڪستان ۾ نالو اسلام جو ڪم آندو ويو آهي، پر ان ۾ ڪم ڪفر جا ڪيا ويا آهن.

صاحبِ عقل قوم پرست ماڻهن کي معلوم ٿي چڪو آهي ته دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ اسلامي آئين نهيل نه آهي، ۽ نه ڪو آئين اسلام يا هندو ٿي سگهي ٿو.

جديد قسم جو آئين جن مکيہ مسئلن بابت ناهيو ويچي ٿو مثلاً ماڻهن جا بنيادي حق، مرڪزي حڪومت جا اختيار، صوبائي حڪومتن جا اختيار، اسيمبلين جا اختيار، ايگزيڪيوٽو ۽ عدالتن جا اختيار وغيره، تن ڳالهين جو مذهب سان ڪوبہ واسطو نٿو رهي، ۽ اهڙيءَ طرح حڪومت جا مختلف کاتا ۽ انهن جو ڪاروبار اڄڪلهه جي جديد طرز حڪومت ۾، هندو يا مسلم ٿي نه ٿا سگهن.

اها خبر پئجي ٿي سگهي ته ڪهڙيءَ طرح ان خيال جا دعويدار روينيو، پوليس، ريلوي، دفاع، پوسٽ ۽ ٽيلگراف، ريڊيو ٽيليويزن، ٻيلن،

انجنيري ڪاٽن وغيره کي مسلمان بنائي سگهندا! حقيقت ۾ اهو سڀ ڍوڪو مهاجر پنجابي سامراجين طرفان نندين غلام قومن جي سادي عوام کي برغلائي، سندن توجهه حقيقي مسئلن کان هٽائي، سندن استحصال جاري رکڻ لاءِ ڏنو ويجي ٿو.

(4) شامل ٿيندڙ قومن جي آزادي ۽ خودمختياري

آل انڊيا مسلم ليگ جي لاهور 1940ع واري ٺهراءَ يا سنڌ اسيمبليءَ ۾ 1943ع واري پاس ڪيل ٺهراءَ موجب، پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ ملڪن کي آزاد ۽ خودمختيار رياستن بنائڻ جو صاف اظهار ڪيل هو. اسان مان گهٽن کي 1946ع ۾ دهلي مسلم ليگ ڪنوينشن جي موقعي تي، آل انڊيا مسلم ليگ جي آئين خلاف ٺهراءُ پاس ڪري، پاڪستان کي هڪ سلطنت ڪري هلائڻ وقت پتو پئجي ويو هو. تہ سنڌين سان ڍوڪو ٿي رهيو هو پر بعد جي حالتن صاف پڌرو ڪري ڇڏيو آهي تہ سنڌين، بنگالين، بلوچن ۽ پٺاڻن سان صاف ظلم ڪيو ويو آهي. ان ڪري بينگال جدا ٿي ويو آهي. ان کي دنيا جي هڪ سؤ کان وڌيڪ ملڪن جدا ملڪ تسليم ڪري، ٻين قومن لاءِ ساڳئي حق گهرڻ واسطي رستو هموار ڪري ڇڏيو آهي.

سنڌو ديش ڇو نہ!

سامراجي حڪمران طبقي جا طرفدار هيٺيان دليل ڏيئي، قومپرستن جا حوصلا ڪمزور ڪري، پنهنجو تسلط قائم رکڻ گهرن ٿا:

(1) سنڌو ديش ننڍو ملڪ آ تنهن ڪري..

(2) موجوده طاقتور مهاجر پنجابي جنتا کان آزادي حاصل ڪرڻ مشڪل آهي.

(3) اها آزادي ٻاهرين ملڪن جي مدد سان وٺڻ، پاڪستان سان غداريءَ برابر آهي.

(4) سنڌ کي پاڪستان کان جدا ٿيڻ بعد نقصان پهچندو.

(5) پاڪستان دنيا ۾ وڏو مسلمان ملڪ آهي، ان جي ٽوڙڻ مان اسلام کي نقصان پهچندو.

(1) سنڌو ديش ننڍو ملڪ آهي، تنهن ڪري

سنڌو ديش کي غلام رکڻ وارا مهاجر پنجابي سامراج جا دلال ۽ ايجنٽ چون ٿا تہ سنڌو ديش ننڍو ملڪ آهي تنهن ڪري:

(الف) سنڌي لشڪر ۾ ڪونہ آهن، ان ڪري وڙهي پاڻ ڇڏائي نہ سگهندا.

(ب) سنڌين ۾ جدا آزاد سلطنت هلائڻ لاءِ لائق ۽ اهليت رکندڙ عملو نہ آهي.

(ت) سنڌ جي پيدائش آزاد رياست جو خرچ برداشت ڪري نہ سگهندي.

(ث) سنڌي پنتي پيل ۽ سياسي شعور نہ رکڻ ڪري، آزادي وٺي نہ سگهندا.

انهيءَ سلسلي ۾ پهرين ڳالهہ هيءَ آهي، تہ سنڌو ديش ننڍو ملڪ نہ آهي، بلڪ اقوام متحده جي 135 ميمبر ملڪن مان 191 جي، هيٺ نقشي ۾ ڏيکاريل آهي، ڪيترين ڳالهين جهڙوڪ ايراضي، آدمشماريءَ يا پيدائش ۾، وڏيڪ آهي، هن کان گهڻا گهٽ ملڪ آزاد مملڪتون ٿاهيو اقوام متحده جا ميمبر بنيو ويٺا آهن.

سنڌو ديش جي ايراضي 56447 چورس ميل آهي.

ان جي آدمشماري 1،40،00000 (هاڻ پنج ڪروڙ) ماڻهن تائين پهچي ويئي آهي.

ان مان صوبي خواه مرڪز کي 500 ڪروڙ روپيا ساليانا ٽيڪس ملن ٿا.

منجهس آباديءَ لائق زرعي زمين 2،25،00000 ايڪڙ آهي.

منجهس پاڪستان جي جملي انڊسٽريز مان 70 سيڪڙو ڪارخانا آهن.

ساري پاڪستان لاءِ منجهس ئي هڪ بندر ڪراچي (۽ ٻيو قاسم پورٽ) آهي.

پاڪستان ۾ وڏي ۾ وڏو شهر، سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ڪراچي آهي.

سندس زبان دنيا جي قديم ترين ٻولين مان آهي، ۽ پاڪستان جي ترقي يافتہ زبان آهي.

ڪيس پنج هزار ورهين جون تاريخي روايات ۽ ڪلچر آهي.

منجهس زير زمين مالي ذخيرن ملڻ جو وڏو امڪان آهي.

سندس گرانڊ قومي پيدائش سالياني اٺ هزار ڪروڙ روپيا آهي.

انهيءَ نقطہ نگاه کان يورپ، اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا ۽ ايشيا جي چند مکيہ ملڪن کي ڇڏي ڪري، سنڌ جو درجو ساريءَ دنيا جي ملڪن ۾ اُتم آهي.

جيڪڏهن ڪويت ۽ قطر جهڙن ملڪن کي مڪمل آزادي حاصل آهي، ۽ اهي سنڌن گهٽ ايراضيءَ ۽ آدمشماريءَ ۽ انڪم جي باوجود، اقوام متحده جا ميمبر بنجي سگهن ٿا، تہ سنڌ ڪهڙو ڏوهہ ڪيو جو مسلم قوم، اسلام ۽ پاڪستان جي نالن هيٺ کيس آزاديءَ کان محروم رکيو ويچي ٿو!

هيٺئين چارٽ جي مطالعي مان معلوم ٿيندو تہ ان ۾ ڄاڻايل ملڪن مان گهڻا هر ڳالهہ ۾ سنڌ کان گهٽ آهن. باقي جن ملڪن جي ايراضي سنڌ کان گهڻي آهي، اهي گهڻي ڀاڱي غير آباد، صحرا ۽ جبلن جي ايراضين وارا ملڪ آهن.

پيدائش جي لحاظ کان فقط پنجن يورپ جي ملڪن جي سالياني گرانڊ پيدائش سنڌ کان گهٽي آهي.

اقوام متحده جي انهن ملڪن جو تفصيل جي سنڌ کان

ڪيترين ڳالهين ۾ گهٽ آهن:

جريان نمبر	ملڪ جو نالو	ايراضي چورس ميل	آدمشماري	پيدائش ڪروڙ ڊالرن ۾
1.	البانيا	1629	2075000	100 ڪروڙ ڊالر
2.	بحرين	220	215000	--
3.	باربيڊاس	166	250686	160
4.	بيلجم	11755	9646000	2570
5.	ڀوٽان	18000	770000	--
6.	بوليويا	51455	4804000	946
7.	بوتسوانا	222000	629000	--
8.	بلگاريا	42823	8464264	--
9.	برونڊي	10747	3340000	23
10.	بئلورشيا	81000	7003000	--

.11	ڪمبوڊيا	70000	9000000	76
.12	ڪئمرون	143500	5680000	99
.13	سيلون	25242	12240000	211.7
.14	چاڊ	495000	3510000	25.9
.15	ڪانگو برازويل	132000	880000	23.3
.16	ڪوستاريڪا	19656	1695000	92.1
.17	ڪيوبا	44206	8553355	--
.18	سائبيرس	3572	630000	54
.19	زيڪوسلويڪيا	49381	14418000	--
.20	ڏهومي	44649	2640000	23.5
.21	ڊينمارڪ	16576	4921156	1557
.22	ڊومينيش ريپبلڪ	18699	4324760	139.5
.23	ايڪيوڊور	104505	5973300	160.3
.24	اسليويڊور	8236	3390000	100.8
.25	فجي	7055	513000	--
.26	فنلئنڊ	117975	4707000	1.20
.27	گيبان	103000	475000	30.9
.28	گمبيا	4000	360000	4.6
.29	گهانا	92100	7545561	325.8
.30	گريس	51182	8736367	954
.31	گوئٽي مالا	42042	4863520	184.4
.32	گني	94927	4000000	31.5
.33	گهانا	83000	721098	25.2
.34	هٽي	10700	4621461	44
.35	هونڊراس	43227	2500000	68.1
.36	هنگري	35912	10314442	--
.37	آئيسليند	39709	203442	48.2
.38	آئرليند	26060	2920000	410

.39	اسرائيل	8050	2995000	439.4
.40	آئوري ڪوسٽ	124510	4200000	142.4
.41	جميڪا	4411	1861000	117.8
.42	جورڊان	39050	2250000	--
.43	ڪينيا	22460	18090000	158.2
.44	ڪويت	6000	733196	275
.45	لائوس	89320	1140300	21.6
.46	لبنان	3400	2645000	152.5
.47	ليزوٿو	11716	930000	944
.48	لبريا	38250	1134000	35.2
.49	ليبيا	679358	1875000	314
.50	لڪسمبرگ	999	338500	99.5
.51	ملاگاسي ريپبلڪ	227800	6600000	87.8
.52	مالٽا	122	322353	32.9
.53	مالديو آئلينڊ	115	114000	--
.54	مالي	465000	4929000	51
.55	ملاوي	45411	4530000	31.9
.56	موريتانيا	419000	1120000	81
.57	ماريشس	787	798684	--
.58	موراڪو	180000	15030000	334.1
.59	نيپال	54600	10845000	88.5
.60	نيدرلينڊ	12868	12957621	3125
.61	نڪاراگوا	57145	1841759	83.5
.62	نائجيريا	484000	4016000	31.5
.63	ناروي	124506	3866468	1139
.64	عمان	124556	750000	--
.65	پاناما	28575	1417000	101.4
.66	پاراگوائي	157000	2386000	85

67.	پورچوگال	35500	8978800	662
68.	رئوندا	10169	3667000	--
69.	قطر	4000	3800000	--
70.	سنيگال	76104	3830000	70
71.	سيريليان	27925	2500000	42.5
72.	سينگاپور	224	2033000	197
73.	سوماليا	216200	2730000	18.1
74.	سوڊان	977000	15508000	189
75.	سوازي لينڊ	6704	451000	9
76.	سويڊن	173665	8013696	3528
77.	شام	71210	6294000	159
78.	تنزانيہ	373665	12926000	133.2
79.	ٿائلينڊ	200198	34738000	651
80.	ٽوگو	21220	1956000	26.7
81.	ٽرينيڊاڊ	1864	1010000	83.6
82.	ٽونيشيا	63362	4533351	122.5
83.	يوگنڊا	91076	9764000	129.7
84.	يونائيٽيڊ عرب امارات	--	330000	--
85.	وولٽائيڪ ريپبلڪ	--	--	30.5
86.	اُتر يمن	75000	5728000	46
87.	ڏکڻ يمن	112075	1250000	14
88.	يوگوسلوويڪيا	98725	21500000	--
89.	زيري	905582	17100000	194.7
90.	زمبيا	290556	4056995	168.2
91.	بهاما	800	195000	--
92.	سئٽزر لينڊ	15950	6269783	اقوام متحده جو ميمبر نہ آهي
93.	سنڌ	56447	14000000	80 ڪروڙ ڊالر

نوٽ : ليڪن جا نشان ملڪن جي ايراضيءَ يا انڪم ۾ سنڌ کان متي هجڻ ڏانهن اشارو ڪن ٿا. ان جو پڻ ڪارڻ اهو آهي تہ زياده ايراضيءَ وارا اهي ملڪ اڪثر ڪافي غيرآباد. جبل يا رڻ پٽ واريون ايراضيون رکندڙ آهن. ۽ زياده انڪم وارا ملڪ آزاد هئڻ ڪري ئي اها ترقي حاصل ڪري سگهيا آهن. سنڌ پڻ آزاديءَ بعد ترقي ڪري، انڪم وڌائي، انهن جيتري يا انهن کان بہ وڌيڪ انڪم ڪري سگهي ٿي.

سنڌو ديش کي ائين ننڍي ملڪ هجڻ جي طعني هڻندڙن جي ان ڳالهہ کي صاف ڪرڻ ڪانپوءِ، ان مان هنن جيڪي خدشا ظاهر ڪيا آهن، انهن جي وضاحت پيش ڪرڻ لازمي آهي.

(الف) "سنڌي لشڪر ۾ نہ آهن"

هر آزاد ملڪ کي اندروني انتظام ۽ بيروني بچاءَ لاءِ پوليس ۽ لشڪر جي ضرورت ٿئي ٿي. ان ۾ سنڌين هيلتائين ڪا دلچسپي نہ ورتي آهي، ان جو هڪ جواب هيءُ آهي تہ هو آزاد نہ آهن. ان جو ٻيو جواب اهو آهي تہ دنيا ۾ ڪيترا ملڪ آهن، جن کي فوج مورڳو نہ آهي يا نہ جهڙي آهي. جهڙوڪ: سئٽزرلئنڊ، قطر، بحرين، لڪسمبرگ وغيره. تہ بہ هو آزاد ۽ خودمختيار رهي سگهيا آهن. هن وقت دنيا جا ڪي ملڪ اهڙا طاقتور ٿي ويا آهن، جو جيڪڏهن چاهين تہ ننڍن ملڪن تي حملي آوار ٿي، قابض ٿي وڃن، پر ائين نٿو ٿئي، عالمي راءِ عامہ ايتري بيدار ۽ پر اثر ٿي ويئي آهي، جو وڏيون سامراجي طاقتون بہ آهستي ڪري، سندن ماتحت ملڪن کي آزاد ڪنديون وڃن. ۽ ڪو بہ وڏو ملڪ ننڍي ملڪ جي آزادي کسي نہ ٿو سگهي، پر جي ڪو اهڙو ڪم ڪري ٿو تہ دنيا جي راءِ عامہ يا ڪن همدرد ملڪن جي مدد سان اتي جا رهاڪو وري اها وڃايل آزادي حاصل ڪيو وٺن.

هن وقت صرف پورچو گال، ڏکڻ آفريڪا، روڊيشيا، اسرائيل ۽ پاڪستان جا مهاجر پنجابي سامراجي آهن، جيڪي دنيا جي تاريخ مان سبق نہ سکي، ماتحت ملڪن کي آزادي نٿا ڏين. پر جهڙي هوا لڳي رهي آهي، تہ ٿوري وقت اندر انهن جا ماتحت ملڪ بہ آزادي حاصل ڪري ويندا.

سنڌ جا نوجوان ڪارڪن بينگال جي مڪتي باهنيءَ وانگر سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندا. سي آئيندي پنهنجي قومي لشڪر جو جيش اول ٿي ڪم ڪري سگهن ٿا. آزاديءَ کان پوءِ سنڌي لشڪر جلد تيار ڪري سگهندا. ۽ پوليس بہ مضبوط ڪري سگهندا.

جهڙيءَ طرح پورچو گال، ڏکڻ آفريڪا ۽ روڊيشيا خلاف مڪاني ماڻهن جي مدد لاءِ ساري آفريڪا جون آزاد قومون همدردي ۽ مدد ڪري رهيون آهن. ۽ جهڙيءَ طرح اسرائيل جي هٿ ۾ ويل ايراضين جي واپس وٺڻ لاءِ پر واريون عرب قومون مدد ڪري رهيون آهن. ويندي روس سوڏو اهڙيءَ طرح سنڌين ڪي سنڌن آزاديءَ جي جدوجهد هلندي، ڀارت ۾ رهيل سنڌن هم قوم سنڌي هندو ۽ ٻيا اڪثري پر وارا ڪيترائي ملڪ مدد ڏيئي سگهندا. اهو دليل تہ پنهنجي هن غلاميءَ جي دور ۾، پنهنجن حاڪمن جي فوج ۾ سنڌي موجود نہ آهن، انهيءَ ڪري آزاديءَ جا حقدار نہ آهن، صرف سنڌين جي جذبہ آزاديءَ ڪي ٿڏي ڪرڻ ۽ آزاديءَ جي جدوجهد ۾ سنڌن همت ڪمزور ڪرڻ لاءِ ڏنو ويجي ٿو.

(ب) سنڌين ۾ جدا حڪومت هلائڻ جي اهميت نہ آهي

سنڌ ديش جي دشمنن جو اهو دليل بہ سراسر غلط آهي. سنڌي ساري پاڪستان جي رهاڪن کان لياقت ۾ گهٽو مٿي آهن، نہ تہ بہ هنن کان گهٽ نہ آهن.

پاڪستان جو باني مسٽر جناح بہ هڪ سنڌي هو جنهن کي لائق سمجهي ساري برصغير هند جي مسلمانن اڳيان ڪري، پنهنجو قائداعظم بنايو هو. اها ڳالهہ جدا آهي تہ هن مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو آلہ ڪار ٿي، سنڌين جي حفاظت نہ ڪئي، بلڪ ان سان بي وفائي ڪئي، ان جو ڪجهہ قدر ڏوهہ سنڌي عوام ۽ خاص تي بہ آهي. سنڌي ۾ چوڻي آهي تہ: "وڃ ڪڏندي آهي، ڪِلي آهر." جي ڪلو مضبوط نہ آهي تہ هن جو ڪڏڻ مشڪل ٿي پوي ٿو. جناح صاحب کي لياقت جي آڌار تي ڏارين مٿي آندو. هو اصولي شخص نہ پر سياست عمليءَ جو ماڻهو هو. هن ڏٺو تہ سنڌي عوام خواب غفلت ۾ سُتل هئا، ۽ ڪيس ان

اعليٰ درجي تي مهاجر پنجابي مستقل مفاد آندو آهي. جي انهن کان منهن ڦيري سنڌين جي حقن لاءِ لڙيو تي، تہ جن ڪيس مٿي چاڙهيو هو، سي وري ڪيس هيٺ لاهي ڇڏين ها. تنهن ڪري هن شخصي سلامتي ۽ وڏائي ان ۾ ڄاتي تہ: ”جن جو کائجي، تن جو ڳائجي.“

ان کان پوءِ سنڌ جي سياستدانن مان شيخ عبدالمجيد سنڌي، حاجي عبدالله هارون، سر غلام حسين هدايت الله، خانبهادر الهہ بخش سومرو، محمد ايوب کهڙو، پيرزادو عبدالستار، قاضي فضل الله پنهنجو مٽ پاڻ هئا. هن وقت بہ هڪ سنڌي مسٽر ذوالفقار علي ڀٽو ساري پاڪستان جو مدارالمهام آهي. جنهن کي ڏسي وائسي آلہ ڪار سمجهي، مهاجر پنجابي مستقل مفاد، منجهن ماڻهن جي کوٽ هئڻ ڪري، انهيءَ درجي تي آندو آهي. جيڪڏهن هن وقت هو سنڌ سان بيوفائي ڪري، ان جي حقن کي پائمال ڪرڻ جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، تہ ان کي ڏوهہ ڏيڻ سان گڏ سنڌين کي بہ ڏوهہ ڏيڻ گهرجي. ڇا منجهن پورو قومي شعور پيدا ٿيو آهي؟ ڇا منجهن صحيح سڃاڻپ جو مادو پيدا ٿيو آهي؟ ڇا منجهن ايتري همت ۽ غيرت پيدا ٿي آهي، جو پنهنجي مخلص ڪارڪنن جي پٺڀرائي يا مدد ڪري سگهن؟

ڀٽو صاحب بہ جناح وانگر سياست عمل جو سياستدان آهي. هو قومي ڪارڪن نہ آهي، جو اصولن خاطر پاڻ کي مصيبت ۾ مبتلا ڪري. هن کي پتو آهي تہ کهڙي صاحب سنڌ جي حقن لاءِ مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي مخالفت ڪئي، تہ ان جو ڇا حشر ٿيو! باوجود اڪثريت جي هن کي وزارت تان لاهي ڇڏيائون. تہ ساڳيا سنڌي ميمبر ڦري وڃي ڌارين جي ايجنٽ پيرالاهي بخش جي پويان بيٺا، ۽ نہ وري ووٽرن ۾ ايڏي سجاڳي هئي تہ اهڙي غدار جي مٿي پليت ڪن. وري بہ جڏهن سنڌين کي ڇڏي، کهڙي صاحب حڪمران طبقي جي چوڻ مطابق ون يونٽ ناهڻ جو واعدو ڪيو، تہ انهن ڪيس اقتدار ۾ آندو. تنهن ڪري ڀٽو صاحب بہ جناح وانگر پنهنجي گادي انهيءَ طبعي معرفت قائم رکڻ گهري ٿو جن ڪيس طاقت ۾ آندو آهي. هن کي خبر آهي تہ اهو ئي طبقو هو جن جڏهن لياقت علي خان کي قتل ڪرايو، تہ ان جو داد فرياد نہ ٿيو. اهوئي

طبقو هو جنهن خواجہ ناظم الدين کي اسيمبليءَ ۾ اڪثريت هئڻ ۽ مسلم ليگ پارٽي جي صدر هئڻ جي باوجود، وزارت اعظميٰ تان لاهي ڇڏيو تہ ڪجهہ بہ نہ ٿيو ساري پاڪستان جي تاريخ اهڙن مثالن سان ڀري پئي آهي. سياست عمليءَ جي صاحب ذوالفقار علي ڀٽي، پنهنجي سياسي ڪيريئر (Career) لاءِ اهي سڀ مثال پنهنجي سامهون رکيا آهن.

جڏهن جنرل ايوب جي ڏينهن ۾ ٻين قومي ڪارڪنن سان گڏ مون کي نظربند ڪيو هئائون، ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ خان عبدالغفار خان ۽ مولانا ڀاشانيءَ کي آزاد ڪري ڇڏيائون، پر مون کي جيل ۾ رکيو وينا هئا، ان تي نواب ڪالاباغ، ميان انور عليءَ ڊائريڪٽر آف انٽيليجنس کان ان جو سبب پڇيو تہ ان لاءِ جو جواب ميان صاحب ڏنو سو بہ سمجهڻ لائق آهي. ﭼﻲ:

جي-ايم-سيد پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ ماڻهو آهي.

(1) هو پاڪستاني نظريہ قوميت خلاف ڪيس تيار ڪري سگهيو آهي.

(2) هن عالمي سوچ رکي، ٻاهرين کي پنهنجو ڪيو آهي.

(3) هو مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جي 310 ميمبرن مان سٺن ميمبرن جي پوئلڳي هوندي بہ اسيمبليءَ مان ون يونٽ کي ڊاهڻ جو نهراءُ پاس ڪرائي سگهيو.

(4) هن سنڌ جي شاگرد ۽ دانشور طبقي ۾ سنڌيت جو جذبو پيدا ڪيو آهي.

(5) هن نظريہ پاڪستان جي خلاف سنڌي قوميت جي مسئلي کي حوصلي ۽ همت سان پيش ڪري، سنڌين لاءِ قومي مقصد واضح ڪيا آهن.

ان مان معلوم ٿي سگهندو تہ سنڌ ۾ لياقت جي ڪمي نہ آهي، جنهن کي سنڌ جا دشمن بہ تسليم ڪرڻ لاءِ مجبور آهن.

ڪامورن ۾ سنڌين محمد موسيٰ جهڙو انجنيئر پيدا ڪيو جو ساري مغربي پاڪستان جو چيف انجنيئر ٿي رهيو. هنن مسٽر آخوند چيئرمين ريلوي بورڊ، شيخ عبدالباقي ڊائريڪٽر ايگريڪلچر، جي-ايم-شيخ، مسٽر عبدالرسول پانڌياڻي، آفتاب احمد قاضي، غلام

مصطفيٰ شاه، مسٽر عثمان علي عيساڻي، محمد ابراهيم جوئي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ وغيره جهڙا لائق آفيسر پيدا ڪيا آهن.

سنڌي هندن جي اها حالت آهي تہ اڃا تائين انگريزن خلاف آزاديءَ جي هل چل جا ڪارڪن شري جيرامداس دولترام ۽ آچاريا ڪرپالاڻي ڀارت جي سياست تي چڱو اثر رکن ٿا. سنڌي هندن جو نوجوان طبقو ئي آهي، جو ڀارت ۾ سنڌين جي جوت جلايو اچي، ۽ ڀارت ۾ سنڌين کي علحده ملڪ نہ هئڻ جي باوجود سنڌي ٻوليءَ کي ملڪي زبان تسليم ڪرايو اٿن، ۽ نوٽن تي سنڌي لفظ لکايا اٿن. سنڌي هندو اتي سول سروس، انجنيري، تعليم، هيلٿ ۽ ملٽري وغيره کاتن ۾ مکيہ عهدن تي آهن.

تنهن ڪري اها شڪايت ڪرڻ تہ سنڌ آزاد ڪرائڻ بعد سنڌي سياستدانن يا ڪامورن يا واپارين ۾ اهليت نہ ٿيندي جو ملڪ هلائي سگهن، سا ڳالهہ سراسر غلط آهي.

اسان سنڌ جي آزاديءَ بعد سنڌي هندن ۽ مهاجر پنجابين مان سنڌ سان وفادار ٿي، نظريہ پاڪستان کي ڦٽو ڪري، سنڌي زبان ۽ ڪلچر اختيار ڪري، سنڌي مفاد لاءِ دلچسپي وٺندا، تن کي بہ پنهنجي انتظامي ڪاروبار لاءِ ڪتب آڻي سگهون ٿا.

ازانسواءِ هن جيڪي اسان جا هزارها تعليم يافتہ نوجوان سال بہ سال ڪاليجن ۽ يونيورسٽين مان تعليم پرائي نڪرن ٿا ۽ بي روزگار ٿي دربدر ڦرن ٿا، تن کي ڪم سان لائي سگهبو. انهن جي تازه دم ۽ فعال لياقتن سان قومي تعمير ۾ پورو پورو فائدو وٺي سگهبو.

(ت) سنڌ جي انڪم ۽ پئداوار آزاد ملڪ جي هلائڻ لاءِ ڪافي نہ ٿيندي

اهو دليل بہ غلط آهي. سنڌ ۾ 2 ڪروڙ 25 لک ايڪڙ آباديءَ لائق زمين زراعت لاءِ موجود آهي. پاڪستان اندر قائم ڪيل ڪارخانن مان سٽر سيڪڙو ڪارخانا سنڌ ۾ آهن، جنهن ڪري ايڪسائيز ڊيوٽيءَ جو وڏو حصو حڪومت کي سنڌ مان ملي ٿو. اسان وٽ ڪراچي بندر ڪري، ڪسٽمس ذريعي سنڌ کي وڏي پيدائش حاصل ٿئي ٿي. ڪراچي واپار جو وڏو مرڪز آهي. ان ڪري انڪم ٽيڪس،

سيلز ٽيڪس جون رقمون اسان کي حاصل ٿي سگهن ٿيون. اهي سڀ ٽيڪس جي هن وقت مرڪزي حڪومت جي هٿ ۾ وڃن ٿا. سي سنڌ جي آزاديءَ بعد سنڌ سرڪار جي حوالي ٿي سگهن ٿا. سنڌ ۾ تيل، گئس ۽ ٻين ڪاٿين جي نڪرڻ جا پڻ امڪان آهن (اڄ پاڪستان مان نڪرندڙ ڪل گئس مان 73 سيڪڙو گئس ۽ 85 سيڪڙو تيل سنڌ مان نڪري ٿو) سنڌ ۾ بهترين ترقيءَ ۽ تعمير لاءِ ذريعا موجود آهن. جي انهن کي سنڌ جي مفاد لاءِ ڪتب آڻجي، تہ ٿوري وقت اندر سنڌ ٻي مثال ترقي يافتہ ملڪ ٿي سگهي ٿو.

(ث) سنڌي پنهنجي پير ۾ سياسي شعور نہ رکڻ ڪري، آزادي وٺي نہ سگهندا.

”سنڌي پوئتي پيل هجڻ ڪري، موجوده سامراج کان آزادي حاصل ڪري نہ سگهندا.“ سنڌين ۾ قومي بيداري پيدا ٿي رهي آهي. ان ڳالهہ ان انڪار ڪرڻ، حقيقتن کان منهن موڙڻ جي برابر ٿيندو تہ سنڌ جي مٿاهين طبقي جي اڪثريت، مهاجر پنجابي سامراج جي ڏپ ۽ لالچ ڪري، انهن جي پويان هلي رهي آهي، پر جهڙيءَ طرح هو لالچ خاطر ڏارين جا پوئلڳ ٿي رهڻ لاءِ تيار آهن، ساڳيءَ طرح ۽ فرمانبرداريءَ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. هي ابن الوقت هميشہ حالتن کي ڏسي، ڍنڍ جي پکين وانگر، ساون سرن ڏي رخ بدلائيندا آهن.

(6) مهاجر پنجابي سامراج مان آزادي ڪهڙيءَ طرح حاصل ڪري سگهبي؟

پاڪستان جي حڪمران طبقي جي ڪوتاهہ نظريءَ ۽ بداعمالن ملڪي حڪومت کي مرڻ جي منجهيءَ تي آڻي ڇڏيو آهي. انهن حالتن ۾ مظلوم قومن جهڙوڪ بينگالين، سنڌين، بلوچن ۽ پٺاڻن ۾ بي آرامي روز بروز وڌڻ لڳي، جنهن ڪري گهڻي جدوجهد بعد بينگال آزادي حاصل ڪري ورتو. بلوچ ۽ پختون آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن. سنڌين ۾ بيداري پيدا ٿي چڪي آهي ۽ منجهن سنڌو ديش

تحريڪ جي نالي سان آزاديءَ لاءِ ڪوشش شروع ٿي ويئي آهي، ان سلسلي ۾ ڪيئي ماڻهو جيل ڀوڳي رهيا آهن ۽ ڪي ماريا ويا آهن.

اهڙين حالتن هيٺ ڪهڙيءَ طرح سان بين الاقوامي راءِ عامہ هنن مظلوم قومن کي مهاجر پنجابي سامراج جي چنبي ۾ پيڙبو ڏسي گهڻو وقت ماٺ ۾ رهنديءَ روس، ڀارت، عرب دنيا، افغانستان ۽ ٻين جمهوريت ۽ آزادي پسند ملڪن، هميشہ مظلوم قومن جي مدد ڪئي آهي. آئون نٿو سمجهان تہ صحيح حقيقتن کان آگاه ٿيڻ بعد، هو فقط دنيا جي هن ڀاڱي جي قومي آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ ماڻهن کي اخلاقي ۽ مالي مدد ڏيڻ کان انڪار ڪندا. سنڌين کي همت ڪري، پنهنجي قومي وجود کي پنهنجي قربانين ۽ لاڳيتي جدوجهد سان تسليم ڪرائڻو آهي، پوءِ ڀاڙهي ويندا حالات سازگار ٿيندا. هڪ هزار تربيت يافتہ آزاديءَ لاءِ ڪارڪن، سامراجي طاقت کي زبون ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪري سگهن ٿا.

جيڪڏهن امريڪا جهڙو طاقتور ملڪ باوجود هيڏيءَ طاقت جي، ويٽنام کي غلام رکي سگهڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيو آهي، تہ هي مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراجي ڪيترو وقت ساريءَ سنڌ کي غلام رکي سگهندا.

ڪي ماڻهو جو ائين ظاهر ڪري رهيا آهن تہ، ”موجوده مهاجر پنجابي مستقل جي گرفت، سنڌ تي اهڙو مضبوط ٿي ويئي آهي، جو ان مان سنڌ جي آزادي مشڪل پيئي نظر اچي. خصوصاً ان حالت ۾، جو اسان جا ڏسڻا وائسڻا سياستدان، پير، وڏيرا، ڪامورا ڏارين جي سياسي تسلط جا اوزار بنجي ڪم ڪري رهيا آهن، سنڌن زبان اختيار ڪندا رهن ٿا، گهرن ۾ اردو ڳالهائڻ ۾ فخر سمجهڻ لڳا آهن، پنجابين کي سڱ ڏيئي اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ رستو هموار ڪرڻ ۾ شرم نٿو اچين، سنڌين جي جداگانہ قوم جي وجود کان انڪار ڪندڙن سان ٻانهن ٻيلي ٿي، انهن جي ڀوئلڳيءَ جو آواز اٿارين ٿا وغيره“ تہ آءٌ انهن ماڻهن جي انهن جملي دليلن کي بزدليءَ ۽ شرمناڪ نااميديءَ جي صفت سمجهان ٿو.

مون کي پتو آهي تہ سنڌين مان ڪيترائي اهڙا آهن، جي هر حاڪم اڳيان پاڻ کي ڪمزور سمجهي، پنهنجي غلامانہ ذهنيت سبب ناچارگيءَ جو دليل پيش ڪندا آهن. اهي انگريزن جي ڏينهن ۾ بہ هئا، ۽ هاڻي بہ آهن. پر انهن جي موجودگي ڪڏهين بہ حق جي آواز کي جهڪو ڪري نتو سگهي. سنڌي هزارن سالن کان جدا قوم رهيا آهن ۽ هر ٻاهرئين تسلط کان آزادي پئي حاصل ڪئي اٿن. هن سامراج کان بہ آزادي حاصل ڪري ويندا. تاريخ ثابت ڪري ٿي تہ آخر فتح حق وارن کي نصيب ٿئي ٿي

''ڪم من فئة قلطلة غلبة فئة ڪثيره'' (قرآن).

يعني "صالح ۽ حق وارا ڪٿي ٿورا هجن، تہ بہ ناحق وارن گهڻن تي فتح انهن جي ٿيڻي آهي."

سنڌي حق تي آهن سندن حاڪم ۽ انهن جا ايجنٽ ناحق تي آهن. انهيءَ ڳالهہ جو اندازو هيٺين ڳالهين مان ڪري سگهبو:

(1) سنڌ جا اصل رهاڪو جن مان ڪي عربي نسل جا، ڪي بلوچ، ڪي پٺاڻ، ڪي گجراتي، ڪي پنجابي هئا، سي سنڌ ۾ رهڻ بعد ان جو ڪلچر ۽ زبان اختيار ڪري ويا آهن.

(2) سنڌي هتي جا جاول نپنل آهن. سندن وڏا هن ملڪ ۾ دفن ٿيا آهن. انهن کي ملڪ سان اڪيچار محبت ٿي ويل آهي. اهي سنڌ جي زبان، ڪلچر، روايات، سياسي مفاد ۽ ملڪ جي ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪندا رهن ٿا.

(3) سنڌين مان جيڪڏهن ڪي واپار، گذر معاش خاطر ملڪ کان ٻاهر ويندا هئا، تہ اتان پيسا ڪمائي خرچ اچي سنڌ ۾ ڪندا هئا.

(4) سنڌين ٻئي ڪنهن ملڪ ۽ قوم تي حملو نہ ڪيو آهي. نہ وري ڪنهن جو استحصال ڪيو آهي.

ٻئي طرف هاڻوڪا آيل مهاجر پنجابي سامراجي، هيٺين ڏوهن جا ڪارڻ بڻيا آهن.

(الف) سنڌ ۾ 26 سال رهڻ جي باوجود هو نہ سنڌي زبان سکيا آهن، نہ ان جو ڪلچر اختيار ڪيو اٿن. مورڳو سنڌي زبان ۽ ڪلچر جي

منظم طريقي سان ختم ڪرڻ جي پٺيان اچي پيا آهن. سنڌ جي پاڻي پيئڻ، ڪاڏي ڪائڻ ۽ ان ۾ جاءِ پناهہ ملڻ جي باوجود انهن پاڻ کي لکنوي، بدايوني، دهلوي سڏائي، ڪراچيءَ ۽ ٻين وڏن شهرن تي غير سنڌين جا نالا رکي، ان جي قديم روايات کي متائڻ جو گناهہ ڪيو آهي.

(ب) هنن نون آيل ماڻهن کي سنڌو ديش سان محبت نہ آهي. هو سنڌين جي قوم ۾ سمائجڻ کان عار ڪن ٿا. نہ وري سنڌي قوم جي وجود کي ئي هو مڃين ٿا. بلڪ خودساختہ پاڪستاني نظريہ قوم جي بنياد تي هر سنڌي مفاد سان دشمني رکن ٿا. اُتي ويٺي هو پاڪستان جو نالو پيا وٺن. سنڌ جو نالو سندن لاءِ ڄڻ گار ٿي پيو آهي. جيڪي ماڻهو سنڌو ديش جو نالو وٺن ٿا، تن کي پاڪستان جو دشمن، انتشار پسند ۽ علاقائي ذهنيت رکندڙ اسلام جو مخالف سڏي، سندن نامزد ڪيل حڪومتن کان سزائون ڏيارڻ سندن پيشو ٿي پيو آهي.

(ت) ڪيترا پنجابي ۽ پٺاڻ هتان پيسا ڪمائي ٻاهر موڪلين ٿا. ۽ مهاجر استحصالين مان پڻ ڪيترا پيسو ملڪ کان ٻاهر موڪلي رهيا آهن.

(ث) هي سنڌ کي ڪالونيءَ طور ڪتب آڻي، اصل باشندن جي زبان سان نفرت رکن ٿا. جيڪڏهن ڪو سنڌيءَ ۾ تقرير ڪري ٿو تہ ٻڌڻ کان انڪار ڪن ٿا. موٽرن، جاين، رستن تي اردو نالا رکڻ لاءِ اصرار ڪن ٿا. اٿڻ، ويهڻ ۾ حاڪماڻي غرور جو سلوڪ ڪري، سنڌين کي نفرت سان ڏسن ٿا. سندن اخبارون، ڪتاب ۽ تقريرون سنڌين خلاف زهر سان ڀريل رهن ٿيون. هو پنهنجي انهيءَ روش سان "آئي تاندي لاءِ ٻورچاڻي ٿي ويٺي"، جو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.

(ج) هو سنڌين کي پاڻ ۾ ويڙهائي، نہ رڳو مٿن حڪومت ڪن ٿا. پر سنڌ جو نالو وٺندڙ قوم پرستن کي، سندن سنڌي ايجنٽن کي لالچ ڏيئي، سزائون ڏيارين ٿا. ۽ غلط ۽ ڏوڪي واري پروپيگنڊا ذريعي

سنڌين جا دماغ مسخ ڪري، ڪين غلاميءَ سان مانوس ٿيڻ لاءِ ترغيب ڏين ٿا.

انهن جي اهڙن ڪردارن ڪري، سنڌين کي يقين ٿي ويو آهي، تہ پاڻ حق تي آهن ۽ هي سامراجي ناحق تي آهن. ۽ قرآن جي هن آيت ۾ يقين رکي، سمجهن ٿا تہ سنڌن هي دشمن ضرور ختم ٿي ويندا:

جَاءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوقًا (قرآن)

يعني، حق ڪامياب ٿيندو ناحق فنا ٿيندو بيشڪ ناحق فاني آهي.

(3) سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ڌارين جي مدد وٺڻ گناه آهي

هي دليل بہ ابوجهہ ۽ صاف دل سنڌين کي برغلائڻ لاءِ مهاجر ۽ پنجابي سامراج جا ايجنٽ ڏين ٿا، تہ "ادا هي سامراجي تمام طاقتور آهن، لشڪر سندن حوالي آهي، ٻاهرين ملڪن کان هنن کي جنگي هٿيار ملي رهيا آهن، هي علم ۽ عقل ۾ زياده آهن،ا خبارون سندن حوالي آهن، سنڌي پاڻ ۾ وڙهيل آهن ۽ سندن سياستدان ڏسو تہ ذاتي غرضن خاطر ڌارين جا غلام ٿي ويا آهن. اهڙيءَ حالت ۾ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ بيسود آهي. ٻاهرين حڪومتن کان مدد وٺڻ سان وري انهن جي ماتحت ٿي ويندا سون. تنهن ڪري هي مسلمان ڀائر آهن، انهن جي غلاميءَ تي رضامند رهڻ گهرجي." اهي سڀ دليل پڻ بزدليءَ ۽ ڏوڪي وارا آهن. اها ڳالهہ ڪنهن کان ڪانہ لڪل آهي تہ سامراجي طبقو هميشہ طاقتور ٿيندو آهي. محڪوم ماڻهو هر ڳالهہ ۾ پوئتي پيل هوندا آهن، جن ۾ ڪي ٿورا اهڙا نڪرندا آهن، جي قومي غيرت جي آڌار تي هر قسم جون تڪليفون برداشت ڪري مقابلي لاءِ تيار ٿي ويندا آهن. ليڪن مصيبتن سهڻ بعد، سندن تعداد آهستي ٿي وڌندو ويندو آهي، جنهن ڪري نہ رڳو ملڪ اندر ڪين ايماندار ماڻهن جي همدردي ۽ مدد نصيب ٿيندي آهي، پر بين الاقوامي طور هر ملڪ جا ايماندار ۽ قوم پرست ماڻهو ۽ حڪومتون سندن مدد لاءِ نڪري نروار ٿينديون آهن. جيئن الجيريا، ويٽنام، بنگلاديش ۽ عربن لاءِ ٻاهريون مددون مليون هيون، يا ملي رهيون آهن.

هڪ طرف سامراجي طاقتون، سندن هم طبقي حڪومتن جي مدد ڪن ٿيون، تہ ٻئي طرف قوم پرست ۽ جمهوريت جا طرفدار ماڻهو ۽ ملڪ محڪوم ۽ مظلوم قومن جي مدد ڪن ٿا. دنيا ڏسي ورتو تہ بنگلاديش ۾ آمريڪا، پاڪستاني ظالم سامراجين جي مدد ڪئي، ۽ روس توڙي ڀارت بنگلاديش جي مظلومن کي مدد ڏيئي آزاد ڪرايو.

مهاجر پنجابي مستقل مفاد صحيح طور مومن نہ آهن، ڇاڪاڻ تہ اسلام ۾ وطن کي ايمان جو جزو سڏيو ويجي ٿو. هي ان کي بت سمجهي ڌڪارين ٿا. تنهن ڪري هو ڪهڙيءَ طرح سان مومن سڏجي سگهندا. اسلام ۾ ڪنهن شخص ۽ قوم جو حق مارڻ ڏوهہ آهي، ليڪن هنن جو دين ايمان سنڌين جا حق غصب ڪرڻ آهي. اسلام ۾ هڪ پيءُ جي ڇئن فرزندن کي هڪجهڙي ملڪيت ۾ ورثي ملڻ جو حق رهي ٿو. هي مهاجر پنجابي ساري ملڪ تي، خود ساختہ اسلام جي نالي ۾ قبضو ڪريو ويٺا آهن. هنن تہ خدا کي بہ پنهنجو محتاج تصور ڪيو آهي. جنهن مطابق خود خدا بہ ٻانهي کان پڇي پوءِ ڪم ڪندو آهي. ليڪن سنڌي بقول شاه: ”واڳ ڌڻيءَ جي وس، آءٌ ڪا ڀاڻ وهيڻي“، ۾ اعتماد رکن ٿا.

ٻئي پاسي هن حڪمران طبقي وٽ آمريڪا کان مدد وٺي، اهي اوزار سنڌين ۽ ٻين ملڪي قومن کي غلام رکڻ لاءِ ڪم آڻڻ جائز آهن. اهي هٿيار هو انهن کان جنگي عهدناما ڪري حاصل ڪن ٿا. هو عربن کان تيل خريدي آمريڪا موڪلين ٿا. هو ايران کان اسرائيل کي تيل ڏيارڻ ۾ هرج ڪونہ ٿا محسوس ڪن. ليڪن هزارن ورهين جي جدا ملڪ ۽ قوم سنڌ جي ماڻهن کي، مهاجر پنجابي سامراج ۽ استحصال کان بچڻ لاءِ ڀارت يا افغانستان يا روس کان مدد ملي تہ ان کي هو ڪفر سمجهن ٿا. کين ياد ڪرڻ گهرجي تہ سنڌي هاڻ سندن اهڙي ڪفر جي فتوائن کان نٿا ڊڄن. پلي هو سو بار فتوائون ڏيندا رهن، پر سنڌي سندن سامراج کان جان ڇڏائڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ کان باز نہ ايندا. جيڪڏهن ٻين کي غلام رکڻ لاءِ ڌاري مدد وٺڻ ڏوهہ نہ آهي، تہ سنڌين کي آزاديءَ لاءِ جمهوريت پسند قوم پرست، سوشلسٽ ۽ سيڪيولر طاقتن جي مدد وٺي آزادي حاصل ڪرڻ ۾ ڪهڙو ڏوهہ ٿيندو؟

سنڌي، سنڌ جي جملي رهاڪن کي بنا تميز تهذيب جي هڪ قوم سمجهن ٿا. ان ڪري سنڌ مان زوريءَ لڏايل سنڌي هندن کان مدد وٺڻ يا ڪين موٽائي آڻڻ ۾ حق بجانب ٿيندا. ڀارت جا سنڌي هندو سنڌي قوم جا فرد آهن. هنن جي ٻولي ساڳي آهي، رواياتون ساڳيون آهن. مذهبي نقطہ نگاه کان هنن مان گهڻا گرونانڪ ۽ سنڌي درويشن شاه عنايت صوفي، شاهہ لطيف، سچل سرمست، روحل ۽ جهانيان جي درگاه جا معتقد آهن. هو محبت (پريم) جا پوڄاري آهن. نفرت کان پري آهن. تنهن ڪري هو غاصبن، نفرت جي پوڄاري، فسطائي اسلام جي حامين، سامراجي ۽ نالي خاطر مسلمانن کان اسان کي وڌيڪ ويجها آهن.

تازو مثال بينگالي هندن جو آهي. جڏهن ايرندي بينگال تي سامراجي تسلط جاري رکڻ لاءِ هنن نام نهاد مسلمانن قتل و غارت شروع ڪيو تہ سندن مدد لاءِ بينگالي هندو آيا هئا، جن جي اثر ڪري، ڀارت سرڪار مجبور ٿي، بنگلاديش قائم ڪرڻ لاءِ بينگالي مسلمانن جي مدد تي آئي.

ان وانگر جيڪڏهن سنڌ مان لڏي ويل سنڌي هندو پنهنجي هم قوم سنڌين کي مدد ڏين ۽ ڀارتي سرڪار کي مجبور ڪري، سندن مظلوم سنڌي ڀائرن جي مدد لاءِ تيار ڪن، تہ ان ۾ ڪهڙو ڏوهہ آهي. اها فطري ڳالهہ آهي.

سنڌ جي آزاديءَ بعد گهڻا سنڌي هندو جي هن وقت ڀارت اندر چڱي جائداد ۽ نوڪريون حاصل ڪري ويا آهن، سي شايد پوئتي موٽي نہ بہ اچن، پر جيڪي موٽي ايندا سي اُهي هوندا. جن کي وطن لاءِ محبت هوندي ۽ هو صرف ان جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ ايندا ۽ استحصال لاءِ نہ ايندا. هنن کي خبر آهي تہ سنڌين سندن هم مذهب مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو استحصال نہ قبولي، انهن جي مخالفت ڪئي آهي، سي ڪيئن سندن مستقل مفاد استحصال قبول ڪندا. ڪثير تعداد سنڌي هندو هن وقت ڀارت جي سماجي زندگيءَ ۾ سمائجي ويا آهن. ممڪن آهي ڪيترا منجهانئن نہ اسان جي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ دلچسپي وٺن، ۽ نہ وري اتان نهيل نڪيل زندگيءَ کي

چڏي موٽي هتي اچن. هتي صرف اهي ايندا. جن کي اسان جي قومي آزاديءَ ۾ اصولن ڪري همدردي هوندي، اهي جنگ آزاديءَ ۾ شامل ٿيڻ ڪري، سنڌ ۾ اسان سان هڪجهڙا حصيدار ٿي سگهن ٿا. اسان مذهب جي بنياد تي قوم ۾ اعتماد نٿا رکون، تنهن ڪري هنن کي سنڌ جي اقتصادي خوشحاليءَ، ڪلچرل ترقيءَ ۽ ملڪي تعمير لاءِ مجموعي مفاد خاطر شريڪ ڪري، ڪم ڪنداسون.

هن سلسلي ۾ سنڌ جي مجموعي مفاد کي هيٺين اصولن پٽاندڙ تورڻو آهي:

(الف) سنڌ جي سياسي طرح مڪمل آزادي.
(ب) سنڌ جي اقتصادي خوشحالي.
(ت) سنڌ جي ڪلچرل ترقي.
(ث) سنڌ جي ملڪي تعمير.

تنهن ڪري جيڪي بہ ماڻهو اسان سان مٿي ذڪر ڪيل مقصدن لاءِ مدد ڪندا، تن کي سنڌي سمجهيو ويندو. پوءِ اهي پارٽي هندو هجن يا موجوده مهاجر پنجابي هجن، جي دائمي طور سنڌ ۾ رهڻ گهرندا. پر پوئين گروهہ لاءِ هيٺيان شرط قبولڻ لازمي هوندا.

(الف) نظريہ پاڪستان يعني مذهبي قوميت جي تصور ۽ اردو زبان جي فوقيت وارن خيالن کي ترڪ ڪرڻو پوندو.
(ب) سنڌ ۾ رهندڙ سيني ماڻهن کي بنا تفاوت مذهب جي سنڌي قوم جو فرد ڪري تسليم ڪرڻو پوندو.
(ت) سنڌ کي پاڪستان کان ٻاهر ڪڍي، مڪمل آزاد ڪرڻ ۾ ايمان هوندو.

ان جي ابتڙ جيڪي بہ ماڻهو سنڌ کي پاڪستاني سامراج کان ٻاهر نڪرڻ ۾ رنڊڪون وجهندا، يا پاڪستان جي مفاد کي سنڌي مفاد تي ترجيح ڏيندا. پوءِ اهي اصل سنڌي مسلمان هجن يا مهاجر ۽ پنجابي هجن، تن کي دشمن سمجهڻ لاءِ اسان حق بجانب آهيون.

هيءَ ڳالهہ ذهن ۾ ويهارڻ جي لائق آهي تہ جڏهن سنڌي هندو هتي سنڌ ۾ هئا تہ انهن جا مستقل مفاد هڪ روپئي تي هڪ ٽڪو نفعو ونندا هئا. تہ ان تي هتي جي عوام اعتراض ورتو هو جنهن ڪري

اختلاف پيدا ٿي پيا هئا. هاڻي هي ماڻهو هڪ روپئي تي هڪ روپيو نفعو ڪمائين ٿا, تن کي اسان ڪهڙيءَ طرح اسلام جي نالي ۾ پنهنجو ۽ پنهنجي وطن جو استحصال ڪرڻ ڏيندا سين.

اسان هيءَ ڳالهه به وساري نٿا سگهون ته سنڌين جڏهن به جداگانه قوم, سياسي آزادي, اقتصادي حقوق ۽ ڪلچرل ترقيءَ لاءِ آواز اٿاريو آهي ته انهن کي اسلام جو دشمن, پاڪستان جو باغي, علائقائي تعصب رکندڙ انشارپسند سڏي سخت سزائون ڏنيون ويون آهن. پاڪستان جي قيام کان وٺي مرڪزي حڪومتن تي قبضو مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو رهيو آهي. اخبارن, پيسي, ڪارخانن ۽ واپار تي هنن جي قبضي رهڻ ڪري, سنڌين جي حالت ذري گهٽ ريڊ انڊين جهڙي ٿيندي وڃي, تنهن ڪري اهي سامراج کان ٻاهر نڪرڻ سنڌي پنهنجو جنم جو حق سمجهن ٿا. هاڻ هو اسلام, پاڪستان ۽ مسلم قوم جي ڏوڪي هيٺ گمراهه نه ٿي سگهندا.

(4) پنجاب جو استحصالي مفاد سنڌو ديش جي آزاديءَ بعد دريائن جي پاڻيءَ کان محروم ڪندو:

مهاجر پنجابي سامراج جا طرفدار ۽ انهن جا سنڌي ايجنٽ اهو دليل به ڏين ٿا ته سنڌو ديش قائم ٿيڻ بعد پنجاب استحصالي مستقل مفاد, انهيءَ جو پاڻي بند ڪري, سنڌ جي زراعت کي سڪائي, سنڌي معيشيت کي تباهه ڪري ڇڏيندو.

انهيءَ مسئلي تي غور ڪرڻ سان پتو پوي ٿو ته پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ بعد پنجابي حڪومت سنڌ سرڪار سان پاڻيءَ بابت 1945ع ۾ ڪيل عهدنامن خلاف نوان بيريج ٻڌي, پاڻي ڪٽي, سنڌ کي اڳيئي گهڻو نقصان پهچايو آهي. پاڪستان جي حڪومت مهاجر پنجابي سامراج جي هٿ ۾ هئڻ ڪري, پنجاب جي ان ڳالهه ۾ هر طرح جي تائيد پئي ڪئي آهي, جنهن ڪري هيچ سببان گهٽي پاڻيءَ ڪٽڻ سبب وٺن سم پيدا ٿي پئي هئي. جنهن کين آزاد ٿيڻ لاءِ ڪروڙها روپيا خرچ ڪري رهيا آهن. هاڻ وڌيڪ پاڻي ڪٽي نٿا سگهن, جي ڪٽيندا ته اهو وڌيڪ سندن تباهيءَ جو باعث بڻبو. البت جنهن سال

ندين ۾ گهٽ پاڻي هوندو ان وقت سنڌ کي تورو پاڻي ڏيئي، نقصان ۾ وجهي سگهن ٿا. ليڪن ان حرڪت کان پاڪستان جي موجودگي ڪهڙي طرح پنجاب سرڪار کي روڪي سگهندي! اها تہ مورڳو کين ان ناجائز قدم کڻڻ لاءِ چوٽ ڏيندي. جنهن سال دريائن ۾ پاڻي گهٽو ٿيندو ان سال هو ڪنهن بہ طرح پاڻي روڪي نہ سگهندا. نہ تہ پنجاب سيلاب هيٺ اچي تباهہ ٿي ويندو جهڙوڪ مثال هن سال 1973ع ۾ ٿيو. ڀارت کي پنجاب سرڪار پنجاب ۾ نون بيراجن ناهڻ لاءِ پيسن وٺڻ بعد ندين جو پاڻي ڏئي ڇڏيو هو ليڪن پاڻيءَ گهٽي ٿيڻ ڪري ڀارت وارن بہ زياده پاڻي پاڪستان موڪلي ڇڏيو جنهن نہ صرف پنجاب کي ٻوڙيو پر سنڌ ۾ بہ ٻوڏون ٿيون. تنهن ڪري پاڻيءَ جو مدار وري گهٽي ۽ تورو پاڻيءَ وارن سالن تي رهندو. تفاوت صرف اهو ٿيندو تہ پاڪستان جي وجود ڪري، اسان پنجابين جا محتاج ۽ دست نگر ٿي ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ رهنداسون، اسان جو ڪو بہ تدارڪ نہ ٿي سگهندو. پر آزاديءَ جي حالت ۾ برابريءَ جي درجي ڪري، اسان سندن سمنڊ جي رستي واپار جو رستو بند ڪري، ان تي ٽيڪس وجهي، ڏي وٺ جي اصولن تي کين تنگ ۽ مجبور ڪري، کانئن پنهنجا واجبي سوال مڃائي سگهنداسون. پنجاب چوڌاري زميني گهيري ۾ آهي. سندس هڪ طرف ڀارت، ٻئي طرف پختونستان، ٽئين طرف بلوچستان ۽ چوٿين طرف سنڌ آهي. ڪيترا اهل پنجاب گذر معاش لاءِ سنڌ ۾ رهن ٿا، انهن جو دروازو سندن ملڪ جي غلط روش سبب، اسان وٽ بند ٿي سگهي ٿو.

(5) پاڪستان دنيا جو وڏو ملڪ آهي

پنجون دليل سنڌي عوام کي مهاجر پنجابي سامراجي ۽ سندن ايجنٽ، پنهنجي تسلط هيٺ رکڻ لاءِ، اهو ڏين ٿا تہ پاڪستان دنيا جي وڏي اسلامي سلطنت آهي، انهيءَ کي ٽوڙڻ ڪري اسلام کي نقصان پهچندو. اها ڳالهہ بہ سراسر غلط آهي. پاڪستان دنيا جي وڏي اسلامي سلطنت نہ آهي، انڊونيشيا، روس، چين، ڀارت ۽ بنگلاديش ۾ هن کان وڌيڪ مسلمان رهن ٿا.

ازانسواءِ اهو بہ صحيح نہ آهي تہ پاڪستان جي ٽٽڻ ڪري اسلام کي نقصان پهچندو. پاڪستاني حڪومتن جو اسلام سان واسطو ڪونہ رهيو آهي. اهڙا نعرا حڪمران طبقي سنڌي عوام جي آزاديءَ، ملڪ جي حقيقي مسئلن جهڙوڪ سنڌي قوم ۽ سنڌو ديش جي آزاديءَ، ترقيءَ ۽ تعمير کان هٽائي، سنڌن سامراج ۽ استحصال قائم رکڻ لاءِ هنيا ٿي.

پاڪستان جي سرزمين تي ان حڪمران طبقي، جهڙيءَ طرح اسلام جي مٿي پليت ڪئي آهي، ان جو مثال دنيا جي ٻئي ڪنهن بہ ملڪ ۾ ملي نہ سگهندو. اسلامي آئين جي نالي ۾ سنڌين، بينگالين، بلوچن ۽ پختونن جي هزارها سالن جي قومن کي سندن حق خوداراديءَ کان محروم ڪري، اقليت بنايو ويو آهي. اسلامي قانون جي نالي ۾ اسلامي ريپبلڪ ملڪ تي نالو رکي، ان ۾ جوا، شرابخوري، زنا، استحصال ۽ هر قسم جو ظلم جاري رکيو ويو آهي. ملڪ جو حاڪم مسلمان هئڻ لازمي نهرائي، ان تي اڪثريت حاڪمن جي شرابي، بداخلاق، استحصالي، ڪوڙن ۽ بي اصول ماڻهن جي رکي آهي. پاڪستان جون حڪومتون آمريڪا ۽ ان جي حواري سامراجين جون ايجنٽ ٿي رهيون آهن. جن جو عرب ملڪن تي اسرائيل جي مسلط ڪرڻ ۾ وڏو هٿ آهي. حقيقت اها آهي تہ پاڪستان بنجڻ بعد اسلام جي نالي کي غلط طرح جي استعمال ڪرڻ ڪري، اسلام کي وڏو نقصان پهتو آهي. انهيءَ سبب جي ڪري نوجوان طبقو مورڳو مذهب کان منحرف ٿيندو وڃي.

سنڌو ديش جي آزادي، اسان جي سرزمين ۾ پاڻ صحيح اسلامي تعليم رائج ڪرڻ ۾ مدد ڏيندي، ۽ اسلام جي نالي ۾ تشدد جي استعمال، آمريڪن سامراج جي غلامي، سامراجي طاقتن سان جنگي عهدنامن جي قيد، سياست ۽ مذهب جي گڏي هلائڻ جي ڪيڏبازيءَ ۽ ڏارين جي استحصال کان اسان جي جان آزاد ٿي پوندي.

ظاهر آهي تہ سنڌو ديش جو قيام پاڪستان جي خاتمي ڪانسواءِ حاصل ٿي نہ سگهندو. پاڪستان جا اڌ کان مٿي ماڻهو اڳي ئي انهيءَ ظلم ۽ استحصال کان جدا ٿي، بنگلاديش قائم ڪري چڪا آهن. ان

جي وجود مان پختون، بلوچ ۽ سنڌي سخت ڏکويل آهن. رات ڏينهن ان جي خاتمي لاءِ خدا جي حضور ۾ ٻاڏائي رهيا آهن.

"سنڌو ديش ڪيئن آزاد ٿئي"؟

هاڻي سوال اُٿندو تہ سنڌو ديش ان سامراجي تسلط کان ڪهڙيءَ طرح آزادي حاصل ڪري سگهندو. خصوصاً ان حالت ۾ جڏهين آمريڪي سامراج ۽ ان جا طرفدار ملڪ ۽ مڪاني خود مطلب سنڌي، هن جي قائم رکڻ لاءِ هر ڪا ڪوشش ڪندا ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

ان سوال تي غور ڪرڻ کان اڳ، بهتر ائين آهي تہ پهرين مهاجر پنجابي سامراجي ڪهڙن حربن سان اسان کي غلام رکيو اچن ٿا، انهن تي ڌيان ڏيون. ٿوري فڪر ڪرڻ بعد پتو پوندو تہ اسان تي تسلط قائم رکڻ لاءِ هي هيٺيان چار حربا استعمال ڪيا وڃن ٿا:

(1) مسلم قوم جي نظرئي جو حربو.
(2) جمهوريت جي نالي جو حربو.
(3) تشدد جو استعمال.
(4) سنڌي ايجنٽن جو استعمال.

(1) نظرياتي حربو

ان حربي ذريعي مهاجر پنجابي سامراجي سنڌين ۾ ٻين قوميتن جي ماڻهن جا اسلام، پاڪستان، مسلم قوم، نظام اسلامي وغيره نعرن جي ڏوڪي هيٺ ذهن مسخ ڪري، پنهنجي غلاميءَ ۽ زيردستيءَ تي رهڻ لاءِ ڪين رضامند ڪن ٿا. مهاجر پنجابي سامراجي قوميت جو نظريو انڪار وطن جي بنياد تي، مذهب اسلام جي نالي ۾ سند سان پيش ڪن ٿا. مگر اهو نظريو هرگز اسلامي نہ آهي، بلڪ خالص فسطائي نظريو آهي، جنهن کي اسلام جو رنگ ڏيئي، ماڻهن جا ذهن مسخ ڪيا وڃن ٿا.

جڏهن کان سنڌي نوجوان، حڪمران طبقو جي ان غلط بيانيءَ ۽ فريب ڪاريءَ کان واقف ٿيڻ لڳو آهي، تہ مهاجر پنجابي سامراج حڪومت جي مشنري جهڙوڪ ريڊيو ٽيليويزن، اخبارن وغيره معرفت

انهن ڏوڪن کي مقبول عام بنائڻ جي زور شور سان ڪوشش شروع ڪئي آهي. موجوده پٽي حڪومت جي گيوبلس (مولوي ڪوثر نيازي) جو انهيءَ سلسلي ۾ ملن ۽ مولوين کي منظم ڪرڻ، رهيل هندن سان سنڌ ۾ ظلم ڪرڻ، انهيءَ پاليسيءَ جون ڪڙيون آهن. چئن قومن جي پرچار خلاف آرڊيننس پاس ڪري سزائون ڏيڻ، ان فڪر جي ڪتابن رسالن ۽ اخبارن تي بندش وجهڻ ذريعي پڻ اهي ماڻهو پنهنجا ساڳيا مطلب پورا ڪرڻ گهرن ٿا.

سنڌي قومپرست انهن ڳالهين کان پست همت نٽا ٿين، بلڪ راهبانہ صبر سان انهن سمورن گمراهہ ڪندڙ نعرن جي ڦندي کان بچڻ لاءِ دليل ڏئي، پنهنجي پڙهيل طبقي جا ذهن صاف ڪرڻ گهرن ٿا. ڪين قوي اميد آهي تہ سنڌو ديش قائم ٿيڻ مٿي ذڪر ڪيل پروپيگنڊا کي ختم ڪري سگهندا.

(2) جمهوريت جي نالي ۾ غلط پروپيگنڊا جو استعمال

جمهوريت جديد دنيا ۾ نهايت مقبول ترين نظريو آهي ان کان تہ ڪو بہ انڪار ڪري نہ سگهندو پر هتي پاڪستان ۾ جهڙيءَ طرح اسلام جي سهڻي نالي کي بدنام ڪري، ان مان ناجائز فائدو ورتو ويو آهي، اهڙيءَ ساڳي طرح هتي جمهوريت جي نالي جو بہ غلط استعمال ڪيو ويو آهي. جمهوريت ۽ قوم پرستي لازم ملزوم ڳالهيون آهن. سنڌي سندن جدا قوم جي اصول قبول ڪرائڻ کان اڳ جمهوريت کي ڏوڪو سمجهن ٿا. جمهوريت ۾ شخصي آزادي، انسانن جا بنيادي حق قائم رکڻ بعد مختلف معاملن فيصل ڪرڻ لاءِ اڪثريت جي راءِ مطابق ڪاروبار هلائبو آهي، پر پاڪستان ۾ اهي سڀ ڳالهيون عدم موجود رهيون آهن. هڪ طرف اسلام، پاڪستان، مسلم قوم وغيره جي نالي هيٺ، شخصي راءِ ۽ آزاديءَ جو گلو گهٽيو وڃي ٿو تہ ٻئي طرف سنڌين جي جدا قومي وجود کان انڪار ڪيو وڃي ٿو. اسلام جي عقيدن کان منحرف ٿي، ٻئي مذهب اختيار ڪرڻ تي بندش نہ آهي، پر مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراجين جي اسلامي تشريح، پاڪستاني سامراجيت ۽ مذهبي قوميت جي نظرين خلاف. راءِ جي اظهار ڪرڻ کي گناهہ سمجهي، سزا ڏني وڃي ٿي.

ان مان اهو نتيجو نڪري ٿو تہ هزارن ورهين جي سنڌ ملڪ ۾ قوم ڪي خود جمهوريت جي نالي ۾ غلام رکيو ويجي ٿو. اهڙيءَ طرح هڪ جدا قوم کي، پنجابي قوم جي دائمي ۾ ڪڏهن بہ نہ بدلجندڙ اڪثريت هيٺ غلام رکي، انهيءَ خلاف اظهار راءِ تي بہ بندش وڌي ويجي ٿي. اها ڪهڙي قسم جي جمهوريت آهي؟ سنڌي تہ اهڙي جمهوريت جو نالو ٻڌي ڏڪي وڃن ٿا. هاڻي سنڌين کي حڪمران طبقي جي هن خود ساختہ جمهوريت جو پتو پئجي ويو آهي. هيءُ نالو صرف دنيا کي ڌوڪي ڏيڻ لاءِ استعمال ڪيو ويجي ٿو. هاڻيءَ جا ڪاٺ جا ڏند هڪڙا ۽ ڏيکارڻ جا ٻيا هوندا آهن. هي سامراجي فسطائي سياست تي هلن ٿا، ليڪن نالو جمهوريت جو ونن ٿا.

دنيا ۾ ڪا بہ ننڍي، ٿوري تعداد واري قوم، دائمي اقليت جو درجو قبول ڪري، ڪنهن پارٽي واري هم مذهب يا هم زبان وڏيءَ ۾ گهڻي تعداد واريءَ قوم جي دائمي اڪثريت هيٺ، پنهنجي انفراديت وڃائي غلام بنجي رهڻ پسند نٿي ڪري. اهڙيءَ حالت ۾ سنڌين ڪهڙو ڏوهہ ڪيو جو اسلام، مسلم قوم ۽ پاڪستان جي نالي ۾ هڪ طرف، ڪين مهاجر پنجابي سامراج جي ماتحت رکيو ويجي، ۽ هو ان تي راضي ٿي ويهي رهن!

اهڙيءَ جمهوريت کي نہ مڃڻ ڪري، قوم پرست ڪارڪنن کي سزائون ڏنيون وڃن ٿيون. خان عبدالغفار خان، خان عبدالصمد خان، شهزاده عبدالڪريم، خيربخش مري، عطاالله خان مينگل ۽ آءُ سڀ انهيءَ گناهہ هيٺ سزائون ڪاٽيندا رهيا آهيون.

تازو 17 جنوري 1974ع تي ڪن نوجوانن منهنجي سالگره گورنمينٽ کان اجازت وٺي ملهائي. ان ۾ حاضر ماڻهو جن ۾ منهنجو فرزند امداد محمد شاهہ، سيٺ تيرٿداس ۽ ٻيا ڪيترا ماڻهو هئا، جن ڪا تقرير نہ ڪئي، صرف ان مجلس ۾ حاضر هئا. انهن کي گرفتار ڪري، 14 ڏينهن لاڪپ ۾ بند ڪري، هٿڪڙيون هڻي، سي ڪلاس ۾ رکي، ڏوهارين، جهڙي ماني کارائي ويئي ۽ سزائون ڏنيون ويون. هي انگريزي سامراج جا پرورده، فسطائي نظرئي جا حامي، آمريڪن سامراج جا ايجنٽ، جمهوريت جي نالي ۾ ماڻهن کي سزائون ڏيئي، تنگ ڪن ٿا. ان مان پتو پئجي سگهي ٿو تہ هنن وٽ جمهوريت جي معنيٰ ڪهڙي آهي!

(3) تشدد جي حربي جو استعمال

هن سلسلي ۾ مٿي وضاحت سان بحث ٿي چڪو آهي، تہ ڪهڙيءَ طرح مهاجر پنجابي مستقل مفاد پسندن طبقاتي مفاد خاطر هندستان کي ڀاڱا ڪرائي، پاڪستان ۾ شامل ٿيل رياستن (بينگال، سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان) تي انگريزن جي مدد سا سامراج قائم ڪرڻ بعد، لشڪر ۽ پيسي جي زور تي مٿن تسلط ڄمايو. انهن جي قومي وجود کان انڪار ڪندي، انهن جو استحصال ڪري چڪا آهن. ان خلاف جڏهن سنڌين طرفان سندن سياسي آزاديءَ، اقتصادي خوشحاليءَ ۽ ڪلچرل ترقيءَ لاءِ آواز اُٿاريو وڃي ٿو تہ ان کي هڪ طرف خود ساختہ قومي نظرين، ٻئي طرف فسطائي جمهوريت، ٽئي طرف ڏنڊي جي زور تي گهٽيو وڃي ٿو.

انهيءَ لاءِ اسلام جي فسطائي تشريح، بني اُميہ سامراج جي سنڌ تي فتح جا داستان، محمد بن قاسم کي اسلام جو علمبردار بنائڻ، جهاد جي نالي ۾ تشدد جي تعليم، پروارن ملڪن خلاف نفرت جا حربا، هڪ طرف استعمال ڪن ٿا، تہ ٻئي طرف پنجابي اڪثريت ۽ ملٽري طاقت، ڪارن قانونن جي ڪتب آڻڻ، قوم پرستن کي جيلن ۾ وجهڻ، مخالفن کي قتل ڪرائڻ جا طريقا استعمال ڪيا وڃن ٿا.

هن وقت سنڌ ۾ ڪي بي غيرت، بزدل ۽ خود مطلب ماڻهو انهيءَ تشدد جي استعمال ڪري ڊڄي ويا آهن، پر مون کي يقين آهي تہ سنڌ ۾ باضمير، غيرتمند، ۽ باهمت وطن دوست ماڻهو اجا پيا آهن.

اجا پڻ آهين، جي سزوار سڱين جا

(شاهہ)

اهي انهيءَ تشدد جي حربي هيٺ هيسجي، حق جو آواز ڪڍڻ کان باز نہ ايندا، شاعر چوي ٿو تہ:

ڪاتيءَ هينان ڪنڌ، پوءِ بہ نعرا نينهن جا،
سنڌڙيءَ جو سو ڳنڌ، مرنداسين پر مرڪندي

(اياز)

(4) سنڌين کي ويڙهائي ايجنٽ پيدا ڪرڻ

سامراجين جو قديم زماني کان دستور پئي رهيو آهي، تہ محڪوم قومن جي ماڻهن کي پاڻ ۾ ويڙهائي، هڪ ڏر کي لالچ ۽ خوف ذريعي پنهنجو ڪري، منجهائن ايجنٽ بنائي، حڪومت ڪندا آهن. روم جي سامراجين ان اصول تي راڄ ڪيو. انگريزن بہ ان جي نقش قدم تي هلندي، برصغير ۾ هندن، مسلمانن، شاهوڪارن ۽ جاگيردارن مان ايجنٽ پيدا ڪري، ملڪ تي حڪومت ڪئي هنن سندن ايجنٽن مان ڪن کي انهيءَ دلاليءَ جي صلي ۾ خانصاحب، خانبهادر راءِ صاحب، راءِ بهادر ۽ سر جا لقب ڏيئي خوش ڪيو تي، تہ ڪيترن کي جاگيرون، نوڪريون ۽ واپار جون سهوليتون ڏيئي، منجهائن مستقل مفاد پيدا ڪري، انهن جي مدد سان پئي حڪومت هلائي. اهو سرشتو عارضي طور بيشڪ ڪامياب ٿيو پر دير تائين هلي نہ سگهيو. هن وقت ڪٿي آهن انگريز ڪٿي آهن سندن چاڙتا؟ البت اڄ انگريزن جا پيدا ڪيل هي مهاجر پنجابي مستقل مفاد نئون روپ ڌاري، آمريڪا جا ايجنٽ بنجي، سنڌين کي ويڙهائي انهن مان پنهنجا چاڙتا پيدا ڪري، حڪومت پيا هلائين.

سنڌ جو عوام ڪجهہ سوشلزم جي نالي ۾ ۽ ڪجهہ اسلام جي نعري ۾، پيٽ جي ڪوڙن دلاسن ۽ لالچ تي گمراهہ ٿي، مهاجر پنجابي غلاميءَ هيٺ چڪجي ويو پر دوربين نظرون ڏسي رهيون آهن، تہ ڪهڙيءَ طرح هي طلسم ٽٽي رهيو آهي. انشاءالله جلد مهاجر پنجابي سامراج جي نئين ايجنٽن سان گڏ پاڪستان جو پنجور بہ پرزا پرزا ٿي ويندو. سنڌ جي عوامي شاعر محمد ابراهيم "منشيءَ" سچ چيو آهي تہ:

ڪڏهن چار ڏينهن هت چنيسر بہ هو
ڪڏهن چار ڏينهن مير جعفر بہ هو
ڪو هت لاڙڪاڻي جو ليڊر بہ هو
ڪڏهن سر، ڪڏهن ڪو ڏهيسر بہ هو
تون بہ تن ساڻ تاريخ کي رنگ ڏي،
ڪڏهن قوم تو مان بہ ويندي ڇٽي،
رات ويندي ڪٽي، باک ويندي ڦٽي،

تون پلي وقت کي واجهہ سان ونگ ڏي،
رات ويندي کٽي، باک ويندي ڦٽي!
(منشي)

ايرانين، يونانين، عربن، مغلن ۽ انگريزي سامراجن کان سنڌي قوم پاڻ ڇڏائي، آزاد ٿي ويئي. هي مهاجر پنجابي ڪهڙي شيءِ ٿيندا آهن، جو هن شاندار ماضيءَ واري باغيرت قوم کي گهڻو وقت غلام رکي سگهندا! تاريخ شاهد آهي تہ رومن ايمپائر، ترڪ سامراج ۽ انگريزي سامراج، اڄ ماضيءَ جا نشان وڃي رهيا آهن. هي مهاجر پنجابي مستقل مفاد تہ آمريڪن سامراج جا ايجنٽ آهن، سو هي غلام ابن غلام ڪٿي تا دير تائين سنڌين کي غلام رکي سگهن.

سنڌ سان جنهن سنڌيءَ تازو بيوفائي ڪئي، اهو مسٽر محمد علي جناح هو. هو جيتوڻيڪ ڄائو نپنو سنڌ ۾ هو، پر گهڻو وقت بمبئيءَ ۾ رهڻ ڪري هن جا تعلقات مسلم اقليت وارن صوبن جي مسلم مستقل مفاد سان منسلڪ ٿي ويا هئا. ان ڪري هن سنڌين جي مفاد سان بيوفائي ڪري، اقتدار ۾ طبقاتي مفاد خاطر، جي ڪڏا ڪم ڪيا، ان جو ذڪر پيش ٿي چڪو آهي. اهڙيءَ طرح ٻيو سنڌي جنهن اقتدار ۾ اچڻ ۽ ان کي قائم رکڻ خاطر، سنڌي مفاد کي نقصان پهچايو آهي، سو مسٽر ذوالفقار علي خان ڀٽو آهي. هن جي دور حڪومت ۾ سنڌ سان جيڪي ظلم ٿيا آهن، انهن جو ذڪر تفصيل مان مٿي پيش ٿي چڪو آهي.

اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ ڪي ماڻهو حق کي ڇڏي ناحق جي پوئلڳي اختيار ڪرڻ لڳن ٿا. جهڙيءَ طرح ڪرستانن مان ڪن سندن پيغمبر حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي صليب تي چاڙهائڻ واريءَ يهودي قوم جي مجرمانہ ڪارنامي کي وساري، هن وقت کين عربن مٿان مسلط ٿيڻ لاءِ مدد ڏيڻ شروع ڪئي آهي. جهڙيءَ طرح عربن کي اگرچ رسول اڪرم ﷺ، جهالت جي اوڙاهہ مان ڪڍي، بام عروج تي پهچايو. پر انهن جي صلي ۾ رسول ﷺ جي ڏوهٽي امام حسين عليہ السلام کي اولاد سميت بيگناهہ شهيد ڪري، سندن سر نيزي تي گهمائي ۽ ڌڙ تي گهوڙا ڊوڙائي، ظالم ۽ فاسق باسق بادشاهہ يزيد کي، ذاتي لالچن ۽ فائدن خاطر اسلام جو خليفو مقرر ڪيو.

اڪثري حق جي آواز اٿاريندڙن کي تڪليفون برداشت ڪرڻيون پونديون آهن، ۽ ظالم ظاهري ڪاميابي حاصل ڪندا آهن. ليڪن تاريخ شاهد آهي تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو پيغام ۽ حسينؑ جو آواز اڄ ڏينهن تائين قائم آهن. يهودي ٻن هزارن ورهين تائين ان جي سزا ڀوڳيندا رهيا، ۽ يزيد جو نالو نشان ختم ٿي ويو.

اهڙيءَ طرح غدارانِ سنڌ مسٽر جناح ۽ ٻين جو نالو هن وقت ننڍي وڏي جي زبان تي آهي، ليڪن مون کي يقين آهي تہ جڏهن بہ سنڌ جو نوجوان بيدار ٿي، سنڌو ديش کي آزاد ڪرائيندو تہ اهي بہ دفتر پارينہ ٿي ويندا. سنڌ جو شاعر محمد ابراهيم منشي چوي ٿو تہ:

قائداعظم ٻڌوسون ۽ ڏٺم قائد عوام،
بيئي قاتل عوام جا، ٻنهي ڪرايو قتل عام،
هن ڪنو ڪشمير کي ۽ هن ٻريو پورب مان پيٽ،
هي ٻنهي مان ٿيو ٻٽون، هو ڪونجي قدو حجام.

هن سلسلي ۾ چند لفظ اهل پنجاب جي خدمت پيش ڪرڻ مناسب لڳن ٿا. ان ارادي سان ممڪن آهي تہ هو ڪجهہ سمجهہ کان ڪم وٺي، تاريخ مان سبق پرائين:

حضرات: اوهان جي واقعي لشڪر ۾ اڪثريت آهي. اوهان سنڌين کان تعداد ۾ زياده آهيو. اوهان تعليم، هنر ۽ پيسي ۾ سنڌين کان وڌيڪ آهيو. اوهان ۾ دنياوي طرح سامراجي قومن وانگر، سنڌ ۽ ٻين قومن تي زوريءَ قبضي رکڻ جي طاقت آهي، پر اوهان کي ادب سان عرض ڪندس تہ چوطرف نهاري ڏسو تہ هن وقت سامراجي حڪومتون دنيا مان غائب ٿينديون وڃن ٿيون.

اوهان خودمطلبيءَ، تشدد ۽ غلط نظرين جي آڌار تي غرور ۾ اچي، هن وقت ننڍين قومن تي قادر آهيو ليڪن غور ڪري ڏسندا تہ اوهان کي دائمي طور ان مان فائدي جي عيوض نقصان پهتو آهي ۽ وڌيڪ پهچڻ جو امڪان آهي. اوهان کي انهن غلط نظرين جي پوئلڳيءَ مان، هن وقت تائين هيٺيان نقصان پهتا آهن:

(1) اهل پنجاب کي تاريخي روايات ۽ سنڌن درويشن جهڙوڪ سلطان باهو خواجہ فريد، گرونانڪ، بلهي شاهہ وغيره جي تعليم

مان محبت جو پيغام ورثي ۾ مليل هو. جنهن ڪري اُتي جا رهاڪو قرآن جي هدايت ”لڪم دينڪم ولي الدين“ يا بقائي باهميءَ جي پوئلڳيءَ ۾ مختلف مذهبن ۽ نسلن جي هوندي، باهمي اتحاد جي نزديڪ اچي پهتا هئا. انگريزي دور حڪومت ۾ پنجاب جا سک، هندو ۽ مسلمان، سول سروس، لشڪر ۽ هنر ۾ برتري حاصل ڪري، قريباً هندستان جي گهڻي حصي تي حاوي ٿي ويا هئا، ليڪن جڏهن کان وٽي هن مسلم اقليت وارن مسلمانن جي تعليم ۽ تربيت جي پوئلڳي اختيار ڪئي ته مڪاني هندن ۽ سکن سان سندن اختلاف پيدا ٿي پيو جنهن ڪري پاڻ ۾ وڙهي، پنجاب کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري، قتل ۽ غارت جو باعث بنيا.

(2) اهل پنجاب جي هزارن ورهين کان سندن پياري زبان پنجابي هئي، جنهن کي اڄ به گهرن ۾ ڳالهائين ٿا. ان ۾ عمدو ادب آهي. انهيءَ زبان ۾ سندن درويشن سلطان باهو گرونانڪ، بلهي شاهه، خواجه فريد، وارث شاهه وغيره کين محبت ۽ عشق جو پيغام ڏنو هو ۽ پنجابي ادب کي مالا مال ڪيو هو ليڪن مسلم اقليت وارن مستقل مفاد مسلمانن جي پوئلڳيءَ ۾ هنن اردو زبان اختيار ڪري، پنهنجن وڏن جي پنجابي زبان کي پوئتي اڇلائي ڇڏيو آهي.

قومن جو وجود سندن زبان جي زنده رهڻ تي رهي ٿو. اهو ڪيتري قدر پاڻ وسارڻ جو دردناڪ واقعو آهي، جو پنهنجي قومي زبان تان دستبردار ٿي ويا آهن.

(3) اهل پنجاب ڪيترين مصيبتن ۽ مشڪلاتن مان لنگهڻ بعد مس وڃي سکن جي دور حڪومت ۾ پنهنجي حڪومت حاصل ڪئي. انهيءَ ڪانپوءِ منجهن قومي بيداري پيدا ٿي. موجوده دور ۾ سندن بهترين مدبرن سر فضل حسين ۽ سرسڪندر حيات خان، انهيءَ جذبي کي تقويت پهچائي. سک، هندو ۽ مسلم اتحاد پيدا ڪري، پنجابي قوم پرستيءَ کي زور وٺايو. اهي ڏينهن ڪهڙا نه سنا هئا، جڏهن ريڊئي تان ”ديسان وچ ديس پنجاب دا“ جو ترانو ٻڌبو هو ليڪن بدقسمتيءَ سان هن مسلم اقليت وارن جي

پوئلگيءَ ۾ قومپرستي ڇڏي، انڪار وطن تي قوميت جي نظرئي ۾ اعتماد رکي، طبقاتي ۽ عارضي نفعي خاطر مڪاني سڪن ۽ هندن سان اختلاف پيدا ڪري، پنهنجي قومي شيرازي کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري، پنهنجو ملڪ ورهائي ڇڏيو. هاڻ بہ انهيءَ غلط نظرئي قوميت کي چنبڙيا پيا آهن، جنهن کي هن وقت دنيا ۾ ڪٿي بہ تسليم نہ ٿو ڪيو وڃي.

(4) اهل پنجاب مٿي ذڪر ڪيل مختلف ڳالهين جي وچ ۾ هندستان جي مستقل مدفاد مسلمانن جي پيروي ڪرڻ سان سندن قومي انفراديت ختم ڪري ڇڏي آهي، جنهن ڪري سندن ليڊرشپ بہ وڃي ڌارين جي حوالي ٿي آهي. هنن پاڻ مان ليڊر پيدا ڪرڻ ڇڏي ڏنا آهن، هو ڪڏهن جناح صاحب، ڪڏهن لياقت علي خان، ڪڏهن نشتر صاحب، ڪڏهن خان قيوم، ڪڏهن جنرل محمد ايوب خان ۽ هاڻ يحيٰ صاحب جي پويان هلي، پنهنجي هستي ختم ڪري رهيا آهن.

انهيءَ تي غور ڪري ڏسبو تہ هڪ طرف پنجاب ورهائجي ويو ٻئي طرف ڪين پنهنجي زبان ڇڏي، ڌارين جي زبان کي اختيار ڪرڻو پيو ٽئين طرف محبت جو رستو ڇڏي، نفرت جي راهہ اختيار ڪئي اٿن. جنهن ڪري اڳي هندن ۽ سکن سان ڦتاياڻون ۽ هاڻ بنگاليءَ، سنڌي، بلوچ ۽ پختون قومن سان سمجهوتو ڪري نہ سگهيا آهن.

هي پاڻ سان تہ مٿيان ظلم ڪري سگهيا آهن. پين مان ڪهڙيءَ طرح توقع رکن ٿا تہ سندن پوئلگيءَ ۾ سنڌي، بلوچ ۽ پختون بہ پنهنجي قومي وجود تان هٿ کڻي، پنهنجي مادري زبان ۽ سيپتائن کي وساري، نفرت ۽ تشدد تي پلجندڙ خود مطلب ۽ مفاد پرست ماڻهن جي ماتحت گڏ گذارڻ پسند ڪندا!

ڪين هيءَ ڳالهہ ذهن ۾ ويهارڻ گهرجي تہ سنڌين کي انڪار وطن جي نظرئي، فسطائي سياست ۽ زور زبردستيءَ سان دوست بنائي نہ سگهندا. ان معاملي ۾ ڪين ماضيءَ مان سبق وٺي، ان تي عمل ڪرڻ گهرجي. شاهہ باهو خواجہ فريد، بلهي شاهہ، گرونانڪ جي پيغام ذريعي پنهنجي پاڙيسري نندين قومن تي هو اثر وجهي سگهن ٿا. نہ علامہ

اقبال، مولانا مودوديءَ يا ڪن جنرلن جي ڏنڊي جي وسيلي. مون کي معلوم ڪري افسوس ٿئي ٿو تہ اڃا تائين ڪي منجهن اهڙا آهن، جي هيٺئين قسم جا خيال ظاهر ڪري رهيا آهن:

(الف): اهل بينگال کي ماتحت رکڻ ۾ انڪري ڪامياب نہ ٿيا. جو هو تعداد ۾ زياده هئا، 15 سو ميل پري هئا ۽ سندن جاگرافيائي حالتون اهڙيون هيون، جو ڪين زوريءَ پاڪستان ۾ گڏ رهي سگهڻ ممڪن نہ هو. پر بلوچ تعداد ۾ ٿورا هئا، سنڌي ڪمزور هئا، پختون پيسي تي خريد ٿي سگهيا ٿي، ان ڪري هو زوريءَ باقي رهيل قومن کي، پنهنجي ماتحت رکي سگهندا.

(ب):سندن جوابدار ماڻهن کان هي چوندي ٻڌو ويو آهي، تہ هاڻ جي سنڌين گوڙ ڪيو تہ سنڌ جا جملي ماڻهو ختم ڪري، پنجابي سنڌ ۾ آڻي، آباد ڪرائيندا سون. پوءِ سنڌ جي زمين، ڪارخانن، واپار ۽ نوڪرين کي هو پنهنجي ماڻهن کي ورهائي ڏيندا. ۽ بلوچستان سان بہ اهڙي حالت ڪري، اتي جي ڪاڻين ۽ واپار تي قابض ٿي ويندا.

هنن کي هيءُ بہ ڀروسو آهي تہ جهڙيءَ طرح ڀٽي کي سنڌ مان، خان قلات ۽ ڄام غلام قادر کي بلوچستان مان، قيوم خان کي سرحد مان خريد ڪري، پنهنجا ايجنٽ بنائي سگهيا آهن، اهڙيءَ طرح انهن قومن تي پنهنجي ڏاڍ مڙسي قائم رکڻ لاءِ آئيندي بہ ڪندا رهندا.

ڪين ادب سان عرض ڪندس تہ اهو فڪر جو طريقو ئي غلط آهي. زور ۽ ڏنڊيءَ جي ماٺ ڪي دير تائين قائم رهي نٿي سگهي. غلط نظرين جي آڌار تي ٻين قومن کي گهڻي وقت تائين غلام رکي نٿو سگهجي. ڪين عقل کان ڪم وٺڻ گهرجي.

مون کي خبر آهي تہ اهل پنجاب کي هيٺين قسم جون مشڪلاتون آهن، جن جا حل ڳولي لڌا آهن:

(1) پنجاب ۾ ماڻهن جي، ڪثريت ۽ زمين جي گهٽتائي آهي، تنهن ڪري زوائد آبادگارن جي مشغوليءَ جو انتظام ڪرڻو اٿن.

(2) پنجاب ۾ جنگجو ماڻهن جي ڪثريت آهي، تنهن ڪري فوج وڌائڻ جي ضرورت اٿن.

(3) پنجاب ۾ پيسي جي گھٽائي آهي، ان ڪري ان جي سيڙپ لاءِ ملڪ ۾ موقعا تلاش ڪرڻا اٿن.

(4) پنجابي زبان کي ترقي وٺائي نہ سگھيا آهن. تنهن ڪري اردوءَ کي اختيار ڪيو اٿن.

(5) علم ۽ هنر وارن ماڻهن جي ڪثرت اٿن. انهيءَ ڪري سندن روزگار لاءِ انتظام ڪرڻو اٿن.

انهن حالتن هيٺ جڏهن يوپي ۽ بين اهل هند جي مهاجرن طرفان کين انڪارِ وطن جي بنياد تي مسلمانن جي جدا قوم جو نظريو پيش ڪيو ويو تہ هو انهيءَ نظريي ذريعي مٿي ذڪر ڪيل مشڪلاتن کي حل ٿيڻ جو امڪان ڏسي، اها پاليسي اختيار ڪرڻ گھرن ٿا. جنهن کي هٽلر جي دور ۾ جرمنيءَ ۽ مسولينيءَ جي دور ۾ اٽليءَ ۾ ۽ توجي جي دور ۾ جپان ۾ اختيار ڪيو ويو هو. کين تاريخ تي غور ڪري ڏسڻ گھرجي تہ جنهن صورت ۾ اهي طريقا خلاف فطرت هئا، ان ڪري ڪامياب ٿي نہ سگھيا. وڏي تباهيءَ ۽ خون خرابيءَ جو باعث بنيا. مسلمانن جي جداگانہ قوم جو نظريو پڻ اسلامزم ۽ خلافت ذريعي آزمائي ڏٺو ويو آهي، جو ناڪامياب ٿيو آهي. هزارن ورهين جي تاريخي قومن، انهن جي زبانن، سندن ڪلچرن ۽ سياسي اقتصادي مفادن کي ختم ڪري نٿو سگھجي.

اهل پنجاب لاءِ هنن حالتن ۾ بهتر رستو اهو آهي، تہ پنهنجي وطن پنجاب کي آزاد ۽ خودمختيار ملڪ بنائين. اهڙيءَ طرح سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان کي آزاد ٿيڻ ڏين. پنجاب جي آزاد ڪرائڻ بعد پنهنجي زبان، ڪلچر ۽ سياسي اقتصادي مفاد جي ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪن ۽ ملڪ کي ترقي يافتہ بنائين. پوءِ بلوچ خوشيءَ سان سندن تعليم يافتہ ماڻهن کي لشڪر، ڪارخانن ۽ بين ڪمن لاءِ استعمال ڪري سگھندا. سنڌي خوشيءَ سان سندن بهترين سپاهي پاڻ وٽ رکي سگھندا، جو وٽن انهن جي ڪمي آهي، ۽ گھٽي وقت تائين رهندي. سندن بهترين سائنسدان، عالم ۽ ڊاڪٽر وغيره بہ سنڌين کي ڳچ وقت لاءِ کپندا. بهترين هنرمندن ۽ ڪاريگرن جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ پڻ سنڌي سندن مدد وني سگھن ٿا. تاريخ

شاهد آهي تہ هزارها ڪٽنب پنجاب کان لڏي، سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا آهن. جي سنڌي زبان اختيار ڪري، لڳ لاڳاپا وڌائي، سنڌين سان هڪ ٿي ويا آهن. اهو سڀ رضاڪارانہ طور پئي ٿيو آهي. آئنده سنڌ آزاد ٿيڻ بعد بہ باهمي سمجهوتي سان ائين ٿي سگهي ٿو پر اها ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ ڪو بہ باغيرت سنڌي پنجابي سامراجيت هيٺ رهي، سنڌ کي پنجابي مستقل مفاد جي ڪالوني بنائڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو.

اسلام جهڙو عالمگير مذهب جي مسلمان ملڪن کي 13 سو ورهين جي عرصي اندر هڪ سلطنت ۾ شامل رهڻ لاءِ تيار نہ ڪري سگهيو آهي. هاڻي جناح صاحب. پٺي صاحب ۽ مودودي صاحب جي معرفت انهن کي هڪ ڪيو وڃي، سو خام خيال آهي. البت هر مسلمان ملڪ جدا آزاد رياست رهي، بقا باهميءَ جي اصول تي باهمي تعاون ذريعي هڪ اتحاد ۾ ڳنڍجي سگهي ٿو. بلڪل اهڙيءَ طرح جهڙيءَ طرح عرب ملڪ. يورپين منڊيءَ جا ملڪ. افريقا جا ملڪ پنهنجي پنهنجي دائري ۾ هڪ ٻين جي نزديڪ ايندا وڃن ٿا.

ليڪن زور زبردستيءَ سان غلط نظرين جي ماتحت. هزارن ورهين جي تاريخ واريون قومون، پنهنجو وجود ختم ڪري، اسلام جي نالي ۾ پنجاب سامراج هيٺ رهن. اها ڳالهہ محال ۽ جنوني آهي. وطن دشمن استحصالي مهاجرن جي نظرين جي پوئلڳي ڪري، پنجابين پنهنجو ملڪ ڀاڱا ڀاڱا ڪرايو. ڀارت سان ٽي جنگيون ڪيون. پنهنجن صوفيائي ڪرام جي محبتي پيغام کي وساريو. انهن ڳالهين مان ڪين فائدو ڪونہ رسيو آهي، بلڪ هر طرف کان هنن پاڻ لاءِ دشمنيون پرايون آهن.

ڪين گذريل ويجهي وقت جي تاريخ مان سبق پرائڻ گهرجي تہ فرينچن جهڙي طاقتور قوم ۽ ملڪ بہ الجيريا کي ماتحت رکي نہ سگهيو ۽ مجبوراً کيس آزاد ڪرڻو پيس. امريڪا پنهنجي سموري طاقت انڊوچائنا ۽ سندس پٺو ويٽنام گروه کي اقتدار ۾ رکڻ لاءِ صرف ڪئي، پر دنيا ڏسي ورتو ۽ اهو ناڪامياب ٿيو. بينگال هن پاليسيءَ ڪري، هيتري خون خرابيءَ کان پوءِ جدا ٿي ويو. انهن ڳالهين کانپوءِ هاڻ ڪين پاڻ ساڳيءَ پاليسيءَ سان سنڌ. بلوچستان ۽ پختونستان کي

ماتحت رکڻ جي ڳالهه چڏي ڏيڻ گهرجي. پاڪستان نہ اڳي ڪڏهن هڪ ملڪ رهيو هو، نہ آئيندي ان کي ڪوبہ هڪ ملڪي نظام هيٺ گهڻي وقت تائين قائم رکي سگهندو. سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ پختونستان جون قومون ۽ ملڪ اڳي بہ هئا ۽ آئيندي بہ رهندا. انهن کي هڪ ٻئي سان بردارانہ لاڳاپي ۾ گڏجي گذارڻ جو واحد علاج آهي، تہ انهن قومن کي آزاد ڪري، بقائي باهميءَ جي اصولن تي برٽش ڪامن ويلٿ وانگر انڊس طاس ڪامن ويلٿ جي نالي سان پاڻ ۾ گڏجي گذارڻ لاءِ تيار ڪجي. انهن جو اهو اتحاد اڳتي هلي ڀارت، بنگلاديش، ايران ۽ افغانستان تائين وڌائي سگهجي ٿو.

پاڪستان جي انهيءَ طرح ٽٽي پوڻ ڪري ڪا مصيبت ڪا نہ ايندي. سڪندر اعظم جي سلطنت ٽٽي پيئي، اشوڪا جو سامراج ختم ٿي ويو. روسي ايمپائر جا باقي وچي تاريخي نشان رهيا آهن. جرمني، انگلينڊ، روس ۽ فرينچ ختم ٿي ويا. پوپن جي ماتحت عيسائي اتحاد اڄ فقط تاريخ جي ورقن ۾ ملي سگهي ٿو. ترڪ خليفن جي شهنشاهيت جو اڄ نالو بہ نہ آهي. پوءِ هي مهاجر پنجابي مستقل مفاد وارو سامراج ٽٽي پيو تہ ڪهڙو اُبُ ڏرندو!

پاڪستان جي ٽوڙڻ مان سنڌ، بلوچستان، پختون ملڪن کي هيٺيان فائدا حاصل ٿيڻ وارا آهن.

(1) پاڪستان نفرت، تشدد، ڌوڪي بازيءَ ۽ استحصال جي بنياد تي برپا ڪيل آهي، ان جي ٽٽڻ ڪري ملڪن ۾ محبت، انصاف، مساوات ۽ امن جو دور شروع ٿيڻ جو امڪان آهي.

(2) پاڪستان جي وجود برصغير هند جي ٻن هزار ورهين جي تاريخي روايات، تعليم ۽ تربيت جي خلاف آهي. ان جي ٽٽڻ ڪري وري اڳوڻو سلسلو انساني بنيادن تي هتان جي سڀني قومن، مذهبن ۽ نسلن ۾ ياڻپيءَ جو سرجڻ، وڌڻ ۽ پختي ٿيڻ جو شروع ٿيندو. هن وقت اسان کي شاه باهو خواجہ فريد، گرونانڪ، شاه لطيف، ڪبير ڀڳت، سچل سرمست وغيره جي تعليم جي ضرورت آهي، ۽ نہ اقبال، سر سيد احمد خان ۽ مولانا مودوديءَ جي تعليم جي.

(3) پاڪستان جو قيام سنڌين، پنجابين، بلوچن ۽ پختونن جي هزارها سالہ قومي وجودن جي خلاف آهي. ان کي زوريءَ قائم رکڻ ڪري، مٿي ذڪر ڪيل قومن ۾ اختلاف وڌندا رهندا. ان کي رضاڪارانہ طور ختم ڪرڻ سان منجهن محبت، اتحاد ۽ باهمي تعاون پيدا ٿيندو.

(5) پاڪستان صرف سامراجيت جي آڌار تي قائم آهي. جيئن تہ دنيا جا سڀ سامراج ختم ٿي رهيا آهن، تنهن ڪري بهتر آهي تہ ان کي خوشيءَ سان سميٽي، باهمي تعاون سان ايشيائي اتحاد جي سلامتيءَ لاءِ رشيا جي اڳواٽيءَ هيٺ راهہ هموار ڪجي.

فصل ڇهون

پاڪستان مان سنڌ کي اميدون ۽ آسرا

پاڪستان جي تحريڪ ۾ مون بہ حصو ورتو هو. مون هيٺين سببن ڪري، ان ۾ دلچسپي ورتي هئي.

(1) جڏهن سنڌ جي جدا ٿيڻ بعد ڪانگريس ڪارڪنن جي مدد سان الهہ بخش جي قومپرست وزارت ٺاهي، سنڌ جي تعمير ۽ ترقيءَ جون رٿون تيار ڪري، ڪم هلائڻ گهريوسون، تہ هندو مستقل مفاد ان جي راهہ ۾ رنڊڪ بڻجي بيٺا. جدا چونڊن جي ڪري ڪانگريس ميمبر، جي اڪثري هندو هئا، انهن ڳالهين کي روڪي نہ سگهيا ۽ اسان کان جدا ٿي ويا. اهڙيءَ طرح سان اهي اميدون برثواب ٿي نہ سگهيون.

(2) سنڌ ۾ عام مسلمانن تي زميندار، ڪاموري، ۽ پير ۽ ملا جو اثر هو جي اڪثري رجعت پسند، اقتدار جا بکيا، بي اصول ۽ خود مطلب هئا. عام ماڻهن جي اڪثريت زراعت پيشہ هئي، جن مان گهڻا بي زمين هاري قرضن ۾ غلطان ۽ ڏاڍ جا ستايل هئا.

هندو مستقل مفاد، واپاري، وياج خور، ڪامورو ۽ زميندار هو. مسلمان مستقل مفاد، زميندار، پير، ملا ۽ ڪامورو هو. ٻئي ڌريون عوام جون مخالف هيون، ٻنهي مستقل مفاد سان هڪ وقت لڙي نٿي سگهياسون.

جنهن صورت ۾ هندو مستقل مفاد ٿورو ۽ زياده منظم هو ان ڪري اول ۾ ان جي استحصال کي روڪڻ لاءِ قدم کڻڻ چاهياسون ٿي، ان لاءِ قانون انتقال ايراضي ۽ قرضن جي گهٽائڻ جا بل مکيہ ڳالهيون هيون. جن ذريعي ڳوٺاڻن کي رليف (نجات) ڏيارڻ گهريوسون ٿي. پارت ۾ ڪانگريس وزارتن انهيءَ ڏس ۾ قدم کنيا هئا. اسان کي اميد هئي تہ هتي بہ هو اسان کي ان ڳالهہ ۾ مدد ڪندا. تنهن ڪري اسان فيصلو ڪيو تہ ڪانگريسين ذريعي اهو ڪم سرانجام ڪرايون، پر ائين نہ ٿيو بلڪ مڪاني ڪانگريس ڪميٽيءَ ۽ ان جي آل انڊيا ڪانگريس

هاڻ ڪمانڊ اسان کي مڪاني اقتصادي، سماجي ۽ تعميري ڪمن جي سرانجاميءَ ۾ مدد ڏيڻ جي عيوض آل انڊيا سياسي مسئلن کي ترجيح ڏني. ان ڪري اسان مجبور ٿي، مسلم ليگ جي فرقيوار بنيادن تي مسلمان عوام کي هندو مستقل مفاد جي سامهون ڪٺو ڪري منظم ڪرڻ شروع ڪيو. تجربي نہ هئڻ ڪري، جو پروگرام بنايوسون تنهن جو ڪجهہ احوال هيٺ ڏجي ٿو.

پوسٽر

مسلم ليگ جي گهر آهي پاڪستان.

پاڪستان جي معنيٰ آهي اسلامي حڪومت.

1. جنهن ۾ قرآن شريف جي اصولن مطابق حڪومت قائم ڪئي ويندي.
2. جتي سيني ماڻهن کي سياسي، معاشرتي ۽ اقتصادي هڪ جهڙائي هوندي!
3. جتي حڪومت جون واڳون سچن ۽ پرهيزگار مسلمانن جي هٿ ۾ هونديون!
4. جنهن ۾ غير مسلمانن جي حقن جي خاص طرح حفاظت ڪئي ويندي!
5. جتي حڪومت جو پهريون فرض ملڪ مان غربت، ظلم، بي علمي ڪيڏي، طبقاتي مفاد خاطر عوام کي ناجائز طرح ڪتب آڻڻ کي بند ڪرڻ هوندو!
6. جتي زنا، شراب خوري ۽ وياج خوريءَ جي قانوناً منع هوندي!
7. جنهن ۾ عدل ۽ انصاف پيسن تي نہ وڪامندو پر هرهڪ کي مفت نصيب ٿيندو!
8. جنهن ۾ عزت جو معيار طاقت ۽ پيسي تي نہ، پر چڱن اخلاقن تي مقرر ڪيو ويندو!

غلام مرتضيٰ

چيئرمين مسلم ليگ آرگنائيزيشن ڪميٽي.

(3) ان وقت سنڌي مسلمانن کي پاڪستان نهڻ بعد آل انڊيا مسلم ليگ جي 1940ع لاهوار واري ٺهراءَ ۽ سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاس ٿيل ٺهراءَ مطابق، آئيندي سنڌ ۾ آزاد ۽ خودمختيار حڪومت قائم ٿيڻ جي اميد هئي.

انهن حالتن ڪري اسان پاڪستان ۽ مسلم ليگ طرف گهلجي وياسون. سياسي تجربي نه هئڻ ڪري پتو نه پئجي سگهيوسون ته الهه بخش وزارت کي هندو مستقل مفاد، جو عوام جي پلي جو ڪم ڪرڻ نٿي ڏنو ان جو ڪارڻ ڪانگريس جا ميمبر نه هئا، پر انهن جي هندو مستقل مفاد سان جوابداري هئي. جيڪا جدا چونڊن سبب سندن چونڊجي اچڻ سبب مٿن عائد ٿيل هئي. جدا چونڊن جو ڪارڻ مسلم ليگ جماعت هئي، جنهن مسلم اقليت وارن صوبن ۾ مسلم مستقل مفاد کي بچائڻ خاطر، انگريزن جي مدد سان جدا چونڊن کي مروج ڪرايو هو.

انهيءَ وقت اهو خيال به نه آيوسون ته مسلمانن کي فرقيوار بنياد تي منظم ڪرڻ سان عوامي فائدو حاصل ٿيڻ وارو نه هو ڇاڪاڻ ته عوام ۾ غريب هندو به هئا ۽ مسلمان به هئا. تنهن ڪري عوام کي اقتصادي ۽ طبقاتي بنيادن تي منظم ڪرڻ زياده ڪارآمد ٿي سگهيو ٿي.

فرقيوار سياست ڪري سموري واڳ ملا ۽ ان جي سرپرست چالاڪ مستقل مفاد جي حامل مسلم سياستدان جي هٿ ۾ وڃي پئي هئي.

اهڙيءَ طرح اسان غلط طريقن سان صحيح مقصد کي حاصل ڪرڻ گهريو ٿي. عوام جي طبقاتي جنگ کي مستقل مفاد خلاف محاذ قائم ڪرڻ جي عيوض هندو مستقل مفاد ۽ مسلم مستقل مفاد جي چڪر ۾ وجي وڌوسون. اسان عوام کي مثالي حڪومت قائم ڪرڻ جي دلاسي تي ڪنو ڪرڻ جو وعدو ڪيو ليڪن علم ۽ تجربي جي گهٽتائيءَ سبب اهو پتو نه پيوسون ته مٿي ذڪر ڪيل اسلامي مقصد اسان اهڙيءَ جماعت جي هٿان حاصل ڪرڻ گهريا ٿي، جنهن جي واڳ اهڙن ماڻهن جي هٿن ۾ هئي، جي مستقل مفاد جا عيوضي، شرابي، جواري، بداخلاق، رجعت پسند ۽ عوام دشمن هئا. نتيجو اهو نڪتو ته سنڌي عوام سان گڏ اسان پاڻ کي مصيبتن ۾ وجهي ڇڏيو.

اسان ان وقت ايئن سمجهيو هو تہ صرف ڪانگريس هاءِ ڪمانڊ وارا مڪاني سوالن تي آل انڊيا مسئلن کي ترجيح ڏيندڙ هئا، ليڪن اڳتي هلي پتو پيوسون تہ انهيءَ ساڳي گناهہ جا ڪندڙ مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ وارا بہ ثابت ٿيا. ڪانگريس ڪارڪنن ۾ ڪجهہ قدر اصول ۽ شخصي اخلاق هو ليڪن هي ليگي ليڊر زياده بي اصول ۽ بداخلاق ثابت ٿيا. اسان جو مثال ان تتر جهڙو وڃي ٿيو جو باز کان پاڻُ بچائڻ لاءِ وڃي هڪ فقير جي گودڙيءَ ۾ لڪو هو. پر تجربي بعد پتو پيس تہ اهو فقير باز کان بہ زياده بڇڙو هو.

(4) اسان سمجهيو هو تہ پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ جملي ملڪ، ڪيل وعدن موجب آزاد ۽ خودمختيار رياستن جي صورت اختيار ڪندا. پر تجربي ثابت ڪيو تہ آزاد ٿيڻ جي عيوض اسان جا ملڪ وڃي، مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراج جي ڪالوني بنيا آهن.

هيٺ اسان سنڌين جي پاڪستان مان اميدن جي ختم ٿيڻ جو ڪجهہ تفصيل سان ذڪر ڪنداسون:

1. اسان کي اميد هئي تہ لاهور جي مسلم ليگ نهراءَ ۽ سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاس ڪيل نهراءَ مطابق، سنڌ، بلوچستان، پنجاب، پختونستان ۽ بينگال جي قومن کي آزاد ۽ خودمختيار رياستن جو درجو ڏنو ويندو. پر ائين نہ ٿيو. مهاجر ۽ پنجابي مستقل مفاد پاڪستان جي قيام کان پوءِ ڦيرو ڪائي، مٿي ذڪر ڪيل جملي ملڪن جدا قوميت جي وجود کان انڪار ڪري، پاڪستان کي يونيٽري قسم جي رياست بنائي، ننڍين قومن جو استحصال ڪرڻ لڳا. جيڪڏهن ڪنهن پنهنجي حقن جي گهر تي ڪئي، تہ انهن کي اسلام ۽ پاڪستان جو دشمن، صوبائي تعصب رکندڙ انتشار پسند ۽ ڌارين جو ايجنٽ سڏي، سزائون ڏنيون وبون ٿي.

2. اسان کي اميد هئي تہ پاڪستان قائم ٿيڻ بعد سنڌ عوام، جنهن جي اڪثريت مسلمان هئي، هندو مستقل مفاد جي استحصال کان نجات حاصل ڪندو. پر ان جي عيوض اُلٽو اسان وري مسلم اقليت وارن صوبن جي مستقل مفاد جي چنبي ۾ وڃي ڦاٿا آهيون، جن جو استحصال هندو سرمائيدار جي استحصال کان سؤ دفعا بدتر آهي.

3. سنڌين کي اميد هئي تہ سنڌ زرخيز ملڪ هئڻ ڪري، ان مان وصول ٿيندڙ جملي محصول سنڌين جي ترقيءَ ۽ تعمير لاءِ ڪتب آندا ويندا. پر پاڪستان بنجڻ بعد ائين نہ ٿيو آهي. مورڳو سنڌ مان وصول ٿيندڙ ٽيڪسن جو 95 سيڪڙو پيسو مهاجر پنجابي نفعي لاءِ خرچ ڪيو وڃي ٿو.

4. سنڌين کي اميد هئي تہ پاڪستان بنجڻ بعد ڪم ازڪم حڪومت سنڌ تي سنڌي سياستدانن جو قبضو رهڻ ڏنو ويندو، جي سنڌي عوام نفعي لاءِ ان کي سندن مرضيءَ ۽ مفاد مطابق استعمال ڪندا. پر تجربي بعد معلوم ٿيو آهي تہ سنڌ جي آٽونوميءَ کي ختم ڪري، مهاجر پنجابي سامراجين ان کي سندن مرضيءَ ۽ مفاد لاءِ پئي ڪتب آندو آهي. هن سلسلي ۾ پاڪستان جي قيام کان پوءِ سنڌ جي پهرئين وزيرِاعليٰ محمد ايوب خان کهڙي سان جيڪا روش اختيار ڪئي ويئي، ان کي سمجهڻ ضروري آهي. ڪيس سندن مرضيءَ مطابق هلندڙ نہ ڏسي، هيٺين مسئلن جي اختلاف ڪري، سندس وزارت کي باوجود سنڌ اسيمبليءَ ۾ اڪثريت هئڻ ڪري ڊسمس ڪري، ڪوڙي ڪيس هيٺ جيل ۾ موڪلي ڇڏيائون.

کهڙي سان سامراجين جي اختلاف جا ڪارڻ

(i) کهڙي صاحب سنڌ ۾ لياقت علي خان جي ان تجويز جي مخالفت ڪئي هئي، تہ سنڌي هندن خلاف فساد ڪرائي، کين سنڌ مان لڏائي، سندن ملڪيتن تي ٻاهرت کان ڪثير تعداد ۾ مهاجر گهرائي، قابض ڪرايو وڃي.

(ii) ڪراچيءَ ۾ لياقت علي خان وزيراعظم پاڪستان سندس ماٺهن هٿان هندن جي ملڪيت ڦٻائڻ لاءِ فساد ڪرايا هئا، جنهن ۾ مرڪزي حڪومت جي مهاجر عملي شرڪت ڪئي هئي. ان تي کهڙي صاحب، جو ان وقت وزيراعليٰ هو، ڌوهارين کي گرفتار ڪرائي، ڦريل مال هٿ ڪيو هو. ان تان وزيراعظم لياقت علي خان، کهڙي جي خلاف ٿي پيو.

(iii) سنڌي هندن کي سنڌي مسلمانن هم قوم هئڻ ڪري، فسادن وقت پناهہ ڏني هئي، پر مرڪزي حڪومت جي پاليسي ۽ پارت کان لڏي آيل مهاجر عندبن هنن جي زندگي ويال جان بنائي ڇڏي، ان ڪري هو ڪثير تعداد ۾ لڏڻ لڳا. جنهن ڪري زرعي زمين، واپار جون منڊيون، مختلف شين جا دڪان سامان سوڏا، ڪارخانا، عاليشان رهڻ جون جايون خالي ٿيڻ لڳيون. تن جاين تي صوبائي حڪومت مڪاني سنڌين کي آباد ڪرڻ شروع ڪيو. ان ڪري مرڪزي حڪومت جنهن تي قبضو لياقت علي خان وسيلي، مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو هو، ناراض ٿي پيئي، ۽ هنن اها ملڪيت سنڌين کان کسي، مهاجرن ۾ ورهائڻ شروع ڪئي. کهڙي ۽ لياقت علي خان جي وچ ۾ اختلاف جو هڪڙو سبب اهو بہ هو.

(iv) پاڪستان پنجن جدا ملڪن ۽ قومن تي مشتمل ملڪ هو جن قومن کي هزارها ورهين جون جهونيون زبانو هيون، اُتي جي رهاڪن کي جدا ڪلچر هئا. نئين حڪمران طبقي انهن زبانن جي عيوض، سندن وچ پارت مان آندل اردو زبان کي زوريءَ ملڪ مٿان مڙهڻ چاهيو ۽ سيني درجن تي اسڪول ۽ ڪاليجن ۾ ان کي لازمي نهرائڻ شروع ڪيو. کهڙي صاحب انهيءَ پاليسي جي مخالفت ڪئي. جنهن تان اهو طبقو مٿس ناراض ٿي پيو.

(v) ڪراچيءَ جو شهر هڪ سو ورهين کان سنڌ جي گاديءَ جو شهر رهيو آهي، ان جي ترقي ۽ تعمير تي سنڌ جي پيدائش مان اربين روپيا خرچ ٿيا هئا. نئين حڪمران طبقي ان کي مهاجرن سان پري، سندن ڪالونيءَ طور ڪٽب آڻڻ شروع ڪيو هو. کهڙي ان قدم جي مخالفت ڪئي. جواب ۾ هنن وريءَ ڪراچيءَ کي سنڌ کان کسي، مرڪزي حڪومت جي حوالي ڪرڻ چاهيو ٿي. جنهن جي مخالفت ڪرڻ تي، هي کهڙي کان ناراض ٿيا.

(vi) سنڌ اندر هندن جي خالي ٿيل نوڪرين تي، حڪمران طبقي مهاجرن کي رکڻ ٿي چاهيو. کهڙو صاحب ابتدا کان وٺي، سنڌي مسلمان ڪاموري جو حامي هو. تنهن ان خالي ٿيل

نوڪرين تي سنڌين کي مقرر ڪرڻ گهريو ان تان هن کي صوبائي تعصب رکندڙ قرار ڏئي، بدنام ڪري، وزارت مان ڪيڻ لاءِ گهاٽ گهڙيا ويا.

(vii) پاڪستان جو آئين نہ نهيو پر برٽش پرليامينٽ طرفان پاس ڪيل پاڪستان جي آزاديءَ جو قانون ملڪ ۾ رائج هو ان مطابق سنڌ کي آٽونامي مليل هئي. ليڪن پاڪستان جي سامراجي حڪمران طبقي، مسلم ليگ پارٽيءَ جي نالي ۾ ۽ مرڪزي حڪومت طاقتور هئڻ جي آڌار تي، سنڌ جي اندروني معاملن ۾ دست اندازي ڪري، سنڌ جي آٽوناميءَ کي بيڪار بنائڻ گهريو تي. کهڙي صاحب ان پاليسيءَ جي مخالفت ڪئي. ان تان بہ هي نوان حڪمران مٿس ناراض ٿيا. ۽ سندس زيردست وزيرن ۽ گورنر سنڌ کي لالچون ڏئي، ان جي مخالفت ڪرڻ لاءِ تيار ڪيائون.

سنڌي عوام ٻاهران آيل مهاجرن کي ڪاڏا ڪارايا. آڌر ڀاءُ ڪئي، انهن جي رهڻ لاءِ انتظام ڪيا. سنڌ سرڪار جي عملي رهڻ ۽ آفيس لاءِ ڪروڙها روپيا خرچ ڪيا. پر جڏهن سنڌ سرڪار گهر ڪئي تہ سندس خرچ ڪيل رقم کيس واپس ڏني وڃي، تہ حڪمران طبقي سنڌي حڪومت جي اهڙي واجبي گهر جي مخالفت ڪري، ناراضگي ڏيکاري.

(iiiv) ڪيترين زمينون ۽ دڪان، ڪارخانا سنڌي مسلمانن هندن کان خريد ڪيا هئا. انهيءَ جي فيصلي ڪرڻ لاءِ ڪسٽوڊين کاتو کوليو ويو. جنهن جي چارج مهاجر عملدارن جي هٿ ۾ ڏني ويئي. نتيجو اهو نڪتو تہ هنن سنڌي مسلمانن جون دعوائون رد ڪري ڇڏيون. جڏهن کهڙي ان لاءِ سنڌين طرفان حقن واسطي گهر ڪئي، تہ ڳن تا بہ حڪمران طبقو مٿس ناراض ٿي پيو.

(ix) سنڌ مسلم ليگ جو صدر کهڙو صاحب هو. هو آزاد خيال ۽ سنڌي حقن لاءِ لڙندڙ ماڻهو هو. ان سنڌ مسلم ليگ کي پنهنجي قبضي ۾ رکڻ چاهيو ٿي. ليڪن مرڪزي حڪام ان ۾ دست اندازي ڪري، صوبي مسلم ليگ کي بہ پنهنجي چاڙتن جي حوالي

ڪرڻ گهريو ٿي، ان جي کهڙي صاحب مخالف ڪئي، جهن تان مرڪزي حڪام متس ناراض ٿي، پير الاهي بخش ۽ ٻين سندن چاڙتن ڪي، هن جي خلاف بغاوت لاءِ آماده ڪيو.

(x) صوبي سنڌ اسيمبليءَ ۾ ميمبرن جي اڪثريت کهڙي صاحب جي طرفدار هئي. ازانسواءِ صوبي مسلم ليگ جماعت جو قبضو سندس هٿ ۾ هو. کهڙي جي سنڌ نواز پاليسيءَ تان ناراض ٿي، هنن پير الاهي بخش ۽ مير غلام علي خان کي لالچ ڏئي، ان جي مخالفت لاءِ آماده ڪيو. جڏهن کهڙي صاحب مرڪزي حڪمران طبقي جي طرفان سنڌ سرڪار جي اندروني معاملن ۾ دست اندازيءَ ۽ سازشن جي خلاف احتجاج بلند ڪيو ته هنن ڪيس وزارت مان ڪيڻ لاءِ گهاٽ گهڙيا.

(xi) صوبائي وزيرن جڏهن سنڌ جي قديم رهاڪن جي مفاد خاطر مرڪزي سرڪار جي ناجائز حڪمن جي بجاءِ آوريءَ کان انڪار ڪيو ته ان کان ناراض ٿي، ان حڪمران طبقي جناح صاحب ۽ لياقت علي خان ذريعي صوبائي اسيمبلي ميمبرن يا وزيرن کي اسيمبلي اندر سندن برخلاف ووٽ پاس ڪرڻ ڪانسواءِ عام تسليم ڪيل جمهوري دستور خلاف وزارت يا ميمبريءَ مان خارج ڪرڻ لاءِ پروڊا قانون پاس ڪرائي، وزيرن ۽ ميمبرن کي ڪيڻ شروع ڪيو.

(5) پاڪستان ٺهڻ کان اڳ سنڌ جي ڳوٺن ۽ جهوپڙين ۾ رهندڙ خانہ بدوش سنڌين کي رٿائتي طريقي سان جديد طرز جي ڳوٺن ٻڌڻ ۽ گهرن ٺهرائڻ لاءِ تجويزون تيار ڪيل هيون. انهن ڳوٺن ۾ رستا، کوهہ، اسڪول، اسپتالون وغيره ٺهرائي، ڳوٺاڻن کي سهوليتن ڏيڻ لاءِ پروگرام رٿيل هو پر پاڪستان ٺهڻ بعد حڪمران طبقي سمورو توجهہ مهاجرن جي آبادڪاريءَ طرف رجوع ڪيو. هندن جا خالي ڪيل گهر انهن کي ڏياريائون. نوان ڳوٺ بہ انهن کي ٻڌائي ڏنا ويا. فساد ڪرائڻ بعد جڏهن هندن جي لڏ پلاڻ ٿي ۽ وڏيڪ گهر خالي ٿيا تہ اهي مهاجرن کي مليا، ليڪن اصلوڪن سنڌين جي آبادڪاريءَ يا گهرن ٺهرائڻ جو ڪوبہ

بندوبست نہ ڪيو ويو. جڏهن تہ هو ملڪ جا رهاڪو ئي ڪونہ هئا، ۽ هيءُ ملڪ ورثي ۾ صرف مهاجرن کي سنڌ آقا انگريزن کان مليو هو.

(6) سنڌ جا اڪثر مسلمان زراعت پيشہ هئا. جيڪي ٿورا ماڻهو واپار ۾ هئا، تن کي پيسي جون سهوليتون نہ مليل هيون، تنهن ڪري هو ترقي ڪري نہ سگهيا. ان تي جڏهن هندن جي ريس ۾ مسلمانن واپار ۽ دوڪانداريءَ ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي تہ ان وچ ۾ پاڪستان قائم ٿي ويو. سنڌين کي اميد هئي تہ هندن جي خالي ٿيل جاين کي هو پرينداء پاڪستان جي نون حاڪمن، جي مهاجر پنجابي مستقل مفاد جا نمائندا هئا، هندن جا دوڪان سامان سوڌا مهاجرن کي ڏياريا ويا. ڪارخانا کين ڏياريا ويا، جملي بئنڪن تي منظم طريقي سان سرڪاري سرپرستيءَ هيٺ کين مسلط ڪيو ويو. واپار جي منڊين ۽ واپار جي پرمٽن لاءِ انهن کي مخصوص ڪري، انهن کي زور وٺايو ۽ سنڌين کي جاٽي واٽي ٻاهر رکيو ويو. جنهن ڪري سنڌ مهاجرن جي ڪالوني بنجي ويئي، ۽ سنڌي ساڳيءَ ڪسمپرسيءَ ۽ غربت جي حالت ۾ رهجي ويا.

(7) انگريزن جي دور حڪومت ۾ شروع ۾ هندو تعليم حاصل ڪري، سرڪاري نوڪرين تي قابض ٿي ويا هئا. جڏهن کان سنڌ بمبئي علائقي کان جدا ٿي صوبن ۾ حڪومت قائم ٿي تہ باوجود انهن خامين جي، جن هيٺ سنڌ علحده ٿي هئي. جهڙوڪ اسيمبلي ميمبرن جو گهٽ تعداد، جدا چونڊون، هندن کي نمائندگيءَ ۾ وڌيڪ (ڪثرت) (جنهن جو مکيہ ڪارڻ مسلم اقليت وارن صوبن جا مسلمان هئا)، پوءِ بہ سنڌي مسلمانن تعليم لاءِ سهوليتن پيدا ٿيڻ ڪري، ان طرف توجهہ ڏنو ۽ هزارها شاگرد تعليم حاصل ڪري نوڪرين لاءِ لائق بنجي ويا. پر هندو اڳيئي انهن جاين تي قابض هئا، ان ڪري مسلمان اميدوارن کي اڳوڻن نوڪرن جي پينشن تي وڃڻ، مرڻ يا نين جاين پيدا ٿيڻ تي اميد هئي تہ کين نوڪريون ميسر ٿينديون. پاڪستان جي قائم ٿيڻ ۽ هندن جي لڏي وڃڻ ڪري، هزارها نوڪريون خالي ٿي پيئون. تعليم يافتہ سنڌي مسلمانن کي اميد هئي تہ ڪم از ڪم صوبي سنڌ جي نوڪرين ۾ کين رکيو ويندو پر ائين نہ ٿيو. انهيءَ سامراجي عناصر

منظم طريقي سان بيشمار نوڪري پيشا مهاجرن کي پاڪستان ۾ گهرائي، اهي جايون کين سپرد ڪيون. ۽ اهڙيءَ طرح مکيه عهدن جي چارج مهاجر عملدارن جي هٿن ۾ اچڻ ڪري، هنن نين خالي ٿيندڙ يا پيدا ٿيل جاين تي بہ مهاجرن ۽ پنجابين کي رکڻ شروع ڪيو. سنڌي ساڳيءَ حالت ۾ بيروزگار رهڻ لڳا يا کين ننڍين خسيس جاين تي نوڪري ڏني تي ويئي. هنن اسلام جي علمبردارن ايتري قدر پاس خاطري ڪئي، جو سنڌي ايم. اي پاس ڪيل سنڌي پرائمري اسڪول ماستريءَ لاءِ محتاج هئا. ۽ مترڪ پاس ٿيل مهاجر اعليٰ عهدن تي فائز ڪيا ويا. مرڪزي نوڪرين ۾ تہ پنجن هزارن پويان سنڌين کي هڪ بہ نوڪري نہ ڏني ويئي.

اهڙين حالتن هوندي جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ احتجاج تي ڪيو تہ ان کي علاقائي تعصب رکندڙ پاڪستان دشمن وغيره لقب ڏئي، ماٺ ڪرائي تي ويئي. ان لاءِ ڪيترن سياستدانن کي ڊيڄاري يا کين شخصي لالچ ڏيئي، سندن زبان بند ڪرائي تي ويئي. اهڙيءَ طرح سان پاڪستان جي قيام بعد سنڌي گهر ۾ مظلوم ٿي ويا. انهيءَ پاليسيءَ ڪري سنڌين کي بہ طرفو نقصان ٿي پهتو. هڪ تہ ان ڪري هو بيروزگار رهجي ٿي ويا. ٻيو تہ سموري انتظام جي واڳ غير سنڌي آفيسرن جي حوالي ٿيڻ ڪري، سياسي طرح غير سنڌي ملڪ تي مسلط ٿي ويا هئا.

سول سروس مرڪزي حڪومت جي ماتحت هئڻ ڪري، انهن عملدارن سنڌ سرڪار جي وزيرن جي پرواهہ نہ ٿي ڪئي. پر باوجود ان جي بہ جيڪڏهن سنڌي وزيرن سنڌين لاءِ قدم کنيو ٿي تہ سندن زيردست مهاجر ۽ پنجابي عملدارن مرڪزي حڪومت وٽ خبر رساني ڪري، انهن وزيرن کي پروڊا ۽ ايبڊو جي قانونن هيٺ (جي ٺاهيا ئي ان مقصد لاءِ ويا هئا) خارج ڪرائڻ لاءِ مواد ميسر ڪيو ٿي.

ضلعي جي روينيو ۽ پوليس جي مکيه عهدن جون چارجون غير سنڌي عملدارن جي حوالي ۾ ڏنيون ٿي وئيون. اڪثر ڪاٺن جا وڏا عملدار غير سنڌي رکيا ويا هئا. ويتر ون يونٽ قائم ٿيڻ بعد تہ سنڌي عملدارن کي چونڊي چونڊي نقصان رسايا ويا. ۽ هو ملڪ ۾ اڇوتن جي زندگي بسر ڪرڻ لڳا.

ڀٽي صاحب کي حڪومت جي واڳ ڏيڻ وقت هنن انهيءَ قيمت ۾ جو ذليل ڪم هن کان ڪرايو سو اهو هو تہ پاڪستان ۾ ڪل 13 سو عملدارن کي نااهل قرار ڏيڻ وقت ان جو پورو اڌ ڪن سنڌين کي هنن خارج ڪرايو.

(8) انگريزي دور حڪومت کان اڳ سنڌ ۾ ٽالپر گهراڻي جي حڪومت هئي. انهن ڏينهن ۾ هندو اڪثر تجارت جو ڌنڌو ڪندا هئا. زارعت جو پيشو مسلمانن جي حوالي ۾ هئڻ ڪري انگريزن جي آمد وقت هندن جي هٿ ۾ چند ايڪڙ زمين بہ ڪانہ هئي، پر انگريزن جي دور حڪومت هندن وياج خوريءَ، واپار ۽ نوڪريءَ مان پيسو ڪمائي، زمين خريد ڪئي. جنهن ڪري پاڪستان بنجڻ تائين هندو 25 لک ايڪڙ زمين هٿ ڪري ويا. اها زمين آبادگارن کي واپس موٽائڻ لاءِ سنڌ جي بمبئي علائقي کان جدائيءَ بعد، سنڌ اسيمبليءَ ۾ قانون انتقال ايراضي ۽ قرضن گهٽائڻ جا بل پيش ڪيل هئا. جي پاس ٿيڻ بعد جڏهن جناح صاحب ۽ لياقت علي خان وٽ منظوريءَ لاءِ پيش ٿيا تہ هنن مهاجرن کي ورسائڻ خاطر. انهن بلن جي منظوري نہ ڏني، بلڪ لڏي ويل هندن جي ڇڏيل سموري زمين جا 20 لک ايڪڙ هئي، مهاجرن کي ڪليمن ۾ ورهائي ڏنائون. جن مان اڪثر ڪوڙا ڪليم هئا. سنڌي آبادگارن جي حق جو ڪو بہ خيال نہ ڪيو ويو جن مان ڪي تہ اهي هئا، جن جي هندن کان زمين ورتل هئي ۽ ڪي بي زمين هاري هئا.

ڀٽي صاحب ووٽن وٺڻ وٽ سنڌي ووٽرن کي ڪوڙا دلاسا ڏيئي ڇڏيا هئا تہ اقتدار ۾ اچڻ بعد هو هرهڪ هاريءَ کي 16 ايڪڙ زمين ڏيندو سواءِ انهن جي جن کي سندس ڏوڪيبازيءَ ۽ بدڪرداريءَ جو پتو هو عام ماڻهن برغلجي ڪيس ووٽ ڏنا تہ من هو سندس وعدو پورو ڪري، پر هن صاحب مهاجرن کي اهڙيءَ طرح مليل زمين کي هٿ نہ لاتو آهي، نہ پنجابي عملدارن کي ڏنل زمين موٽائي ورتي آهي.

ان ساريءَ ڪارگذاريءَ جو نتيجو اهو نڪتو آهي تہ سنڌ ۾ نہ رڳو هندن جي ڇڏيل سموري زمين غير سنڌين کي ڏني ويئي آهي. بلڪ بي سرڪاري يا زميندارن کان ورتل زمين جو گهڻو حصو پڻ غير

سنڌين جي حوالي ٿي ويو آهي. اڄڪلهه سنڌ ۾ غيرسنڌين جي عام ڪالونانيزيشن ٿي رهي آهي.

(9) سنڌ ۾ ڪيتري آباديءَ لائق زمين، پاڻيءَ جي گهٽتائي سبب غيرآباد پيئي آهي. ان کي آباد ڪرائڻ لاءِ سنڌ سرڪار پنهنجي پيسي مان ٻه نوان بيراج، هر هڪ ڪوٽڙي بيراج ۽ گڊو بيراج بڌائي، لکها ايڪڙ زمين کي پوک هيٺ آڻڻ جو انتظام ڪيو جنهن تي اٽڪل 160 ڪروڙ روپيا سنڌ سرڪار جو خرچ آيو. سنڌين کي اميد هئي ته زراعت پيشه 50 لک بي زمين هارين کي اهي زمينون ڏنيون وينديون، پر ائين نه ڪيو ويو. بلڪ انهن بيراجن تي سرڪاري خرچ سان لکها ايڪڙ زمين هموار ڪرائي، غير سنڌي عملدارن ۾ تقسيم ڪندڙ عملدار اڪثر غير سنڌي هئا. ان ڪري هنن اهڙي پاليسي اختيار ڪئي، ته انهيءَ نيلام ڪيل زمين جو گهڻو حصو غير سنڌين جي حوالي ٿيو. جتي سنڌي زميندار، انهن غير سنڌي آبادگارن جي وچ ۾ يا پر ۾ اچي ويا ته انهن جو پاڻي بند ڪرايو ٿي ويو، يا ٻيون تڪليفون کين ڏنيون ٿي ويئون. جنهن ڪري مجبور ٿي، هنن کي زمين ڇڏڻي ٿي پيئي. اهڙيءَ طرح سان غير سنڌين کي گهڻي ڀاڱي ملڻ ڪري، باغات يا ٻي نقد فصل جي پوکڻ جي سهوليت نصيب ٿئي ٿي.

مون ۽ ٻين جڏهن ٻه ان ظلم خلاف آواز اٿاريو ٿي، ته ان لاءِ نظربنديءَ يا جيل جون سزائون ڏنيون ٿي ويئون. مرحوم حيدربخش جتوئيءَ انهن حالتن بابت هڪ ڪتاب لکيو ته ان ڪتاب کي ضبط ڪيو ويو ۽ هن صاحب کي جيل موڪليو ويو جتي هن کي ايتري قدر تڪليف ڏني ويئي، جو ٻاهر اچڻ کان پوءِ هو جلد وفات ڪري ويو.

گورنر محمد عيسيٰ حيدرآباد ۾ نواب شاهه ۾ سندس تقريرن ۾ صاف ظاهر ڪيو هو ته حيدربخش جتوئيءَ ۽ جي. ايم. سيد کي جيلن ۾ ان ڪري رکيو ويو هو، جو هنن ون يونٽ جي مخالفت ٿي ڪئي. ۽ غير سنڌين کي سنڌ ۾ زمين ڏيڻ تي اعتراض ٿي ڪيو (ڪيس ٻه زمين مليل هئي) جڻ ته سرزمين مهاجر پنجابي سامراج جي جاگير هئي، ان ۾ سنڌين کي ڪو ٻه حق نه هو.

(10) سنڌ جي زبان هزارن ورهين جي قديم ۽ ترقي يافتہ زبان هئي. بمبئي کان سنڌ جي جدا ٿيڻ بعد. سنڌ سرڪار ان جي ترقيءَ لاءِ ادبي بورڊ قائم ڪري ان کي منظم طرح سان زور وٺائڻ گهريو ٿي، ليڪن پاڪستان بنجڻ تي نئين آيل حڪمران طبقي ان زبان کي ختم ڪري، سنڌن ۾ اردو سان گڏ سنڌين تي تسلط ڪرڻ گهريو ٿي. ان لاءِ جڏهن کهڙي صاحب کان انڪاريءَ جو جواب مليو، تہ هنن انهيءَ کي ڪڍي، پيرالاهي بخش جهڙي ضمير فروش ماڻهوءَ کي لالچ ڏيئي وزارت ۾ آڻي، ان کان ساريءَ سنڌ ۾ اردو کي لازمي نهرايو ۽ پاڪستان جي قومي زبان اردو مقرر ڪيائون. ان کان پوءِ رٿابنديءَ سان سرڪار پرستيءَ هيٺ اردوءَ کي زور وٺائي. سنڌي زبان سان ماتيجيءَ ماءُ وارو برتاءُ ڪرڻ شروع ڪيو ويو. سنڌي ادبي بورڊ جي گرانٽ کي ون يونٽ وقت گهٽايو ويو. ان بورڊ تي پهرين غير سنڌي سرڪاري آفيسر رکيا ويا. پوءِ سرڪاري چاڙتا ميمبر نامزد ڪري، ان جي پيسي سان هٿ چراند ڪئي ويئي، جنهن ڪري بورڊ طرفان تجويز ڪيل ڪم جهڙوڪ:

1. سنڌيءَ کان سنڌي ڊڪشنري.
2. انگريزيءَ مان سنڌي ڊڪشنري.
3. سنڌ جي تاريخ لکائڻ.
4. سنڌي انسائيڪلوپيڊيا لکائڻ.
5. ٻين ٻولين جي ڪلاسيڪل ڪتابن جا ترجما ڪرائڻ.
6. سنڌ جي هيريٽيج تي ڪتاب لکائڻ.
7. سنڌي ڊراما لکائي، انهن کي اسٽيج ڪرائڻ ۽ فلمون ٺاهرائڻ.
8. سنڌي لوڪ ادب جي سروي ڪرائڻ.
9. سنڌ ۾ جديد سائنسي ۽ هنري لفظن جو ترجمو ڪرڻ.
10. سنڌي شارٽ هينڊ لکڻ، سنڌي ٽائيپ تيار ڪرائڻ.

وغيره رهجي ويا. ان جي مقابلي ۾ ”انجمن ترقي اردو“ کي هندن طرفان ڇڏيل وڏيون جايون سپرد ڪري، لکها روپيا گرانٽون ڏيئي، اردو بورڊ قائم ڪري، اردوءَ جي همت افزائي ڪئي ويئي. ڪراچي يونيورسٽيءَ مان سنڌي زبان کي خارج ڪرائي، ان جي جاءِ تي اردو

کي رکيو ويو. ڪراچي شهر ما سنڌي زبان کي پرائمري تعليم جي درجي تان هٽائي، اردوءَ کي زوريءَ سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهن تي مسلط ڪيو ويو جاين ۾ گهٽين تي غير سنڌي نالا لڪائي، سنڌي روايات کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. سنڌ ۾ ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان سنڌي زبان کي تمام گهٽ وقت ڏنو ويو پر جيڪو وقت ڏنو ويو ان لاءِ گهٽ رقم خرچ سبب سنڌيءَ ۾ اهڙا نڪما پروگرام نڪتا ٿي، جو ٻڌڻ جي لائق نہ هئا. سنڌين مجبور ٿي آل انڊيا يا سيلون وغيره اسٽيشنن تان سنڌي پروگرام ٻڌڻ کي ترجيح ٿي ڏني. ڄاڻي واڻي سٺن سنڌي فنڪارن ۽ شاعرن کي ريڊئي ۽ ٽيليويزن کان ڏور رکيو ٿي ويو ۽ رواجي فنڪارن ۽ شاعرن کي ترجيح ڏيڻ ڪري سنڌي پروگرام بيڪار ٿي پيا ٿي.

(11) سنڌين کي اميد هئي تہ پاڪستان بنجڻ بعد جمهوري طرز حڪومت مطابق ملڪ ۾ جمهوريت جي بحاليءَ، قومپرستيءَ جي پرچار، سوشلزم ۽ سيڪيولرزم جي پروپيگنڊا جي اجازت ڏني ويندي، ليڪن جنهن صورت ۾ پاڪستان حڪومت تي مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراجين جو قبضو ٿي ويو هو تن اهڙي پاليسي اختيار ڪئي جو ڪا بہ ڳالهہ جا سنڌن راءِ يا مفاد جي خلاف هئي، يا سنڌين جي فائدي ۾ هئي، ان کي سختيءَ سان اسلام، پاڪستان ۽ مسلم قوم جي خلاف ظاهر ڪري دٻايو ٿي ويو. قومپرست سياستدانن کي بنا ڪيس هلائڻ جي ورهين جا ورهيہ جيلن يا نظربندين ۾ رکيو ويو. سنڌن رسالا، اخبارون بند ڪيون ويئون، سنڌن ڪتاب ضبط ڪيا ويا سنڌي اديبن کي بنا ڪيس هلائڻ جي جيلن ۾ موڪليو ويو. ڪارا قانون پاس ڪري، قومپرستيءَ کي غيرقانوني ٺهرايو ويو. پريسن تي اهڙي چوڪسي رکي ويئي، جو هنن ڪو بہ سنڌ جي فائدي يا حڪمران طبقي جي مفاد خلاف مضمون، ڪتاب، رسالو ڇپڻ کان انڪار ٿي ڪيو. جن پريسن ڪجهہ مواد ڇپيو ٿي تہ انهن جون پريسون ضبط ڪيون ٿي ويئون. عدالتي ڪاتي کي هيسائي، ڪمزور ڪري، پنهنجا ڇاڙتا جج رکي، قانوني چاره جوئيءَ کي بيڪار بنايو ويو. شاعرن، مضمون نويسن، قومپرستن ڪارڪنن کي حڪومت جي ظلم جو نشانو بنائي تڪليفون ڏنيون ٿي ويئون.

قومپرست پروفيسرن ۽ ماسترن کي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو ۽ شاگردن کي مارون ڏياري، رسٽيڪيٽ ڪرائي، ڪانئن اسڪالرشپون کسي، ڪين ناپاس ڪري، تنگ ڪيو ويو. ايتري قدر جو موجوده پٽي صاحب جي دور حڪومت ۾ شاگردن جي عيوض ان جي مائٽن کي مارون ڏياري جيلن ۾ رکيو ويو تي، يا پوليس ٿاڻن تي بنا سبب جي هفتن جا هفتا لاڪ اپ ۾ رکيو ٿي ويو جن شاگردن ۾ قومپرستيءَ جو مادو پيدا ٿيل هو انهن کي لالچائي خريد ڪري، پنهنجي اصولن کان ڦيرايو ٿي ويو، يا جيلن ۾ موڪلي سزائون ڏنيون ٿي ويئون يا سرڪاري غنڊن هٿان مارون ڪڍائي، چپ ٿي ڪرائي ويئي. ڪن شاگردن جڏهن ضمانت جي درخواست تي ڏني، تہ ماجسٽريٽن تي زور بار آئي، ضمانت جون درخواستون رد ڪرايون ٿي ويئون. ايتري قدر جو جڏهن ڪن شاگردن جي ضمانت سپريم ڪورٽ منّظور ٿي ڪئي، تہ ٻيا ڪوڙا ڪيس مڙهي، انهن شاگردن کي وري جيلن ۾ رکيو ٿي ويو. پر جي ٻئي ڪيس ۾ بہ وڏين ڪورٽن ضمانت ٿي ڪنئي، تہ ٽيون ڪيس داخل ٿي ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح ڪي شاگرد اهڙا هئا، جن تي جيل ۾ وڃڻ بعد ڪين جو تعداد 8 تائين وڃي پهتو هو. جيلن ۾ شاگردن کي ڏنبي ڏنا ويا، ساٿن ٻيون نازيبا حرڪتون، ڏوهاري قيدين يا جيل عملي يا پوليس وارن کان ڪرايون ٿي ويئون. غنڊن شاگردن کي پئسا ڏيئي، حڪمران طبقي جو حامي بنائي، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ مهاجر پنجابي مستقل مفاد شاگردن ۾ اضافو ڪيو ويو ٿي ويو. حالت ايتري قدر وڃي بيٺي تہ اسڪالرشپ ڏيڻ کان اڳ ڪاليج پرنسيپال يا وائيس چانسلر لاءِ، حڪمران طبقي جي شاگردن جي سفارش وٺڻ لازمي ٺهرائي ويئي هئي.

هڪ مهاجر ڪمشنر سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن کي ون يونٽ خلاف ۽ سنڌي ٻوليءَ جي فائدي ۾ جلوس ڪڍڻ تي لٺين سان مارون ڏياري، پاڻيءَ ۾ اڇلارايو هو. ان کان پوءِ انهن کي جيل ۾ وجهي، طرح طرح جي تڪليف ڏني هئي، تہ ان جي خلاف ڪجهہ بہ قدم نہ کنيو ويو. پٽي صاحب حڪومت جي واڳ وٺڻ بعد سنڌين کي ڏوڪو ڏيڻ لاءِ اعلان ڪرايو تہ جنهن جاءِ تي سنڌي شاگردن کي ان مهاجر ڪمشنر مارون ڏياريون هيون، ان جاءِ تي سرڪار اٺ لک روپين جي

خرچ سان يادگار نهرائيندي، پر ملتان مهاجر پنجابي زور بار پوڙ ڪري هن نہ رڳو ان يادگار جي نهرائڻ کي رد ڪيو پر مورڳو ان عملدار کي سزا ڏيڻ جي عيوض پروموشن ڏيئي، هڪ وڏي مکيہ عهدي تي رکيو.

(12) پاڪستان بنجڻ کان پوءِ مرڪزي حڪومت جي واڳ مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراجي نمائندن سول سروس ۽ ملٽري جنتا جي هٿن ۾ هئي، تن وقت بہ وقت مرڪزي وزارتن کي اسيمبلين ۾ اڪثريت هئڻ جي باوجود پٽي بدلايو. لياقت علي خان کي قتل ڪيو ويو. خواجہ ناظم الدين کي ڪڍيو ويو. ان کان پوءِ محمد علي بوگرا کي آڻي، وري ان کي هٽايو ويو. پوءِ محمد اسماعيل چندريگر، محمد علي چوڌري، حسين شهيد سهروردي، سرفيروز خان نون سڀ انهيءَ گروهہ جي محلاتي سازشن ڪري وزارتن ۾ آندا ويا ۽ ڪڍيا ويا. ان کانپوءِ سڪندر ميرزا ۽ جنرل ايوب خان صوبائي ۽ مرڪزي اسيمبلين کي ختم ڪري، ملڪ سان مارشل لا لاڳو ڪري، انهيءَ فوجي جنتا جي آڌار تي، حڪومت برپا ڪئي. 20 ڏينهن کانپوءِ وري سڪندر ميرزا کي ڪڍي، جنرل ايوب خان کي صدر ڪري، حڪومت هلائڻ لاءِ نامزد ڪيو.

انهيءَ دور ۾ صوبائي اسيمبليون، ميونسپالٽيون، لوڪلبورڊ وغيره جا سڀ چونڊيل ادارا ختم ڪري، هٿراڌو نامزد ڪيل ڪاميٽيون بنائي ڪم هلايو ويو. ساڳئي وقت مسلسل پروپيگنڊا ڪري، دنيا ۽ ماڻهن کي ٻڌايو ويو تہ پاڪستان جا عوام جمهوريت هلائڻ لاءِ نااهل هئا. اڪثر تجربيڪار سياستدانن کي سياست ۾ حصي وٺڻ کان نااهل قرار ڏنو ويو. جنرل ايوب جي دور ۾ ڪامورن مسلسل پروپيگنڊا جي ذريعي جنرل ايوب کي ملڪ جو نجات دهنده ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ ڪامورن کي حڪومت هلائڻ جو اهل ۽ لائق سمجهي، انهن کي ملڪ جو ڪرتا ڌرتا بنائي ڇڏيو. ان وقت اخبارن تي پابنديون وجهي، يا خريد ڪري، ان آمرانہ دور کي باعثِ رحمت ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. جن بہ اخبارن انهيءَ پاليسي جي پنيرائي نتي ڪئي، تہ انهن اخبارن کي يا ضبط ڪيو تي ويو يا ان جي ايڊيٽرن کي جيلن ۾ موڪليو تي ويو.

(13) پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ مهاجر پنجابي سامراج جي مدارالمهام ملٽري ۽ سول سروس جنتا، نہ صرف مرڪزي حڪومتن ۾ ڦير گهير پئي ڪئي، پر صوبائي اسيمبلين کي بہ ڪيڏوٽو بنائي رکيو ويو. سنڌ ۾ وزارتن کي بنا سنڌ اسيمبلي ميمبرن جي اجازت ۽ مصلحت جي، مٿان دست اندازي ڪري، هڪڙن کي ڪڍي، ٻين کي آڻڻ جو دستور عام ڪري ڇڏيو هو. پهرين محمد ايوب کهڙي وزيراعليٰ سنڌ جڏهين سندن مرضيءَ مطابق ڪم نہ ڪيو تہ ان کي ڪڍي، جيل ۾ موڪلي، هڪ بي ضمير ميمبر پير الاهي بخش کي وزيراعليٰ نامزد ڪري، ان کان سنڌ دشمنيءَ جا ڪم ڪرايائون. آخر جڏهن پيرالاهي بخش سندن ڪڍن ڪمن ڪري، ميمبريءَ مان اليڪشن ٽربيونل جي فتويٰ ڪري، خارج ٿي وزارت کان نڪتو تہ ان جي جاءِ تي يوسف هارون کي وزيراعليٰ ڪري نامزد ڪيو ويو. جو سنڌ اسيمبليءَ جي ايلچي ڪري موڪلڻ بعد قاضي فضل الله کي وزيراعليٰ ڪري ڪم هلائڻ لڳا. ان کانپوءِ جڏهن ڏٺائون تہ کهڙو صاحب ڪم هلائڻ لاءِ زياده ڪارآمد ٿي سگهيو ٿي، ۽ هنن بہ حالتن کي ڏسي، کيس رضامند ڪرڻ لاءِ هرڪا ڪوشش ڪئي هئي، تہ قاضيءَ کي وزارت تان هٽائي، کهڙي کي ٻيهر وزيراعليٰ نامزد ڪيائون.

کهڙي جي ان وزارت کي اڃا ٿورو وقت مس گذريو هو تہ جملي سنڌي ميمبرن ۾ اختلاف پيدا ڪري، پاڻ ۾ ويڙهائي، کهڙي قاضي فضل الله ۽ ٻين وزيرن تي پروڊا درخواستون واجهارائي، ٽربيونل مقرر ڪرائي، انهن کي وزارت مان خارج ڪري، سنڌ ۾ شيخ دين محمد نالي هڪ ڪٽر پنجابي گورنر هيٺ راڄ هلائڻ شروع ڪيائون. جنهن سنڌ جي زمينن تي پنجابين کي ڪالونائيز ڪرڻ ۾ ڪا گهٽتائي نہ ڪئي. ان کانپوءِ نين چونڊن تائين سنڌ ۾ گورنري راڄ قائم رهيو. 1935ع ۾ سنڌ ۾ نيون چونڊون ٿيون جنهن ۾ چونڊن بعد پيرزادي عبدالستار کي مرڪزي اسيمبليءَ مان هيٺ لاهي، بنا سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر هئڻ جي، سنڌ جو وزيراعليٰ مقرر ڪيو ويو. ان جي وزارت ۾ پير علي محمد راشدي ۽ قاضي محمد اڪبر کي وزير ڪري رکيو ويو.

ٿوري وقت ۾ سامراجي پاليسي ”ويڙهائي راڄ ڪرڻ“ مطابق انهن وزيرن ۾ اختلاف وجهارايو ويو. جنهن تي پير علي محمد شاه راشدي ۽ قاضي اڪبر وزارت کان ٻاهر نڪري ويا. ان ڪري پيرزاده وزارت لوڏن ۾ آئي، تہ ان کي بچائڻ لاءِ هن کي اجازت ڏني ويئي تہ سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن مان سيني اٿرن وارن کي وزارت ۾ کڻي، پنهنجي وزارت کي مضبوط ڪري. اهڙيءَ طرح هن وزيرن جو تعداد ڇهن مان وڌائي 13 ڪيو. نيٺ ٿوري وقت کان پوءِ اهي سامراجي حڪمران پيرزادي وزارت مان بہ هيٺين ڳالهين ڪري ناراض ٿي پيا.

(الف) مرڪزي اسيمبليءَ ۾ آئين ناهڻ وقت مرڪز جي اختيارن جي سوال.

(ب) مغربي پاڪستان ۾ صوبن کي ختم ڪري، ون يونٽ ناهڻ

غلام محمد هڪ پنجابي گورنر جنرل جا اختيار گهٽ ڪرڻ واري سوال تي پيرزادي، سرڪاري جنتا جي مخالفت ڪئي، جنهن ڪري باوجود سنڌ اسيمبليءَ ۾ ميمبرن جي اڪثريت جي مدد هئڻ جي، ڊسمس ڪري، کهڙي کي، جو هن وقت تائين عهدي جي لالچ ڪري نئينءَ مان سندن پوئلڳ ٿي چڪو هو، پروڊا جي قانون موجب ڇهہ سال سياست ۾ حصي وٺڻ کان خارج هجڻ، سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر نہ هئڻ جي باوجود سنڌ جو وزيراعليٰ نامزد ڪري، ان کان سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن کي جيل ۾ وجهرائي، پوليس ۽ ڏنڊي جي زور سان سنڌ اسيمبليءَ مان ون يونٽ جو ٺهراءُ پاس ڪرايو ويو. ان وقت جن سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن ۽ قومي ڪارڪنن کي جيل ۾ موڪليو ويو هو، انهن ۾ آئون بہ هڪ هوس.

ون يونٽ ٺهڻ کانپوءِ سنڌ سان جيڪي ويل وهايا ويا ۽ ظلم ڪيا ويا، انهن جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

1. سنڌ سرڪار جي خزاني جا بچت ٿيل 33 ڪروڙ روپيا، جي سنڌ جي ترقياتي ڪمن لاءِ مخصوص ڪيل هئا، مغربي پاڪستان صوبي جي ڪتب آندا ويا ۽ پنجاب صوبي جي هڪ سؤ ڪروڙ روپين قرض کي، ون يونٽ جي گڏيل خزاني مان پريو ويو.

2. سنڌ سرڪار جي وزيرن ۽ سيڪريٽريٽ جا فرنيچر غاليچن سوڏا سنڌ مان ڪڻائي لاهور نيا ويا. ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي لائبريري بہ اوڏانهن موڪلي ويئي.

3. صوبي سنڌ ۾ صوبائي خرچ سان نهرايل ٻن نون بيراجن مان هرهڪ ڪوٽڙي بيراج ۽ گڊو بيراج تي نڪتل زمينون آهستي ڪري ملٽري ۽ سول سروس جي عملدارن کي جن ۾ اڪثريت پنجابين جي هئي. ورهائي سنڌ ۾ انهن کي وسايو ويو. سڄيءَ سنڌ کي ائين پنجاب جي هڪ ڪالوني بنائڻ لاءِ ڪالونائيزيشن آفيسر مقرر ڪيا ويا.

4. سنڌ ۾ مکيہ عهدن ڪمشنر، ڊيپٽي ڪمشنر، ڊي آءِ جي، ايس پي وغيره جي جاين تي غير سنڌي عملدارن کي رکي، سنڌ جي قومپرستيءَ جي تحريڪ کي ڪچلڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

5. سنڌ جي نالي کي هر جڳهہ تان مٽائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. ايتري قدر جو حيدرآباد سنڌ ريلوي اسٽيشن تان سنڌ جو نالو ڪڍايو ويو. ريلوي اسٽيشنن جي نالن، رستن جي پٽرن، ووٽرن جي لسٽن کي اردو زبان ۾ لکارائي، سنڌي زبان کي ختم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويا.

6. سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ منظم سازش هيٺ سنڌي ادبي بورڊ ۽ شاهہ عبداللطيف ڪلچرل بورڊ لاءِ سنڌ سرڪار طرفان مقرر ڪيل رقمون گهٽايون ويون. سنڌ يونيورسٽي ۽ ڪاليجن کي اهڙيءَ طرح هلايو ويو جو انهن جي چارج غير سنڌي استادن جي حوالي ۾ ڏيئي، نظريي پاڪستان جي حامين کي زور وٺائي، سنڌي قومپرستيءَ جي رجحان کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. جن سنڌي شاگردن احتجاج يا مخالفت ڪئي ٿي، انهن کي پوليس کان مارون ڏياري، جيلن ۾ موڪلي، ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي.

7. سنڌ ۾ نہ صرف وڏن عهدن تي غير سنڌي عملدار رکيا ويا. پر ويندي پٽيوالن تائين بہ غير سنڌي عملي جي ڀرتي ٿيڻ شروع ٿي. سنڌ جي حقن جي حفاظت لاءِ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾

سوال پڇڻ يا اخبارن ۾ مضمون لکڻ کي ناپسنديءَ جي نگاهہ سان ڏٺو ويو.

8. سنڌ جي واپار ۽ ڪارخانن لاءِ غير سنڌين کي ليسن ۽ پرمٽون ڏيئي، سنڌين جي حقن کي ماريو ويو. اهڙيءَ طرح اقتصادي طرح سنڌين جي ترقيءَ جي راه ۾ رنڊڪون وڌيون ويون. سنڌ مان فقط انهن چند ماڻهن کي پرمٽون ڏنيون ٿي ويون، جن سنڌن دلالي ٿي ڪئي. پر جنهن صورت ۾ انهن کي انهيءَ ڏس ۾ مهارت ڪانہ هئي، نہ واپار ڪرڻو هو ۽ نہ ڪارخانو هلائڻو هو. فقط پنهنجي آقائن جي دلالي ڪرڻي هئي، جنهن لاءِ اهي ليسن کين قيمت طور ڏنا ٿي ويا. تنهنڪري انهن وري اهي پرمٽون ۽ ليسن فوراً غير سنڌين کان پيسا وٺي، انهن کي وڪرو ڪري ڏنا ٿي.

9. سنڌ ۾ زمين جي وڪري ۽ نيڪال لاءِ اهڙا طريقا اختيار ڪيا ويا، جنهن ڪري سنڌ کان ٻاهر جي ماڻهن کي زمين خريد ڪرڻ جي سهوليت مهيا ڪئي ويئي ٿي.

10. اڪثر اقتصادي معاملن سان واسطو رکندڙ کاتا، مغربي پاڪستان جي بنياد تي نوان ادارا ٺاهي، انهن جي حوالي ڪري، سنڌن واڳ غير سنڌي عملدارن جي هٿ ۾ ڏني ويئي. جن منظم طريقي سان هر منصوبي ۾ سنڌ کي پوئتي اڇلائڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي. سنڌ جي ترقيءَ لاءِ صوبي سنڌ جي ڏينهن ۾ ٺاهيل اسڪيمن کي رد ڪري، هيٺين ادارن ذريعي سنڌ کي مهاجر پنجابي ڪالوني سمجهي، انهيءَ جو استحصال ڪرڻ شروع ڪيو ويو.

پي. آءِ. ڊي. سي	P.I.D.C
پي. آءِ. سي. آءِ. سي	P.I.C.I.C
آر. ڊي. سي	R.D.C
واپڊا	WAPDA
اين. ايس. آءِ. سي	N.S.I.C

پاڪستان ۾ سنڌين جي حقن سان جيڪا هٿ چراند ٿي آهي، ان جو ڪجهہ احوال شاگردن طرفان مسٽر ذوالفقار علي ڀٽي کي پيش ڪيل عرضداشت ۾ ڏيکاريل حقيقتن جي احوال مان پڻ پڌرو ٿي سگهي ٿو:

1. سنڌ ۾ مهاجر پنجابي سرمائيدارن جي هزار کن فرمن ۾ سنڌي ملازم اتي ۾ لوڻ ٻہ نہ رکيا ويا آهن. اهڙن ملازمن ۾ سنڌي هڪ سئو کن مس هوندا.

2. سنڌ ۾ اٽڪل چار سؤ کن خانگي ۽ سرڪاري انڊسٽريز آهن، جن ۾ ڏهن لکن کان بہ مٿي مزدور، ٽيڪنيشن ۽ ٻيو عملو ڪم ڪندڙ آهي. جن ۾ هڪ هزار کن سنڌي مس نوڪرين ۾ آهن. اِئين نہ آهي تہ سنڌي مزدوريءَ ۽ ٻئي عملي لاءِ ملي ڪونہ ٿا سگهن، پر مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي پاليسي اها آهي تہ سنڌين کي حتي الامڪان نوڪرين کان پري رکجي.

3. سنڌ ۾ خانگي بئنڪن (جي هاڻ قومي ملڪيت ۾ ورتيون ويون آهن) جهڙوڪ حبيب بئنڪ، يونائيٽيڊ بئنڪ، مسلم ڪمرشل بئنڪ وغيره جون ڇئن سون جي اندر برانچون آهن، جن ۾ ڪارڪنن جو تعداد ڏهن هزارن کان بہ مٿي آهي، جن ۾ سنڌي بہ ادائي سو کن مس آهن. هاڻ تہ ويتر انهن قومي ملڪيت ۾ ورتل بئنڪن ۾ سنڌين کي نوڪري ملڻ مشڪل ٿي پوندي، جو اسٽيٽ بئنڪ ۽ نيشنل بئنڪ آف پاڪستان ۽ مرڪزي سرڪار جي مالي ڪاتي تي مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو قبضو آهي، جي سنڌين جا جاني دشمن آهن.

4. اهڙيءَ طرح سيني بئنڪن جي ڏيتي ليتيءَ جو زياده تر وهنوار بہ غير سنڌين سان رهي ٿو. اهو ئي سبب آهي، جو غير سنڌي واپار ۾ ترقي ڪندا وڃن ٿا ۽ سنڌي پوئتي پئجي ويا آهن.

5. ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مرڪزي سرڪار اٽڪل 50 ڪروڙ روپيا مهاجرن جي آباداڪاريءَ تي خرچ ڪري، کين گهر ٺهرائي ڏنا آهن. ازانسواءِ بي انداز سرمايو قرض طور کين ڏيئي، کين جاين ٺهرائڻ لاءِ سهوليتون مهيا ڪيون آهن، پر سنڌ جي اصل رهاڪن جي آبادڪاريءَ لاءِ ڪوبہ قدم نہ کنيو ويو آهي. سنڌ جي اصل رهاڪن جو چوٿون حصو خانہ بدوش، نيم خانہ بدوش، ڇڙوڇڙ جهوپڙين ۾ رهندڙ ۽ غليظ ڳوٺن ۾ رهي ٿو پر پاڪستان سرڪار جي متعصب ۽ بغض رکندڙ روش ڪري، انهن لاءِ ڪجهہ بہ نہ

ڪيو ويو آهي. اُهي ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ سٽن گهرن، تعليم، علاج، سٺي پاڻيءَ، رستن ۽ جديد زماني جي سهوليتن جهڙوڪ بجلي، گيس، سينيما وغيره کان محروم آهن.

ڪراچيءَ جو لياري ڪوارٽر، ڪڏو غريب آباد، چنيسر ڳوٺ، پٺ وليج، آسپاس ۾ بروهين، مڪرانين، گبولن، گڏبن، برفتن جا ڳوٺ ساڳيءَ طرح پراڻين ۽ زبون جهوپڙين ۾ زندگي بسر ڪري رهيا آهن. نہ رڳو ايترو پر وقت بوقت ڊيولپمينٽ اختياريءَ وارا انهن ڳوٺن کي لڏائڻ لاءِ قدم کڻندا، کين ٻاهر ڌڪيندا، مهاجرن لاءِ ميدان صاف ڪندا وڃن ٿا، تہ جيئن ڪراچيءَ کي آسانيءَ سان مهاجر ڪالوني بنائي سگهن.

هڪ طرف سنڌ جا 30 لک رهاڪو نيم خانہ بدوش زندگي گذاري رهيا آهن، تہ ٻئي طرف مهاجرن لاءِ ڪڏي جي ٻاهران ناظم آباد، ڪورنگي، لياقت آباد، ڊرگ روڊ، سعود آباد ۽ ٻين ڪالونين تي ڪروڙها روپيا خرچ ڪيا ويا آهن. تازو ڪي. ڊي. اي جي ڊائريڪٽر بيان ڏنو آهي تہ يحيٰ صاحب جي حڪومت بهارين جي رهائش لاءِ گهر ٺهرائڻ واسطي اَٺ ڪروڙ روپيا منظور ڪيا آهن.“

ان کان پوءِ شاگردن پنهنجي عرضداشت ۾ يحيٰ صاحب کي هيٺينءَ طرح ياداشت نامو پيش ڪيو آهي:

”جناب صدر! اوهان کي خبر هوندي تہ هر هڪ قوم ۽ ملڪ جي افراد وٽ هيٺيان پنج ورثا، سندن قيمتي ميراث ٿين ٿا. جن جي حفاظت هو سندن فرض منصبي سمجهي ڪندا آهن:

1. سياسي آزادي.
2. اقتصادي سرمايو.
3. قومي ڪلچر.
4. تاريخي روايات.
5. زبان.

اوهان کي معلوم هوندو تہ جڏهين ڪي گروهہ يا قومون، ٻين قومن کي فتح ڪري کين غلام بنائينديون آهن، تہ انهن کي نيست و نابود ڪرڻ لاءِ هيٺيان حربا استعمال ڪنديون آهن:

1. تشدد جي ذريعي هنن کي تابع رکنديون آهن.
2. محڪوم ڪرڻ بعد اصلي باشندن جي اقتصادي ورثن ۽ سرمائي تي قبضو ڪنديون آهن.
3. غلط نظريا ايجاد ڪري، سخت پروپيگنڊا ذريعي محڪوم ماڻهن جا ذهن مسخ ڪري کين غلاميءَ لاءِ رضامند ڪنديون آهن.
4. مڪاني ماڻهن کي پاڻ ۾ ويڙهائي، خود مطلب ۽ بزدل ماڻهن کي پنهنجو ايجنٽ بنائي ڪم وٺنديون آهن.
5. اصل باشندن جي هزارن ورهين جي زبان ۽ ڪلچر کي ختم ڪري، پنهنجي زبان ۽ ڪلچر مٿن مسلط ڪنديون آهن.“

انهيءَ کان پوءِ شاگردن پنهنجي عرضداشت ۾ مٿي ذڪر ڪيل ڳالهين بابت هيٺينءَ طرح وضاحت ڪئي آهي:

”الف- پهريون هيءُ سوال فيصل ڪرڻو آهي تہ سنڌ جدا ملڪ ۽ سنڌي جدا قوم آهن يا نہ؟

هن حقيقت کان انڪار ڪري نٿو سگهجي تہ سنڌ هزارن سالن کان هڪ جدا ملڪ جي صورت ۾ آزاد رهي آهي، جنهن کي پنهنجو سياسي وجود، پنهنجا تاريخي روايات، زبان، ڪلچر ۽ اقتصادي مفاد رهيا آهن. انگريزن جي اچڻ کان اڳ سنڌ جي جدا آزاد حڪومت وجود ۾ هئي. سنڌ هميشہ سندس آزادي قائم رکڻ لاءِ ڪوشان پئي رهي آهي.

يوناني جي قبضي کان پوءِ وري ان تي مڪاني ماڻهن حڪومت ڪئي. ان کان پوءِ وري کين عرب سامراج محڪوم ڪيو. جن کان بہ هنن وري آزادي حاصل ڪري، پنهنجون مڪاني حڪومتون برپا ڪيون. ان کان پوءِ بہ ڪيترن ٻاهرين جنگجو قومن مٿس حملا ڪيا ۽ قبضا ڪيا، پر هنن وري پنهنجيون حڪومتون، سومرن، سمن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي هٿ هيٺ قائم ڪيون.

آخر ۾ انگريزن ان کي فتح ڪري، سنڌن انڊين ايمپائر ۾ شامل ڪري، ان کي بمبئي علائقي سان ملحق ڪري ڇڏيو. جنهنڪري ان جي ترقيءَ ۽ تعمير ۾ رنڊڪ پئجي ويئي. گهڻي جدوجهد بعد 30 سالن جي ڪوشش سان 1936ع ۾ سنڌ کي بمبئي علائقي کان علحده ڪري،

جدا صوبي جي صورت ڏني ويئي. سنڌين اچا مواصلات، تعليم صحت ۽ زرعي سڌارن وغيره لاءِ ڪجهه قدم مس کنيا هئا، ته هندوستان جي آئيني سڌارن جي چڪر ۾ سنڌ کي مذهب جي نالي ۾ پاڪستان جو حصو بڻايو ويو.

سنڌين کي آل انڊيا مسلم ليگ جي لاهور واري ٺهراءَ ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي پاس ڪيل ٺهراءَ جي آڌار تي آسرو هو ته ان کي پاڪستان جي دائري اندر آزاد ۽ خود مختيار رياست بڻايو ويندو ليڪن ائين نه ٿيو.

سنڌ سان هڪ منظم منصوبي ماتحت هينيون دست درازيون ٿيون آهن:

1. هزارها سالن جي جدا ملڪ کي هڪ اهڙي نظام حڪومت ۾ مذهب ۽ پاڪستان جي ڏوڪي هيٺ محڪوم ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ هو دائمي اقليت ۾ رهي، ٻئي اڪثريت واري صوبي جي مفاد لاءِ ڪتب اچي رهيو آهي. پاڪستان جي وحدت، سالميت ۽ يڪجهتيءَ جي ڏوڪي هيٺ، سنڌ جي رهاڪن کي مهاجر پنجابي اڪثريت جي فيصلن سان ٻڌو ويو.
2. مغربي پاڪستان ۾ سنڌ مان وصول ٿيندڙ جملي پيدائش ڪسٽمس، انڪم ٽيڪس، ايڪسائيز ڊيوٽي، سيلس ٽيڪس وغيره مان اٽڪل 35 ڪروڙ روپيا ٿئي ٿي (هاڻ) سا ٻين صوبن جي ماڻهن ۽ مفاد لاءِ خرچ ڪئي ويجي ٿي.
3. سندن جداگانه قوم جو مهاجر پنجابي مستقل مفاد خاطر خود ساخته نظرئي پاڪستان جي آڙ ۾ انڪار ڪيو ويجي ٿو.
4. پاڪستان جي يڪجهتيءَ جي نالي ۾ سنڌ جي هزارن ورهين جي وسيع زبان تي 300 ورهين جي نوزائيده غير ملڪي اردو زبان کي مسلط ڪري، سنڌ جي زبان ۽ ڪلچر کي نقصان رسايو ويجي ٿو. سنڌي ادب، فوڪ لور ۽ تاريخ جي، سرڪاري ادارن جهڙوڪ ريڊئي، ٽيليويزن، يونيورسٽي، سئنيما ۽ ڪلچرل ادارن ذريعي گهٽتائي ڪئي ويجي ٿي، ۽ انهن کي ريٽي، ڏارئين ڪلچرل جي برتريءَ جي ڏاڪ وهاري ويجي ٿي.

5. سنڌ مان تاريخي جاين، ڳوٺن، شهرن، رستن، بلڪ ان جي ڪيترن جاگرافيائي هنڌن جا نالا مٽائي يا مسخ ڪري، نوان نالا رکي، ان جي تاريخي، تهذيبي ۽ قدرتي وجود کي مٽائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي.

6. سنڌ ۾ ڪثير تعداد ٻهاري گهرائي، ۽ پنجابي شهرين مان ڪالونائيز ڪرائي، منظم صوبي ماتحت، ان جي اصل رهاڪن کي اقليت بنائڻ جي سازش سنجي رهي آهي.

7. سنڌ کي ٽڪرا ڪري، هڪ حصي کي مهاجرستان بنائڻ لاءِ منصوبا هلي رهيا آهن.

8. پاڪستان ۾ سنڌين کي مليل نوڪرين جا هيٺيان انگ اکر ثابت ڪندا، تہ سنڌين جي پاڪستان ۾ رهڻ ڪري، ڪهڙي نہ زبون حالت ٿي آهي:

(الف) پاڪستان مرڪزي حڪومت جي سرڪاري نوڪرين ۾ سنڌين کي پنجن هزارن پويان هڪ نوڪري مس مليل آهي.

(ب) صوبي سنڌ اندر جملي نوڪرين ۾ سنڌين کي 40 سيڪڙو نوڪريون مس مليل آهن.

(ت) قيام پاڪستان بعد منظم سازش ذريعي، مسلم اقليت وارن مسلم ڪامورن کي ترغيب ڏيئي، پاڪستان آڻي، انهن کي مکيہ عهدن تي مسلط ڪري، انهيءَ ذريعي اهڙي پاليسي هلائي ويئي آهي.

نتيجو هيٺينءَ طرح نڪتو آهي:

(i) مرڪزي حڪومت جي سيڪريٽريٽ ۾ پنجن هزارن پويان سنڌين کي مس هڪ جاءِ مليل آهي.

(ii) بچاءَ کاتي ۾ ڏهن هزارن پويان سنڌين کي هڪ نوڪري مس حصي ۾ آئي آهي.

(iii) پرڏيهي معاملات جي کاتي مان قريباً سنڌين کي محروم رکيو ويو آهي، سواءِ ٿورن سفيرن جي. هن کاتي جي عملي مان ڇٽن هزارن پويان هڪ سنڌيءَ کي نوڪري مس مليل آهي.

(vi) مالي کاتي ۾ سنڌي اٽي ۾ لوڻ برابر آهن.

9. مهاجر پنجابي سامراجين، سنڌ جي اقتصاديات تي قابض ٿيڻ لاءِ هيٺيان قدم کنيا آهن:

(الف) ون يونٽ ٺاهي، مارشل لا لڳائي، پورا پندرهن سال سنڌ جي جملي اقتصادي ۽ مالي وسيلن کي پنهنجي سامراجي مقصدن لاءِ استعمال ڪندا رهيا آهن.

(ب) ٽن وڏين ندين جو پاڻي پارت کي ڏيئي، هڪ هزار ڪروڙ روپين جي خرچ سان نوان بيراج، تربيلا ۽ منگلا ڊيم ٻڌائي، سنڌ کي بجليءَ ۽ پاڻيءَ جي فائدي کان محروم ڪيائون.

(ت) مغربي پاڪستان صنعتي ۽ ترقياتي ڪارپوريشن تي خرچ ڪيل ٻه سئو ڪروڙ رپين مان سنڌ جي ترقياتي اسڪيمن تي صرف ڏهه ڪروڙ روپيا خرچ ڪيائون.

(ث) سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ غير سنڌي استادن جي اڪثريت رکي وئي آهي، جن امتحانن ۽ پڙهائڻ ۾ سنڌي شاگردن کي نقصان پهچايو آهي.

(ج) ڪراچي ۽ ٻين وڏن شهرن جي ميونسپالٽين ۾ عملي جي اڪثريت مهاجرن جي حوالي ڪئي وئي آهي. جن سنڌين لاءِ شهرن ۾ آباد ٿيڻ تقريباً ناممڪن بنائي ڇڏيو آهي.

(ح) ڪراچي ميونسپاليٽيءَ جي سينيئر ۽ جونيئر ڪلاس آفيسرن ۾ 13 غير سنڌي ۽ ٻه سنڌي آهن. ساڳي حالت حيدرآباد، سکر، وغيره ميونسپالٽين جي آهي. ڪلاريڪل ۽ مينيل اسٽاف ۾ سنڌي پنج سيڪڙو مس آهن.

10. هن وقت، سنڌ ون يونٽ کان جدا ٿيڻ بعد سرڪاري ملازمن ۾ سنڌي عملي جي حالت هيٺينءَ ريت آهي.

(i) سنڌ سيڪريٽريٽ جي ڪلاس ون ۽ ٽو جي جملي 66 آفيسرن مان 19 سنڌي آهن.

(ii) اسٽيٽ بئنڪ جي ڪلاس ون ۽ ٽو جي جملي 959 آفيسرن مان 3 سنڌي آهن، ۽ ان جي هيٺين عملي مان ساڍن ٽن هزارن ۾ 20 سنڌي آهن.

(iii) نيشنل بئنڪ جي ڪلاس ون ۽ ٽو جي جملي 1200 سئو آفيسرن مان 5 سنڌي آهن. ۽ ان جي هيٺين عملي ۾ سادن ٽن هزارن مان چاليهہ سنڌي آهن.

(iv) ريلوي ڊپارٽمينٽ ۾ هڪ هزار تي هڪ سنڌي آهي.

(v) پوسٽ ۽ ٽيليگراف ۾ هڪ هزار تي هڪ سنڌي آهي.

(vi) ٽيليفون ۾ هڪ هزار تي هڪ سنڌي آهي.

(vii) پورٽ ٽرسٽ ۾ هڪ هزار تي هڪ سنڌي آهي.

(viii) ڪسٽمس کاتي ۾ هڪ هزار تي هڪ سنڌي آهي.

(ix) پي آءِ ڊي سي ۾ هڪ هزار تي هڪ سنڌي آهي.

(x) ريڊيو ۽ ٽيليويزن ۾ هڪ هزار تي هڪ سنڌي آهي.

(xi) سرڪاري ڪارخانن ۾ هڪ هزار تي هڪ سنڌي آهي.

(xii) تعليم کاتي ۾ هڪ هزار تي هڪ سنڌي آهي.

11. اهو سڀ ان ڪري ٿيو آهي، جو مهاجر عملدارن هيٺيان حربا استعمال ڪري، نوڪرين جي ڀرتي ڪئي آهي:

(الف) سنڌين جي جداگانہ ڪوٽا کي ختم ڪري، آل پاڪستان جي بنياد تي کليل مقابلي ۾ نوڪريون ڏنيون ويون. سنڌين لاءِ ڪوٽا مقرر ڪرڻ جي گهر ڪندڙن کي علائقائي تعصب رکندڙ نظرئي پاڪستان جي مخالف، اسلام دشمن عناصر سڏي، ماٺ ڪرائي وڃي ٿي يا سزائون ڏنيون وڃڻ ٿيون.

(ب) اردوءَ کي قومي زبان تسليم ڪري، سنڌين کي غير مساوي حيثيت ۾ رکيو ويو آهي. ان لاءِ پهريائين ڪراچي شهر جي تعليمي ۽ انتظامي حدن مان سنڌين کي بيدخل ڪيو ويو.

(ت) ڪراچي شهر جي گهٽين ۽ رستن تان اڳوڻا نالا مٽائي، انهن تي نوان غير سنڌين جا نالا رکيا ويا آهن. نون تعمير ٿيل رستن، گهٽين ۽ جاين تي تہ سنڌي نالو اتفاق سان رکيو وڃي ٿو. نوٽن، آفيسن، بورڊن، ٽڪيٽن ۽ سنڌ جي رستن جي پٿرن وغيره تي اردوءَ ۾ نالا لکايا ويا هئا.

(ث) شهرن ۾ سنڌيءَ ۾ تقرير ڪرڻ تي غنڊن کي چوري ٽوڪزني ڪرائي وڃي ٿي.

(ج) موٽرن تي زوريءَ اردوءَ ۾ نالا لکايا ويندا هئا. نه ته انهن جا شيشا ڀڳا ويا ٿي.

12. پاڪستان جي قيام کان پوءِ سنڌين کي اميد هئي ته ٻاهران لڏي آيل مهاجر سنڌين جي قومي وجود ۾ سمائجي، سنڌي قوم جا فرد بنجي، هڪ ٿي، اهڙيءَ طرح سان هو سنڌي زبان، سنڌي ڪلچر ۽ سنڌ جا مفاد اپنائي ويندا. ليڪن تجربي مان پتو پيو آهي ته مهاجر منظم طريقي سان سنڌين جي جداگانه قومي وجود کان انڪار ڪري، پنهنجي زبان ۽ ڪلچر سنڌين مٿان مڙهي، سنڌين جا هزارها ورهين جي زبان، ڪلچر ۽ قومي وجود کي ختم ڪرڻ گهرن ٿا.

13. سنڌين کي اميد هئي ته پاڪستان جي قيام بعد ٻاهران آيل مهاجرن جي نامناسب روش ڪري، جي سنڌي هندو هتان سنڌ مان لڏي ڀارت ويل هئا، سي حالتن درست ٿيڻ بعد موٽائي سنڌ ۾ آڻبا. جو انهن ۾ بهترين انجنيئر، ڊاڪٽر، پروفيسر، مصنف، اديب، سائنسدان ۽ شاهه ۽ سچل جا ڄاڻو وغيره شامل هئا. جي سنڌ جي تعمير ترقيءَ، ادب ۽ زبان کي فروغ ڏيئي سگهن ها. پر هنن نون آيل ماڻهن ملڪ ۾ سندن خلاف نفرت پکيڙي، باقي رهيل هندن کي فساد ڪرائي، لڏائڻ جي ڪوشش ڪئي. ازانسواءِ ڀارت سان پاڪستان جا ناتا خراب ڪري، باهمي تعلقات جو دروازو بند ڪري ڇڏيو آهي. جن سنڌ جي مسلمانن سندن اهڙيءَ پاليسيءَ جي مخالفت تي ڪئي، انهن کي پاڪستان جا دشمن، اسلام جا مخالف ۽ انتشار پسند سڏي سزائون ڏنيون ٿي.

14. سنڌين کي اميد هئي ته آزاديءَ جي حصول بعد مشرق ۽ مغرب جي مختلف تهذيبن، علمن، مذهبن ۽ فلسفن جو امتزاج ڪري، دنيا جي سامهون هو اتحاد ۽ امن لاءِ سنڌ جي قديم مشن جي پيغام پهچائڻ جو ڪم سر انجام ڪندا. پر تجربي بعد ثابت ٿيو آهي ته هي نوان آيل ماڻهو نفرت، فسطائيت ۽ تشدد جا مجسما هئا. سندن طبقاتي مفاد جي بحاليءَ ۽ استحصال خاطر هي

امريڪن سامراج جا ايجنٽ ٿي ساري برصغير ڪي انتشار، بدامنيءَ ۽ غير جي غلاميءَ ۾ ڌوڪڻ ڪان نٽا رهن.

مهاجرن جي مکيہ ليڊر مسٽر لياقت علي خان وزير اعظم پاڪستان سنڌين سان هيٺيان ظلم ڪيا. جنهن ڪي سندس سنڌ دشمن پاليسيءَ ڪري، انهيءَ طبقي قائد ملت جو لقب ڏنو.

1. هن عوام جو توجهہ ملڪ جي حقيقي مسئلن جهڙوڪ غربت دور ڪرڻ، ملڪي معيشيت ڪي زور وٺائڻ، امن بحال ڪرڻ، ماڻهن ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ ڪان هٽائي، مهاجرن جي اقتصادي استحصال، سياسي برتري، ڪلچرل غلبي قائم ڪرڻ خاطر پارٽ سان مخاصمت جي پاليسي شروع ڪري، ان ڪي دشمن ملڪ سڏي، لشڪر وڌائڻ طرف توجهہ ڏياريو. اها پاليسي اڃا تائين حڪمران طبقو هلايو اچي ٿو.

2. هن مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي فائدي واري پاليسيءَ ڪي زور وٺائڻ لاءِ امريڪن بلاڪ سان جنگي عهدناما ڪري، روس ۽ هندستان سان هڪ طرف دشمني پيدا ڪئي، تہ ملڪ ڪي پاور بلاڪس جي اختلافن ۾ ٻئي طرف ڦاسايو. جنهن ڪان ملڪ اڃا تائين آزاد ٿي نہ سگهيو آهي.

3. هن مهاجرن ڪي سنڌ ڪي ڪالونائيز ڪرڻ لاءِ کوکڙاپار، سمنڊ ۽ واگها رستي ڪان اچڻ لاءِ دروازا کولي ڇڏيا. جيتوڻيڪ بينگال، سرحد جي حڪومتن مهاجرن جي زياده اچڻ تي بندش وجهي ڇڏي هئي.

4. هن پنهنجن ماڻهن هٿان نوابشاهہ، جيڪب آباد، ڪراچيءَ ۾ فساد ڪرائي، انهن ڪي لڏائڻ لاءِ سازش سٽي. جنهن جو مقصد اهو هو تہ اهڙي طرح سان هندن جي لڏائڻ ڪري جي گهر، زمين ۽ ڪارخانا ۽ ٻي ملڪيت هو ڇڏي ويندا. سي هيءُ مهاجرن جي آبادڪاريءَ لاءِ ڪتب آڻيندو ۽ ٻاهرين ماڻهن ڪي سنڌ ۾ اچڻ لاءِ اسباب پيدا ڪندو.

5. هيءُ ئي ماڻهو هو جنهن ڪراچيءَ ڪي مهاجرن جو مرڪزي بنائڻ لاءِ جناح صاحب ڪي گمراهہ ڪري، اها سنڌ ڪان ڪسي مرڪزي حڪومت ۾ پنهنجي هٿ هيٺ رکائي، جنهن ڪري سنڌين جي

ڪروڙها روپين جي خرچ سان تعمير ٿيل شهر سندن هٿن مان نڪري ويو ۽ هن کي ان مهاجرن جو مرڪز بنايو جنهن کي هاڻ مهاجرستان بنائڻ لاءِ ڪوششون ٿي رهيون آهن.

6. هن ڪراچيءَ جي زوريءَ سنڌ کان جدا ڪرڻ بعد سنڌين کي ڏوڪي ڏيڻ خاطر ۽ انهن جي مخالفت کان جهڪي ڪرڻ لاءِ وعدو ڪيو هو ته ڪراچي مرڪزي حڪومت جي حوالي ٿيڻ کان پوءِ سنڌ سرڪار طرفان ان ۾ خرچ ڪيل رقم جو تخمينو ڪرائي، اهو معاوضو مرڪز طرفان ادا ڪيو ويندو ۽ پوءِ سنڌ کي جدا گاديءَ جي شهر بڌائڻ لاءِ مدد ڏني ويندي. ليڪن جڏهن سنڌ طرفان انهن رقمن لاءِ گهر ڪئي ويئي، ته چيائين ته، ”فتح ڪيل ملڪ جو عيوضو ڪونه ٿيندو آهي.“ ان جي معنيٰ اها ٿي نڪري ته مهاجرن سنڌ کي فتح ڪري، ڪراچي شهر ورتو هو ۽ سنڌ هاڻ انهن جي غلام هئي. غلام مالڪ جي ملڪيت هئڻ ڪري، ڪنهن ملڪيت جي معاوضي لاءِ گهر ڪري نٿي سگهيو.

7. مهاجرپنجابي سامراج جي هن مکيه ڪارڪن، جڏهن سنڌي زبان ۽ ڪلچر جي ختم ڪرڻ لاءِ ڪليو ڪلايو پرچار شروع ڪرايو ته سنڌ مسلم ليگ جو صدر سيد حاجي علي اڪبر شاهه هڪ وفد وٺي، ساڻس ملڻ لاءِ ويو ۽ ڪيس سنڌي زبان ۽ ڪلچر جي حفاظت لاءِ درخواست ڪئي. ان تي هن شاهه صاحب کي چيو ته. ”سنڌين جو ڪلچر گڏهه هڪلڻ ۽ اٺ ڪاهڻ آهي، ۽ سنڌي زبان جاهلن جي زبان آهي. ان جي حفاظت ڪهڙيءَ طرح ڪري سگهبي؟“ ان جواب مان هن مهاجر سامراج جي نمائنده وزيراعظم جي سنڌين لاءِ عزت ۽ ڏڪار جو پتو پئجي سگهي ٿو. انگريزن سنڌيءَ کي زور وٺايو ۽ سنڌ ۾ نوڪري ڪندڙ هر هڪ عملدار لاءِ سنڌي سکڻ لازمي نهرايو. انگريزي ڪتابن ذريعي سنڌي زبان ۽ ادب کي بهترين شمار ڪيو. ليڪن هي نفرت جا مجسما اسلام جي نالي ۾ سنڌ تي قبضو ڪري، گهمنڊ ۾ اچي، مٿي ذڪر ڪيل جملو اچارين، ته ان تي پاڪستان جي حڪومت لاءِ سنڌين کي نفرت پيدا ٿئي، ته اها ڳالهه بيجا نه آهي.

8. هن مهاجرن جي اعليٰ منصوبي مطابق، نہ صرف سنڌ کي ڪالوني بنائي، تسلط هيٺ رکڻ لاءِ قدم کنيا، پر آهستي ڪري ٻين صوبن کي بہ مهاجر سامراج هيٺ آڻڻ جي سٽ سٽي.

هن ٻيو وار بينگال تي ڪيو. مولوي فضل الحق بينگال جي جهوني ڪارڪن کي، جنهن جي طاقت بينگال جي طاقت هئي، ڪمزور ڪرڻ لاءِ جناح صاحب کي هن جي خلاف ڪري، منجهن ناراضگي پيدا ڪئي. جناح صاحب انگريزن جي آڏار ۽ مسلم اقليت وارن چالاڪ سياستدانن جي پروپيگنڊا ڪري، گهڻي شهرت ۽ طاقت حاصل ڪري ويو. جيتوڻيڪ هو ملڪ خاطر نہ جيل ۾ ويو هو ۽ نہ آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ڪو نمايان حصو ورتو هئائين. مولوي فضل الحق جي مقابلي ۾ هن جون خدمتون گهٽ درجي جون هيون. ليڪن هن کي انگريز گورنر ۽ فرقي پرست گروهن جي آڏار تي پوئتي اڇلڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

ان کان پوءِ ٻيو نمبر قوم پرست بينگالي سياستدان حسين شهيد سهروردي هو. هو گڏيل بينگال جو ورهاڱي کان اڳ وزيراعليٰ ٿي رهيو هو. ليڪن زيرڪ مهاجر نگاهن تاڙي ورتو هو تہ جنهن صورت ۾ هو پاڪستان جي اڪثريت واري صوبي جو مکيہ سياستدان هو ۽ مهاجر طبقي ۽ جناح صاحب جو ”جو حڪم“ تي رهڻ وارو نہ هو. ان ڪري هن کي جناح صاحب سان ٽڪرائي، بينگال جي وزارت اعليٰ تان هٽائي، سندس جاءِ تي خواجہ ناظم الدين کي آندو ويو. خواجہ صاحب نهايت شريف ۽ امن پسند ماڻهو هو. ليڪن ڪمزور هئڻ ڪري هن مهاجرن جي سياسي نظرئي ۽ سياسي تسلط هيٺ رهي ڪم ڪيو. ان کان پوءِ سهرورديءَ کي آئين ساز اسيمبليءَ مان خارج ڪرائي، هن کي هر طرح بدنام ڪيو ويو. اهي سڀ ڪم مرڪزي حڪومت جي هٿ هيٺ سرزد ٿيا. ان مان پتو پئجي سگهي ٿو تہ مهاجر طبقي صوبائي حڪومتن کي سندن سامراج جون ايجنسيون ڪري هلائڻ گهريو ٿي.

(9) لياقت علي خان بينگال ۾ بهاري مهاجرن کي گهڻي تعداد ۾ لڏائي، سرڪاري نوڪرين، هندن جي جائداد ۽ ڪارخانن تي،

اتي بہ قابض ڪرڻ جي پاليسي شروع ڪئي، ۽ جناح صاحب کي گمراھ ڪري، ھن کان بينگال جھڙي قوم پرست صوبي ۾ پاڪستان جي قومي زبان اردوءَ کي بنائڻ جي غيرجوابدارانہ تقرير ڪرائي، جنھن ڪان مشتعمل ٿي، ايرندي بينگال ۾ لساني فساد ٿيا. جنھن جو آخري نتيجو بنگلا ديش جدا ٿيڻ ۾ نڪتو. انھن بھاري مسلمانن بينگال کي سندن سياسي تسلط، اقتصادي استحصال ۽ ڪلچر غلبي لاءِ ڪتب آندو ٿي. اهل بينگال جي پاڪستان خلاف مخالفت جو مکيہ ڪارڻ انھن ماڻھن جي پاليسي ۽ ڪارناما ھئا.

لياقت علي خان آئين ساز اسيمبليءَ ۾ چونڊيو بينگال مان ھو پر ان جو عيوضو ڪين اھو ڏنائين تہ اھل بينگال کي ويڙھائي، انھن کي مھاجر پنجابي سامراج جي رحم ڪرم تي ڇڏڻ جو آغاز ڪيائين.

(10) لياقت علي خان سنڌ ۽ بينگال تي نِظر عنايت ڪرڻ بعد، پنجاب طرف متوجھ ٿيو. اھل پنجاب سان مسلم اقليت وارن صوبن جي مستقل مفاد جيڪي ڪافر ماجرايون ڪيون آھن، اھو لنبو داستان آھي. ليڪن لياقت علي خان جي دور حڪومت انھن سان جي ويل وھايا، ان جو مختصر ذڪر ھيٺ ڏجي ٿو.

ان وقت پنجاب صوبي جو وزيراعليٰ نواب افتخار حسين ممدوٽ ھو. ھو سادو، ايماندار مسلم ليگي ڪارڪن ھو. گھٽ لياقت ھئڻ ڪري، ھن جو سمورو ڪاروبار پنجاب سول سروس جي پاليسيءَ مطابق ھلندو ھو جا ڳالھہ مھاجر سامراج جي ھن مدارالمھام کي پسند نہ آئي. ڇاڪاڻ تہ پنجابي ڪامورا باوجود خامين جي، وري بہ پنجابي قوم پرستيءَ جو مادو رکندا ھئا. ان ڪري نواب ممدوٽ کي ڪڍي، ميان ممتاز محمد دولتانہ کي وزيراعليٰ نامزد ڪيو ويو. ميان ممتاز محمد دولتانہ نھايت ھوشيار، قابل ۽ اعليٰ تعليم يافتہ سياستدان ھو. ليڪن ھن ۾ ھيٺيون خاميون ھيون:

1. منجھس پنجابي قوم پرستيءَ جو مادو گھٽ ھو.
2. حد درجي جو خود مطلب ھئڻ ڪري، ھو سھوليت سان مھاجر سامراج جو ايجنٽ ٿي، ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ھو.

3. هن ۾ اقتدار جي حصول جي خواهش ايترو وڌيل هئي، جو انهيءَ راهہ ۾ هن کان اصول وسري تي ويا.
4. جيترو ظاهري فهم ۽ فراست سان هو آراستہ هو اوترو وفاداريءَ ۽ اصول پرستيءَ کان پري هو.

لياقت علي خان جي ان حرڪت پنجابي مستقل مفاد ۾ بيچيني پيدا ڪئي. ٻيو ڪم جيڪو لياقت علي خان ڪرڻ گهريو ٿي، سو ميان غلام محمد خان وزير مال پاڪستان سرڪار کي ڪيڏڻ جو هو. مرحوم غلام محمد خان ۾ ڪيترائي عيب هئا، پر هن ڳالهہ کان انڪار ڪري نٿو سگهجي، تہ هو سول سروس پنجاب جو قائل ۽ خوددار ماڻهو هو. جنهن ڪري مهاجر عملدار طبقي جي ڪک جو ڪنڊو پئي محسوس ٿيو. ان جا ڪيترا دوست ۽ ساٿي بہ هئا، جهڙوڪ قربان علي خان، مشتاق احمد خان گرماني، بخت خان وغيره. تنهن ڪري جڏهن اهل پنجاب لياقت علي خان مان جان آزاد ڪرائڻ جي ٻي واهہ نہ ڏٺي، تہ مجبور ٿي پنهنجي دشمن کي قتل ڪرائي، نہ صرف اهل پنجاب جي جان آزاد ڪرائي، پر ساري پاڪستان جي اصل رهاڪن تي بہ احسان ڪيو. اهڙيءَ طرح اهل پنجاب، مهاجرن جي ڪم ازڪم سڌي اقتدار کان آزادي حاصل ڪري ورتي. ان کان پوءِ مهاجرن جو سمورو توجهہ سنڌين کي زيردست رکڻ طرف مائل ٿيو.

(11) لياقت علي خان پاڪستان جي ٻن مکيہ صوبن بينگال ۽ پنجاب جي سياستدانن ۾ آئين ۽ ٻين انتظامي مسئلن بابت غلط فهميون پيدا ڪري، انهن جو اندروني شيرازو ڪمزور ڪيو ۽ انهن کي مختلف طريقن سان پاڻ ۾ بدظن ڪري، ٻنهي صوبن جي وچ ۾ طبعي ويڇي کان وڌيڪ سياسي اختلاف پيدا ڪري ڇڏيا. بينگالين کي چيو ويو تہ هو تعداد ۾ زياده هئا، ان ڪري ڪائنن پوءِ هو ئي اقتدار جي واڳن جا حقدار هئا. پنجابين ۾ اهو اثر پيدا ڪيو ويو تہ لياقت، پيسي، سياسي شعور، فوجي برتريءَ ۽ سول سروس ۾ هو اهل بينگال کان وڌيڪ لائق هئڻ ڪري، پاڪستاني حڪومت هلائڻ جا حقدار هئا.

انهن غلط فهمين آئين پاس ڪرڻ ۾ رنڊڪ وجهي، لياقت عليءَ کي وڏيڪ وقت ڏنو تہ هو آمرانہ طور حڪومت هلائيندو رهي.

(12) لياقت علي خان صوبي سرحد ۾ عوامي نمائندي ڊاڪٽر خان صاحب جي قوم پرست وزارت کي سندس منصوبي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ تيار نہ ڏسي، ان جي وزارت کي باوجود اڪثريت جي ڪڍي، ان جي جاءِ تي خان عبدالقيوم خان کي صوبي سرحد جو وزيراعليٰ نامزد ڪيو جنهن مهاجر سامراج جو اوزار بنجي، پختون قوم پرست عوامي تحريڪ کي ڪلچڻ جي ڪوشش ڪئي.

انگريزن جي آخري دور ۾ جڏهن آزاديءَ جي تحريڪ زور تي هئي، ان وقت خان عبدالغفار خان جي خدائي خدمتگار تحريڪ گهڻيون قربانيون ڏنيون هيون ۽ پٺاڻن ۾ قومي شعور پيدا ڪيو هو. خان عبدالقيوم خان ان تحريڪ جو فرد هو پر هن کي اقتدار ۾ اچڻ جي بک ايتري قدر وڌيل هئي، جو ان جي لالچ ۾ هن ابن الوقت ٿي، خدائي خدمتگار تحريڪ سان غداري ڪري، خان عبدالغفار خان ۽ خدائي خدمتگارن تي سختيون ڪيون.

(13) 1930ع کان آل انڊيا مسلم ليگ، بلوچستان کي ٻين صوبن جهڙا سڌارا ڏيڻ ۽ اتي جمهوري نظام حڪومت رائج ڪرڻ جا ٺهراءَ پاس ڪيا. ليڪن جڏهن مسلم ليگ پاڪستان جي حڪومت جي چارج ورتي، تہ بلوچستان ۾ قوم پرست ڪارڪنن جو زور ڏسي، لياقت علي خان نہ صرف بلوچستان ۾ جمهوري حڪومت رائج نہ ڪئي، پر اتي جي ڪارڪنن کي جيلن ۾ موڪلي، طرح طرح جون تڪليفون پهچايون.

(14) لياقت علي خان جي چوٽيءَ ۽ ڪرٽي ۾ اختلاف هو. هن هڪ طرف اسلامي آئين ۽ نظام اسلامي رائج ڪرڻ جا نعرا هڻي، ماڻهن جو توجهہ ملڪ جي حقيقي مسئلن کان هٽائڻ گهريو تہ ٻئي طرف سندس بيگم مينا بازارن جو رواج وجهي، بي پردگيءَ کي زور وٺايو. جنهن ڪري جماعت اسلامي جهڙيءَ رجعت پسند جماعت کي وجهہ ملي ويو تہ پاڪستاني حڪومت جي پاليسيءَ کي بدنام ڪري ۽ نوجوان وري مذهب جي نالي ۾ استحصال ڏسي مذهب کان ٿڏا ٿيڻ لڳا.

(15) لياقت علي خان مهاجر سامراج جي نقطہ نگاه کان نظريي پاڪستان جي بنياد تي فسطائي سياست، فرقيوار ذهنيت ۽ رجعت پسنديءَ جي خيالن کان زور ورتائي، پاڪستان جي سياست کي جمهوريت، سيڪيولرزم، قوم پرستي ۽ سوشلزم جي جديد اصولن کان پري رکيو. هن هر ترقي پسند ڪارڪن کي هندستان جو ايجنٽ، علاقائي ذهنيت رکندڙ دهريو، پاڪستان دشمن ۽ انتشار پسند سڏي بدنام ڪيو ۽ سزائون ڏنيون.

(16) هن پاڪستاني مسلمانن جو توجهہ ملڪ جي حقيقي مسئلن، جهڙوڪ: معيار زندگي بلند ڪرڻ، جمهوري نظام قائم ڪرڻ، تحرير ۽ تقرير جي آزادي، ننڍين قومن جي اندروني خودمختياري ۽ هڪ ٻئي سان رواداريءَ جي برتاءَ کان هٽائي، نون نعرن طرف ڇڪايو. جهڙوڪ:

1. هندستان کان پاڪستان کي خطرو.
2. ڪميونزم کان پاڪستان کي خطرو.
3. علاقائي تعصب وڌڻ ڪري، پاڪستان جي ڪمزور ٿيڻ جو خطرو.
4. قوم پرستيءَ ۽ سيڪيولرزم کان سلام کي خطرو وغيره.

لياقت علي خان زبان جو ڪچو، طبعيت جو سفلہ مزاج ۽ آمر وزيراعظم هو.

(الف) هن عبدالغفار خان ۽ سندس ساٿين کي هندستان جو ايجنٽ ۽ غدار ملڪ سڏي، جيل ۾ موڪليو. هيءُ حڪومت جي عارضي گهمنڊ ۾ ان ڳالهہ کي ڏسي نہ سگهيو تہ خان بادشاه پناڻن جي حقن جو علمبردار هو. ان جي مخالفت، پناڻ قوم جي مخالف برابر هئي.

(ب) هن بينگال جي اعليٰ قوم پرست ليڊر حسين شهيد سهرورديءَ کي هندستان جو جاسوس ۽ ڪتو سڏي، آئين ساز اسيمبليءَ کان خارج ڪرايو.

(ت) هن مولوي فضل الحق کي هندن جو غلام سڏي، سياست کان ٻاهر ڪيدرايو. هن اقتدار جي نشي ۾ غرق ٿي اهو ڪونہ ڏٺو تہ بينگال جي انهن بنهي اعليٰ ليڊرن جي توهين ۽ مخالفت ڪرڻ ڪري،

هو اهل بينگال جي دلين ۾ پاڪستان جي مخالفت جي هوا پيدا ڪري رهيو هو.

(ث) هن جي-ايم-سيد، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ سندن ساٿين کي هندن جا ايجنٽ ۽ غدارِ قوم سڏي، پهرئين ڪين جيل ۾ موڪليو ۽ سندن نئين ملڪ جي ترقيءَ ۽ تعمير لاءِ هنن طرفان آڇيل خدمات کي حقارت جي نظر سان ٺڪرائي ڇڏيو.

هن کي طاقت جي نشي ۾ اها خبر نہ پيئي تہ اهي مڪاني ليڊر وقتي طور ڪيترا بہ ڪمزور هئا، ليڪن سنڌ جي حقوق جا روح روان هئا. سنڌ جي بمبئي کان علحدگيءَ لاءِ ڪم ڪيو هئائون، جنگ آزاديءَ ۾ حصو ورتو هئائون. هي ابن الوقت خودمطلب ڪارڪن نہ هئا.

(ج) لياقت علي خان بلوچستان جي مخلص ڪارڪنن خان عبدالصمد خان، شهزاده عبدالڪريم ۽ ٻين قومپرستن ڪارڪنن کي صوبي جي حقوق لاءِ آواز اٿارڻ سبب جيل ۾ موڪليو. هن غرور جي انڌ ۾ اچي، اهو ڪونہ سوچيو تہ اهي ماڻهو بلوچ ۽ پختون قوم جا روح روان هئا. ٻنهي قومن جي روح کي ڪهڙيءَ طرح دٻائي سگهيو ٿي!

(18) لياقت علي خان نهايت ئي ڳڙ چور ۽ طوطي چشم ماڻهو هو. جناح صاحب جي حياتيءَ ۾ هن جي خوشامد ڪندو رهيو ان جي انتقال بعد جناح صاحب جي همشيره فاطمہ جناح جي زندگي تلخ ڪري ڇڏيائين.

(19) هي حد درجي جو منافق ماڻهو هو. هڪ طرف اسلامي آئين ۽ نظام اسلاميءَ جي نالي ۾ عوام جو توجهہ حقيقي مسئلن کان هٽائي، مهاجر سامراج لاءِ ميدان هموار ڪندو رهيو. ٻئي طرف مولانا شبير عثمانيءَ جڏهن هن کي چيو تہ آئيني ۽ مذهبي مسئلن ۾ هن کان مشورو نٿو ڪيو وڃي، تہ هن ان کي چيو: "اوهان جي آئين ساز اسيمبليءَ ۾ شموليت ۽ دعائون ڪافي آهن. وڌيڪ ڪم اسان پاڻهي ڪنداسون."

(20) هي ايترو ڪريل ذهنيت جو ماڻهو هو جو چوڌري خليق الزمان کي هن مسلمان ملڪن ڏانهن پئن اسلامزم جي پرچار لاءِ ٻاهر موڪلي، هن جي پويان شخصي اختلافن جي بنا تي، انهن

ملڪن ۾ پاڪستاني سفيرن کي هدايتون ڪيون ته چوڌري صاحب سان تعاون نہ ڪيو وڃي.

(21) هن مهاجرن جي اهڙي حوصلہ افزائي ڪئي، جو هو پاڻ کي سنڌ جا فاتح سمجهي، سنڌين کي حقارت سان ڏسي، انهن سان بدسلوڪي ڪرڻ لڳا. تنهن ڪري سنڌين کي مهاجرن لاءِ جا همدردي پئدا ٿي هئي، سا ختم ٿي ويئي ۽ سنڌي مهاجرن کي سنڌ جو دشمن، استحصالي، مجسمہ نفرت ۽ فرعون صفت سمجهڻ لڳا.

(22) هن پختونن سان بدسلوڪي ڪرڻ سان آئينده واسطي پختونستان تحريڪ جي زور وٺڻ لاءِ بنياد وڌو. اهڙيءَ طرح سان افغانستان سان مخالف جو آغاز ڪيائين.

(23) هن جناح صاحب جي انتقال بعد غير آئيني طرح، پارٽيءَ ۽ اسيمبليءَ جي ميمبرن کان مشورو ڪرڻ کان سواءِ خواجہ ناظم الدين کي بينگال مان آڻي گورنر جنرل مقرر ڪيو ۽ مرڪزي حڪومت ۾ ٽيون حصو مهاجر وزيرن کي رکيو. جهڙوڪ: پاڻ، محمد اسماعيل چندريگر، اشتياق حسين قريشي، ڊاڪٽر محمود حسين، ۽ ٻين اهڙن طريقن سان خواجہ صاحب کي حڪومت جي معاملن ۾ بيدخل ڪري ڇڏيائين.

(24) هن ڪاموري ڪلاس جي طاقت وڌائي، چند ڪامورن جي همت افزائي ڪئي، جنهن ڪري اڳتي هلي ملڪي سياست ۾ دست اندازي ٿي. سڪندر مرزا، چوڌري محمد علي ۽ جنرل ايوب خان هن جا منظور نظر هئا.

(25) هن جمهوريت کي ڪمزور ڪري، فسطائيت کي زور وٺائڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾ سرگس ڪيڏائي، پنهنجي بنگلي جي پر ۾ ماڻهو گڏ ڪرائي، مسولينيءَ وانگر دريءَ مان بيهي ماڻهن کي تقرير ڪندي چيو: ”آئيندي پاڪستان جي سياست جو نشانو مڪو هوندو“. ان جي پوئلڳيءَ ۾ ٻين شهرن مان بہ سرگس نڪتا. جن ۾ هن جا پوئلڳ جيپن ۾ مڪو ڏيکاريندا ٿي هليا.

(26) هن پاڪستان تي اسلامي ريپبلڪ جو نالو رکي، ان ۾ شرابخوري، جوا، گهوڙي ڊوڙ سمگلنگ ۽ مينا بازاريون جاري رکيون. اهڙيءَ طرح سان عام ماڻهن تي اهو اثر ٿيو ته اسلام جو نالو صرف ڌوڪيءَ لاءِ ورتو ٿي ويو. ليڪن پاڪستاني حڪام جو اسلام جي روح سان ڪو واسطو ڪو نه هو بلڪ هنن جا افعال عين اسلامي حڪام جي خلاف هئا.

هن پاڪستان جي مڪاني زبانن کي نظرانداز ڪري پنهنجي ٻاهران آندل اردو زبان کي قومي زبان طور مڙهڻ جي پاليسيءَ تي عمل ڪيو. جنهن مان هيٺيان نقصان پهچي رهيا آهن:

(i) اردو پاڪستان جي ڪنهن به ملڪ جي قومي زبان نه هئي.

(ii) مهاجرن جي جدا قوميت کي تسليم ڪرڻ، سنڌ جي ورهاست جو پيش خيمو هو.

(iii) اردوءَ کي پاڪستان جي قومي زبان تسليم ڪرڻ، سنڌين کي سندن قومي ورثن، جهڙوڪ: سياسي آزادي، اقتصادي خوشحالي، ڪلچر ۽ زبان جي حفاظت تان هٿ ڌوئڻ جي برابر هو.

(iv) انهيءَ زبان بينگالين کي پاڪستان کان جدا ٿيڻ لاءِ مجبور ڪيو.

(v) انهيءَ زبان اردوءَ جي نالي ۾ سنڌ جي سرزمين تي 4 مارچ 1967ع تي سنڌي شاگردن کي مارون مليون.

(vi) انهيءَ زبان جي بحاليءَ لاءِ سنڌين جي دڪانن، جاين کي ڦريو ۽ ماريو ويو ۽ سنڌين کي قتل ڪيو ويو.

(vii) هيءَ زبان مهاجر پنجابي طبقي جي جملي سازشن جي ڪنجي هئي. ان زبان کي زوريءَ ملڪ مٿان مڙهڻ، سنڌين کي پاڪستان سان ڪليل بغاوت ڪرڻ جي دعوت ڏيڻ جي برابر هو.

سنڌ جي شاگردن سنڌ جي اڳوڻي وزيراعليٰ مسٽر ممتاز علي خان ڀٽي کي پڻ اهڙي قسم جي هڪ عرضداشت پيش ڪئي هئي. جنهن ۾ هنن سنڌ جي مسئلن جي وضاحت هن ريت ڪئي هئي.

(1) اسان کي معلوم آهي ته پاڪستان جي نهڻ ڪانپوءِ پهريون دفعو جمهوري طرز تي نمائنده حڪومت پيپلز پارٽيءَ جي نهي آهي جنهن جو صدر خوش قسمتيءَ سان هڪ سنڌيءَ آهي.

(2) اسان کي هي بہ معلوم آهي تہ پيپلز پارٽيءَ ۾ اڪثريت پنجابي نمائندن جي آهي، جنهن ۾ جي. اي. رحيم، معراج محمد خان ۽ ڪوثر نيازيءَ جهڙا سامراجي ذهنيت رکندڙ ڪٽر فرقي پرست ۽ سنڌ جا دشمن موجود آهن.

(3) اسان کي هيءُ بہ معلوم آهي تہ اهل پنجاب جي اڪثريت تي هن وقت مهاجر نظرين ۽ فرقي پرست ذهنيت جو ڀوت سوار آهي.

(4) اسان کي هي بہ معلوم آهي تہ پيپلس پارٽي پاڻ کي غير فرقيوار ۽ ترقي پسند اصولن جي حامي جماعت ڪوٺائڻ جي باوجود، اقتدار ۾ رهڻ خاطر مهاجرن جي ايجاد ڪيل نظرئي مسلم قوم ۾ ويساه رکڻ لاءِ مجبور آهي.

(5) اسان کي هي بہ معلوم آهي تہ باوجود ان جي پيپلز پارٽي مرڪزي اسيمبليءَ ۾ اڪثريت رکي ٿي، سندس موجوده حڪومت جا نمائنده، سول سروس ۽ فوجي عملدارن کي حقيقي طاقت جو مرڪز سمجهي، ان جي حڪم پٺيان هلن ٿا.

(6) اسان کي هي بہ معلوم آهي تہ صدر صاحب ۽ ان جا ساٿي ظاهري طور جمهوريت ۽ سوشلزم ۾ ويساه رکڻ جي دعويٰ ڪن ٿا، ليڪن ان جي باوجود هو اسلامي آئين، اسلامي نظام حڪومت ۽ نظِرئي پاڪستان جو راڳ اچاريندا رهن ٿا. اهو صرف ان ڪري آهي، جو کين پتو نہ آهي تہ سوشلزم ۽ جمهوريت، سواءِ قوم پرستيءَ ۽ سيڪيولرزم جي حاصل نہ ٿي سگهندا.

(7) اوهان کي معلوم هوندو تہ پاڪستان ۾ چار قومي زبانون، هر هڪ سنڌي، پنجابي، پختون ۽ بلوچي صدين کان موجود آهن.

(8) اوهان کي هي بہ معلوم آهي تہ انهن چئني زبانن مان سنڌي ترقي يافتہ ۽ شاهوڪار زبان آهي. ان اصول مطابق پاڪستان جي واحد قومي زبان ٿيڻ جو حق سنڌيءَ کي هو. پر باوجود انهيءَ علم جي اوهان جي پارٽي (الف) اقتدار ۾ رهڻ خاطر (ب) اهل پنجاب جي ناراضپي جي ڏپ کان، ۽ (ت) مهاجر ۽ فرقي پرست ماڻهن جي راضپي خاطر، غيرملڪي زبان اردوءَ کي قومي زبان مقرر ڪري، سنڌيءَ جي مستقبل کي خود سنڌ ۾ خطري ۾ وجهي

چڙهيو. اوهان سنڌي ٻوليءَ کي رڳو سنڌ جي سرڪاري زبان بنائڻ کان بہ ڊڄي ويا.

(9) اوهان کي معلوم هوندو تہ سنڌين جي باشعور ماڻهن جي اڪثريت سنڌ اسيمبليءَ ۾ ٻوليءَ بابت پيش ٿيل بل کي تسلي بخش نٿي سمجهيو پر اوهان کي مشڪلاتن ۽ ڪمزورين کي مدنظر رکندي، هو ان تي خاموش رهيا.

(10) اوهان جي پارٽي ميمبرن ان بل تي اسيمبليءَ ۾ زوردار تقريرون ڪري 62 ميمبرن مان 51 ميمبرن جي اڪثريت سان بل کي پاس ڪرايو.

(11) اوهان کي معلوم آهي تہ مهاجر اردودان ميمبرن اسيمبليءَ ۾ ان بل جي مخالفت ڪئي هئي ۽ بل پاس ٿيڻ بعد ڪراچيءَ ۽ ٻين شهرن ۾ لساني فساد ڪرايا. جن ۾ سنڌين جي گهرن ۽ دڪانن کي ڦرڻ، باهيون ڏيڻ، سنڌين جي بي عزتي ڪرڻ ۽ انهن جا قتل جا واقعا سرزد ٿيا. هنن صدر پاڪستان ذوالفقار علي ڀٽي، اوهان (ممتاز علي خان) وزيراعليٰ سنڌ ۽ گورنر سنڌ مير رسول بخش خان ٽالپر جي شان خلاف فحش نعرا پٽين تي لکڻ، سنڌن قبرون ٺاهي، انهن جي بي عزتي ڪئي، پتلا ٺاهي ساڙيا ويا، سنڌن نالا ڪتن تي رکي، انهن جا سرگس ڪڍيا. صدر صاحب جي اهليہ ۽ نياڻيءَ جي ذات خلاف ناشائستہ ڪارٽون ۽ نعرا، پٽين ۽ پوسٽرن تي لکيا ويا.

اهو سڀ ان ڪري ڪيو ويو جو اوهان سنڌي هئا. ان ڳالهہ سنڌ جي ٻچي ٻچي ۾ رد عمل پيدا ڪيو. جيڪڏهن پيپلز پارٽيءَ جي ڪارڪنن جي، صدر صاحب جي حڪم موجب مهاجرن کي مدد نہ پهچي ها، تہ سنڌي انهن گستاخ مهاجرن جي گت نهايت خراب بنائين ها. اسان کي اميد هئي تہ اوهان جي قومي غيرت جوش ۾ اچي، انهن بدڪردار ۽ نمڪ حرام پناهگيرن کي سنڌن گناهن جي سزا ڏيندي، ليڪن اسان جي تعجب جي حد نہ رهي، جڏهن يڪا يڪ 8 جولاءِ 1972ع تي راولپنڊيءَ مان صدر صاحب، آئيني طرح پاس ٿيل بل تي غور ڪرڻ لاءِ چند ماڻهن کي راولپنڊيءَ ۾ گهرايو جن ۾ فساد

ڪراچيءَ پناهگير ليڊر بہ شامل هئا. انهن کي سرڪاري خرچ تي گهرايو ويو هو.

اسان کي خبر نہ آهي تہ ڪهڙا ڪارڻ هئا، جنهن ڪري صدر صاحب اهو غير جمهوري قدم کڻي، سنڌ اسيمبليءَ جي معاملي ۾ دست اندازي ڪئي، پر جيتري قدر معلوم ٿي سگهيو آهي، ان مان ائين پتو پوي ٿو تہ پناهگيرن سنڌن بيپناهہ پروپيگنڊا ذريعي اهل پنجاب کي، جماعت اسلاميءَ ۽ پي. ڊي. پي معرفت حڪومت جي برخلاف ڪري ڇڏيو. جنهن ڪري صدر صاحب کي ڊپ پيدا ٿيو تہ اهي گڏجي، سندس حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيندا. ان ڪري گادي بچائڻ لاءِ صدر صاحب بقول رئيس امروهي، "منت سماجت ڪرڪے، مهاجرن جا شرط مڃي، انهن اڳيان پيش پئي، آرڊيننس ذريعي ان بل جي افاديت کي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پوءِ اوهان سنڌين کي ڏوڪي ڏيڻ لاءِ ظاهر ڪيو تہ:

"اڱوٺو بل سلامت رهيو ۽ سنڌين جا حق سلامت رهندا. زبان جو مسئلو خاطر خواه نموني فيصل ٿي ويو."

ليڪن جيڪڏهن دل ۾ نہ ٿئيوَ تہ صاف چئون تہ ان کان وڌيڪ منافقي ۽ ڏوڪيبازي ٿي نٿي سگهي. جيڪڏهن طاقت جي نشي ۾ اوهان سنڌين جو رايو ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هجو، سواءِ پناهگيرن جي طريقي جي، يعني فسادن جي، تہ اها ڳالهہ ٻي آهي؛ ليڪن ان آرڊيننس واري قدم کڻڻ ڪري جي هيٺيان نتيجا نڪتا آهن، تن کان انڪار ٿي نٿو سگهي:

(1) صدر جي ان دست اندازيءَ ڪري، مرڪزي حڪومت جي سامهون صوبائي اسيمبليون ۽ پراونشل آٽونامي فارس ٿيو پون. چاڪاڻ تہ ان حالت ۾ ڪثرت راءِ سان پاس ڪيل بل کي مرڪزي حڪومت، قلم جي نوڪ سان ختم ڪري سگهي ٿي، جا ڳالهہ انتها پسند ۽ غيرتمند سنڌين کي، اهو ڏسي تہ پاڪستان رڳو مهاجر ۽ پنجابي سامراج جي اثر هيٺ هلي رهيو آهي، خود پاڪستان خلاف ٿي، آزاد سنڌ جي تحريڪ اُڀارڻ لاءِ ڪافي اسباب پيدا ڪري ٿي.

(2) اهو قدم صوبائي اسيمبليءَ ۾ حڪومت تي بي اعتماديءَ جو فيصلو هو. جيڪڏهن اوهان جي وزارت کي ذرا بہ غيرت هجي ها، تہ اهڙي حڪم کي قبولڻ عيوض استعيفائون ڏئي وڃي ها.

(3) ان فيصلي جو نتيجو اهو نڪري ٿو تہ ڪثرت ۾ ان جا فيصلا ڪا بہ حيثيت نٿا رکن. جيڪڏهن چند بااثر ۽ شرير ماڻهو ڪا ڳالهہ جمهوري ۽ آئيني طريقن سان حاصل ڪري نٿا سگهن، تہ گوڙ فساد ڪري، اوهان جهڙن اقتدار جي بکين کي ڊيڄاري، ساڳي ڳالهہ زور سان مڃائي سگهن ٿا.

(4) ان مسئلي جو نمايان پهلو نظرانداز نہ ڪرڻ گهرجي، تہ ان ساري معاملي ۾ سنڌي سياستدانن جي وڏي بي عزتي ٿي چڪي آهي، هو سنڌن واجبي سوال کي ڪثرت راءِ سان اسيمبليءَ ۾ پاس ڪرائڻ بعد چند غنڊن جي ڪاررواين ڪري، ماڻهو بہ مارائين ٿا، گهر ۽ دڪان بہ ساڙائين ٿا، گاريون بہ جهلين ٿا ۽ اسيمبليءَ ۾ ڏهن سرن قربان ڪرڻ جي هام هڻڻ جي باوجود، نيٺ پناهگيرن جا شرط مڃي، ان جي آڏو پيش بہ پون ٿا. ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سنڌين مان اوهان وارو ڪلاس، وڏو بي غيرت ۽ بزدل آهي.

(5) محمد ايوب کهڙي کي سنڌين ون يونٽ قائم ڪرڻ وقت نهايت برو ان ڪري سمجهيو هو تہ هن عهدي ۽ اقتدار حاصل ڪرڻ خاطر، سنڌ کي غيرن جي هٿ ۾ وڪڻي ڇڏيو پر اوهان هن حالت ۾ اقتدار کي بچائڻ خاطر، اهو ساڳيو ذليل واپار ڪرڻ قبوليو آهي، جنهن ما هيٺيان نتيجا نڪتا آهن:

(الف) سنڌ کي عملي طور ٻن زبانن جو صوبو تسليم ڪيو ويو آهي.

(ب) اِئين ڪرڻ سان مهاجرن کي جدا قوم مڃڻ جو اصول تسليم ڪيو ويو آهي، جنهن ڪري هو سنڌ کي ورهائڻ لاءِ گهر ڪري رهيا آهن.

(ت) سنڌ ۾ مکيہ عهدن تي غير سنڌي عملدارن کي رکڻ جو اصول قبول ڪيو ويو آهي. ۽ سنڌ ۾ رهيل قوم پرست سنڌي عملدارن کي تبديل ڪيو ويو آهي.

(ث) گوڙ ڪندڙن مهاجرن جي رضامندي خاطر ٻن هزار سنڌين کي جيل ۾ موڪليو ويو آهي، ۽ مهاجرن کي آزادي ڏني ويئي آهي ته هو پرچار ڪندا رهن.

(ج) پناهگير ڌوهارين لاءِ سندن ٿيل نقصان جي عيوضي طور 25 لک روپيا منظور ڪيا ويا آهن.

(ح) مهاجرن کي ٿڌي ڪرڻ لاءِ صدر ذوالفقار علي ڀٽو ساري سنڌ ۾ گشت ڪري، سنڌين کي هدايت ڪرڻ ويو ته مهاجر ڇا به ڪن ته به سندن نالو نه ورتو وڃي. ڇڻ ته ڌوهاري سنڌي هئا. پر باوجود ان جي، سندس گشت پوري ٿيڻ تي، مهاجرن سندس هر طرح جي بي عزتي ڪئي. ايتري قدر جو سندس اڳيان اگهاڙو ٿي ڏيکاريائون.

(خ) مهاجرن کي رضامند ڪرڻ لاءِ باوجود مٿي ذڪر ڪيل حالتن جي صدر ذوالفقار علي خان ڀٽي، ٽيليويزن تان مهاجرن کان ٻانهون ٻڌي معافي ونڻ وقت، هنن کي اهو شرم وڌو ته جي ٻيو خيال نه ٿئين ته اِهو ننگ پوين. جو (هن جون به پيٽون مهاجرن جي گهرن ۾ هيون) هو سندس مائٽ هو.

(د) ٻيا مخفي شرط، جيڪئن پناهگيرن طرفان ظاهر ڪيو وڃي ٿو قبوليا ويا آهن، سي اڃا ظاهر نه ٿيا آهن. (ان کان پوءِ ظاهر ٿي چڪا آهن.) انهن ۾:

1. ڪراچيءَ کي جدا صوبو بنائي، مهاجرن جي حوالي ڪرڻ.
2. سنڌ وزارت ۾ مهاجرن کي نمائندگي ڏيڻ.
3. گورنر جو عهدو مهاجرن کي ڏيڻ.
4. غيرسنڌي ڪامورن کي سنڌي زبان نه ڄاڻڻ جي باوجود نوڪرين ۾ هلائيندو اچڻ، وغيره.

(ذ) مهاجرن کي سنڌ جي نوڪرين، 50 سيڪڙو نوڪرين ڏيڻ جو اصول قبول ڪرڻ.

(ر) اهو شرط به قبوليل آهي ته آدمشماريءَ جا فارم اهڙيءَ طرح ڇپايا ويندا، ۽ اها اهڙيءَ طرح شمار ڪرائي ويندي، جو پناهگيرن کي سندن آباديءَ جي تعداد ۾ اضافي ڪرڻ لاءِ سهوليت ڏيئي.

(ز) پناهگيرن جي صوبائي ۽ مرڪزي نوڪرين ۾ موجوده برتريءَ ۽ اڪثريت کي برقرار رکڻ قبوليو ويو آهي.

(س) ريڊيئي ۽ ٽيليويزن تي پناهگيرن کي ڇوٽ ڏيئي، سنڌي زبان، ڪلچر ۽ مفاد کي نقصان پهچائڻ لاءِ رستو ڪليل ڇڏيو ويو آهي.

(ش) اهو به قبوليو ويو آهي ته سنڌي زميندارن کان زمينون کسي، هارين کي ڏنيون وينديون، پر مهاجرن کي سنڌي هندن جي بي واجبي طرح ڏنل ملڪيت کي هٿ نه لاتو ويندو.

(ص) اهو به طي ڪيو ويو آهي، ته اهڙا طريقا استعمال ڪيا ويندا، جو سنڌ يونيورسٽيءَ کي بند ڪري، سنڌين کي اعليٰ تعليم کان بي بهرو ڪيو ويندو ۽ ان جي برخلاف مهاجرن جي تعليمي حيثيت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ، وڏيون رقمون سنڌ ۾ اردوءَ جي فروغ لاءِ گرانٽ طور ڏنيون وينديون.

(ض) هيءُ به فيصلو ڪيو ويو آهي ته مهاجرن جي رضامنديءَ خاطر جماعت اسلاميءَ سان مخفي ناهه ڪري، انهن جي پاليسيءَ مطابق سنڌي قوم پرستيءَ جي تحريڪ کي ختم ڪرڻ لاءِ هر طرح جا قدم کنيا ويندا.

خدا ڪري اهو سڀ ڪجهه سچ ثابت نه ٿئي، ليڪن ذوالفقار علي خان ڀٽي جي گذشته روايات جي آڌار تي، قوي گمان پيدا ٿين ٿا ته جنهن صاحب ايوب خان کي خوش ڪرڻ خاطر ڪيس لينن، ڪمال اتاترڪ، صلاح الدين ايوبي ۽ ابرهام لنڪن چيو ۽ شاه لطيف هٿان هار پارائڻ جو اهل سڏيو هجي، جنهن صاحب جنرل يحيٰ خان ۽ سندس ملٽري جنتا کي خوش ڪرڻ خاطر ڪين بينگالين کي اقتدار نه ڏيڻ ۽ سڌي قدم کڻڻ جي صلاح ڏني هجي، ۽ بينگال ۾ مارشل لا ڊيڪليئر ڪري قتل عام ڪرائڻ تي چيو هجي ته ”شڪر خدا جو بروقت قدم کڻي، يحيٰ پاڪستان بچائي ورتو.“ جنهن صاحب مهاجرن کي خوش ڪرڻ لاءِ محمد بخش ڏامراه، حفيظ قريشي، مولوي ربانيءَ ۽ جي ايم سيد وغيره کي جيل ۾ موڪلي، نوجوان قوم پرست شاگردن کي لاڙڪاڻي جي ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ هٿان ڏنڀ ڏياريا هجن، سو جڏهن سندس اقتدار لاءِ خطرو ڏسي، ته سنڌ جي آٽونامي، زبان، ڪلچر

۽ اقتصادي مفاد کي مهاجر پنجابي سامراجين کي هٿن ۾ وڪرو ڪري تہ اها ڳالھ اعتبار ۾ اچي سگهي ٿي.

اهي سڀ ڪڏا ڪم موجوده صدر ۽ ان جي پارٽي انهيءَ لاءِ ڪري رهي آهي تہ سندس حڪومت کي مهاجر پنجابي مستقل مفاد زياده عرصي تائين اقتدار ۾ رهڻ ڏين. ليڪن هن حقيقت کان انڪار ڪري نٿو سگهجي، تہ هنن ماڻهن کي ساڻس مخالفت، سندس سنڌي هئڻ تي آهي. جيستائين پٿو صاحب بي غيرت ٿي، لالچ خاطر سنڌي مفاد کي نقصان پهچائي، سندن حڪم مڃيندو ايندو، ان وقت تائين هو کيس ڪرسيءَ تي سلامت رکندا ايندا. پر جهڙيءَ طرح هنن کهڙي صاحب کان ون يونٽ ڪرائي، ٻن مهينن کان پوءِ هن کي وزارت اعليٰ تان هٽائي ڇڏيو، اهڙيءَ طرح ساڳي حالت پٿي ساڻ بہ ڪندا. ان حالت ۾ هو نہ پاڻ بچائي سگهندو، نہ پاڪستان کي...

سنڌي شاگردن صدر (هاڻ وزيراعظم) ذوالفقار علي خان پٿي کي سنڌ سان ٿيل ظلمن جو ذڪر ڪري، کين عرضداشت پيش ڪندي، ان جي 24 صفحي تي هيٺين طرح عرض ڪيو هو:

جناب صدر صاحب! جناح صاحب پاڪستان قائم ڪري، اسان کي هڙيءَ حالت ۾ آندو آهي. هاڻ اوهان تي ڇڏيل آهي تہ اڳين جي نقش قدم تي هلي، ان کي تباھ ڪرڻ لاءِ راھ هموار ڪريو يا تاريخ جي تجربي مان سبق حاصل ڪري، ملڪي مسئلن کي نئين انداز ۾ فيصل ڪريو.

اسان کي اوهان کي هيٺين لياقتن جا مالڪ سمجهي، اميد رکون ٿا تہ ماضيءَ کي درگذر ڪري نِئين انداز ۾ پاليسي مرتب ڪندا:

(1) اوهان جو سنڌ ۾ جنم ورتل آهي، تنهن ڪري سنڌ قوم جا فرد آهيون.

(2) هر مسئلي کي دنيا جي حقيقتن ۽ جديد نقط نگاھ کان ڏسڻ جا اهل آهيو.

(3) صحيح جمهوري قدرن ۾ ويساھ رکڻ جي دعويٰ ڪريو ٿا.

(4) پهريان چونڊيل غير سرڪاري صدر آهيو.

(5) سياست عمليءَ جا ماهر آهيو.

ان حالت ۾ اسان حق بجانب ٿينداسون. تہ اوهان کي عرض ڪريون ٿا تہ:

(1) سنڌين جي جدا قومي وجود کان انڪار ڪندڙ مهاجر پنجابي سامراجي قوتن جي ظلم کان اسان کي بچائڻ ۾ مدد ڪريو.

(2) مرڪزي حڪومت کي مضبوط ڪرڻ جي نالي ۾ مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراج جي غلاميءَ کان سنڌين کي بچايو.

(3) ڀارت جي وهمي دشمنيءَ جي نالي ۾ لشڪر وڌائي، وري ملٽري رول قائم ٿيڻ جي راهہ بند ڪرڻ لاءِ ڪو قدم کڻو.

(4) ملڪي پاليسي مذهبي تعصب ۽ نفرت جي عيوض محبت دانشمندي، سيڪيولرزم ۽ غير جانبدار بنيادن تي قائم ڪري، صحيح سوشلزم جي قيام لاءِ راهہ هموار ڪيو.

(5) اردو زبان جي ذهني سامراجيءَ کان سنڌين کي بچايو.

پر جيڪڏهن ڪن مجبورين سبب، اڳوڻن حاڪمن وانگر اوهان بہ:

1. نظريہ پاڪستان.
2. هندوستان دشمني.
3. باهمي نفرت.
4. مذهبي نظام حڪومت.
5. مضبوط مرڪز.

جو راڳ اچاريندا رهندا تہ اوهان کي هيٺين حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهڻو پوندو:

(1) ڪٽر قوم پرستي پيدا ٿي، صوبا مرڪز جي خلاف ٿي، پاڪستان جي ٽوڙڻ لاءِ تيار ٿي ويندا.

(2) مرڪز ۾ مهاجر پنجابي تسلط جي قبضي کان تنگ ٿي ملڪ ۾ بغاوتون پيدا ٿي پونديون.

(3) مذهب جي نالي ۾ استحصال ٿيڻ ڪري، نوجوان مورڳو مذهب کان بيزار ٿي پوندا.

(4) سنڌي اهڙي پاڪستان ۾ رهڻ کان آزاد ٿيڻ زياده پسند ڪندا، جنهن ۾ هو ڪالونيءَ طور هلايا وڃن.

پر پنو صاحب گادي بچائڻ لاءِ مجبور هو تہ مهاجر پنجابي سامراج جو "شو بواءِ" تي ڪم هلائيندو رهي.

نہ رڳو هن متي شاگردن جي ذڪر ڪيل عرضداشت تي خيال نہ ڪيو پر انهيءَ عرضداشت کي ضبط ڪري، جنهن پريس جي نالي اهو ڇپائي ڊيڪاريل هو ان کي ضبط ڪري، ان جي مئنيجر کي جيل ۾ وڌو ويو.

اهڙين حالتن هيٺ، غور سان ڏسجي ٿو تہ معلوم ٿئي ٿو تہ جن اميدن ۽ آسرن تي سنڌين کي پاڪستان جي قيام تي رضامند ڪيو ويو هو انهن جي برتواب نہ ٿيڻ ڪري، هنن لاءِ ان کانسواءِ ڪو چارو نہ رهيو آهي، تہ ان کي ٽوڙي، آزاد سنڌو ديش قائم ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪن.

فصل ٽيون

پاڪستان جي قيام بعد سنڌين کي رسيل نقصان

اڳئين فصل ۾ ٻڌائي آيو آهيان تہ ڪهڙين اميدن ۽ آسرن سان پاڪستان قائم ٿيل هو ۽ بعد ۾ اهو ڪهڙيءَ طرح مهاجر پنجابي سامراج جو اڏو بنجي، پاڪستان جي مختلف قومن لاءِ طوقِ غلامي بنجي پيو هو.

هن فصل ۾ آئون خاص طرح سنڌ سان پاڪستان جي قيام بعد جيڪي ويل وهايا ويا آهن، تن جو مختصر ذڪر ٻڌائيندس، تہ ڪهڙن سببن ڪري اُهي سنڌي، جي هڪ وقت ان جي قيام لاءِ جدوجهد ڪري رهيا هئا، سي ساڳيا ان کي ڊاهي سنڌو ديش قائم ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيا آهن.

شاه لطيف فرمايو آهي تہ:

جو تو مٺيو پانئيو سو اصل ڪوڙو ڪچ

وري فرمائين ٿا تہ:

تو جو پانيو هار، سو ٿيو سورن سندو سڳڙو.

بلڪل بعينہ اسان جي اها حالت ٿي آهي. اسان جا تن داغ داغ ٿي پيا آهن. ڪهڙيءَ جڳهہ ملم پٽي ڪري، ان جي ڇٽائڻ جي ڪوشش ڪنداسون. ڪاش ڪو صاحب دل هجي، جو اسان جي حالت زار جو داستان ٻڌي! هي الفاظ ٻاهرين سامراجين ۽ ان جي ايجنٽ خود مطلب ۽ بيغرت سنڌي سياستدانن لاءِ نہ آهن.

(1) سڀ کان وڏو ظلم جو سنڌين سان پاڪستان جي قيام بعد ڪيو ويو آهي، سو سندن هزارها ورهين جي جداگانہ قومي وجود کان انڪار جو آهي.

هن وقت مهاجر پنجابي حڪمران طبقو ۽ سندن سنڌي ايجنٽ ائين چئي رهيا آهن تہ سنڌي قوم آهي ڪانہ ۽ ان جو نالو وٺڻ ۽ اهڙو اظهار ڪرڻ بہ ڏوهہ آهي.

خدا جي مار پوي اهڙي پاڪستان تي، ان جي حڪمران طبقي تي، ۽ ان جي ايجنٽن تي، جي نہ صرف سنڌين جي آزادي ختم ڪري، انهن کي غلام رکي، سنڌ جي جملي وسائل ۽ پيداوار تي قابض تي راضي نٿا رهن، پر ان جي قومي وجود کان انڪار ڪري انهن کي هڪ خود ساختہ نظريي پاڪستان جي نالي ۾ هزارن ورهين جي ورثن، ملڪ، زبان، ڪلچر، قومي روايت، سياسي ۽ اقتصادي مفاد کي وساري، هنن جي ڪفر نما اسلامي تشريح مطابق، سندن غلاميءَ هيٺ رضا خوشيءَ سان ماٿ ڪري ويهڻ لاءِ مجبور ڪري رهيا آهن.

اها ڳالهہ محبت وطن ۽ سنڌين لاءِ مڃڻ ناممڪن آهي. سنڌ تي تاريخ جي عرصي ۾ ڪيترن ئي ڌارين سامراجن جا حملا ٿيا ۽ قبضا ٿيا، پر ههڙو ظلم ڪنهن ڪونہ ڪيو. عرب سامراج سنڌين جي ساري زندگيءَ تي نئين مذهب جي آڌار تي گهڻو اثر ڪيو انهن سنڌي زبان ۾ ڪيترا لفظ داخل ڪيا ۽ ان جو رسم الخط بدلايو. مڪاني ماڻهن کي ذاتين ۽ نالن بدلائڻ ۾ حرص ڏيکاريو. ڪيترن سنڌين انهن کي خوش ڪرڻ لاءِ نسل بدلائي، پاڻ کي عربي النسل سڏائڻ تي فخر ڪيو. اهي سڀ ڳالهيون قديم روايات جي خلاف سنڌين الله ۽ رسول جي نالي ۾ قبول ڪيون. ليڪن پهريائين اِبن قاسم جي هٿ هيٺ جڏهن ڪين غلام بنايو ويو ۽ سندن راجائن جون زالون، ڌيئون، ڳوٺاڻن جون هزارها زالون ۽ مرد غلام ڪري بغداد ۽ دمشق جي بازارن ۾ وڪيا ويا، ۽ ان زماني جا 20 ڪروڙ روپيا ڦر ڪري، سنڌي معيشيت کي تباهہ ڪيو ويو. تہ سنڌي حيرت ۾ پئجي ويا تہ ڇا الله ۽ رسول جي متابعت ۾ اهو بدلو هو!

اسان مان ڪيترن جا وڏا اُتان آيل هئا. جن پنهنجي مذهبي تسلي ۽ ڪلچرل برتريءَ جو غريب ڳوٺاڻن تي سڪو ويهارڻ شروع ڪيو. آهستي آهستي تي سندن دماغ مسخ ڪري ڇڏيا ۽ انهيءَ ساري ڪايا پلٽ تي انهن کي رضامند رهڻ سيکاريو. ولايت جي ڪبرِ سنڌ ۾ مينا سڏجڻ ۾ آئي. پر اهو دور گهڻو وقت نہ هليو. ٻاهران آيل ماڻهن

مڪاني ماڻھن مان شاديون ڪيون، ليڪن اھي مڪاني عورتون اھڙيون غيرتمند ھيون، جن سندن اولاد تي عربي نالن جي عيوض سنڌي نالا رکڻ شروع ڪيا. ٻارن کي سنڌي زبان سيکاريائون ۽ شادين غمين جون رسمون رواج ساڳيا رکيائون. جيتوڻيڪ ملن ۽ مولوين انھن دستورن کي ترڪ ڪرڻ لاءِ کين گھڻو سمجھايو پر ھنن انھيءَ تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو. صرف وڏا ماڻھو انھيءَ مرض جو شڪار ٿيا. سنڌ ۾ مکيہ سادات ڪٽنب لڪياري ۽ مٽياري ھئا. سيد لڪياري ساداتن جو ڏاڏو سنڌ ۾ عرب کان آيو. ان جي پٽن جا نالا وڳڻ ۽ ڇڳو رکيا ويا. اھڙيءَ طرح سيدن پنھنجن ٻارن تي پار پيو بولڻ، ننڍو ٻکر وغيره نالا رکيا. مٽياري ساداتن ميون، جھنڊو جيو توريو ڇتن، ناٿن وغيره نالا پنھنجي اولاد تي رکيا. سومرا ۽ سما مسلمان ٿيا، ليڪن اڪثري نالا ساڳيا قائم رکيائون. جيئن تہ چنيسر، دودو يونگر، تماچي، پنھون، ننڍو ڪرن، آري، ٻاگھي، ڇٽل، لاڏي، مارئي، سسئي، سھڻي وغيره، سندن ٻولي سنڌي رھي. ذاتيون ساڳيون سومرا، سما، مھاڻا، کوسا، چانڊيا وغيره رھيون.

نيٺ مڪاني قبيلن عربن کي نيڪالي ڏئي، پنھنجون حڪومتون بحال ڪيون. ان کان پوءِ جيڪي ڌاريا سامراج آيا جھڙوڪ: پٺاڻ، مغل، انگريز تن سنڌين تي سياسي ۽ اقتصادي تسلط قائم ڪرڻ بعد زبان ۽ ڪلچر جا صرف ٿورا اثر ڇڏيا.

ليڪن سنڌ جي تاريخ ۾ سڀ کان وڏو ظلم سنڌين سان ھن دور ۾ ٿيو آھي. کين مورڳو قوم بدلائڻ جي تلقين ڪئي وڃي ٿي. نئين، غلط ۽ خودساختہ اسلامي تشريح سان سندن ذھن مسخ ڪري، کين ھزارن ورھين جي ملڪ ۽ قوم کي بدلائڻ جي تعليم ڏني وڃي ٿي. سندن شھرن ڳوٺين ۽ رستن تي ڌاريا نالا رکي، سنڌين جي تاريخي يادگارن کي ميساريو وڃي ٿو. سندن ھزارن ورھين جي جھونيءَ زبان کي مھاجر پنجابي سامراجي زبان اردوءَ جي دٻالت ھيٺ ختم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ٿي رھي آھي. سندن سيني معاشي وسيلن تي پورو پورو تسلط قائم ڪيو ويو آھي. کين رڳو سنڌي سڏائڻ جي اسلام، پاڪستان ۽ مسلم قوم جي نالي ۾ منع ڪئي وڃي ٿي.

ظاهر ائين پيو ڪيو وڃي جڻ پاڪستان پاڪ آهي، سنڌ پليت آهي! اردو اسلامي زبان آهي، ۽ سنڌي ڪفر جي زبان آهي! سنڌي حڪومت ڪرڻ ۽ آزاد رهڻ جا نہ لائق آهن ۽ نہ حقدار آهن. هي يزيدي لشڪر جا ڪارندا، اِبن قاسم جا وارث بنجي، سنڌين تي وري الله ۽ رسول جي نالي ۾ راڄ ڪرڻ جو جواز پيدا ڪري رهيا آهن. هنن اول مذهب جي نالي ۾ سنڌين کي نشو پياري، قائد اعظم، پاڪستان، مسلم قوم، اسلامي آئين ۽ نظام اسلاميءَ جا دلاسا ڏيئي، برغلائي، پنهنجو سامراج قائم ڪيو ليڪن هاڻ سنڌين تان اهي اثر لهندا وڃن ٿا. سنڌي سمجهڻ لڳا آهن تہ هنن سامراجين اهي ڳالهيون مٿن سندن راڄ مسلط ڪرڻ لاءِ ايجاد ڪيون هيون، جي سندن غلاميءَ جو ڳٽ هيون ۽ انهن کي لاهي اڇلائي ڇڏڻ سندن فرض منصبي هو.

پر اها ڳالهہ پوريءَ طرح تڏهين ڪامياب ٿي سگهندي، جڏهن سنڌي پاڻ کي جدا قوم سڏائي، مسلم قوم ۽ پاڪستاني قوم جي ڏوڪي جي ديوار ڍاهي ڦٽو ڪندا.

(2) ٻيو ظلم جو سنڌين سان ڪيو ويو آهي، سو اهو هي تہ سنڌو ديش جو هزارن ورهين کان تاريخ جي صفحن ۽ برصغير جي جاگرافيءَ تي علحده حيثيت رکندو آيو آهي، ان کي مٿائي هڪ هٽرادو نالي واري پاڪستان ملڪ جو حصو بنايو وڃي ٿو. سنڌي ان کان انڪار ڪن ٿا. بلڪ پاڪستان جي لفظ کي پنهنجي غلاميءَ جو نشان سمجهي نفرت ڪرڻ لڳن ٿا.

انهيءَ مهاجر پنجابي مستقل مفاد سنڌ کي ون يونٽ ۾ داخل ڪري، سنڌ جو نالو هر هنڌ تان مٽائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جڏهن ڏٺائون تہ اهو ڏوڪو گهڻو وقت جٽاءُ ڪري نہ سگهندو تہ ان کي ڍاهي، نالي خاطر سنڌ جو علحده صوبو بنائي، ان کي مضبوط مرڪز جي ماتحت رکي، هڪ بيغيرت ۽ غدارسنڌيءَ کي سندن "شو بواءِ" بنائي، سنڌ جو استحصال ڪري رهيا آهن. جڻ تہ سنڌ سندن پيءُ جي ذاتي جاگير هئي. انهن حالتن کي بدلائڻ لاءِ سنڌين گهڻائي حيلا هلايا آهن. مهاجر پنجابي مستقل مفاد کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر هو روز بروز چري ويران وير وڌ ۽ 'صم بڪم عمي' جي فرمودي مطابق انڌ

جي گهوڙي تي سوار تي، سنڌين جي غيرت ۽ آزاديءَ کي گهٽي، حڪومت هلائي رهيا آهن. انهن ڳالهين کي مدنظر رکي، هاڻ سنڌي هن راءِ تي پهتا آهن تہ پاڪستان واري ڪفر جي قلعي کي مسمار ڪري، ان تي سنڌو ديش جي عمارت تعمير ڪرڻ کان سواءِ ڪو چارو ڪونہ اٿن ۽ صبح شام پاڪستان تي لعنت جو مينهن وسائيندا رهن ٿا.

(3) ٻاهران آيل مهاجر پنجابي اسلام جي نالي سان اسان کي ڏوڪو ڏين ٿا، پر ساڳئي وقت سنڌين کي حقارت جي نظر سان ڏسي، انهن سان مسلمان ڀاءُ جهڙو نہ، پر ينگين جهڙو برتاءُ ڪري رهيا آهن. چون ٿا تہ:

"سنڌي جاهل هئا، تن کي هنن اچي سڌاريو آهي."

(جنگ اخبار)

"سنڌي غلام هئا، تن کي هنن اچي هندن جي چنبي مان آزاد ڪرايو آهي."

(جنگ اخبار)

"سنڌين کي اسلام جي معلومات نہ هئي، تن کي هنن اچي اسلام سيکاريو آهي."

(جنگ اخبار)

"سنڌي قوم ئي نہ آهن."

(ملا مودودي)

"سنڌين جي تهذيب گڏهن هڪلڻ ۽ اُنن ڪاهڻ جي هئي."

(لياقت علي خان)

"سنڌي زبان جاهلانہ زبان هئي."

(لياقت علي خان)

"هو پاڻ اها برتر، پاڪ ۽ اعليٰ قوم هئا، جو خود خدا بہ هنن کان پڇي پوءِ ڪم ڪندو آهي."

(علامہ اقبال)

ليڪن هاڻ سنڌين جي باغيرت ڪارڪنن تي ظاهر ٿيندو وڃي تہ هي ٻاهران آيل مهاجر پنجابي مستقل مفاد (Vested Intrests) سنڌين جا جاني دشمن، غاصب، ظالم ۽ ڪافر مطلق آهن، انهن کي جيستائين

ملڪ نيڪالي نہ ڏبي، ان وقت تائين نہ سنڌ سلامت آهي، نہ سنڌي قوم سلامت رهندي

(4) هنن سنڌي سياستدان وڏيرن جي خود مطلبي ۽ باهمي نفاق جو فائدو ونئي، ڪين ويڙهائي، صوبائي آلونامي ۽ کي فارس بنائي ڇڏيو آهي. مختصر طور ان جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

پهرينِ صوبائي چوندنِ ۾ مسلم ليگ پارٽيءَ اندر اڪثريت محمد ايوب کهڙي کي حاصل ٿي، ليڪن باوجود ان جي جناح صاحب سنڌ جو وزيراعليٰ سر غلام حسين کي نامزد ڪيو. ٿوري وقت کان پوءِ سر غلام حسين کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪري، کهڙي کي سنڌ جو وزيراعليٰ نامزد ڪيائين. ان کان پوءِ کهڙي کي جيل ۾ موڪلي ابن الوقت پير الاهي بخش کي آڻڻ، پير الاهي بخش جي ڪورٽ مان خارج ٿيڻ کان پوءِ يوسف هارون کي آڻڻ، جو اسيمبليءَ جو ميمبر بہ نہ هو يوسف هارون کان پوءِ قاضي فضل الله کي آڻڻ، ان کي ڪيڏي وري کهڙي کي آڻڻ، وري کهڙي مان ناراض ٿي ان کي خارج ڪرائڻ ۽ سنڌ تي هڪ ڪٽر پنجابي دين محمد جو گورنر راڄ مڙهڻ، پوءِ مير غلام علي "جو حڪم" خصلت کي پسند ڪري، ان کي ميدان ۾ آڻڻ، هن کان ناراض ٿي مرڪزي وزير ڪري ان کي ميدان ۾ آڻڻ، هن کان ناراض مرڪزي وزير عبدالستار پيرزادي کي وڏيڪ فرمانبردار سمجهي سنڌ جي وزارت جو قلمدان سونپڻ، ۽ ڪيس بارهن وزيرن تائين وزيرين ورهائڻ جا اختيار ڏيئي هن جي وزارت کي مضبوط بنائڻ، اهو سڄو داستان مٿئين فصل ۾ بيان ٿي چڪو آهي. هي سڄو ڊرامو آگسٽ 1947ع کان 1955ع تائين فقط هڪ مختصر ائن سالن جي عرصي ۾ ڪيڏيو ويو. ترت ئي مهاجر پنجابي سامراجين جي بدبختيءَ سبان سندن ان نئين منظور نظر پيرزادي عبدالستار جي دور وزارت ۾ چند اهڙيون ڳالهيون ٿيون، جن کان ڪين سيني اڳين "جي حضورين" کان وڏيڪ مرچ لڳا. مثلاً

(الف) هن جي وزارت جي وقت ۾ ڪراچي وري صوبي سنڌ کي موٽائي ڏيڻ جو ٺهراءُ سنڌ اسيمبليءَ پاس ڪيو.

(ب) مرڪزي حڪومت طرفان سنڌين سان نوڪرين، واپار، ڪارخانن وغيره ۾ ماتيجي ماءُ وارو برتاءُ ورتو ٿي ويو ان تي سنڌ اسيمبليءَ احتجاج جو ٺهراءُ پاس ڪري سنڌين لاءِ حق گهريا. جا ڳالهه به مرڪزي حڪومت برداشت نه ڪئي.

(ت) سنڌي جدا قوم آهن. ان بابت سنڌ اسيمبليءَ ۾ پيش ٿيل ٺهراءُ ڪجهه ترميمن سان پاس ٿيو. ان ته مورڳو مهاجر پنجابي سامراجين جي گهر ۾ رولو وجهي ڇڏيو.

(ث) سنڌي زبان کي ترقي وٺائڻ لاءِ جو ادبي بورڊ قائم ٿيل هو ان کي بل ذريعي قانون جي خاص حيثيت ڏيئي، هڪ خاصي رقم حوالي ڪرڻ جي تجويز سنڌ اسيمبليءَ اڳيان پيش ٿي. جا ڳالهه به مهاجرن لاءِ ناقابل برداشت هئي.

(ج) سنڌ جي ثقافت کي زور وٺائڻ لاءِ ڀٽ شاه تي سنڌ ڪلچرل مرڪز قائم ڪري، ان لاءِ رقمون منظور ڪيون ويون. جا ڳالهه به حڪمران طبقي جي ناراضگيءَ جو باعث بني.

(ڄ) سنڌ ۾ ٻن براجن گڊو براج ۽ ڪوٽري براج جي تعمير جو ڪم تيزيءَ سان شروع ڪري، انهن جي تڪميل لاءِ ڪوشش ڪئي ويئي. جيئن ته اهل پنجاب سنڌو نديءَ جي پاڻي کي ڪتب آڻڻ جو ارادو رکيو ٿي، تن ان ڳالهه کي ناپسند ڪيو. پنجاب طرفان سنڌو نديءَ جو پاڻي ڪٽي ويڃڻ ڪري ڊپ هو ته سنڌ جي آباديءَ لاءِ پاڻيءَ جي قلت محسوس ٿئي، ان ڪري سنڌ سرڪار پنهنجي گڏ ڪيل پيسي مان بارش جي پاڻي کي گڏ ڪرڻ واسطي نئين گاج، نئين سن، نئين بارڻ ۽ ٻين ٿر ۽ ڪوهستان ۾ نئين ڊيم (بند) ٻڌائي، آباديءَ جي انتظام ڪرڻ واسطي اسڪيمن تيار ڪرڻ واسطي اسٽاف مقرر ڪيو.

(خ) مرڪزي حڪومت طرفان ملٽريءَ جي آفيسرن ۽ ٻاهرين کي زمينن ڏيڻ لاءِ سنڌ تي زور بار پوڻ لڳو جنهن لاءِ هن وزارت سنڌي عام راءِ جي مخالفت هئڻ ڪري، ڪجهه پس پيش ڪئي. اها ڳالهه به مرڪزي حڪام کي ناپسند پيئي.

(د) آئين ساز اسيمبليءَ ۾ مهاجر پنجابي سامراجين مرڪز کي گهڻا اختيار ڏئي، صوبن کي کوکلو ڪرڻ جي سازش سٽي هئي. ان جي خلاف پيرزادي بنگالي ميمبرن سان شامل ٿي ووٽ ڏنا، ۽ گورنر جنرل غلام محمد خان، جو پنجابي سامراج جو مدارالمهام هو ان جي اختياري گهٽائڻ لاءِ آئين ۾ ترميم ڪرائي. ان ويتر ٻرندڙ باهہ تي تيل جو ڪم ڏنو.

انهن ڳالهين تي ناراض ٿي مهاجر پنجابي سامراجي، جنهن ۾ هن وقت تائين پنجابي لياقت علي خان جي مرڻ بعد اڳواٽي حاصل ڪري ويا هئا، تن سنڌ جي سموري وسائل کي ڪتب آڻڻ لاءِ مغربي پاڪستان جي سيني صوبن کي ملائي ون يونٽ جي تجويز تيار ڪئي، ۽ مسٽر پيرزادي عبدالستار کي چيائون تہ صوبي سنڌ کي ختم ڪري ون يونٽ ۾ داخل ڪرڻ لاءِ رضامندو ڏيکاري. ان تي پيرزادي صاحب سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن سان مشورو ڪيو جن اهڙيءَ تجويز جي مخالفت ڪئي، جنهن تي پيرزادي صاحب سامراجين جي ون يونٽ ناهڻ جي تجويز سان شامل ٿيڻ کان انڪار ڪيو. مرڪزي حاڪمن ڪمال بيشرميءَ جو مظاهرو ڪندي، وري ساڳئي مسٽر کهڙي ۽ ٻن نڪتل وزيرن کان ون يونٽ ناهڻ ۾ مدد جو وعدو وٺي، پيرزادي وزارت کي سنڌ اسيمبليءَ ۾ اڪثريت جي مدد هئڻ جي باوجود ڊسمس ڪري، کهڙي کي جو ان وقت ڇهن سالن لاءِ پروڊا هيٺ سياست کان خارج ٿيل هو ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر بہ نہ هو، وزيراعليٰ نامزد ڪري ون يونٽ نهرائڻ لاءِ حالتن جي سازگار بنائڻ جي ڪوشش ڪئي.

کهڙي صاحب وزارت نهڻ بعد پاڻ سان پير علي محمد شاه راشدي، قاضي محمد اڪبر ۽ حاجي مولابخش سومري کي وزارت ۾ شريڪ ڪيو. هن مهاجر پنجابي سامراج جي حڪم هيٺ سنڌ اسيمبليءَ جي ڪن ميمبرن کي جيل ۾ وڌو، ڪن کي پوليس ۽ ايس. پي. آر جي آڏار تي ڊيڄاري ون يونٽ جو نهراءُ سنڌ اسيمبليءَ کان پاس ڪرايو. ڪوڙيءَ براج تي سنڌ کي ون يونٽ ۾ آڻائيندڙ پنجابي گورنر جنرل غلام محمد جو نالو رکيو.

سنڌ جي خزاني ۾ سنڌ لاءِ تيار ڪيل اسڪيمن واسطي سيڙايل رقم کي ون يونٽ سرڪار جي حوالي ڪيو. سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ وزيرن جي آفيسن جو سامان ون يونٽ سرڪار ڏي موڪليو پر افسوس جو اها سنڌ سان غداري به کهڙي کي ڪم نه آئي. انهيءَ سامراجي گروهه جن جي چوڻ تي هن اهو کوٽو ڪم ڪيو هو. ڪيس ڪڍي، ڊاڪٽر خانصاحب کي مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ اڪثريت نه هئڻ جي باوجود وزيراعليٰ نامزد ڪيو. انهيءَ دور ۾ جيڪي سنڌ کي نقصان پهتا، تن جو جابجا ذڪر مٿي ڪيل آهي، ليڪن ڳالهين کي دهرائڻ جو خطرو ڪٽي به، هتي هڪ هنڌ پڙهندڙن جي سهوليت لاءِ ان جو ٿورو اختصار پيش ڪجي ٿو:

(1) سنڌ جي جدا حيثيت کي ختم ڪري، جملي اقتصادي معاملن سان واسطو رکندڙ ڪاتا، نون ادارن جي ماتحت آٽي، انهن جي واڳ غير سنڌي عملدارن جي هٿ ۾ ڏيئي، سنڌ جي اقتصادي وسائل جو استحصال شروع ڪيو ويو. واپڊا، پڪڪ، اي. ڊي. سي. پي. آءِ. ڊي. سي. وغيره ادارا انهيءَ سازش جي پيداوار آهن.

(2) ون يونٽ سرڪار ۾ سينئر ۽ لائق آفيسرن جي موجود هئڻ جي باوجود، غير سنڌي جونيئر عملدار مکيه جڳهن تي رکيا ويا. جن منظم منصوبي جي ماتحت سنڌ کي پنجاب جي ڪالوني بنائڻ جي ڪارروائي شروع ڪئي.

(3) انهيءَ دور اندر سنڌ ۾ هر ڪاتي جا هيڊ غيرسنڌي عملدار رکيا ويا. باوجود لائق سنڌي آفيسرن هئڻ جي. انهن ڌارين عملدارن نه صرف سنڌ تي ظلم ڪرڻ شروع ڪيا، پر سنڌي قوم پرستيءَ جي جذبي کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌي شاگردن کي مارون ڏيارڻ، سنڌي قوم پرست لٽريچر ضبط ڪرڻ، يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ ڪٽر مهاجر پنجابي يا بي غيرت سنڌي عملدار رکڻ، انهيءَ ڏس ۾ سندن مکيه ڪم هئا. انهيءَ وقت ضلعي جو ڪليڪٽر يا ايس. پي ڪو ڇتو سنڌي رکيو ويو.

(4) 1945ع ۾ سنڌونديءَ ۽ انَ جي مددگار ندين جي پاڻيءَ جي ورهاست لاءِ سنڌ ۽ پنجاب سرڪارن جي وچ ۾ هڪ عهدنامو ٿيل هو جنهن

مطابق ٻنهي صوبن لاءِ پاڻي جي ڪوٽا مقرر ڪئي ويئي هئي. نون براجن يا بندن (ڊيم) کي ٻنهي سرڪارن جي رضامندي کانسواءِ ڪوٽائڻو يا ٻڌڻو نہ هو پر ون يونٽ سرڪار ٺهڻ بعد مهاجر پنجابي سامراج، پاڻ کي ساري الهندي پاڪستان اندر اقتدار ۾ ڏسي، عهدنامي جي ڀڃڪڙي ڪري، پنجاب ۾ نوان ڊيم ٻڌائڻ شروع ڪيا. اهڙيءَ طرح ڪيل عهدنامي جي ڀڃڪڙي ڪري، سنڌ کي سندس جائز پاڻيءَ جي حق کان محروم ڪيو ويو.

(5) سنڌ سرڪار سنڌ ۾ آبادڪاريءَ کي زور وٺائڻ لاءِ 33 ڪروڙ روپين جي تخميني جون ڪي اسيڪمون تيار ڪيون هيون. ون يونٽ بنجڻ بعد انهن کي رد ڪري، اها سموري رقم پنجاب ۾ خرچ ڪئي ويئي، بلڪ پنجاب جا اڳ ۾ ڪنيل هڪ سؤ ڪروڙ روپيا قرض بہ ون يونٽ جي گڏيل سرڪار کان ڀرايا ويا.

(6) ون يونٽ سرڪار ٽن ندين ستلج، راوي ۽ بياس جو پاڻي، جنهن تي سنڌ جو بہ حق هو بنا سنڌ جي اجازت جي ۽ اڱوڻي سنڌ جي عهدنامي جي ڀڃڪڙي ڪري، ڀارت جي حوالي ڪيو ۽ ان جي عيوض هڪ هزار ڪروڙ روپيا حاصل ڪري، پنجاب ۾ تونسا براج، تربيلا ڊيم ۽ منگلا ڊيم ٻڌائي، سنڌ کي سندس جائز پاڻيءَ کان محروم ڪري، پنجاب واسطي پاڻي ۽ بجلي حاصل ڪئي.

(7) W.P.I.D.C طرفان جملي خرچ ڪيل ٻن سئو ڪروڙ روپين جي رقم مان، جنهن جو گهڻو حصو سنڌ جي پيداوار ۽ مٿا سٽا مان حاصل ڪيل هو اڪثر رقم پنجاب ۾ خرچ ڪئي ويئي. سنڌ ۾ ان سڄيءَ رقم مان صرف ڏهہ ڪروڙ کن روپيا خرچ ڪيا ويا. ڇڻ تہ پاڪستان مهاجر پنجابين جي جاگير هئي. ان جي پيسي کي جهڙيءَ طرح ڪتب آڻين، سو سندن وس ۾ هو.

(8) سنڌ جي لکها ايڪڙ زمين گڊو بيراج ۽ مکي ڍنڍ جي ايراضين ۾ پنجابي عملدارن جي حوالي ڪئي ويئي. انهيءَ زمين جي سڌارڻ جو خرچ بہ سرڪار طرفان ڪيو ويو.

(9) سنڌ ۾ زمين جي وڪري ۽ ورهاست جي پاليسي اهڙي ناهي ويئي، جو ان جي ڪري سنڌ جا لکها ايڪڙ زمين غير سنڌين جي

حوالي ڪيا ويا ۽ سنڌ باقاعدي مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي ڪالوني بڻجي ويئي، جنهن جو هو استحصال ڪرڻ لڳا.

(10) جيئن تہ واپار ۽ انڊسٽرين جون پرمٽون لاهور مان نڪتيون ٿي ۽ اتي مهاجر پنجابي عملدار انهن ڪمن جي چارج ۾ هئا. ان ڪري واپار ۽ ڪارخانن لاءِ غير سنڌين جي سرپرستيءَ ڪري سنڌ جي اقتصادي ڪاروبار تي سندن تسلط قائم ڪيو ويو.

(11) سنڌ جي مٿين تعليمي ادارن ۾ اڪثريت غيرسنڌي استادن جي مقرر ڪئي ويئي، جن منظم طريقي سان سنڌي زبان، ڪلچر ۽ قوم پرستيءَ جي مخالفت ڪري، سنڌي نوجوان شاگردن کي خودساختہ نظرئي پاڪستان سان مهاجر پنجابي سامراج جي غلاميءَ لاءِ مانوس ڪرڻ واسطي، سندن ذهن مسخ ڪرڻ شروع ڪيا.

(12) ڪراچي ميونسپالٽي ۽ ٻين مکيہ شهرن جي ميونسپالٽين ۾ لياقت علي خان ۽ مرڪزي حڪومتن جي پاليسيءَ ڪري، مهاجرن کي سهوليتون ڏنيون، ڪالونائيز ڪيو ويو هو. هاڻ هنن سموري عملي، تعليمي ادارن تي هڪ طرف قبضو ڪيو هو تہ ٻئي طرف هو واپار، دڪانن، بينڪن تي قابض ٿي ويا. آهستي ڪري شهرن مان قديم نالا مٽائي، نوان نالا رکي، سنڌ جي قديم روايات کي ختم ڪرڻ لڳا.

(13) مهاجرن جي همت افزائي ڪري، ڪراچي شهر ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان سنڌي زبان کي خارج ڪرايو ويو.

(14) ڪراچي ميونسپالٽيءَ جي اها حالت آهي، جو اتي ڏهن ڪلاس ٿو عملدارن مان صرف ٻہ سنڌي عملدار هئا ۽ هزارها عملي ۾ صرف نالي خاطر سنڌي ملازم هئا. ساڳي حالت حيدرآباد، ميرپورخاص، سکر وغيره ميونسپالٽين جي ڪئي ويئي آهي.

(15) ون يونٽ جي قيام بعد سنڌ جي نالي مٽائڻ لاءِ اهو طريقو اختيار ڪيو ويو جو حيدرآباد سنڌ اسٽيشن تان سنڌ جو نالو مٽايو ويو. عملدارن کي هدايتون ڪيون ويون، تہ جتي سنڌ جو نالو ڪنهن اداري يا بئنڪ سان لاڳو هجي تہ ان کي مٽايو وڃي.

(16) سنڌي ٻوليءَ سان اهڙو برتاءُ اختيار ڪيو ويو جو اسٽيشن تان سنڌيءَ ۾ لکيل نالا بدلائي، اردوءَ ۾ لکايا ويا. جنهن ڪري ڪيترا نالا ڪل جهڙا ٿي پيا. جهڙوڪ: "رڻ پٽياڻيءَ" کي رن پٹاني" لکيو ويو. "الهڏني ساند" کي الاڊينا ساندڊ" لکايو ويو. رستن جي پٿرن تي سنڌيءَ ۾ لکيل نالا بدلائي اردوءَ ۾ لکايا ويا. اسٽيشنن تي ريلوي جا ٽائيم ٽيبل بہ بدلائي اردوءَ ۾ لکيا ويا. ووٽرن جون لسٽون جي هميشہ سنڌيءَ ۾ ڇپبيون هيون، سي اردوءَ ۾ ڇپائڻ شروع ڪيون ويون، جنهن ڪري ڪيترائي سنڌي نالا بدلجي ويا. چاڪاڻ تہ اردوءَ ۾ 26 اکر هئا ۽ سنڌيءَ ۾ 52 اکر هئا. وڌيڪ اکرن وارا لفظ اردوءَ ۾ لکجي نٿي سگهيا. اشتهار سنڌي اخبارن جي عيوض اردوءَ کي ڏياريا ويا. ريڊيو تان خود سنڌ ۾ سنڌيءَ کي براڊ ڪاسٽنگ پروگرام جي جملي ٽائيم مان 5 سيڪڙو مس ڏنو ويو ٿي. سيلون، گوا، بمبئي، بيڪانير، ڀڄ ۽ دهليءَ تان سنڌيءَ ۾ پروگرام ايندا هئا، پر ملتان، لاهور، راولپنڊي ۽ پشاور تان سنڌي پروگرامن جي منع هئي.

(17) سنڌ جي دشمنن کي اهميت ڏيئي، محب وطن سنڌين کي سزائون ڏنيون ويون. سنڌين کي اميد هئي تہ آزاديءَ ملڻ بعد اڳين سامراج جي يادگار نشانن کي مٽايو ويندو جهڙوڪ: جيڪب آباد، جيمس آباد وغيره. پر موربگو انهن کي مٽائڻ جي عيوض محلن، تعليمي ادارن، بندرن، رستن، لائبريرين، مارڪيٽن وغيره تي سنڌ دشمن ماڻهن جا جهڙوڪ احمد شاه ابدالي، محمد تغلق، محمود غزنوي، جناح، لياقت علي، محمد بن قاسم وغيره نالا رکي، سنڌين جي سيني تي مڱ ڏريا ويا.

(18) سنڌ ۾ مقرر ٿيل ڪن غير سنڌي عملدارن اهو طريقو اختيار ڪيو جو اردوءَ ۾ لکيل درخواستن تي غور ڪيو ٿي ويو. سنڌيءَ ۾ لکيل درخواستن کي رديءَ جي ٽوڪريءَ ۾ اڇلايو ٿي ويو. حالانڪ انگريزي دور حڪومت ۾ سيني انگريز عملدارن کي حڪم هو تہ هو سنڌي زبان سکي، ماڻهن سان سنڌيءَ ۾ گفتگو ڪن، پر هن نون سامراجي حڪمرانن، سنڌيءَ کي جاهلن جي

زبان قرار ڏيئي، ان کي نفرت جي نگاهہ سان ڏٺو. اهو طريقو ايتري قدر اختيار ڪيو ويو جو اردوءَ کي اسلامي زبان سڏي، سنڌيءَ کي ڪافرن جي زبان هئڻ جا طعنا هڻڻ لڳا. موٽرن تان انگريزي يا سنڌي نمبر پليٽون مٽارائي، زوريءَ اردوءَ ۾ لکائڻ شروع ڪيائون. رستن تي غنڊا بيهاري ڇڏيائون، جي موٽرن جون پليٽون لاهي، ان تي اردو نمبرن جون دفتريون لکي، هٽي ڇڏيندا هئا. ٻيءَ صورت ۾ موٽرن جا شيشا ڀجي ٽي ڇڏيائون. وڏن شهرن ۾ جيڪڏهن ڪي ماڻهو سنڌيءَ ۾ تقرير ڪندا هئا، تہ انهن کي زوريءَ اردوءَ ۾ تقرير ڪرڻ لاءِ چوندا هئا. نہ تہ ٻي حالت ۾ گهٽ وڌ ڳالهائي، گوڙ ڪري، ميٽنگون ٽٽائيندا هئا.

(19) سنڌ سرڪار سنڌي ثقافت کي زور وٺائڻ لاءِ ڀٽ شاهہ تي ڪلچرل سينٽر برپا ڪيو هو. ون يونٽ کان پوءِ ان جي گرانٽ گهٽائي، ان جي بورڊ تي غير همدردي، مهاجرن جا ڇاڙتا ميمبر رکي، ميلن جي موقعن تي ڪونايل ڪانفرنس کي نظرئي پاڪستان جي پرچار لاءِ ڪتب آڻڻ لڳا.

(20) سنڌي ادبي بورڊ جي آزاد اداري کي ختم ڪري، سرڪار جي نامزد اداري جي حيثيت ڏيئي، ان جي گرانٽ گهٽائي، ان تي سرڪاري ڇاڙتا ميمبر نامزد ڪيا ويا. جن ادبي بورڊ جي ڪم ۾ رنڊڪ وجهي ڇڏي، ان جي پيسن سان خردبرد ڪئي وئي. قومپرست اديبن ۽ شاعرن جا ڪتاب ڇپڻ بند ڪيا ويا. ادبي بورڊ طرفان رٿيل سمورو پروگرام رد ڪري ڇڏيو ويو.

(21) سنڌ جي هر کاتي ۾ مهاجر پنجابي عملدارن اها روش اختيار ڪئي، جو ويندي پٽيوالن تائين غيرسنڌين کي نوڪرين ۾ رکي، سنڌين کي نوڪريءَ کان محروم ڪيائون.

(22) هر کاتي ۾ جاين، رستن، واهن وغيره ڪمن جي تعمير لاءِ مقاطعا غير سنڌين کي ڏنا ٽي ويا. جن کي هڪ طرف اگهہ وڌائي ٽي ڏنا ويا تہ ٻئي طرف هنن اهڙو ردي ڪم ڪيو ٽي. جو ٿوري وقت کان پوءِ بيڪار ٽي ويو ٽي.

(23) سنڌين کي اهڙو مجبور بنايو ويو هو جو اڪثر ننڍيءَ وڏيءَ ڳالهہ لاءِ کين لاهور وڃڻو پوندو هو. جنهن ۾ خرچ هڪ طرف ڪرڻو تي پين، ٻئي طرف سنڌين کي حقارت سان پنجاب ۾ ڏٺو تي ويو سو صرف هڪ حساس دل سنڌي محسوس ڪري سگهيو ٿي. سنڌ سيڪريٽريٽ جا سوين ڪلارڪ ۽ ٻيو عملو لاهور موڪليو ويو هو انهن مان گهڻا اتان جو ماحول سازگار نہ ڏسندي، گهٽ تنخواه ۽ جڳهين تي موٽي سنڌ ۾ آيا. ڪيترن نوڪري ڇڏي ڏني. ڪيترا قبل ازوقت پينشن وٺي موٽي آيا. ڪيترا ون يونٽ جي ٽٽڻ تائين اتي رهي، سنڌ جي غدار سياستدانن کي پٽيندا رهيا، جن کين عهدن خاطر پنجابين وٽ گروي ڪري، بي عزتيون برداشت ڪرايون هيون.

آءٌ هڪ ڏينهن پنجاب اسيمبليءَ جي چاڙهيءَ تي ويٺو هوس تہ هڪ سنڌي عورت ڳوناٺي لباس ۾، مٿي تي هڙ ڪپڙن جي ۽ ٻار ڪڇ ۾ کنيون بيني هئي. هوءَ ڪو فرياد کڻي آيل هئي. سنڌ ۾ تہ ڪو ٻڌڻ وارو ڪونہ رهيو هو. هن کي چيو ويو تہ اسيمبلي اجلاس وقت ڪيترا سنڌي ميمبر ۽ وزير اسيمبلي هال جي ٻاهران، ممڪن آهن کيس ملي سگهن، انهن کي پنهنجي درد جو احوال پيش ڪري، هوءَ دادرسي ڪرائي سگهي ٿي. ليڪن پوليس وارن هن کي چاڙهيءَ کان پري روڪي ڇڏيو هو. سنڌ جي بي غيرت وزيرن ۽ ميمبرن ان وٽ وڃي هن کان احوال نہ پڇيو هو. هن جي افسرده شڪل مان ان وقت، مون کي سنڌ ماتا جي مايوس ڪن شڪل نظر آئي، هڪ پراڻي ڳالهہ بہ ياد پيئي. جڏهن اسان پاڪستان بنجڻ کان ڪجهہ وقت اڳ تنها مهاجر پنجابي سامراجي سازش جي خلاف سندن مدارالمهام جناح جي مخالفت ڪري رهيا هئاسون، ۽ سنڌ جي ڪاموري، زميندار ۽ پڙهيل طبقي اسان جو آواز نہ ٻڌو ۽ غدارِ سنڌ جناح کي اسلام جو علمبردار بنائي، اسان کي هنن شڪست ڏني هئي، ان وقت برادرم علي محمد شاهہ راشديءَ مون کي چيو هو. ”ميان مرتضيٰ! سنڌ جو اڪثر وڏو ماڻهو بي غيرت ٿي چڪو آهي. ان کي سمجهائڻ لاءِ سندن خوشامد ڪرڻ يا عرضداشت ڪرڻ مان ڪجهہ ورڻو نہ آهي، سواءِ ان جي تہ

ڪين سخت مصيبتن ۾ گرفتار ڪرائي، پنهنجي مظلوميءَ جو احساس پيدا ڪرايو وڃي.“

آءُ ان طريقي جي خلاف هوس. هو ان ڪري ڪجهه وقت ڪانپوءِ مون کان علحده ٿي ويو ۽ ون يونٽ بنائڻ ۾ حصو ورتائين. اڄ مون کي اها ڳالهه ذهن ۾ ويٺي، ۽ راشديءَ جي گذريل مضمون جا هي لفظ پڻ دل تي تري آيا ته. ”سنڌ سان هي جي ويل وهايا وڃن ٿا. سي سڀ مسلمانن جي اتحاد جي نالي ۽ پاڪستان جي حصول جي پردن پويان ڪيا وڃن ٿا. جڏهن ته اسلام جو حڪم آهي ته ان جي نالي ۾ جماعتون ناهي، ڪين بيچڙائيءَ جو اڏو ڪري ڪتب آڻجي، ان تجويز (پاڪستان) موجب خود اسلام کي چورن جي جاءِ پناهه ڪري ڪتب آندو وڃي ٿو. جيڪڏهن پاڪستان سٺي شيءِ آهي ته اهو برائيءَ جي ذريعن سان حاصل ٿي نه سگهندو.“ ”پاڪستان جي تجويز سنڌ جي ڏاگهه چاڙهڻ لاءِ ڪانئين جو ڍير هئي...“ ”پاڪستان بعد اسان کي پنهنجي ماضيءَ کي وسارڻو پوندو. مستقبل جي ترقيءَ جا سڀ خيال ترڪ ڪرڻا پوندا. پنهنجي قومي وجود کي ختم ڪرڻو پوندو. ڌاريا ماڻهو اوهان تي پنهنجيءَ مرضيءَ مطابق آئين مڙهيندا. سنڌ جي جملي پيداوار جا ذريعا پنهنجي مفاد لاءِ ڪتب آڻيندا. سنڌ پنجاب جي ڪالوني ٿي ويندي.“

انهيءَ زماني ۾ علامه آءِ آءِ قاضيءَ فرمايو هو ته. ”پاڪستان بچاءُ گهر نه پر قبرستان بنجي پوندو. مسلم بيمار لاءِ پاڪستان جي شفاخاني ۾ بچاءَ جو سامان ميسر ٿي نه سگهندو. اُتي هو شايد آخري ڪلمي پڙهڻ کان سواءِ ختم ٿي وڃن. پاڪستان جي غلط نظرئي ۽ تنظيمي تحريڪ ذريعي قرآن پاڪ جي ڏسيل ساري پروگرام جي انحرافي ٿي رهي آهي.“

انهيءَ وقت انهن سڀني نصيحتن کي ڪنهن نه ٻڌو. انهن مان هڪ ناصح سنڌ جي خواب غفلت کي برداشت نه ڪري وڃي آرام جي ننڊ ستو ۽ ٻيو ضد ۾ اچي ظالمن کي زور ونائي، جلد ڪين ڪيفرِ ڪردار تي پهچائڻ لاءِ ميڪاولين طريقا اختيار ڪري رهيو آهي.

آئون هيڪلائي هيل سنڌو ديش جي آزاديءَ لاءِ پنهنجي نوجوان ساٿين سان ڏونگر جا ڏولاوا جهاڳي رهيو آهيان. ڏاريان تہ ڏاريا ئي سنڌ جا مٽ نہ هئا. پر پنهنجن بہ ڏيرن وانگر ڏاڍا ڏک ڏنا آهن. محمد ابراهيم منشي، سنڌ جي عوامي شاعر جا هي الفاظ اڪثر ڪنن ۾ گونجندا رهن ٿا:

”مون پڪ سڃاتا پنهنجا هئا، ڪي ڏارين سان گڏ ڏاڙي ۾
ٿي واٽ ڏسيائون ويرين کي، ويهي وانگيڙن جي واڙي ۾!“

(24) آخر ۾ 8 آڪٽوبر 1958ع تي انهن سامراجين سنڌ جي روح آزاديءَ کي ڪمزور ڪرڻ خاطر ملڪ سان مارشل لال لاڳو ڪري، ملڪ جو ڪاروبار هلائڻ شروع ڪيو. ان مارشل لا هيٺ پهريان اسڪندر ميرزا کي صدر نامزد ڪيائون، پر سگهوئي 20 ڏينهن کان پوءِ ان کي ڪڍي، جنرل ايوب کي ان جي جاءِ تي صدر ڪري، ڪم هلائڻ شروع ڪيائون.

انهيءَ دور ۾ ملڪ سان جيڪي عقوبتون ٿيون، ان جو داستان لنبو آهي، ليڪن مختصر طور انهن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

چونڊيل اسيمبليون ۽ لوڪل باڊيز جا ادارا ختم ڪري، ان جي جاين تي يونين ڪاميٽيون ناهيون ويئون. جي سينيٽري ڪاميٽين وانگر ننڍين ايراضين ۾ معمولي ڪم ڪرڻ لڳيون. ان کان مٿي تعلقي يونينون هيون، جن تي اڌ ميمبر يونين ڪائونسلن جا نمائندا ۽ اڌ ميمبر سرڪاريءَ طرح ٽاڪيل مقرر ڪيا ويا. اهڙيءَ طرح ضلعي ڪائونسلون ناهيون ويئون، جن جا چيئرمين ڊپٽي ڪمشنر ڪم هلائڻ لڳا، جن تي جملي ميمبر نامزد ٿيل هوندا هئا. انهن ميمبرن ۾ گهڻو حصو سرڪار ملازمن جو هو. انهن سمورين بنيادي جمهوري ڪائونسلن جو سمورو ڪاروبار، ڪامورن جي معرفت هلايو ٿي ويو ۽ ضلعن ۾ چند سرڪاري چاڙتن کي ورسائڻ خاطر گرانٽن جي ورهاست ٿيندي هئي، جن منظور ڪيل رقم جو گهڻو حصو خرد برد ڪري ٿي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح ملڪ جي ترقيءَ ۽ تعمير لاءِ ٻاهرين حڪومتن کان امداد طور مليل رقمن جو گهڻو حصو سرڪاري ڪامورن ۽ ان جي چاڙتن زميندارن جي پاڪيٽ ۾ ويو ٿي. ان دور ۾ عوامي طاقت کي

ڪمزور ڪيو ويو عوامي نمائندگيءَ جو نالو نشان گم ڪيو ويو. اهو سڀ ان ڪري ٿيو ته پاڪستان بنيادي طرح غلط نظرين ۽ ارادن سان قائم ڪرايل هو جنهن عمارت جو بنياد ڏنگو هوندو آهي، اها ڪيترو به مٿي وڃي، پر سڌي ٿي نه سگهندي اهڙيءَ طرح پاڪستان ۾ هڪ خرابيءَ کي ڍڪڻ لاءِ ٻي خراب ڳالهه ڪرڻي پئي ٿي.

مهاجر پنجابي مستقل مفاد سندن استحصال لاءِ پاڪستان قائم ڪرايو هو. ان لاءِ اسلام، پاڪستان ۽ مسلم قوم جا نعرا هڻي، وقت بوقت ماڻهن کي بيوقوف بنايو پئي ويو. جڏهن اهي طريقا ختم ٿيندا نظر آيا ته ملڪ سان مارشل لا لاڳو ڪري، ملٽري ۽ سول سروس سڌو سنواتو ڪاروبار پنهنجي هٿن ۾ وٺي هلائڻ شروع ڪيو. هنن پنهنجي قبضي کي محڪم بنائڻ لاءِ قوم پرست سياستدانن کي جيل ۾ موڪليو ٻين سياستدانن کي ايبڊو جي قانون هيٺ نااهل بنائي، سياست ۾ حصي وٺڻ کان خارج ڪري ڇڏيو. سنڌ مان مون کي، قاضي فيض محمد، غلام محمد لغاري ۽ شيخ اياز وغيره کي جيلن ۾ موڪليو ويو. قوم پرست لٽريچر جو پاڪستان کان اڳ يا جناح صاحب جي ڏينهن ۾ ڇپايل هو ان کي ضبط ڪيو ويو. اخبارن تي پابندي وڌي ويئي. آزاد راءِ جي اظهار جي منع هئي. ڪن اخبارن کي سرڪاري هٿ ۾ ڪڻي، هر هنڌ اهو راڳ آلاپڻ شروع ڪيو ويو ته پاڪستان جا رهاڪو جمهوري طرز حڪومت هلائڻ لاءِ لائق نه هئا. ملٽري عملدار سول سروس، بي عيب، لائق ۽ هر صفت موجود هئا. عدالتي ڪاتي کي هيسائي، لالچ ڏئي، اهڙو بيڪار بنايو ويو جو انهن جي معرفت عدل حاصل ڪرڻ جي اميد ختم ٿي ويئي. ماڻهن جا بنيادي حق ختم ڪيا ويا. ملڪ تي پنهنجو تسلط مضبوط ڪرڻ لاءِ اهو مهاجر پنجابي سامراج، سندن نئين شوبواءِ جنرل محمد ايوب خان جي معرفت آرڊيننس ذريعي ڪارا قانون وقت بوقت ڊڪليئر ڪرائي، راڄ هلائيندا رهيا.

سنڌ کي شڪار گاهه بنائي، ان ۾ ساليانه شڪارن لاءِ صدر ايوب ۽ ان جا مهمان اچڻ لڳا. انهن شڪارن وقت هزارها پوليس جو عملو حفاظت لاءِ ڪٽب آندو ويندو هو. شڪارن تي زميندار ۽ ڪامورن

طرفان ماڻهن کان وصول ڪيل لکن روپين جو خرچ ڪيو ويندو هو. جنرل ايوب خان جتي بہ ويندو هو تہ زميندارن 7 ڪامورن معرفت هزارها ماڻهن کي استقبال لاءِ گهرائي، دلي دروازا کڙا ڪري، هن جو آڌر ڀاءُ ڪيو ويندو هو. جيئن دنيا کي ڏوڪو ڏنو وڃي تہ هي صاحب عوام جو مقبول ليڊر آهي. انهيءَ طريقي سان هڪ شخص کي آڌو ڪري، ان جي معتبر بنائڻ جو دستور وڌو ويو. ان خوشامد جي ڊوڙ ۾ نہ صرف زميندارن ۽ ڪامورن کي ڪتب آندو ويو پر پيرن بہ ڪونہ گهٽايو. سنڌ جي مکيہ پيرن، پير صاحب پاڳاري ۽ مخدوم صاحب هالا، انهيءَ خوشامدي مقابلي ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کٽڻ جي ڪوشش ڪئي، جنرل ايوب کي خوب شڪار ڪرايا ۽ دعوتون ڏنيون.

سنڌي عوام ۽ خواص ۾ بزدلي ۽ ڊپ پيدا ڪري، خوشامدڙين جا ڏڻ پيدا ڪيا ويا. جن ضمير وڪڻي، نئين نظام حڪومت سان ها ۾ ها پئي ملائي. انهيءَ ڊوڙ ۾ جن مکيہ ماڻهن حصو ورتو. ان مان موجوده وزيراعظم پاڪستان هو . ان صدر ايوب کي، جنهن پاڪستان جي حڪومت سان حلف وفاداري کڻڻ جي باوجود ان کي ٽوڙي، غاصب ٿي، حڪومت جون واڳون هٿ ۾ ڪنيون هيون ۽ جمهوريت کي ختم ڪيو هو. پنهنجو ليڊر تسليم ڪري، ان جو وزير ٿي ڪم ڪيو. نہ رڳو ايترو پر ان جو طبلچي ٿي، هيٺين راين جو هر هنڌ اظهار ڪيو:

"صدر ايوب لينن، ابراهام لنڪن، ڪمال اتا ترڪ، صلاح الدين ايوبيءَ جو ثانيءَ هو."

"پاڪستان لاءِ ان جو وجود نعمت عظميٰ هو."

"شاهه عبداللطيف ڀٽائي جيڪڏهن هن وقت حيات هجي ها تہ هن کي هار پارائي ها."

محترمہ فاطمہ جناح جا صدارتي چونڊ ۾ جمهوري راڄ قائم ڪرڻ جي ارادي سان، ايوب خان جي مقابلي ۾ اميدوار بيٺي هئي، تہ ان جي هر هنڌ وڃي مخالفت ڪيائين ۽ منٿون ڪري، رشوتون ڏيئي ان ڊڪٽيٽر کي هر حيلي سان طاقت ۾ رکڻ لاءِ ڪوشش ڪيائين.

انهيءَ دور حڪومت ۾ پاڪستاني عوام جي اخلاق ڪيرائڻ لاءِ سڀ ڪجھ ٿيو. بليڪ مارڪيٽي، سمگلنگ، هورڊنگ، اگهن جو وڌڻ،

رشوتخوري، چوريون ۽ ڌاڙا عام جام ٿي پيا. آئون سمورو وقت جيل يا نظربنديءَ ۾ هوس. ۽ گهڻي غور ۽ فڪر بعد شدت سان محسوس ٿيڻ لڳو تہ پاڪستان واقعي مصيبت جو اڏو بنجي چڪو هو. ان جي اصلاح جون اميدون ختم ٿي ويئون هيون ۽ ان کي ختم ڪرڻ ڪانسواءِ ڪو بہ چارو ڪو نہ هو. انهيءَ دور حڪومت ۾ هٽلر جي فسطائي نظرئي جي تتبع تي ملڪ ۾ ڏنڊي جي زور تي حڪومت هلائي، مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراج جي استحصال جاري رکڻ لاءِ هڪ طرف ڪم ڪيو ٿي ويو تہ ٻئي طرف ٻين سيني پارٽين کي ختم ڪري، هڪ مسلم ليگي پارٽيءَ سان، جا ايوب خان جي لونڊي ٿي ڪم ڪرڻ لڳي هئي، ڪم هلايو ٿي ويو. ان وقت ساري پاڪستان جي رهاڪن کي سندن هزارها ورهين جي مختلف تاريخي روايات، زبانن، سياسي ۽ اقتصادي مفاد ۽ ڪلچرن جي باوجود زوري هڪ قوم بنائڻ لاءِ هر ڪا ڪوشش ڪئي ويئي. قومپرست تحريڪن جي ڪارڪنن کي جيلن ۾ موڪلي، سندن اخبارون بند ڪري، ڪتاب ضبط ڪري، هر هنڌ اسلام، مسلم قوم ۽ پاڪستان جو نعرو لڳايو ٿي ويو.

پر هنن دل جي اکين ڪان انڌن کي پتو نہ پيو تہ ماڻهن جون دليون مٽيءَ يا ڏاتوءَ وانگر بيجان ڪونہ هيون، جو ڪنڀار يا مشين جي قالب ۾ پلٽائڻ جي وسيلي، هڪ نموني جي صورت اختيار ڪري ويندي يون. جي ائين هجي ها تہ خدا سائين جدا رنگ، جدا شڪليون، جدا ملڪ ۽ ٻوليون ۽ قومون پيدا نہ ڪري ها. انهيءَ بوقلمي رنگ رنگيءَ مان سندس صفاتي حسن جو ڪمال ظاهر ٿي رهيو هو. انهيءَ قدرت جي پيدا ٿيل شين کي ڪي ڪم علم ۽ ڪوتاهہ نظر زور زبردستيءَ سان هڪ بنائڻ جي ڪوشش ڪن، سا ڳالهہ نہ رڳو مشڪل هئي، پر چريائي هئي.

البت دنيا ۾ اهڙا ڪيترا جاهل پيا آهن، جي قدرت جي ڪاروبار کي غلط سمجهي، پنهنجي ڪم علميءَ مطابق هڪ طرفو هلائڻ جو ارادو رکن ٿا. چوڻ ۾ اچي ٿو تہ برادرم مرحوم محمد امين کوسو جڏهن عليگڙهہ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هو تہ ڊاڪٽر محمد اشرف جي صحبت ۾ ڪڏهن اهڙن خيالن جو اظهار ڪندو هو جو ڪن فرقي پرست

پروفيسرن کي پسند نہ پيو ان ڪري هڪ ڏينهن ڪيس عليگڙھ يونيورسٽيءَ جي وائس چانسلر مسٽر عبدالحليم گهرائي چيو: ”ڪوسا صاحب! ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ اوهان غلط خيالن جي پرچار ڪري، مسلمان شاگردن تي خراب اثر ويهاري رهيا آهيو.“ ڪوسي صاحب هن کي جواب ڏنو: ”صاحب! اهو چوڻ صحيح نہ آهي. ڀلا جن ماڻهن کي خدا جو رسول راه راست تي آڻي، متحد ڪري نہ سگهيو انهن تي مسڪين ڪوسي جو ڪهڙو اثر پئجي سگهندو؟“

بلڪل بعينہ اها ساڳي حالت مسلمانن جي هئي. ڀلا جتي هزارها اولياءِ ڪرام، صوفياءِ ڪرام، علماءِ حق، سندن حياتيون مسلمانن کي درست ۽ متحد ڪرڻ لاءِ صرف ڪيون هجن، پر نہ اهي مسلمانن کي هم خيال بنائي سگهيا، نہ متحد ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا هئا. هن ۾ سوها فرقا، ڪيترين قومون ۽ ملڪ پنهنجي علحده هستي قائم رکي، پنهنجي طور طريقي تي زندگي بسر ڪري رهيا هئا. انهن کي ڪهڙيءَ طرح جناح صاحب، لياقت علي خان، ايوب خان ۽ ٻئو هم خيال ۽ متحد بنائي سگهيا ٿي! اها ڳالھ سمجھ کان ٻاهر هئي. مٿي ذڪر ڪيل ليڊرن جي ساري زندگي ٻي ڪهڙي بہ هجي، پر اسلامي اصولن، مساوات، اخلاق ۽ صداقت جي صفتن کان خالي هئي.

انهيءَ ساري عرصي ۾ هڪ طرف ماڻهن کي نظرئي پاڪستان جي خودساختہ نقطہ نگاه سان متحد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، تہ ٻئي طرف جدا قوميتن ۽ رياستن کي هزارها ورهين جي جداگانہ قومي زبانن، روايتن، ڪلچرن، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جي باوجود هڪ خودساختہ، مصنوعي جوڙجڪ واري پاڪستان ۾ ڪنو ڪري، مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراج جي استحصال لاءِ ڪتب آندو ٿي ويو. انهيءَ عرصي ۾ مهاجر پنجابي فوجين، سول سروس ۽ مهاجرن کي ورسايو ويو. جن عزيزن خويشن ۽ پوئلڳن کي نوازي مالا مال ڪيو. ايتري قدر جو پاڪستان جي ملڪيت جو گهڻو حصو وڃي 23 خاندانن ۾ ڪنو ٿيو. مطلب تہ انهيءَ دور ۾ هو اها ڳالھ جنهن ۾ سنڌ جي حقن جي گهر يا حب الوطنيءَ جي گفتگو تي ڪئي ويئي، سا ڏوھ نهرائي، ان کي ڏڪاريو ٿي ويو ۽ سارو وقت نظرئي پاڪستان، اسلام جي منصوعي تشريح ۽ مسلم

قوم جي پرچار سان سنڌين جا دماغ گمراه ڪيا تي ويا. ان حالت ڪي منهن ڏيڻ لاءِ آئون جڏهن ٽن مهينن لاءِ نظربنديءَ کان آزاد ٿيس ته ميلن جي موقعي تي بزم صوفيائي سنڌ جي سهاري هيٺ ڪانفرنسون ڪوٺائي، اتي سنڌ جي محبت، هندو مسلم اتحاد، رواداريءَ ۽ قومپرستيءَ تي تقريرون ۽ شعر پڙهائڻ لڳس، ته مورڳو انهن ڪانفرنسن تي رڪاوٽون وجهي، وري مون کي نظربند ڪيو ويو.

مگر هيءَ ڳالهه ذهن ۾ ويهارڻ جي لائق آهي ته ان سموري معاملي ۾ سنڌ جو اڪثر وڏيرو ڪامورو واپاري ٻجي يا خريد تي ڌاريي سامراج جو ايجنٽ تي، ڪم ڪري رهيو هو. ليڪن خدا جو شڪر آهي، ته باوجود انهن ڳالهين جي سنڌ جي روح آزادي، قوم پرستي ۽ رواداري سلامت رکندو آيو آهي. قوم پرست تحريڪ جا حامي ته ڪيترائي پيدا ٿيا. پر رسالن جو ڇپجڻ، مضمونن جو شايع ٿيڻ مشڪل مسئلو ٿي پيو. سنڌيءَ ۾ اخبارون اڳي ئي ٿوريون هيون، ليڪن جيڪي هيون، انهن جي مالڪن کي ڊيڄاري يا لالچائي، سرڪار پنهنجو ڪري ڇڏيو هو. نين اخبارن ۽ رسالن جي اجازت ملي نٿي سگهي. ڪيترا ڪتاب ڇپجڻ لاءِ تيار هئا، پر پريس وارن تي اهڙو دٻاءُ ويهاريل هو جي انهن جي ڇپڻ جي لاءِ تيار نه هئا. حالت ايتري قدر بگڙي ويئي، جو مرحوم حيدربخش جتوئيءَ کي سنڌ جي حقن لاءِ رسالا ڇپائڻ ۽ سنڌ جي تعريف ۾ شعر چوڻ ڪري جيل ۾ موڪليو ويو ۽ سندس رسالن ۽ شعر کي ضبط ڪيو ويو. شيخ اياز کي سندس شعرن لاءِ قيد ڪيو ويو. مون کي 9 سالن تائين بنا ڪيس هلائڻ جي جيل ۽ نظربنديءَ ۾ رکيو ويو. سابق گورنر مغربي پاڪستان جنرل موسيٰ هڪ مجلس ۾ تقرير ڪندي ظِاهر ڪيو ته حيدر بخش جتوئي کي جيل ۾ موڪلي، هن حڪم ڏنو ته ساٽس ختي ڪئي وڃي. ڇاڪاڻ ته هو سنڌ جي تعريف ۾ شعر لکي، علائقائي تعصب ڦهلائي رهيو هو. ان کان سواءِ ان تقرير ۾ اهو به ظاهر ڪيائين، ته جي. ايم. سيد ون يونٽ جو مخالف هو. ان ڪري ڪيس وري نطربند ڪيو هئائين ۽ حڪم ڏنو هئائين، ته بيماريءَ وقت علاج لاءِ به وڏي شهر ۾ وڃڻ جي اجازت بند ڪئي وڃيس.

جيل ۾ سختيون سنڌ لاءِ سهي، وري ان لاءِ دانهون ڪرڻ نيڪ نظر نہ تو اچي، پر ان جو ڪجهہ ذڪر پيش ڪيو وڃي ٿو تہ پڙهندڙن کي خبر پوي، تہ هنن مهاجر پنجابي مستقل مفاد اسلام، پاڪستان ۽ مسلم قوم جي ناليٰ ۾ سنڌ تي تسلط قائم رکي، ان جي استحصال لاءِ جيڪي ڪيو ٿي، ان جي خلاف آواز اٿارڻ تي هو ڪيترو خفا ٿي ٿيا. ۽ سنڌ جي ناليٰ وٺڻ وارن کان هنن کي ڪيتري نفرت هئي.

اوهان غور ڪري ڏسو تہ جيڪي ماڻهو سنڌ ۾ ڄاوا نپنا هئا، سنڌ جي پنجن هزارن ورهين جي شاندار ماضيءَ جو پتو هون، سنڌ جي ڪلچر، زبان، سياسي ۽ اقتصادي مفاد کي محفوظ رکڻ سان دلچسپي هين، سندن ماڻهن جا قبرستان ۽ درگاهون سنڌ ۾ هيون. ڪين سنڌ جي شاعرن ۽ درويشن سنڌ جي محبت جو سبق سيکاريو هو. ڪين مائرن کير پيارڻ وقت ۽ ڀينرن شاديءَ جي موقعي تي حب الوطنيءَ جا گيت ڳائي، وطن جي حب سان سرشار ڪيو هو تن جڏهن ٻاهران آيل ڌارين کي نہ صرف سنڌ جي زمين، نوڪرين، دڪانن، ڪارخانن ۽ واپار تي قبضو ڪري، استحصال ڪندي ڏٺو پر ان جي تاريخي روايات، ڪلچر ۽ زبان جي مٽائڻ لاءِ ڪوشش ڪندي ڏٺو ۽ انهن کي سنڌ جي ناليٰ سان نفرت ڪندي سنڌين کي گڏهن هڪلڻ ۽ انن ڪاهڻ وارا سڏيندي ۽ سنڌ جي حقن لاءِ گفتگو ڪرڻ وارن کي سزائون ڏيندي ڏٺو سنڌ جي تعريف ۾ شعر چوڻ وارن کي ريڊيو اسٽيشنن، ٽيليوزن ۽ سرڪاري مجلسن مان نيڪالي ملندي ڏٺو سنڌي اديبن، ماسترن، پروفيسرن ۽ ڪامورن کي صرف حب الوطنيءَ جي شبہ تي نوڪريءَ مان ڪيڍڻ يا دور دراز مفاصلن تي بدلي ڪرڻ يا پروموشن مارڻ جون سزائون ڏيندي ڏٺو ٿي، تہ خود مطلب پير، مير، سياستدان ۽ وڏيرا ڪٺي انهن ڳالهين تي بي حس هئا، پر اسان مان ڪي اهڙا بہ هئا، جن جي دل ڏکي ٿي.

اسان پهرين چند حاڪمن کي ان لاءِ جوابدار نهرائي، انهن جي برخلافي ڪئي. ليڪن هر دور ۾ ساڳي حالت ڏسي، آخر انهيءَ ڪارنامي جي پويان لڪل هٿ کي سڃاڻي ورتوسون، تہ ان سموري ڪارگذاريءَ ۾ مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراجي ڪارفرما هئا. اهي ان جاءِ تي هجن ئي نہ ها، جيڪڏهن پاڪستان نہ بنجي ها. ائين

پاڪستان جي گذريل 26 سالن جي ڪارگذاريءَ مان اسان کي پتو پئجي ويو آهي، تہ ان جي درست ٿيڻ جو امڪان ئي ڪونہ هو. ان جون حالتون ويران وير خراب ٿينديون ويون. جڏهن تجربي مان معلوم ٿيوسين تہ مهاجر پنجابي مستقل مفاد ڪنهن بہ طرح سنڌ دشمنيءَ ۽ استحصال کان باز نہ ايندا، تہ اسان جي دل مان پاڪستان جو ٻوٽو ڪومائجي، سڪي ۽ سڙي ويو.

حڪمران طبقو سندن طاقت جي غرور ۾ انڌو هو، ۽ صحيح حالتن جو اندازو ڪري نہ سگهيو. ان طبقي ٽن طريقن سان سنڌين کي محڪوم رکڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي:

1. طاقت جي ذريعي دٻائڻ سان.
2. لالچ ڏيئي خريد ڪرڻ سان.
3. غلط پرچار ڪري دماغ مسخ ڪرڻ سان.

هنن اها ڳالهہ خيال ۾ نہ آندي، تہ سيني ماڻهن کي انهن طريقن سان محڪوم رکڻ مشڪل هو.

نيٺ تجربي بعد هنن مجبور ٿي ون يونٽ کي ڊاٺو ۽ صوبا بحال ڪيا. هاڻ هو هڪ سنڌيءَ کي صدر (وزيراعظم) نامزد ڪري، ان جي معرفت سنڌ تي پنهنجو تسلط قائم رکڻ گهرن ٿا. پر ڪين خبر هئڻ گهرجي تہ جي سنڌ چنيسر، جام فيروز، نائون مل، جناح ۽ پٽا پيدا ڪيا آهن، تہ سنڌ دودي، دريا خان، مخدوم بلاول، شيخ عبدالمجيد سنڌي، حيدر بخش جتوئي، هيمون ڪالاڻي ۽ جي. ايم. سيد کي بہ جنم ڏنو آهي. جي ڪيتري بہ ڏاڍ ۽ لالچ هيٺ ڊجي يا خريد ٿي، سندن سنڌو ماتا سان دغا ڪري نٿا سگهن.

تاريخ شاهد آهي تہ ڪجهہ وقت انهيءَ مستقل مفاد جذباتي نعرن سان ايوب خان کان پڻ حڪومت ڪرائي، عوام کي بيوقوف بنايو. آخر ڪيترو وقت ماڻهو ڪوڙن نعرن ۽ دلاسن تي برغلائي سگهجن ٿا. نيٺ ماڻهن تان اهو جادو لٿو ۽ بي آرامي ٿي. ان تي ايوب خان ماڻهن جو توجهہ هٽائڻ لاءِ ڪشمير جي آزاديءَ لاءِ جنگ شروع ڪري، ملڪ کي تباهيءَ جي ڪناري تي آندو. نيٺ اقوام متحده وچ ۾ پئي صلح ڪرايو. تاشقند ۾ عهدنامي ٿيڻ بعد ماڻهن کي پتو پيو تہ

جنگ اجائي ڪرايل هئي. ان مان ملڪ کي ڪوبہ فائدو ڪونہ پهتو هو. ان تي ايوب خان خلاف ناراضگي پيدا ٿي. جنهن کي وڌندو ڏسي، هن حڪومت جون واڳون پنهنجي هڪ جنرل يحيٰ خان جي حوالي ڪيون. جيئن تہ ابتدا کان وٺي، پاڪستان جي حڪومت جي واڳ مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي نمائندن سول سروس ۽ ملٽري جنتا جي هٿ ۾ رهندي آئي هئي، ۽ پاڪستان جا جملي حاڪم جناح صاحب کان وٺي ايوب خان تائين، انهيءَ گروه جا "شوبوا" ٿي ڪم ڪري رهيا هئا، ان ڪري حالتن کي مد نظر رکي، ڏک ٽارڻ لاءِ ان گروهہ يحيٰ خان کي في الحال هيٺين قدمن کڻڻ جي صلاح ڏني:

1. سياسي نظربند آزاد ڪرايا.
2. نين چونڊن جو اعلان ڪري، چونڊون ڪرايون.
3. مغربي پاڪستان ۾ ون يونٽ کي ختم ڪري، صوبا بحال ڪيا ويا.
4. سنڌ ۾ قوم پرستيءَ جي مخالفت جو مقابلو ڪرڻ لاءِ پِتي صاحب کي مدد ڏيئي، چونڊن ۾ ڪامياب ڪرايو ويو ۽ هتي سنڌ ۾ زميندار، پير ۽ ڪامورن کي گڏي، واحد قوم پرست جماعت سنڌ متحده محاذ کي شڪست ڏياري ويئي.

بهرحال مهاجر پنجابي سامراجين جو هيءُ ڪليل، ڪن بنيادي صورتن ۾ نيڪ بيهي نہ سگهيو. اُيرندي بينگال ۾ سمورا ميمبر عوامي ليگ جي معرفت قوم پرستن جا نمائندا چونڊجي آيا. اهڙيءَ حالت ۾ مهاجر پنجابي مستقل مفاد کي خدشو پيدا ٿيو تہ ممڪن هو تہ مرڪزي اختيارن سندن هٿن مان نڪري، قوم پرستن جي هٿن ۾ وڃي هليو. جنهن صورت ۾ ابتدا کان مهاجر پنجابي مستقل مفاد، پاڪستان کي پنهنجي ڪالوني ڪري پِٽي ڪتب آندو هو تنهن ڪري هنن سندن اقتدار هٿان وڃڻ جو اهو خطرو فوراً محسوس ڪيو. بچاءَ ۾ هنن پِٽي صاحب کي حڪومت جو دلاسو ڏنو ۽ ڪانئس اهو اعلان ڪرايو تہ جيڪڏهن کيس وزارت ۾ شامل نہ ڪيو ويو تہ هو بغاوت ڪندو. پِٽي صاحب جي انهيءَ اعلان سان ئي يحيٰ خان آئين ساز اسيمبليءَ جو سڏايل اجلاس مهمل ڪري ڇڏيو. ۽ فوج کي اُيرندي بينگال ۾ موڪلڻ شروع ڪيو پر ساڳئي وقت هي سياسي ڪيڏ باز يحيٰ خان

کي ڏوڪو ڏياري، اڪثريتي پارٽيءَ کي ليڊر شيخ مجيب الرحمان سان ناليِ خاطر ڳالهيون هلائيندا آيا. نيٺ جڏهن هنن ڏٺو تہ فوج جو چڱو حصو بينگال پهچي ويو هو تڏهن ساري ملڪ سان مارشل لا لاڳو ڪري، بينگال ۾ قتل عام شروع ڪري ڇڏيائون. اتي جيڪي مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي نمائنده ملٽريءَ ظلم ڪيا، سي ساريءَ دنيا کي معلوم آهن.

هن جنگ ۾ آخرڪار حق جي فتح ٿي ۽ اهل بينگال کي آزادي نصيب ٿي. هاڻ ايوب خان وانگر ماٺهو يحيٰ خان مان بہ ناراض ٿي پيا. ان تي ساڳئي سامراجي گروهہ يحيٰ خان کي ڪڍي، سندس جاءِ تي ذوالفقار علي خان ڀٽي کي، جيڪو هنن سان سڀجي کيل ۾ ڀيپچيءَ جي صورت ۾ شريڪ هو نامزد ڪيو.

ڀٽي صاحب حڪومت وٺڻ بعد مهاجر پنجابي سامراج جي سروس ۾ جيڪي ڪم سرانجام ڪيا آهن، تن مان سنڌ کي هيٺيان نقصان پهتا آهن.

(1) جناح صاحب مسلم قوم جي آڌار تي پاڪستان قائم ڪرائڻ باوجود. ان نظرئي کي غلط ۽ نقصانڪار سمجهي ختم ڪري ڇڏڻ جو اعلان ڪيو ليڪن هن صاحب مورڳو ڪيس نامزد ڪندڙ مهاجر پنجابي سامراجين کي خوش ڪرڻ خاطر سنڌين جي جداگانہ قوم ڪان انڪاري ٿي، سنڌ جي انفرادي حيثيت ختم ڪري، نظرئي پاڪستان سان وفاداريءَ جو حلف کنيو.

(2) هن نظرئي پاڪستان (مسلم قوم) جي بنياد تي نئون آئين ناهي، سنڌ کي پنجاب جي ڪالوني بنائي، سنڌ کي هيٺيان نقصان رسايا آهن:

(الف) انهيءَ. آئين جي آڌار تي سنڌين کي جدا قوم تسليم ڪرڻ جي عيوض، پاڪستان جي متحده قوم ۾ اقليت جي صورت ڏني ويئي آهي.

(ب) جنهن صورت ۾ پاڪستان جو آئين پنجاب جي اڪثريت جي آڌار تي پاس ٿيو آهي، جنهن ۾ سنڌين کي 21 سيڪڙو نمائندگي مليل آهي، ان حالت ۾ آئين .پنجابي اڪثريت جي رضامنديءَ

ڪانسواءِ ترميم بہ نٿو ٿي سگهي. آئين پنجابين جي فائدي ۾ هئڻ ڪري، اهي ڪڏهن بہ ان ۾ ترميم نہ ڪرائيندا.

(3) انهيءَ آئين ۾ ٽيڪس وجهڻ جا اختيار مرڪزي حڪومت جي هٿ ۾ آهن. هنن اهڙا ٽيڪس مڙهيا آهن، جنهن ڪري سنڌ جون 350 ڪروڙ روپيين کان مٿي ٽيڪس، مرڪزي حڪومت جي حوالي ٿين. جيئن تہ مرڪزي حڪومت دائمي طور انهيءَ آئين جي مطابق مهاجر پنجابي مفاد جي هٿ ۾ اچي چڪي هئي، ان ڪري سنڌ جي ٽيڪسن جو فائدو بہ انهيءَ گروهہ کي حاصل ٿيو ٿي. سنڌ کي ان مان فائدو نٿي مليو.

(4) اهو آئين اهڙي طرح ٺهيل آهي، جو ان جي آڌار تي سنڌ جا ٽيڪس، زمين، ڪارخانا، نوڪريون، غير سنڌين جي حوالي ۾ اچڻ کان روڪجي نہ ٿي سگهيون.

الڪيشن جي وقت عوامي ليگ طرفان شيخ مجيب الرحمان هڪ منشور تيار ڪيو هو جنهن ۾ هيٺين نڪتن ۾ اظهار ڪيل هو:

نڪتو نمبر 1

پاڪستان جو آئين وفاقي طرز تي پارليامينٽري قسم جو 1940ع ۾ پاڪستان لاءِ لاهور ۾ آل انڊيا مسلم ليگ طرفان پاس ڪيل ٺهراءَ جي بنيادي اصولن تي ٺاهيو وڃي. جنهن جا نمائندا بالغ راءِ دهيءَ جي بنياد تي چونڊيل هجن ۽ حڪومت جا سمورا اختيار انهن جي هٿن ۾ هجن.

مٿي ذڪر ڪيل نڪتن جي تشريح مختصر طرح هيٺينءَ ريت ٿيندي:

1. پاڪستان جي حڪومت وفاقي قسم جي هوندي.
2. اهو وفاق لاهور واري آل انڊيا مسلم ليگ جي ٺهراءُ موجب آزاد ۽ خودمختيار رياستن تي مشتمل هوندو.
3. اها حڪومت انگلستان جي طرز مطابق پارليامينٽري طريقي تي ٺاهي ويندي.
4. جنهن ڪري اها حڪومت پارليامينٽ جي چونڊيل ميمبرن جي اڪثريت وٽ جوابداري هوندي.

5. اسيمبليءَ جا اختيار حڪومت تي حاوي هوندا.
6. اسيمبليءَ جي ميمبرن جي چونڊ بالغ راءِ دهيءَ مطابق عام ووٽرن ذريعي سڌيءَ طرح ڪرائي ويندي.

نڪتو نمبر 2

وفاقي طرز واري حڪومت ۾ مرڪزي سرڪار کي صرف ٻه کاتا سپرد ڪيا ويندا:

1. بچاءُ کاتو.
2. پرڏيهي معاملات جو کاتو.

نڪتو نمبر 3

ٽيڪس وجهڻ جا اختيار صوبن جي هٿ ۾ هئڻ گهرجن مرڪزي حڪومت جي خرچ جي پورائي لاءِ صوبن کان حصو خرچ جو وصول ڪيو وڃي. ان مان هينيان فائدا ٿيندا:

1. ٽيڪس وجهڻ ۽ گڏ ڪرڻ لاءِ جدا جدا کاتا قائم ڪرڻ ڪري جو ٻٽو خرچ ٿئي ٿو ان کان بچي پئبو.
2. ٽيڪس هرڪو صوبو پنهنجي سهوليتن ۽ حالتن موافق وجهندو.
3. ڪسٽمس ۽ انڪم ٽيڪس ساري پاڪستان کان وڌيڪ سنڌ يا بينگال مان پيدا ٿئي ٿو ان کي مرڪز ۾ ٻين صوبن جي فائدي لاءِ خرچ ڪيو وڃي ٿو انهيءَ ڦرلٽ کان بچي پئبو.

جهڙيءَ صورت ۾ فوج ۽ پرڏيهي کاتي جي خرچ، جن ۾ اڪثريت پنجابي يا مهاجرن جي هئي، جو گهڻو حصو بينگال ۽ سنڌ کان ورتو ويو ٿي، انهيءَ ڪري جي ٽيڪس صوبا پاڻ وجهندا ته انهيءَ جي خرچ جي مد ۾ هو هڪ جيترو حصو خرچ ۾ ڏيندا.

4. ٽيڪسن لڳائڻ جو اختيار صوبن جي حوالي ۾ هئڻ ڪري هڪڙن صوبن کان گهٽي ۽ ٻين کان گهٽ رقم مرڪز لاءِ نه ورتي ويندي.
5. مرڪز جي خرچ ڏيڻ وقت صوبا اها تقاضا ڪري سگهندا ته انهيءَ خرچ مان سندن صوبن جي ماڻهن کي فائدو ڏياريو وڃي.

اها نئين ڳالهہ نہ هئي. 1900ع کان اڳ هندستان ۾ ٽيڪسن جو اختيار صوبن جي هٿ ۾ رهندو هو جي مرڪز کي انهن مان حصو ڏيندا هئا. آمريڪا ۽ روس ۾ اڄا تائين اهو دستور جاري آهي. مرڪز ۾ ٽيڪسن جي هئڻ مان ٻيا هينيان نقصان هئا.

(i) مرڪزي حڪومت کي ٽيڪسن وجهڻ جا اختيار ڏيڻ ڪري قوي امڪان هو تہ ان جي ناليءِ ۾ مرڪز صوبن جي معاملن دست اندازي ڪري، صوبائي آٽونوميءَ کي فارس بنائي ڇڏيو.

(ii) مرڪز وارا جن ۾ (هاڻ) اڪثريت پنجاب جي آهي، اهڙي قسم جون ٽيڪسون لڳائين ٿا، جن جو اثر هڪڙن صوبن تي گهٽ ۽ ٻين تي گهٽ پوي ٿو.

نڪتو نمبر 4

ان نڪتي مطابق ٻيروني مٽا سٽا لاءِ هر هڪ صوبي جا کاتا علحده رهندا.

1. ان ڪري هڪڙن جي ٻاهرين ايڪسچينج مان ٻين کي غير واجبي نفعي جو امڪان بند ٿيندو.
2. ان ڪري سنڌ ۽ بينگال جي مٽاسٽا وارو پيسو (جو زياده مقدار ۾ ٿئي ٿو) سندن پنهنجن هٿن ۾ رهندو.
3. مرڪزي حڪومت لاءِ گهربل ايڪسچينج جو پيسو ان خرچ مان فائدو حاصل ڪندڙ صوبن جي حصي پٽاندر ڏنو ويندو- نہ ائين جو هڪڙن جو پيسو ٻين صوبن جي نفعي لاءِ خرچ ڪيو وڃي.
4. مڪاني پيداوار بنا مرڪزي اجازت جي ٻاهر موڪلي ناڻو ڪمائي سگهبو ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ صوبا پنهنجون واپاري ڪوٺيون قائم ڪري واپار وڌائي سگهندا. انهيءَ آڌار تي پنهنجي ترقي ۽ تعمير لاءِ پرڏيهي قرض پڻ ڪٽي سگهندا.

هوندن جو مشرقي پاڪستان ۽ سنڌ جي ٻاهرينءَ ايڪسچينج مان گهڻي ڪمائي هوندي ہہ ان رقم جو گهڻو حصو پنجاب ۾ خرچ ڪيو ويو ٿي، ۽ ڪارخانن کولڻ لاءِ جي پرمٽن جا اختيار مرڪزي

سرڪار وٽ هئڻ سبب سنڌ ۽ بينگال کي انهيءَ جي فائدن کان محروم رکيو ويو ٿي، تنهن نقصان کان بچي سگهبو.

نڪتو نمبر 5

هن نڪتي موجب هر هڪ صوبي کي اندروني انتظام ۽ بيروني حفاظت لاءِ صوبائي مليشيا رکڻ جو حق ملندو.

ان مان هيٺيان فائدا هئا.

1. بعضي ڌاڙن، مڪاني فسادن، هڙتالن ۽ غنڊا گرديءَ وغيره کي منهن ڏيڻ لاءِ پوليس فورس ڪافي نٿو ٿئي، اهڙيءَ حالت ۾ صوبائي حڪومتون مرڪزي حڪومت کي عرض ڪري فوج جي مدد وٺن ٿيون. فوجي صوبائي حڪومت کان بالاتر هئڻ ڪري اهڙا طريقا اختيار ڪن ٿا. جي مڪاني حڪومتن ۽ ماڻهن لاءِ نقصانڪار ٿين ٿا.
2. صوبائي مليشيا رکڻ ڪري، ملٽري ملڪ جي اندروني جهڳڙن ۾ ملوث ٿيڻ کان آزاد ٿي، بيروني حفاظت جو ڪم خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ڏيئي سگهندي.
3. ڪن صوبن کي مرڪزي فوج ۾ نالي خاطر به نمائندگي نه آهي. شڪايت ڪرڻ تي کين جواب ڏنو ويجي ٿو ته. ”اوهان جي علائقن جا ماڻهو فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ پسند نه ٿا ڪن. يا جنگجو اهليت نه ٿا رکن.“

انهن عذرن جا صوبن طرفان جوابي دليل هيٺيان هئا.

(الف) جيئن ته فوج ۾ اڪثريت پنجابين جي هئي، ان ڪري ڀرتي ڪندڙ ۽ ٽريننگ ڏيندڙ عملدارن جي روش ٻين صوبن جي رهڪان کي فوج ۾ داخل ٿيڻ لاءِ مانع هئي.

(ب) ڀرتي ڪرڻ لاءِ اهڙا شرط رکيا ويا ٿي، جهڙوڪ قد ۽ بدن جي ديگهه ۽ ٿولهه. جنهن جي پورائي سنڌ ۽ بينگال جا رهاڪو نٿي ڪري سگهيا. ان ڪري صوبائي مليشيا رکڻ جي اجازت هئڻ ڪري، صوبا پنهنجي ضرورتن پٽاندڙ پنهنجي شرطن جي پاڻ پورائي ڪري سگهندا.

4. پاڪستان جي قيام بعد گذريل سالن جي تجربي ثابت ڪيو آهي تہ مرڪزي حڪومت تي مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو قبضو هئڻ ڪري، گهڻن صوبائي معاملن ۾ رواجي حالتن ۾ بہ ۽ مارشل لا لڳائڻ سان بہ مرڪزي سرڪار طرفان دست اندازي پئي ٿي آهي، ان ڪري صوبائي مليشيا مرڪز جي ناجائز دست اندازيءَ کان بچڻ جي ضمانت جو ڪم ڏيئي سگهندي.

اسان هتي سنڌ ۾ بہ اهڙي قسم جي آئين لاءِ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو. بنگلاديش ۾ عوامي راءِ بيدار هئڻ ڪري، عوامي ليگ وارن سنڌن قوم پرست اميدوارن کي چونڊائي سگهيا. ليڪن سنڌ ۾ سامراجي گروهہ سدن ايجنٽن، پيرن، ملن، زميندارن ۽ ڪامورن کي اسلام، پاڪستان وغيره جي نالي ۾ برغلائي، قوم پرستن کي شڪست ڏياري انهيءَ سامراجي گروهہ بينگال کي اليڪشن کان انڪار ڪري، ملڪ ۾ سول وار ڪرائي، بينگال کي پاڪستان کان علحده ٿيڻ لاءِ مجبور ڪيو. هنن کي سنڌن سامراج کان سواءِ ٻي ڳالهہ گهربل نہ هئي. پاڪستان ٽٽڻ جو فڪر ڪو نہ هون. جنگ ۾ شڪست ملڻ تي جنرل يحيٰ خان کي انهيءَ گروهہ حڪومت مان ڪڍي، وري سنڌن نئين ايجنٽ ذوالفقار علي خان ڀٽي کي حڪومت جون واڳون سپرد ڪيون.

آءٌ سول وار ٿيڻ کان اڳ مديني شريف ويل هوس. واپس اچڻ بعد ڪجهہ بہ نہ ڪرڻ جي باوجود مون کي سن جي شهر ۾ گهر اندر پوليس گارڊ هيٺ نظربند ڪري رکيو ويو. جتي يحيٰ خان جي باقي 8 ماهہ دور حڪومت جو سمورو عرصو نظربند رهيس. ذوالفقار علي ڀٽي صدر ٿيڻ بعد هڪ مهيني کان پوءِ ٻين سان گڏ مون کي بہ آزاد ڪيو. پيش لفظ ۾ ڄاڻائي آيو آهيان تہ پنهنجي سالگرهہ جي موقعي تي مون پنهنجي تقرير ۾ ڪيس ڪي صلاحون ڏنيون هيون. ان تي ڪاوڙجي هن وري مون کي نظربند ڪيو ۽ اجا تائين نظربند آهيان.

هن نئين مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي ايجنٽ، سنڌس آقائن کي رضامند ڪرڻ لاءِ سنڌ جي غلاميءَ جي زنجيرن کي ريهو ڏيئي، پنهنجي پر ۾ ٽٽڻ کان مٿي ڪري ڇڏيو آهي. هو ان سلسلي ۾ نظرئي پاڪستان جي بنياد تي پنهنجي ناهيل آئين تي فخر ڪري ٿو. واقعي

اهو آئين مهاجر پنجابي سامراج جي فسطائي غلبي جو مختارنامو آهي. پاڪستان جون ننڍيون ننڍيون قومون انهن کي پنهنجي غلاميءَ جو دستاويز سمجهن ٿيون. سنڌ جي غلاميءَ جون زنجيرون انهيءَ آئين ئي ريهو ڏيئي مضبوط بنايون آهن. پر اهي ٽٽنديون يا نہ ٽٽنديون، ان جو فيصلو نہ پٽي جي اختيار ۾ آهي، نہ سندس آقائن جي. ان جو فيصلو تاريخ جي هٿ ۾ آهي ۽ تاريخ ئي قومن جي تقدير لکي ٿي ۽ ان جي فيصلي جو اختيار رکي ٿي.

سنڌين لاءِ واقعي هنن حالتن ۾ هيٺ بہ رستا وڃي رهيا آهن. هڪ تہ مهاجر پنجابي ۽ ان جي ايجنٽن واري حڪمران طبقي جي غلامي قبولي، مات ڪري زندگي گذارين. يا مخفي جماعتون ناهي، غلاميءَ کان نڪرڻ لاءِ خوني بغاوت ڪري آزادي حاصل ڪن.

پاڪستان ۾ مذهب بدلائڻ ڏوهہ نہ آهي. پيغمبر اسلام کي آخري نبي سڏڻ جي مخالفت ڪرڻ وارن جي هٿن ۾ امريڪن سامراج جي اشاري تي حڪومت جون واڳون سپرد ڪرڻ جرم نہ آهي، مهاجر پنجابي سامراج برقرار رکڻ لاءِ آمريڪن سان معاهدا ڪري، اسلح حاصل ڪري، مڪاني قومن جي آزاديءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻڻ ڏوهہ نہ آهي. شراب نوشي، جوا، سمگلنگ، چوربازاري، فحش ڪاريءَ کي ڇوٽ ڏيڻ، بلڪ حڪمران طبقا انهن ڳالهين جا مرتڪب ٿين، تہ انهن کي آزادي آهي. سنڌ ۾ ٻاهريان لکين ماڻهو گهرائي، انهن کي ڪالونائيز ڪري، ڪين سنڌ جي زمين، ڪارخانن نوڪرين، واپار بئنڪن، زبان تي تسلط ڏيارڻ ۽ سنڌي قوم جي ڪلچر کي ختم ڪرڻ ۽ سندن تاريخي روايات کي متائڻ ڏوهہ نہ آهي، بلڪ منظم طور تي ان جي ڇوٽ آهي. مهاجرن کي سندن استحصال جي برقرار رکڻ، جدا صوبي بنائڻ لاءِ پرچار ڪرڻ جي منع نہ آهي. قومپرست سنڌي ڪارڪنن کي ملڪ دشمن قرار ڏيئي، نظربند ڪري، جيلن ۾ وجهي، مارون ڏياري قتل ڪرائڻ جي اجازت آهي. ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي گورنر ۽ وزير قانون جي بيعزتي ڪرڻ وارن تي ڪو بہ قدم نہ تو کڄي، نہ ڪنهن شاگرد کي رسٽيڪيٽ ڪيو ٿو وڃي، نہ وائيس چانسلر کي ڪڍيو وڃي ٿو بلڪ انهن کان ٻانهون ٻڌي معافي

ورتي وڃي ٿي، تہ ڏوھہ نہ آھي، بلڪ اھي سڀ ڳالھيون روا آھن. ليڪن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ قومپرست شاگردن کي مارون ڏياري، رسٽيڪٽ ڪري، جيلن ۾ موڪلي، طرح طرح جا عذاب ڏنا ويڃن ٿا. انھن جا ضامن ھينئيون ڪورٽون نٿيون ڪڍن ۽ جي سپريم ڪورٽ ڪڍي ٿي تہ وري ڪين جدا جدا ڪيسن ۾ ڦاسايو وڃي ٿو.

مون کي 31 مارچ 1973ع تي حيدرآباد يونيورسٽيءَ ۾ ھينئين تقرير ڪرڻ تي بنا ڪيس ھلائڻ جي ڊي. پي. آر ھيٺ 14 مھينن کان نظربند ڪري رکيو ويو آھي. ۽ پيري پيري ان نظربنديءَ جو مدو وڌايو وڃي ٿو.

31 مارچ سنڌي شام جي موقعي تي منھنجي ڪيل تقرير:

عزيز دوستو! اوھان سان شام ملھائڻ ياقوتي ڪائڻ جي برابر آھي. ھھڙن موقعن تي ضروري ٿئي ٿو تہ ڪجھہ ٻڌجي ۽ ڪجھہ ٻڌائجي.

مون اوھان کي 4 مارچ 1973ع تي آگاھہ ڪيو ھو تہ سگھو ئي وقت اچڻ وارو آھي، جڏھن ممڪن آھي تہ اوھان تي وڏين جوابدارين جو بار پوي، ان لاءِ اوھان کي تيار ٿيڻو آھي. صرف صالح ۽ لائق ماڻھو ان امتحان مان ڪامياب ٿي نڪرن ٿا. جيل ۾ وڃڻ ۽ لٺيون جھلڻ، سولو ڪم آھي، پر جوابداريءَ جو بار سنڀالڻ اوکو ڪم آھي. ان ڪم جي سرانجاميءَ لاءِ اوھان کي مخلص ڪارڪنن جو گروھ پيدا ڪرڻو پوندو جي ڪارڪنن سنڌ جي سياسي، سماجي، اقتصادي مسئلن کي پوريءَ طرح سمجھي سگھن ۽ پنھنجي ذھن صاف ڪرڻ بعد ھم خيال دوستن جو تعداد وڌائين.

اوھان کي ھينئين مسئلن تي غور ۽ فڪر بعد صحيح نتيجن تي پھچڻو آھي.

(1) قومي نظريو

قومي نظرئي جي مختلف تصورن جي معلومات حاصل ڪرڻ بعد ھڪ نظرئي کي قبول ڪرڻو آھي.

آئون غور فڪر ۽ تجربي بعد ھن نتيجي تي پھتو آھيان تہ سنڌ جا رھاڪو زبان، ڪلچر، تاريخي روايات، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جي بنياد تي جدا قوم آھن ۽ قومن جي حق خوداراديءَ جي آڌار تي

سندن سياسي، اقتصادي ۽ ڪلچرل آزاديءَ خوشحاليءَ ۽ ترقيءَ لاءِ پاڻ فيصلا ڪرڻ جا حقدار آهن.

(2) سنڌو ديش

برصغير پاڪ ۽ هند ۾ هزارن ورهين کان جدا تاريخي ملڪ رهيو آهي ۽ دنيا جي ٻين ملڪن وانگر ڪيس پنهنجي مستقبل جي فيصلي ڪرڻ جو هرڪو حق آهي.

(3) سنڌي زبان

قديم زماني کان سنڌ جي زبان سنڌي رهي آهي، اها پاڪستان ۾ سڀ کان زياده جهوني ۽ شاهوڪار زبان آهي. ان ڪري ان کي ملڪ جي سرڪاري ۽ قومي زبان بنجڻ جو هرڪو حق آهي.

(4) ملڪي آئين

آئين سازيءَ جي مسئلي کي سمجهڻ لاءِ ٻهرين هن ڳالهه جو فيصلو ڪرڻو پوندو تہ آئين هڪ قوم جي بنياد تي ناهيو وڃي ٿو يا چئن قومن جي بنياد تي، پهرئين نظرئي مطابق سنڌي اقليت ۾ ٿي، ٻئي اڪثريت واري صوبي جي ڪثرت جا محتاج ٿي پوندا. ٻئي نظرئي مطابق ڪوبہ آئين سنڌين جي رضامندي کانسواءِ نهي نہ سگهندو.

(الف) هڪ قومي نظرئي جي آڌار تي اڪثريت وارو صوبو (پنجاب) سندس تعداد، پيسي، ملٽري ۽ سول سروس جي آڌار تي سنڌ تي حاوي رهندو. جنهن ڪري سنڌ جي پيسي وسيلي، سنڌ تي حڪومت ڪندو.

(ب) ان نظرئي جي آڌار تي سنڌ جي پيدائش، زمين، ڪارخانن ۽ نوڪرين تي ٻين صوبن جي رهاڪن جو استحصال رهي سگهندو.

(ت) هڪ قومي نظرئي جي آڌار تي نظرئي پاڪستان، اسلامي آئين، مضبوط مرڪز جي چنبي مان سنڌي نڪري نہ سگهندا.

(ث) ان نظرتي جي آڌار تي ٻين صوبن جا رهاڪو هن صوبي مان پيسا ڪمائي، ٻاهر ڪڍي، صوبي جي معيشت کي نقصان پهچائي سگهندا.

(ج) ان نظرئي جي آڌار تي ٻاهرين مئاسنا. واپار. بئنڪن. ريلوي. پوليس. ٽيليگراف. ريڊئي. ٽيليويزن. ڪاٽين ۽ اقتصادي ادارن تي مرڪزي حڪومت جو قبضو رهندو.

(ح) ان نظرئي جي آڌار تي دفاع. پرڏيهي معاملن ۽ ڪرنسي ڪانسواءِ ٻين ڪاتن تي ٻه مرڪز کي اختيار هوندو.

(خ) ان نظرئي جي آڌار تي مرڪزي اسيمبليءَ ۾ سنڌين کي ساري پاڪستان جي آباديءَ جي لحاظ کان نمائندگي ملندي.

(د) ان نظرئي جي آڌار تي مرڪزي حڪومت جي نوڪرين ۾ سنڌين کي هن وقت وانگر صرف هڪ سيڪڙو نوڪريون ملنديون.

(ذ) ان نظرئي جي آڌار تي سول سروس مرڪزي حڪومت جي هٿ هيٺ رهڻ ڪري، صوبائي خودمختياري بيڪار بنجي ويندي.

(ر) ان نظرئي جي آڌار تي ملڪ جي قومي زبان، غير ملڪي اردو زبان ٿيندي.

(ز) ان نظرئي جي آڌار تي ملڪ ۾ مذهب ۽ سياست گڏيل رهندا.

(س) ان نظرئي جي آڌار تي پڙ وارن ملڪن سان مخاصمت جي پاليسي جاري رهندي.

(ش) ان نظرئي جي آڌار تي ٻين صوبن جي ماڻهن کي سنڌ ۾ ڪالونائيز ڪرڻ جي ڇوٽ رهندي.

(ص) ان نظرئي جي آڌار تي سوشلزم پوريءَ طرح رائج ٿي نه سگهندو.

(5) سنڌي ڪلچر

سنڌ کي گڏيل ڇئن هزار ورهين جي تاريخ آهي، جنهن جي بنياد تي هن پنهنجو قومي ڪردار ۽ ڪلچر ناهيو آهي. اهي سنڌن قومي ورثا آهن. انهن کي وساري، نون آيل ماڻهن جي ڪلچر ۾ سمائجڻ، سنڌين لاءِ پاڻ وسارڻ جي برابر ٿيندو.

(6) سامراجي مفاد جو استحصال

سنڌين کي ان ڳالهه بابت ذهن صاف ڪرڻا آهن، ته اهي ڪهڙا مستقل مفاد آهن، جي سنڌن استحصال ڪن ٿا. ٿوري غور بعد پتو

پوندو تہ مهاجر پنجابي مستقل مفاد سندن سياسي آزادي سلب ڪيو وينا آهن. سندن اقتصادي ذريعن تي قابض آهن. سندن ڪلچر تي غلبو ڪري ويا آهن. ان جي سدباب لاءِ ويچار ڪرڻو اٿن.

(7) قومپرستي ڇا کي چئجي ٿو؟

مٿي چئي آيو آهيان تہ اسان سنڌين جي جداگانہ قوم کي مڃون ٿا. پر ڏسڻو آهي تہ سنڌي قومپرستيءَ جا بنيادي مٿا ڪهڙا آهن؟ منهنجي نظر ۾ هيٺيان ٽي سگهن ٿا:

(الف) سنڌ جي جدا ملڪ ۾ ويساهہ رکڻ.

(ب) پاڪستان هڪ ملڪ نہ آهي، بلڪ چئن جدا ملڪن جو مجموعو آهي، ان ۾ اعتماد رکڻ.

(ٿ) سنڌي جدا قوم جي حيثيت ۾ پنهنجي مستقبل بابت فيصلي ڪرڻ جو حق رکن ٿا.

(ج) سنڌي قومپرستيءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽون، نظريہ پاڪستان، اسلامي نظام حڪومت، مضبوط مرڪز ۽ پاڪستان جا مجموعي مفاد آهن.

(8) سيڪيولر نظام حڪومت

ساريءَ دنيا ۾ حڪومتي نظام سيڪيولر بنيادن تي بدل آهي، پر هتي پاڪستان ۾ هڪ سامراجي مستقل مفاد عوام جو توجهہ ملڪ جي حقيقي مسئلن کان هٽائڻ لاءِ اسلامي نظام حڪومت جو راڳ اچاري رهيا آهن. ان جو مقصد عقل جي عيوض مذهب جي نالي ۾ ملا جي اٿارٽيءَ هيٺ حڪومت هلائڻ آهي، جي ملا گهٽي قدر سرمائيدار ۽ حاڪم جا ايجنٽ ٿي ڪم ڪن ٿا.

(9) صحيح جمهوريت ڇا آهي؟

صحيح جمهوريت ۾ هيٺين ڳالهين جو هئڻ ضروري آهي:

(الف) ان ۾ هڪ قوم جو ٻيءَ قوم تي سندس اڪثريت، قابليت، تشدد، پيسي ۽ هنر جي آڌار تي تسلط قائم نہ رهندو.

(ب) جنهن ۾ هڪ گروهہ يا طبقو ٻئي گروهہ يا طبقي جو اقتصادي استحصال ڪري نہ سگهي، ۽ ملڪ جي جملي ماڻهن کي هڪ جهڙا حق ۽ موقعا حاصل هجن.

(ت) جنهن ۾ شاهوڪار، ڪارخانيدار، ملا ۽ پير کي ملڪي سياست ۾ دست انداز ڪرڻ تي بندش هجي.

(10) سوشلزم ڇا آهي؟

ان جو مقصد ملڪ جي جملي پيداواري ذريعن، ورهاست ۽ پيسي تي عوامي حڪومت جو تسلط هئڻ آهي، جا ان تسلط کي ماڻهن جي مجموعي مفاد لاءِ ڪتب آڻيندي، ان ۾ شخصي ۽ طبقاتي استحصا جا رستا بند ڪيل هوندا آهن. ان جو بنياد زماني جي حقيقتن ۽ عقل جي آڌار تي ٿئي ٿو. مذهبن ۾ شخصي ۽ طبقاتي مفاد کي بچاءُ ڏنل آهي، جنهن ڪري سوشلسٽ معاشري جي حصول ۾ رڪاوٽ پوي ٿي. اسلامي سوشلزم ٿيندي ئي نہ آهي.

(11) اسلامي آئين ۽ اسلامي نظام حڪومت

ملڪ جو آئين معاشري جي حالتن جي آڌار تي هلايو وڃي ٿو. تنهن ڪري اسلامي آئين يا اسلامي نظام حڪومت ٿيندا ئي ڪونہ آهن، جيڪي ماڻهو اهڙي گفتگو ڪن ٿا، سي يا تہ ڏوڪيباز آهن، يا تہ بيوقوف آهن.

(12) سنڌو ديش جي معنيٰ ڇا آهي؟

سنڌو ديش جي معنيٰ سنڌو طاس جي موجوده سنڌ ملڪ واري ايراضي آهي. ان ملڪ هزارن ورهين کان پنهنجي علحده حيثيت قائم رکي آهي. سنڌ ۽ سنڌو ديش ۾ تفاوت هي آهي تہ سنڌ ۾ ساري انڊس ويليءَ وارو ملڪ اچي وڃي ٿو پر سنڌو ديش ۾ صرف موجوده سنڌ جي ايراضي آهي، جيئن بينگال جي معنيٰ اُيرندو ۽ الهندو بينگال آهي، ۽ بنگلاديش جي معنيٰ صرف اُيرندي بينگال وارو آزاد ملڪ آهي. سنڌو ديش نالي ونڻ مان اسان جو مقصد ان خط زمين جي سياسي آزادي، اقتصادي خوشحالي ۽ ڪلچرل ترقي ٿئي ٿو. جا هن وقت صوبي سنڌ تي مشتمل آهي.

(13) سنڌي قوم جي تڪميل

اها حقيقت آهي تہ سنڌ جا رهواسي علحده قوم سڏائڻ جا حقدار آهن، پر ان ڳالھ کان بہ انڪار ڪري نٿو سگھجي، تہ هڪ فعال، باغيرت ۽ يڪجهت قوم بڻجڻ لاءِ جنهن قومي عصبيت جي ضرورت ٿئي ٿي، سا اڃا سنڌ جا رهڪو پوريءَ طرح پيدا ڪري نہ سگھيا آهن. ان جي راھ ۾ جي رڪاوٽون آهن، تن جي دور ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻي پوندي. مثلاً پير، وڏيرو ۽ غلام صفت مڊل ڪلاس جي اڪثريت ان ۾ رڪاوٽون آهن.

(14) پاڪستان ۽ سنڌ

سنڌ پاڪستان کان سواءِ رهي سگھي ٿي، پر پاڪستان جو سنڌ کان سواءِ قائم رهڻ مشڪل آهي. پاڪستان جي قيام جو مدار حڪمران طبقي جي سنڌ سان برتاءُ تي آهي. جيڪڏهن سنڌن موجوده ذهنيت ۾ تبديلي آڻي، سنڌ ۽ سنڌين جي قومي وجود کي تسليم نہ ڪيو ۽ سنڌين کي سنڌن واجبي حق نہ ڏنا، تہ دنيا جي ڪا بہ طاقت پاڪستان کي قائم رکي نہ سگھندي.

(15) پاڪستان جون موجوده سياسي پارٽيون

پاڪستان ۾ موجوده سياسي پارٽيون، سواءِ ”جيئي سنڌ“ ۽ ”خدائي خدمتگار“ جي، سڀ آل پاڪستان جماعتون آهن. اهي بنيادي طرح نظرئي پاڪستان جي آڌار تي نهيل آهن، جنهن ۾ سنڌ ۽ ٻين صوبن جي جداگانہ حيثيت جو انڪار ڪيل آهي. انهن ۾ سنڌي قوم پرست جو داخل ٿيڻ، سنڌ جي موت جي وارنٽ تي صحيح ڪرڻ جي برابر آهي.

(16) حڪومت جي پاليسي

سنڌين کي هر حڪومت جي پاليسي پرکڻ لاءِ ڪي ڪسوٽيون مقرر ڪري، ان مطابق فيصلو ڪرڻو پوندو. منهنجي نظر ۾ هيٺيون ڳالهيون آهن، جن جي آڌار تي اوهان حڪومتن جي پاليسيءَ بابت راءِ ظاهر ڪري سگھو ٿا:

(i) نظرئي پاڪستان ۾ اعتماد رکندڙ حڪومت، سنڌين کي ڪڏهين بہ فائدو پهچائي نہ سگهندي.
(ii) مضبوط مرڪز ۾ اعتماد رکندڙ حڪومت سنڌ جي دشمن ٿيندي.
(iii) اسلامي آئين يا اسلامي نظام حڪومت ۾ مڃيندڙ سرڪار سنڌ لاءِ هاڃيڪار ٿيندي.
(iv) اصولن تي هلڻ جي بجاءِ اقتدار جي قيام کي ترجيح ڏيندڙ حاڪم سنڌ جا خيرخواه ٿي نٿا سگهن.
(v) سنڌين جي جداگانہ قوم ۽ سنڌو ديش جي آزاديءَ جي اصولن کان انڪار ڪندڙ حڪومت، سنڌ دشمن شمار ڪري سگهجي ٿي.

(17) سنڌين لاءِ مفيد خارجہ پاليسي

ٻاهرين ملڪن مان آمريڪا اسرائيل تان ٻار جهڪو ڪرائڻ خاطر پاڪستان کي ڀارت سان ويڙهائڻ گهري ٿي. آمريڪا هٿيارن جي نيڪال لاءِ جنگجويانہ پاليسيءَ جي حامي آهي. آمريڪا روس جي دشمنيءَ خاطر پاڪستان جي مهاجر پنجابي مستقل مفاد تسلط قائم رکڻ جي حامي آهي. چين، ڀارت جي طاقت کي ايشيا ۾ ڪمزور ڪرڻ لاءِ، ڀارت دشمني اختيار ڪئي آهي. انهيءَ ڪري پاڪستان جي معاملي ۾ اهو آمريڪا جي پوئلڳي ۾ هلي ٿو. تنهن ڪري سنڌين لاءِ ڪنهن بہ حڪومت جي آمريڪا ۽ چين سان دوستي، سنڌي حقوق لاءِ نقصانڪار ٿيندي. ڀارت، روس، افغانستان، ايران ۽ عرب ملڪن سان دوستي سنڌي مفاد وٽان آهي.

(18) پئن اسلامزم

هيءُ نِظريو فرسودو ۽ بيڪار بنجي چڪو آهي. آئيندي مختلف ملڪن سان تعلقات سيڪيولر بنيادن تي پيدا ڪرڻ گهرجن. انهيءَ نظرئي ۾ اعتماد رکڻ سان، اڻ سڌيءَ طرح سنڌين کي مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراج ۽ انهن جي مددگار آمريڪا ۽ چين سامراجين جي سازشن ۾ ڦاسائڻ جي برابر ٿيندو.

(19) سياسي اخلاق

سياست ۾ جھڙيءَ طرح اصول مقرر ڪرڻ ضروري آھن، اھڙيءَ طرح اصولن تي عمل ڪرڻ بہ لازمي آھي. جي ماڻھو شخصي اخلاق برقرار رکي نٿا سگھن، انھن کان اصولي يا سياسي اميد رکڻ، ٻيرن کان بير گھرڻ جي برابر آھي. ابن الوقتي ۽ ڦرٽي گھرٽي پاليسي عارضي طور ڪن شخصن کي وقتي فائدو ڏئي سگھي ٿي، ليڪن اھڙي پاليسي قومن ۽ ملڪن جي ديرپا مفاد لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيندي.

(20) ذھني قابليت ۽ صلاحيت

ڪي بہ افراد، گروھ يا قومون حڪومت ھلائڻ جون اھل ٿي نہ سگھنديون، جيڪڏھن انھن ۾ ذھني صلاحيت پيدا نہ ٿي آھي. انھيءَ کان سواءِ حاصل ڪيل اقتدار پاڻيءَ جي ڦوٽي جي مثل آھي، جو ھوا جي جھوٽي سان ختم ٿي سگھي ٿو. تنھن ڪري جيڪڏھن اوھان پنھنجي ملڪ جا وارث ٿيڻ گھرو ٿا، تہ سياسي اخلاق ۽ ذھني صلاحيت جا حامل ٿيو.

(21) سياستدانن جا قسم

ھڪڙا پرئڪٽيڪل پاليٽيشن آھن، جي سياست عمليءَ ۾ اعتماد رکندي، عارضي ڪاميابيءَ يا اقتدار جي حصول لاءِ اصولن کي قربان ڪن ٿا. ٻيا آئڊيلسٽ سياستدانن آھن، جي ملڪ ۽ قوم جي مجموعي مفاد لاءِ ڪي اصول مقرر ڪري، ان مطابق ھلن ٿا ۽ ٻين کي ان تي ھلڻ جي ترغيب ڏين ٿا. انھن وٽ عارضي ڪاميابي يا اصولن کي قربان ڪرڻ بعد اقتدار جو قيام بي معنيٰ شيون آھن.

اھي ۽ ٻيا اھڙا سوال آھن، جن بابت اوھان کي ذھن صاف ڪرڻا پوندا. بجاءِ ان جي جو اوھان ٻاھر نڪري حڪومت جي پاليسيءَ يا ڪن پارٽين جي فائدي يا مخالفت لاءِ ڪم ڪريو. بھتر ائين آھي تہ شاگرد برادريءَ جي ذھنن صاف ڪرڻ واسطي، سندن تعليم ۽ ترغيب لاءِ وقت صرف ڪيو. اوھان کي دعوت ڏجي ٿي تہ 12 شاگردن جا گروپ ھفتي کن لاءِ موڪل وني، ملڪي مسئلن، سياسي نظرين ۽ اخلاقي

ڳالھين جي وچ ۾ تميز حاصل ڪرڻ لاءِ مون وٽ سن ۾ اچي، ڪچھري ڪري، تربيت حاصل ڪريو. (تقرير پوري ٿي.)

جمھوري طرز حڪومت ۾ جماعت سازي ۽ آزاد راءِ جو اظھار عوام جو بنيادي حق ٿئي ٿو. ايتري قدر جو ماڻھو مذھب بدلائي، ته ان کي به منع نه ھجي، ليڪن ھتي پاڪستان ۾ مھاجر پنجابي مستقل مفاد اھا حالت بنائي آھي، جو جيڪڏھن ڪو ماڻھو بنا تشدد جي صرف پنھنجي آزادانه سياسي راءِ جو اظھار ڪري ٿو جا پاڪستان جي حڪمران طبقي جي راءِ جي خلاف آھي، ته ان کي نه صرف روڪيو وڃي ٿو پر سزائون ڏنيون وڃن ٿيون. انھيءَ ڪري مون کي اڄ تائين صرف اظھار راءِ جي ڪري نظربند رکيو ويو آھي. پٽو صاحب سنڌي ھئڻ جي باوجود، ايتري طاقت نٿو ساري سگھي ته مون کي آزاد ڪري سگھي، ڇاڪاڻ ته ھو سمجھي ٿو ته سنڌس اقتدار مھاجر پنجابي سامراج جي آڌار تي قائم آھي.

پٽي صاحب پاس ڪرايل آئين جي آڌار تي ٻاھرين ناٽي جي متاستا ۽ سنڌ طرفان ڪمايل پيسي، سنڌ مان شين جي واپار سنڌ ۾ ڪمايل پيسي جي سيڙائپ لاءِ بئنڪن، سنڌ اندر ريلوي، پوسٽ، ٽيليگراف، ريڊئي ۽ ٽيليويزن، سنڌ اندر ڪاٽين ۽ اقتصادي ادارن کي مرڪزي حڪومت جي حوالي ڪري، انھيءَ مان حاصل ٿيندڙ فائدن کان سنڌ کي محروم رکيو آھي.

انھيءَ آئين جي آڌار تي بچاءُ جو کاتو مرڪزي حڪومت جي حوالي ۾ رھڻ وارو آھي. آئيندي حڪومت جي واڳ تعداد ۾ زياده ھئڻ ڪري پنجابين جي حوالي رھڻ واري آھي. جنھن صورت ۾ لشڪر اڳي ئي پنجابين کان سان پريو پيو آھي، تنھن ڪري ان ۾ سنڌين کي حصي ملڻ جي ڪا به اميد رکي نٿي سگھجي. بلڪ جڏھن به سنڌين طرفان سندن حقن جي لاءِ ڪا به گھر ڪئي ويندي، ته فوجي طاقت جو استعمال ڪري، ان کي بيڪار بنايو ويندو. اڳي به انھيءَ فوجي طاقت جي آڌار تي ملڪ سان ڪيترا ڀيرا مارشل لا لاڳو ڪري حڪومت ھلائي ويئي آھي. ھن آئين ھوندي، اھڙين حالتن کي وري سرزد ٿيڻ

ڪان روڪڻ لاءِ انتظام ٿيل نہ آهي. انهيءَ آئين جي آڌار تي ملڪ جا خارجہ معاملات مرڪزي حڪومت تي مهاجر پنجابي سامراجين جو قبضو رهيو آهي ۽ آئين مطابق آئيندي بہ رهڻ جو بندوبست ٿيل آهي، ان ڪري ملڪ جا خارجي معاملا اهڙيءَ طرح مرتب ٿيڻ جو امڪان آهي، جو اهي هيٺين پاليسيءَ مطابق هلايا وڃن:

(الف) ملڪ کي آمريڪن سامراج مفاد بنياد تي ٿيل عهدنامن ۾ ڦاٿل رکيو وڃي. .

(ب) ڀارت، افغانستان ۽ روس جي ملڪن سان مخاصمت جي پاليسي قائم رکي وڃي.

(ت) مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي سامراج کي، ملڪ تي قائم رکڻ لاءِ لشڪر وڌائي، ملڪ جو اڪيچار پيسو خرچ ڪيو وڃي.

(ث) انهيءَ خرچ جو گهڻو حصو سنڌ جي ٽيڪسن مان وصول ڪري، سنڌ جي ترقيءَ ۽ تعمير جي ڪمن ۾ رڪاوٽ وڌي وڃي.

(ج) ٻاهرئين واپار مان جا زرمبادلہ وصول ٿيڻ واري آهي، ان جو گهڻو حصو سنڌ کان ٻاهر خرچ ڪيو وڃي، باوجود ان جي جو اهڙي زرمبادلہ جي گهڻي رقم سنڌ جي ڪارخانن مان تيار ڪيل ۽ سنڌ جي زراعت ما پيدا ٿيل شين کي ٻاهر موڪلڻ ڪري حاصل ٿئي ٿو.

(ح) ٻاهرين سفارتن ۾ 98 سيڪڙو غير سنڌين جي هئڻ ڪري، دنيا کي سنڌ جي جداگانہ قوم، ملڪ ۽ ان سان ٿيل مظالم ڪان بي خبر رکيو وڃي ٿو بلڪ نظرئي پاڪستان ۽ پاڪستان جي يڪجهتيءَ وغيره جي آڌار تي سنڌين جي راهہ ۾ رنڊڪ وڌي وڃي ٿي.

(خ) اهي سفارتخانا پاڪستاني نظرئي کي زور وٺائڻ لاءِ مذهب جي نالي ۾ مسلم ملڪن کي گمراهہ ڪري، مڪاني صوبن جي آزاديءَ جي تحريڪ ڪان بي خبر رکن ٿا. اها پروپيگنڊا ايتري قدر هلائي وئي هئي، جو بنگلاديش جي آزاديءَ واريءَ تحريڪ وقت مسلم ملڪن جي اڪثريت، پاڪستان جي مهاجر پنجابي سامراج جي سنڌ، بلوچستان، پختونستان ۽ بنگلاديش تي تسلط قائم رهڻ جي حمايت ڪئي. جڏهن تہ ان ڪري 30 لک بينگالي

قتل ٿيا. لڪين زالن جي عصمت دري ٿي رهي هئي ۽ اربها روپين جو نقصان ۽ تباهي ٿي رهي هئي.

(د) خارجه معاملات جي ڪاتو مرڪزي سرڪار جي ماتحت هئڻ ڪري دنيا ۾ مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو مبلغ ٿي ڪم ڪري ٿو ۽ اهڙيءَ طرح دنيا کي پاڪستان جي جدا قومن جي حقيقتن کان بي خبر رکي، سندن استحصال کان آزاديءَ جي تحريڪن سان عالمي همدرديءَ جي پيدا ٿيڻ ۾ رنڊڪ وجهي ٿو.

(ذ) خارجه معاملات جو ڪاتو مهاجر پنجابي مستقل مفاد پاليسي مطابق هلي، پاڪستان جي خارجه پاليسيءَ کي روس، ڀارت ۽ افغانستان کان خطري جي نالي ۾ آمريڪن بلاڪ جي جنگي عهدنامن ۾ ڦاسائي، هٿيار هٿ ڪري، لشڪر وڌائي، ڀارت سان ٿن جنگين جو ڪارڻ بنيو آهي. انهيءَ ڪري سنڌ جي ترقيءَ ۽ تعمير ۾ خاص طرح ۽ بلوچستان ۽ پختونستان جي ترقيءَ ۾ عام طرح رڪاوٽ پئجي ويئي آهي.

(ر) پاڪستان جي قيام کان وٺي اڄ تائين انهيءَ ڪاتي جي چارج ۾ اڪثري اهي ماڻهو رکيا ويا آهن، جي آمريڪن يا برٽش سامراج جا ايجنٽ هئا. جن انهيءَ ڪاتي جي پاليسي ٻاهرين سامراجي حڪومتن جي مفاد خاطر سندن اشاري تي پئي هلائي آهي. انهن مان مکيه لياقت علي خان، چوڌري ظفرالله خان، ڀٽو ۽ عزيز احمد خان آهن.

ڪرنسي مرڪزي حڪومت جي حوالي هئڻ ڪري، انهيءَ کي مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي لاءِ اهڙيءَ طرح هلايو ويجي ٿو جو ملڪ کي فائدي بدران نقصان پهچي ٿو.

(الف) نوٽن تي جناح صاحب جي فوٽوءَ ڇاپڻ ڪري مهاجر پنجابي سامراج جي سرپرست جي پروپيگنڊا ٿئي ٿي، جنهن مان سنڌ دشمن جي همت افزائي ٿئي ٿي.

(ب) انهيءَ ڪاتي جي چارج مهاجر پنجابي سامراجي نمائندن جي هٿن ۾ هئڻ ڪري، غلط خارجه پاليسيءَ ۽ فوجي خرچ ۾ واڌاري ڪري گهڻا نوٽ ڇپايا وڃن ٿا. جي افراطزر ۽ مهانگائيءَ جو باعث بڻجن ٿا.

(ت) ان ڪري پاڪستاني روپئي جي قيمت ڏارين ملڪن ۾ گهٽيجو ويچي.

انهيءَ آئين جي آڌار تي مرڪزي حڪومت سدائين مهاجر پنجابي سامراجين جي هٿ ۾ رهڻ واري آهي. جيڪڏهن اهي ڪن سياسي مصلحتن خاطر صدر يا وزيراعظم ڪن سنڌين کي ڪٺي رکن، تہ بہ اڪثريت سندن هئڻ ڪري، اهي سندن محتاج ٿي اها پاليسي هلائيندا، جا سندن آقائن جي مرضي مطابق هوندي. جهڙيءَ طرح جناح صاحب هلائي ٿي، يا هن وقت يٽو صاحب هلائي رهيو آهي. غيرتمند سنڌي سندن هٿن هيٺ اهڙو عهدو وٺندو ئي ڪونہ. جيڪي وٺندا، سي انهن جي حڪم هيٺ هلي ڪم ڪندا ايندا.

انهيءَ آئين جي آڌار تي سياست ۽ مذهب کي گڏ ڪري سنڌين کي هيٺيان نقصان پهچايا ويا آهن:

(الف) سنڌين جي جداگانہ قومي وجود کان انڪار ڪري، انهن کي اقليت بنائي، سندن هزارها سالن جي تاريخ کي متائڻ واري دستاويز تي صحيح ڪئي ويئي آهي.

(ب) انهيءَ آئين ڪري سنڌ جي جدا جاگرافيائي حيثيت کي ختم ڪري، ان کي هڪ خود ساختہ نظرئي مهاجر پنجابي سامراجي سلطنت جي صوبي ۾ تبديل ڪيو ويو آهي.

(ت) انهيءَ ڪري ملڪي سياست کي حقيقتن کان علحده ڪري، مذهب جي بنياد تي رکي، سنڌ جي تعمير ۽ ترقيءَ جي راهہ ۾ رنڊڪ وڌي ويئي آهي.

(ث) ملڪي نظام کي مذهب جي نالي هيٺ فسطائي طرز جو بنائي، قوم پرست قوتن کي ڪمزور ڪيو ويو آهي.

(ج) هن آئين ذريعي مذهب جي نالي ۾ جمهوري قدرن کي ختم ڪرڻ لاءِ هيٺيان ڪم ڪيا ويا آهن.

(i) سنڌين جي سياسي آزاديءَ، اقتصادي خوشحاليءَ ۽ ڪلچرل ترقيءَ ۽ بين حقن جي حفاظت جي سوالن کي پاڪستان مسلم قوم ۽ اسلام جي نالي ۾ رد ڪري، انهن تي پابنديون وڌيون وڃن ٿيون.

(ii) سنڌ جي حقن جي حفاظت لاءِ هر گهر کي انتشارپسندي، پاڪستان دشمني، مذهبي انحرافي ۽ دهريت نهرائي، ان جي اظهار ڪندڙن کي سزائون ڏنيون وڃن ٿيون.

انهيءَ آئين جي آڏار تي پير واري ملڪ سان تعلقات درست ڪرڻ تي رنڊڪ پوي ٿي، ڇاڪاڻ تہ پارت جي سياست سيڪيولرزم قوم پرستيءَ، جمهوريت ۽ سوشلزم جي بنياد تي هلائي وڃي ٿي. پاڪستان جي آئين کي اسلامي آئين سڏڻ ڪري، سيڪيولر طرز حڪومت جي مخالفت ٿئي ٿي. پاڪستان ۾ اڪثر ڳالهيون مذهب جي روح خلاف رهيون آهن. پوءِ بہ انهيءَ کي اسلامي ريپبلڪ سڏڻ مان هيٺيان مقصد معلوم ٿين ٿا:

(الف) مذهب جي بچاءَ جي نالي ۾ پارت دشمنيءَ جو جذبو قائم رکي فوج کي وڌائڻ لاءِ جواز پيدا ٿئي ٿو.

(ب) لشڪر وڌائڻ ڪري اهل پنجاب کي اقتصادي نفعو هڪ طرف حاصل ٿئي ٿو تہ ٻئي طرف ننڍن صوبن خاص ڪري سنڌ کي ڪالوني ڪري هلائڻ لاءِ طاقت حاصل ٿئي ٿي. لشڪر وڌائڻ لاءِ ڌارين حڪومتن کان روس خلاف محاذ لاءِ مدد ملي ٿي. لشڪر وڌائڻ جي ضرورت يا مقصد جمهوري ۽ قوم پرست قوتن کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ اهل پنجاب جي هٿ ۾ هڪ وڏي اوزار جو ڪم ڏئي ٿو.

(ت) مذهب جي نالي ۾ عوام کي بيوقوف بنائي، عوام جو حقيقي مسئلن کان توجهہ هٽائي، مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو تسلط ملڪ تي قائم رکيو وڃي ٿو.

(ث) مذهب جي آڙ ۾ مسلمانن کي جدا قوم تسليم ڪري، سنڌي، بلوچ، پختون ۽ پنجابي قومن کي ختم ڪري، مهاجر پنجابي سامراج جي ماتحت رکڻ لاءِ جواز پيدا ڪيو وڃي ٿو.

(ج) مذهب جي نالي ۾ پاڻ کي اشتراڪيت جو مخالف شمار ڪرڻ جو بهانو بنايو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح مهاجر پنجابي مستقل مفاد کي شاهوڪار ۽ طاقتور بنجڻ جو موقعو ملي ٿو.

(ح) مذهب جي آڌار تي سياست ملڪ کي عقل جي عيوض جذباتي بنيادن تي، مذهبي مهندارن جي مدد سان چالاڪ سياستدانن هلائين ٿا.

جنهن صورت ۾ هيءُ آئين قومپرستيءَ جي بہ مخالفت ۽ جمهوريت جي بہ مخالفت ۾ آهي. دنيا ۾ هن وقت اسرائيل کان سواءِ ڪو بہ ملڪ نہ آهي، جنهن ۾ قومپرستيءَ جو مدار مذهبي عقيدن تي رکيل هجي. اسرائيل هڪ مستقل مفاد جي حڪومت آهي، جنهن جو آڌار آمريڪي سامراج تي آهي. اهڙيءَ طرح مهاجر پنجابي مستقل مفاد پڻ پنهنجي سامراج قائم رکڻ لاءِ آمريڪن سامراج جي پيروسي تي هلي ٿو. پاڪستان جو آئين هيٺ ذڪر ڪيل اصولن جي خلاف آهي.

جمهوريت جديد قومپرستيءَ جي پيداوار آهي، ليڪن هي آئين اهڙيءَ خودساختہ قوم جي بنياد تي بنايو ويو آهي، جنهن جو وجود دنيا ۾ ڪٿي بہ نہ آهي. اسرائيل ننڍو ملڪ آهي، ان ۾ گهڻو ڪري هڪ مذهب جا پوئلڳ رهن ٿا، سندن ٻولي بہ ساڳي آهي. ليڪن پاڪستان ان جي مقابلي ۾ وڏو ملڪ، چئن جدا قومن، زبانن ۽ وطن تي مشتمل آهي. ان جي سيني ملڪن ۽ قومن کي زوريءَ هڪ سامراجي قوم جي نموني تي بدلائڻ، غلط ۽ مشڪل مسئلو آهي. پاڪستان کي مهاجر پنجابي سامراج سڏي سگهجي ٿو. ليڪن ان کي قومي ۽ جمهوري ملڪ سڏڻ غلط آهي.

جمهوريت ۾ فردن ۽ قومن جي بنيادي حقن جي حفاظت ڪئي وڃي ٿي، پر هن فسطائي حڪومت ۾ نہ صرف سنڌين جي جدا قومي وجود ۽ حقن کان انڪار ڪيل آهي، پر ماڻهن کي شخصي حقن جي آزادي بہ نہ آهي. هن وقت سنڌي قومپرستن کي اِظهار راءِ ۽ جماعت بنديءَ جي آزادي بہ نہ آهي. بنا ڪيس هلائڻ جي ڪين جيلن ۾ موڪلڻ عام ڳالهہ ٿي پيئي آهي. حڪمران طبقو ماڻهن جي جان ۽ مال جي حفاظت ڪرڻ جي عيوض مورڳو مخالفن کي مارائي، ملڪيت ڦري ۽ انهن جون طرح طرح جون بيعزتيون ڪري ٿو. اهو هيءُ ئي ملڪ آهي، جتي مخالفن کي جيل ۾ موڪلڻ سان گڏ انهن جي منهن تي ڪرفتي مڪائڻ، پيشاب پيارڻ، ساڻن غيرانساني هلتن هلڻ ۽ جيلن مان پوليس

هتان ماڻهن کي ڪڍائي، ٻاهر نيئي، مارائڻ جا ڪم ڪيا ويا آهن. مخالفن جي اناج ۽ ڍڳين جا ڪرا ۽ ملڪيتون ڇاڙتن هتان ڦرائي، انهن جي داد رسيءَ کان جواب ڏنو ويو آهي.

هن ملڪ ۾ قانون جي ڪا بہ عزت نہ رهي آهي. حڪمران پارٽيءَ جا ڪارڪن انتظامي يا عدالتي آفيسرن کي دٻائي، ڪانئن ناجائز ڪم ڪرائين ٿا. حڪومت طرفان عدالتي معاملن ۾ دست اندازي ڪري، ججن يا ماجسٽريٽن کي هيسائي يا لالچون ڏيئي، پنهنجي مرضيءَ مطابق فيصلا ورتا وڃن ٿا. جن ججن يا ماجسٽريٽن حڪمران طبقي جي مرضيءَ خلاف فيصلا ڪيا آهن، انهن کي يا نوڪريءَ کان نيڪالي ڏني وئي آهي، يا بي عزت ڪيو ويو آهي. يا ڊي. پي. آر هيٺ جيل ۾ موڪليو ويو آهي. وزيرن جي شخصي يا سياسي مخالفن کي جيل ۾ وجهڻ بعد جيڪڏهن ڪي مٿيون ڪورٽون ضامن ڏين ٿيون (ڇاڪاڻ تہ هيٺين ڪورٽن کي مجال نہ آهي، تہ حڪمران طبقي طرفان جيل ۾ موڪليل ماڻهن جا ضامن ڪٽن) تہ جيل جي عملدارن کي حڪم آهي تہ انهن کي آزاد نہ ڪن. ان وچ ۾ يا ڪوڙا ڪيس ٺاهي، انهن کي آزاد ٿيڻ کان روڪيو وڃي ٿو. اهڙيءَ حالت ۾ ڪن شاگردن کي 8 مهينن تائين لاڪ اپ ۾ رکيو ويو آهي، ڪيس چالان نٿا ڪيا وڃن. ان ڪري ماڻهن ۾ اهو ويساهہ ويهندو وڃي ٿو تہ پاڪستان حڪومت ۾ انصاف ملڻ ناممڪن آهي. ان جو مدار بي انصافيءَ ظلم ۽ ڏاڍ تي بيٺل آهي. هن حڪومت ۾ مخالفن جي ملڪيتن تي قبضي ڪرائڻ جو دستور عام ٿي ويو آهي، مخالفن جي گهرن، دڪانن ۽ فصلن کي باهيون ڏيارڻ رواجي ڪم ٿي ويو آهي. هتي شخصي ملڪيتن کي سوشلزم جي جذبي هيٺ نہ. پر شخصي دشمنيءَ جي بنياد تي سرڪاري تحويل ۾ رکيو ويو آهي.

هتي پيپلز پارٽيءَ کي ملڪ جي واحد نمائندن جماعت بنائڻ لاءِ ماڻهن کي جيلن ۾ وڌو وڃي ٿو سندن ملڪيتون ڦرايون وڃن ٿيون، مٿن ڪوڙا ڪيس ڪرايا وڃن ٿا. شاهوڪارن ۽ زميندارن کي هيسائي ڪانئن رقمون ڇڏائي، پارٽيءَ جي مضبوطيءَ لاءِ ڪٽب آندو وڃي ٿو.

هتي جي حڪومت جو نالو "اسلامي ريپبلڪ" رکيو ويو آهي، ليڪن ان جي چارج ۾ اهي ماڻهو آهن، جن جو اخلاق تمام ڪريل آهي. زنا، جوا، شرابخوري، ظلم، ڌوڪيبازي، ڪوڙ ڳالهائڻ هنن جا روزمره جا مشغلا آهن.

آئون بنيادي طرح مذهبي ماڻهو آهيان. انهيءَ بنياد تي جڏهن پاڪستان جي تحريڪ ۾ حصو ورتو هوم، تہ ان لاءِ هڪ پوسٽر ڇپي پڌرو ڪيو هوم، جنهن جي نمبر 3 فقري ۾ ڄاڻايل هو تہ "ان اسلامي حڪومت جون واڳون سچن ۽ پرهيزگار مسلمانن جي هٿ ۾ هونديون." ۽ 6 فقري ۾ لکيل هو تہ "جتي جوا، زنا، شرابخوري ۽ وياج خوريءَ جي قانوناً منع هوندي" ليڪن هاڻ ڇا ٿا ڏسون، عين انهن اصولن جي برخلافي ٿي رهي آهي، تہ بہ نالو اسلام جو ورتو وڃي ٿو. جيڪڏهين هن وقت آئون پاڪستان جي مخالفت ڪري رهيو آهيان، تہ ان جو مکيہ ڪارڻ اهو آهي تہ ان جي وجود ڪري، بقول علامہ آءِ. آءِ قاضي، "قرآن پاڪ جي ڏسيل ساري پروگرام جي انحرافي ٿي رهي آهي." موجوده حالتن موجب ان جي رهڻ مان اسلام يا مذهب کي فائدي بدران نقصان پهچي رهيو آهي.

نئين آئين پاس ٿيڻ جي آثار تي ٻين صوبن يا ملڪن مان ماڻهو گهرائي، سنڌ ۾ ڪالونائيز ڪرائڻ لاءِ رستو کوليو ويو آهي، جنهن ڪري آهستي ٿي، اصل سنڌي اقليت ۾ بنجي سگهن ٿا. مهاجر پنجابي مستقل مفاد طرفان سازش اها هلي رهي آهي، سنڌين کي سياسي، اقتصادي ۽ ڪلچرل طور ڪمزور ڪري، آخر ۾ ريڊ انڊين جهڙو بنايو وڃي. پنجابين، پناڻن ۽ ٻهارين جي ڪثير تعداد جي سنڌ ۾ اچڻ، سنڌين جي حالت رحم جوڳي بنائي ڇڏي آهي. پٺي صاحب کي اقتدار ۾ رکڻ جو دلاسو ڏيئي، اهي مفاد هن کان ڪڏهن ڪم وٺي سگهن ٿا. ڀلا جنهن ماڻهوءَ جو اخلاق درست نہ هوندو، ان مان سياسي اخلاق جي ڪهڙي اميد رکي سگهجي ٿي. ڇا اسلام جو اهو چوڻ آهي تہ ڳالهہ هڪڙي ڪريو ۽ عمل ٻيو ڪريو؟

انهيءَ آئين جي بنياد تي خودمختياري حاصل ڪرڻ لاءِ راءِ عامہ منظم ڪرڻ تي بندش پئجي وئي آهي. ازانسواءِ جنهن صورت ۾

ڪوبہ آئين يا قانون ڪثرت راءِ ڪانسواءِ پاس ٿي نہ سگھندو ۽ "هڪ قوم" جي نظرئي مطابق اڪثريت مهاجر پنجابي مستقل مفاد ۽ ان جي ايجنٽ جي رهڻ واري آهي، تنهن ڪري ظاهر اِئين پيو ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ سنڌين لاءِ موجوده غلاميءَ کان نجات صرف پاڪستان کي ختم ڪرڻ ذريعي حاصل ٿي سگھي ٿي.

انهيءَ آئين جي آڌار تي سنڌ جي اقتصادي خوشحاليءَ، ملڪي تعمير ۽ ڪلچرل ترقيءَ جون راهون هيٺين سببن ڪري روڪجي ويون آهن:

(الف) سنڌ جي اقتصاديات تي مٿي ذڪر ڪيل ڳالهين موجب غير سنڌين جو قبضو رهڻ وارو آهي.

(ب) ملڪي تعمير لاءِ گھڻو پيسو پنجاب ۽ مهاجر ايراضين جي فائدي لاءِ خرچ ٿيڻ سبب سنڌ لاءِ ٿورو پيسو وڃي بچندو.

(ت) سنڌ جي زبان کي ريڊئي، ٽيليويزن، سئنيمائن، اخبارن ۽ سرڪاري سرپرستي اردو زبان تي هئڻ ڪري، وڏو نقصان پهچايو وڃي ٿو.

(ث) حڪومت طرفان ڪوشش هلي رهي آهي تہ مهاجر پنجابي ڪلچر کي زور وٺائي، سنڌ جي جداگانہ قومي ڪلچر کي ختم ڪيو وڃي. سنڌ جي قديم روايات، جن ۾ مذهبي رواداري، قومي غيرت، محبت، بقائي باهميءَ جو جذبو مهمان نوازي، ڪم آزاد طبعيت ۽ عدم تشدد جو مادو اچي وڃن ٿا، تن کي حڪمران طبقو پنهنجي پوريءَ طاقت ۽ اثر وسيلي ختم ڪري رهيو آهي.

هي طبقو سنڌ جي مذهبي رواداريءَ جي عيوض مذهبي تعصب ۽ ڪٽرپڻو رائج ڪري، مختلف مذهبن ۽ فرقن جي وچ ۾ نفرت پيدا ڪري رهيو آهي. ملڪ مان قومي غيرت ۽ عصبيت جو مادو مفتود ڪرائي، سنڌين کي بيغيرت بنايو وڃي ٿو. جيئن تہ:

(الف) سنڌي، جي اڳي قومي يا نسلي غيرت يا عصبيت ڪري ڏارين کي سڱ نہ ڏيندا هئا، تن کان حڪمران طبقو لالچ ذريعي سنگ وٺي يا ڏيئي سندن نسل، زبان، رهڻي ڪهڻيءَ، ڪلچر ۽ غيرت کي ختم ڪرائي رهيو آهي.

(ب) سنڌ مان ايجنٽ پيدا ڪري، انهن ذريعي سندن گهرن ۾ اردو زبان ۾ ڳالهائڻ مروج ڪري، سنڌي زبان ۾ ڳالهائڻ، سنڌيت تي فخر ڪرڻ، سنڌي قوم جو فرد سڏائڻ، سنڌ جي سياسي آزاديءَ، اقتصادي خوشحاليءَ ۽ ڪلچرل ترقيءَ جي ڳالهه ڪرڻ کان گهبرائڻ جي عادت وجهي، کين بي غيرت بنائي رهيا آهن.

(ت) اهي ماڻهو جن سنڌ کي ڌارين جي غلاميءَ هيٺ آندو يا ان ۾ مدد ڪئي، تن جا يادگار ملهائڻ يا نعرا هڻڻ سنڌين ۾ مروج ڪري، سنڌي غيرت کي مٽايو ويو. جهڙوڪ:

(i) ابن قاسم، بني اُميه سامراج جي هڪ سپہ سالار جي نالي لائبريريون، رستا، بندر، درسگاهه قائم ڪري، سنڌين کي غاصبن ۽ ظالمن لاءِ سندن دل ۾ عزت پيدا ڪرائي، بيغيرت بنايو ويو.

(ii) جناح صاحب، جنهن مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي سامراج ۽ ذاتي اقتدار جي حصول لاءِ سنڌ کين سپرد ڪئي، ان کي قائداعظم جي لقب سان سڏڻ، قبو اڏي، رستن، درسگاهن، اسپتالن، محلن، مارڪيٽن وغيره تي سندس نالا رکڻ سان سنڌين ۾ اهو احساس پيدا ڪرايو ويو ته هر غدار جي عزت ٿئي ٿي.

(3) ڀٽو صاحب، جنهن سنڌ کي مهاجر پنجابي غلاميءَ ۾ ڏيئي، سنڌ سان وڏي غداري ڪئي آهي، ان جا نعرا "جيئي ڀٽو" لڳائڻ ۽ کيس قائد عوام لقب ڏيڻ، سنڌين ۾ بيغيرتيءَ جو مادو پکيڙڻ جي برابر آهي.

سنڌي سندن درويشن ۽ سنتن کان پريم ۽ محبت جو سبق سکيل هئا. پاڪستان جي قيام بعد انهن ۾ مذهبي تعصب، نفرت ۽ نفاق جي فضا پيدا ڪئي پيئي وڃي. اڳي مختلف مذهبن جا پيروڪار، مختلف ذاتيون ۽ نسل گڏجي، صلح سانت سان رهندا هئا. هاڻ اها حالت آهي جو مهاجرن ۽ سنڌين، سنڌين ۽ پنجابين، مسلم ليگين ۽ پيپلن، قوم پرستن ۽ فرقي پرستن ۾ نفاق ۽ نفرت ڦهلجي ويئي آهي. حڪمران طبقو ئي انهيءَ ساري معاملي لاءِ جوابدار آهي، ڇاڪاڻ ته سامراجي سندن طاقت، ويڙهائي راڄ ڪرڻ جي آڌار تي ئي رکندا آهن.

هڪ ٻئي سان رلي ملي هلڻ جو جذبو سنڌ ۾ عام جام هو. هتي هندو مسلم ڀائرن وانگر رهندا هئا. مسلمان، هندو درويشن وٽ درس پرائڻ ۾ عيب نہ سمجهندا هئا. شاهہ لطيف جو سامين، يوڳين، نانگن جي تعريف ڪرڻ، ان جو زنده مثال آهي. اهڙيءَ طرح هندو، مسلمان درويشن وٽ وڃي سبق وٺندا هئا ۽ سنڌن درگاهن تي وڃي زيارتون ڪندا هئا. رواداري ۽ بي تعصبي، سنڌين جون عام خاصيتون هيون، ليڪن قيام پاڪستان بعد ان جي حڪمران طبقي اهڙي فضا پيدا ڪئي آهي، جو نہ صرف هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ويڇا وڌي ويا آهن، پر گهر گهر ۾ دشمني پيدا ٿي ويئي آهي. ان ڪري بقائي باهميءَ جو جذبو ختم ٿيندو وڃي، جو قرآن شريف جي حڪم "لڪم دينڪم ولي الدين" پٽاندڙ هو. ان الاهي جذبي کي هن نام نهاد اسلامي سلطنت ۾ ختم ڪيو پيو وڃي.

سنڌين جي قديم روايت اها هوندي هئي، تہ مسڪين ۽ مسافرن کي ڪاڏو ڪارائيندا هئا. يتيمن جي پر گهور لهندا هئا. بيواهن ۽ پيڳلن کي پناهہ ڏيندا هئا. خير خيرات ڪري بکين ۽ دوستن کي ڪارائيندا هئا. ليڪن هن حڪمران طبقي ان جي عيوض اسان کي مسڪين ۽ مسافرن جي عيوض غاصب ۽ ظالم مهاجرن کي ملڪ ۾ جاءِ ڏئي، پاڻ کي ڪٽائڻ ۽ غلام بنائڻ تي زوريءَ رضامند ڪيو آهي. يتيمن جي پرگهور لهڻ بدران ڏارين کي زمينون، ڪارخانا، دوڪان، واپار وغيره ڏيئي، شاهوڪار بنائي، پاڻ کي محتاج بنائڻ سڪاريو آهي. پيڳلن ۽ بيواهن کي پناهہ ڏيڻ عيوض ڪامورن، حاڪمن، غاصبن ۽ غدارن جي خوشامد ڪرڻ تي گهر لٽائڻ سيکاريو آهي. ۽ خير خيرات جي عيوض مهاجر پنجابي سامراج جي تحريڪن لاءِ ملڪ جو پيسو ضايع ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو آهي.

سنڌي سنڌن بزرگن جي تعليم سبب ڪم ضرر ۽ صلح سانت ۾ رهڻ وارا ماڻهو هئا. هاڻ نوان آيل ماڻهو انهن جي انهيءَ صفت مان ناجائز فائدو وٺي، هنن کي دٻائي، هيسائي، ڪين جاهل ۽ هندن جا غلام، بزدل، انتشار پسند، علائقي تعصب رکندڙ ۽ اسلام دشمن جا لقب ڏيئي، کين زوريءَ غلام رکڻ چاهين ٿا.

قديم زماني کان وني ملڪ جي آبهوا، درويشن جي صحبت ۽ تعليم، سنڌين کي اهنسا جو عادي بنايو هو. هنن جي چوڻ هو تہ. "اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي." انهيءَ ڪري سنڌين بہ نہ ڪنهن ٻئي ملڪ تي حملو ڪيو نہ ڪنهن کي آزاريو، نہ ڪنهن جو استحصال ڪيو. ليڪن هاڻوڪو حڪمران طبقو سنڌن انهيءَ صفت کي ڪمزوري ۽ بزدلي تصور ڪندي، سنڌن اقتصادي استحصال ڪري ٿو. سنڌن ڪلچر ۽ زبان کي ختم ڪرڻ ۽ کين ويڙهائي، زوريءَ راڄ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

هاڻ سنڌي وڏيري جي اها حالت ٿي آهي، جو زميندار ۽ پير راڄن سان ظلم ڪري، کين ڦري، پٽ تي ويهاري بي عزتو ڪن ٿا. پر ساڳئي وقت مهاجر پنجابين جي غلاميءَ، زبان ۽ پوئلڳي تي فخر ڪرڻ لڳن ٿا. ايتري قدر جو سنڌ جا مکيہ وڏيرا سنگ ڏيئي، انهيءَ ٻاهران آيل طبقي جي رضامندي حاصل ڪن ٿا.

انهيءَ نئين پاس ڪرايل آئين جي آڌار تي پنجابي قوم جو سنڌين تي سامراج قائم ٿئي ٿو. جنهن صورت ۾ اڪثر اهل پنجاب زبان، مذهبي عقيدن، سياسي نظرين وغيره موجب مهاجرن جو پوئلڳ آهي، ان ڪري سنڌي مورڳو غلام ابن غلام بنجيو پون. تازو لساني فسادن وقت سنڌ اسيمبليءَ ۾ پيپلز پارٽيءَ طرفان ٻوليءَ جي بل پاس ڪرائڻ بعد، جڏهن مهاجرن طرفان فساد شروع ٿا، تہ پنجابين مهاجرن طرفان پنٽي تي بار وڌو ۽ هو پنهنجي گادي بچائڻ خاطر وڃي پناهگيرن جي پيرن تي ڪريو.

انهيءَ آئين جي آڌار تي ملڪ جي سياست جو مدار تشدد تي رکي، هڪ قوم، هڪ پارٽيءَ ۽ هڪ ليڊر جي نالي ۾ هزارن ورهين جي جدا قومن، ملڪن ۽ مختلف سياسي نظرين ۽ پارٽين کي فسطائي اصول موجب پائمال ڪري، مهاجر پنجابي غلاميءَ تي مانوس ڪيو وڃي ٿو.

پاڪستان بنائڻ ۾ جناح جو وڏو هٿ هو. هو سنڌي هو، ليڪن اقتدار جي حصول خاطر هن اصول ڦٽا ڪري، مهاجر پنجابي سامراج جو ايجنٽ ٿي، سنڌين کي جي اڪيچار نقصان پهچايا.

انهن جو ذڪر اڳي ڪيل آهي. يٽو صاحب بہ سنڌي آهي، پر پنهنجي اقتدار جي حصول ۽ قيام لاءِ هيءُ مهاجر پنجابي سامراج جو "شو بواءِ" تي، اهي ڪم ڪري رهيو آهي، جيڪي سنڌ جي تباهيءَ جو باعث بنجن ٿا. هن وقت هو مهاجر پنجابي سامراجين جي رضامنديءَ خاطر سندس حڪومت جي پاليسي هيٺين بنيادن تي هلائي رهيو آهي.

(1) پاڪستان ۾ شامل ٿيل باقي چئن قومن کي هو زوريءَ هڪ قوم بنائڻ چاهي ٿو.

(2) انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ سندس پارٽيءَ کي طاقتور ڪري، بين پارٽين کي ختم ڪري، ملڪ ۾ فسطائي طريقي موجب هڪ پارٽيءَ جو راڄ قائم ڪرڻ چاهي ٿو.

(3) پاڻ کي ملڪ جي سيني معاملات ۾ پوري اختيار جو صاحب بنائي، ساري ملڪي سياست تي غالب رهي، آمرانہ حڪومت هلائڻ چاهي ٿو.

سنڌ بابت تہ هي سمجهي ٿو تہ اُتي جا ماڻهو سندس خريد ڪيل ۽ مائٽاڻي ورثي ۾ مليل آهن، تنهن ڪري پنهنجي ذاتي اقتدار قائم رکڻ لاءِ انهن کي مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي فائدي لاءِ هلائي، تہ ان لاءِ هن کان ڪو پڇڻ وارو ڪونہ ٿيندو.

هن انهن مقصدن جي حصول لاءِ پهرين ساري ملڪ جا دورا ڪري، طرح طرح جي طريقن سان ماڻهن جا ذهن مسخ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر انهن طريقن کي موثر ٿيندي نہ ڏسي، هاڻ آرڊيننس پاس ڪرائي، ملڪ جي ماڻهن کي جدا قومن جي نالي وٺڻ يا انهن متعلق گفتگو ڪرڻ کي ڏوهہ نهرايو اٿس. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ هن سامراجي گروهہ تاريخ مان ڪو سبق نہ پرايو آهي. هزارن ورهين جي فطري ارتقا بعد وجود ۾ آيل قومون ڪي واريءَ جا دڙا نہ آهن، جي آرڊيننس جي بلڊوزر گهمائڻ سان هموار ٿي، هڪ ميدان بنجي وينديون. مختلف قومن جي باهمي تعاون لاءِ قديم وقت کان بہ طريقا استعمال ڪيا ويا آهن:

(1) سامراجي طريقو

جنهن مطابق ماتحت قومن کي زوريءَ هڪ رسيءَ ۾ سلهاڙي هڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي.

(2) باهمي سمجهوتي سان تعاون جو طريقو

جنهن مطابق مختلف قومون کي وفاق، ڪامن ويلٿ، آرگنائزيشن يا ڪنڊومينن جي ذريعي گڏ هلائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي.

پهرئين طريقي کي رومن، عربن، مغلن، ترڪن، روسين، فرينچ ۽ ٻين سامراجين آزمائي ڏٺو ليڪن باوجود طاقتور هئڻ جي، هو نہ گهڻي وقت تائين سامراج قائم رکي سگهيا، نہ وري قومن کي ملائي هڪ ڪري سگهيا. رومن سامراج هيٺ جملي ملڪ ۾ قومون اڄڪلهہ سندن اصلوڪين جدا صورتن تي قائم آهن. رومن سامراج جو وچي نالو رهيو آهي. انگلينڊ، فرانس، جرمني، اٽلي، آسٽريا، ايشيا مائنر، شام، مصر، تونشيا، الجيريا وغيره ملڪ، ڪنهن وقت رومن ايمپائر جي، ماتحت هئا. رومي باوجود صدين تائين مٿن راڄ ڪرڻ جي انهن کي ملائي، دائمي طور هڪ متحد قوم بنائي نہ سگهيا.

عربن جي دور حڪومت بني اميہ سامراج هيٺ هڪ وقت عرب، سنڌ، ايران، افغانستان، ترڪستان، عراق، شام، مصر، طرابلس، موراڪو اسپين وغيره ملڪ شامل هئا. پر باوجود اسلام جهڙي طاقتور مذهب جي حمايت جي، اهو سامراج سيني ملڪن ۾ قومن کي دائمي طور ملائي هڪ ڪري نہ سگهيو ۽ نہ انهن جا جداگانہ وجود ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ترڪي سامراج باوجود خلافت اسلاميءَ جي نالي ۽ پشت پناهيءَ، پئن اسلامزم جي نعري، زبردست ملٽري طاقت جي، مختلف ملڪن ۾ قومن کي متحده قوم بنائي، دائمي طور ماتحت رکي نہ سگهيو. ڪجهہ وقت ڪان پوءِ اول ۾ بلقان رياستون ان ڪان جدا ٿيون. آهستي ٿي طرابلس، مصر، الجيريا، سائپرس، ڪريٽ، عراق ۽ عرب وغيره سڀ ان ڪان جدا ٿيندا ويا. هاڻ اهي ملڪ جدا نالن ۽ قومن سان سڏجن ٿا. ان کي نہ جمال الدين افغانيءَ جي پروپيگنڊا ڪم ڏنو نہ غازي انور پاشا جو مذهبي جذبو بچائي سگهيو. انگريزن سندن جديد

تعليم، هٿيارن، سائنس ۽ طريقہ حڪومت سان دنيا جي ڪيترن ملڪن تي سامراج قائم ڪيو. ايتري قدر جو دنيا ۾ اها ڳالهہ مشهور ٿي ويئي هئي، تہ انگريزن جي سامراج تان سج نٿي لٿو. اها زبردست شهنشاهي هن وقت ڪٿي آهي؟

مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو سامراج بنسبت مٿي ذڪر ڪيل سامراجن جي طاقت ۾ گهٽ گهٽ آهي، پوءِ پتو نٿو پوي تہ هو ڪهڙيءَ طرح جدا زبانن، جدا ڪلچرن، جدا سياسي ۽ اقتصادي مفاد ۽ هزارن ورهين جي تاريخي روايتن جي ملڪن ۽ قومن کي ملائي هڪ ڪري سگهندا!

پاڪستان جي گذريل 26 سالن جي تجربي مان معلوم ٿئي ٿو تہ باوجود زبردست ملٽري طاقت ۽ اسلام جي نالي ۾ ماڻهن کي بيوقوف بنائڻ، اسلامي نظام حڪومت جي دلاسي ۽ ڊوڪي، نظرئي پاڪستان جي پرچار ۽ آمريڪن سامراج جي مدد جي، هن وقت تائين هو ماڻهن کي هڪ ڪري نہ سگهيا آهن.

جناح صاحب نظرئي پاڪستان کي ڦٽو ڪيو. ٻئي صاحب اقتصادي دلاسن ذريعي عارضي ڪاميابي حاصل ڪئي. اقتصادي خوشحاليءَ جو حربو روس وارن بہ آزمايو آهي، ليڪن هو اڃا تائين ان ڪري سوويت حڪومت کي گڏ رکيو اچن ٿا، جو تہ هنن جدا قومن جي وجود ۽ حق خوداراديءَ کي تسليم ڪيو آهي.

هاڻ پاڪستان ۾ مهاجر پنجابي مستقل مفاد، اسلام ۽ سوشلزم جي نالي ۾ ماڻهن کي هڪ ڪرڻ جو تجربو ڪري رهيو آهي. ان لاءِ هنن جناح صاحب، لياقت علي خان، ايوب خان ۽ ٻئي صاحب جهڙن هوشيار ۽ دانشمند ماڻهن جون خدمتون حاصل ڪري ڪم ڪيو آهي، ليڪن اهي سڀ ڪوششون رائگان وينديون. هزارن ورهين جي قدرتي ارتقا موجب نهيل قومن ۽ ملڪن کي جڏهن پيغمبر، درويش ۽ زبردست سامراج ملائي هڪ ڪري نہ سگهيا، تہ هي ملٽري ۽ سول سروس تي مشتمل افراد جو ٽولو ڇا ڪري سگهندو! جيئن اهي سختي ڪري ماڻهن کي ماتحت رکڻ جي ڪوشش ڪندا، تيئن رد عمل ۾ بغاوتون پيدا ٿينديون. انهيءَ پاليسيءَ ڪري بينگال اڳ ۾ وڃائي ويٺا

آهن. بلوچستان ۽ پختونستان ۾ سندن انهيءَ روش جي مخالفت ۾ بغاوتون شروع ٿي ويون آهن. سنڌ ۾ ٻرندڙ جبل وانگر اندران اندران وڃي باهہ دکندي. آخر ڪيترو وقت هڪ ڏوڪي ڪان ٻئي ڏوڪي تائين، انهن کي باز رکندا ايندا. پٽي صاحب کي سمجهائڻ عبث آهي، جو هو مهاجر پنجابي سامراج جي ايجنٽ هئڻ ڪري، اهو ڪري ٿو، جو سندس استاد هن کان ڪرائين ٿا. هو اقتدار جي لالچ تي مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي چوڙ پويان، هر ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندو، تنهن ڪري اسان مهاجر مستقل مفاد جي سامراجي گروهہ جي خدمت ۾ چند عرض ڪندس، ممڪن آهي تہ هو طاقت جي نشي ڪي حال بالائي طاق رکي، انهن سوالن تي غور ڪن:

(1) اوهان ۽ اسان مذهب اسلام سان منسلڪ هئڻ جي دعويٰ ڪريون، جيتوڻيڪ ان جي مذهبي تشريح، سياسي تدبير ۽ طريقيڪار ۾ اختلاف رکون ٿا.

(2) اوهان ۽ اسان پاڪستان جي قيام لاءِ گڏيل ڪوششون ڪيون هيون، پر تجربي ثابت ڪيو آهي تہ اوهان ۽ اسان جون ان بابت مختلف مرادون ۽ مقصد هئا.

(3) هن ڳالهہ کان انڪار ڪرڻ بيجاءِ ٿيندو تہ اوهان مان ڪيترائي ايراني ۽ مغل سامراجن جي انتظامي، علمي ۽ ادبي ماحول سان صدين کان وابستہ هئڻ ڪري، تهذيب ۽ تمدن جي صفات سان ملبوس آهن، ۽ ڪيترن کي واپار ۽ هنرن ۾ مهارت حاصل آهي، ان ڪري اوهان جو وجود ڪنهن بہ معاشري لاءِ باعث عزت ۽ ڪارآمد ثابت ٿي سگهي ٿو.

(4) اوهان کي معلوم هوندو تہ سنڌ جو باشعور قومپرست طبقو اوهان مان هن وقت ناراض آهي. اوهان ڪڏهن ان مسئلي تي غور ڪري ڏٺو اهي تہ ان جو باعث ڪهڙيون ڳالهيون آهن.

(5) اوهان کي پتو آهي يا نہ، 1943ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي آخري اجلاس منعقده ڪراچيءَ ۾، خطبي استقباليہ ۾ مون سرزمين سنڌ جي ماضيءَ جو ذڪر ڪندي، اوهان مان ڪارآمد حضرات کي سنڌ ۾ اچي، سنڌين کي مدد ڪرڻ جي دعوت ڏني هئي.

(6) ممڪن آهي، اوهان مان ڪيترا هن تبديليءَ جو ڪارڻ سمجهي نہ سگهيا هجن. جي نہ، تہ ٻڌو تہ ٻڌايانو:

(الف) اسان اوهان کي مددگار ۽ ساٿي ٿي اچڻ لاءِ دعوت ڏني هئي، نہ اسلام سيڪاريندڙ استحصال ڪندڙ جاهلن کي درست ڪندڙ ۽ نہ اردو زبان اسان تي مڙهڻ لاءِ، ۽ نہ مستقل مفاد سامراجي بنجي، اسان تي حڪومت ڪرڻ لاءِ گهرايو هو.

(ب) اسان تجربي بعد هيٺين ڳالهين کان ناراض ٿيل آهيون:

1. مسلمانن جي جداگانہ قوم جو نظريو.
2. پاڪستان، هڪ ملڪ ۽ قوم ڪري هلائڻ جو نظريو.
3. اسلامي آئين ۽ نظام اسلاميءَ جو ڏوڪو.
4. اردو زبان جي مسلط ڪرڻ جو ارادو.
5. بي تحاشا اقتصادي استحصال جي خواهش.
6. تهذيبي برتريءَ ۽ جداگانہ حيثيت جو جذبو.
7. ممڪن آهي، اوهان مان ڪي اهو سوال پڇن نہ اهي ڪهڙيون ڳالهيون آهن، جن جي اختيار ڪرڻ تي اوهان ۽ سنڌين جو باهمي سمجهوتو ٿي سگهي ٿو. ان لاءِ جيتري قدر مون غور ڪيو آهي، تہ مون کي هيٺيون تجريزون ڪارگر ڏسڻ ۾ آيون آهن:

(i) اوهان مسلمانن جي جدا قوم جي نظرئي کي خيرباد چئي، سنڌي قوم ۾ سمائجي، ان جي زبان ۽ ڪلچر اپنايو.

(ii) اوهان اسان سان ملي، پاڪستان کي ختم ڪرائي، سنڌو ديش قائم ڪرائڻ ۾ مدد ڪرايو.

(iii) گهر ۾ اردو زبان رکي سگهون ٿا. اسڪولن ۾ اردو زبان پڙهي سگهو ٿا. ليڪن سنڌ جي قومي زبان واحد سنڌيءَ کي تسليم ڪرڻ لاءِ رضامند ٿيو.

(iv) اسلامي آئين، اسلامي نظام حڪومت، پئن اسلامزم جون ڳالهيون ڇڏي، سنڌ ۾ سيڪيولر رياست جي قيام لاءِ شريڪ ٿيو.

(v) ڀارت دشمني ڇڏي، ايشيائي اتحاد خاطر ڀارت، بنگلا ديش، سنڌو ديش، افغانستان، ايران ۽ عرب ملڪن کي روحاني قدرن جا ملڪ سمجهي، انهن جي اتحاد سان مغربي تهذيب جي (Vanguard) وئنگارڊ جيش اول روس سان سمجهوتي لاءِ تيار ٿيو.

(vi) سنڌ جي بين الاقوامي تبليغ ۾ ويساھ رکي، ان جي سرانجاميءَ لاءِ اسان سان تعاون ڪريو.

ممڪن آهي، اوهان جنهن ماحول ۾ پليا آهيو يا جيڪو سامراجي غرور ۽ گهمنڊ اوهان جي دماغن ۾ سمايل هجي، تنهن ڪري اسان جي مٿي ذڪر ڪيل تجويزن ڏي توجهه نہ ڪريو ۽ اهي ٺوڪاري ڇڏيو! ان حالت ۾ اوهان کي ٻڌائي ٿو ڇڏيان تہ اوهان ۽ سنڌين جي وچ ۾ سمجهوتو ٿي نہ سگهندو ۽ اوهان کي تاريخ جي ڦهري فيصلي ٻڌڻ لاءِ تيار رهڻو پوندو. هندوستان تہ اڳي ڇڏي آيا آهيو هاڻ بقول جنرل محمد ايوب خان اوهان لاءِ جاءِ پناهہ عربي سمنڊ ئي ٿي سگهي ٿو. ان عذاب کان اوهان کي نہ پيٽي صاحب جي مائٽي بچائي سگهندي، نہ پير صاحب پاڳاري جي خوشامند. نہ اهل پنجاب جي مدد، ۽ نہ مولوي مودوديءَ جي فتويٰ نہ ئي اسلام، سوشلزم، پاڪستان، پٺن اسلامزم جا نعرا ۽ ڏوڪا هاڻ سنڌين تي گهڻو اثر ڪري سگهندا.

ٻڌي ڇڏيو تہ قومپرست سنڌي، ابن قاسم کان راجا ڏاهر کي ترجيح ڏين ٿا. هنن وٽ دادا ڄيٺمل اوهان جي سر سيد احمد خان کان وڌيڪ پيارو آهي. هو شري ڄيرامداس کي لياقت علي خان کان ڪيئي دفعا بهتر ڄاڻن ٿا.

هاڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ اوهان جو انتها پسند گروهہ، پيٽي صاحب جي سندن هر حڪم مڃڻ جي باوجود ڪيس ڪڍي، ملٽري رول آڻڻ جي خواهش ۾ آهي. هنن جي خيال ۾ آهي تہ انهيءَ ذريعي هو پاڪستان جي قومپرست ليڊرن کي ختم ڪرائي، ساري پاڪستان تي سختيءَ سان سندن سامراج مضبوط ڪري سگهندا. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ تاريخ مان هنن سبق نہ ورتو آهي. بنگلاديش جو آزمودو ڪين وسري ويل آهي. پلي اهو بہ آزمودو ڪن. ليڪن نتيجو اهو نڪرندو تہ نہ صرف شوبواءِ ختم ٿي ويندا. پر اهو سارو مهاجر پنجابي مستقل مفاد وارو گروهہ سندن بدڪردارين ڪري پاڪستان سميت ختم ٿي ويندو.

پيٽو صاحب مهاجر پنجابي سامراجي مقاصد جي حصول لاءِ جو بيو قدم کڻي رهيو آهي، سو اهو آهي تہ ساري پاڪستان تي پيپلز

پارٽيءَ کي فسطائي طريقن سان مسلط ڪري، پر اهو بہ سندس قدم ڪامياب نہ ٿيندو.

تاريخ ان جو ثبوت ڏئي ٿي تہ عيسائي مذهب، باوجود سندس راهبن ۽ درويشن جي محنت ۽ مغربي تهذيب سان ملوث ترقي يافتہ ۽ طاقتور حڪومتن جي، ڪرستانن کي هڪ بنائي نہ سگهيو آهي. گذريل بہ مهاڀاريون لڙايون ان لاءِ شاهد آهن. مذهب اسلام ان جي پوئلڳن کي باوجود ان جي برگزيده اصحاب جي جدوجهد، تعليم ۽ تربيت جي هڪ رسيءَ ۾ پوئي نہ سگهيو آهي. هن وقت مسلمان سني، شيعا، وهابي، قادياني وغيره صدها فرقن ۾ ورهيا پيا آهن، جن هڪ ٻين جا رت وهايا آهن. هن وقت بہ مسلمان جدا ملڪن ۾ ورهايل آهن، جي مذهب خاطر هڪ سلطنت ۽ قوم ۾ متحد ٿيڻ لاءِ تيار نہ آهن.

توجو، هلٽر، مسولني وغيره سندن قومن کي فسطائي طريقن سان هڪ بنائي نہ سگهيا. جڏهن مغرب ۽ مشرق ۾ هڪ مذهب جا پوئلڳ، سندن ليڊرن جي ڪوشش جي باوجود جرمني، اٽلي ۽ جپان جي قومن کي هم خيال بنائي نہ سگهيا، تہ هتي سنڌي، پختون، پنجابي، بلوچ ۽ مهاجرن کي باوجود مختلف نظرين، سياسي اقتصادي ۽ ڪلچرل مفاد جي ڀٽي صاحب جو هڪ پارٽيءَ ذريعي زور زبردستي سان متحد ڪرڻ خام خيال آهي.

سنڌي سمجهن ٿا تہ پاڪستان جو وجود ۽ پيپلز پارٽيءَ جون ان جي استحڪام لاءِ ڪوششون، سندن مفاد لاءِ زهر قاتل آهن. ظاهري طرح سان حڪمران طبقو انهن کي دٻائي سگهي ٿو، ليڪن اهو دٻاءُ ديرپا رهي نہ سگهندو. مخالف تحريڪون زير زمين وڃي، نيٺ ٻرندڙ جبل وانگر اوچتو ڦاٽنديون.

جناح صاحب جي ڏينهن ۾ مسلم ليگ پارٽي مذهب جي نالي ۾ نهايت طاقتور ٿي ويئي هئي، ليڪن اڳتي هلي، جڏهن انهيءَ گروه جي لڪل طاقتن مذهب جي جادوءَ کي جهڪو ٿيندو ڏٺو تہ اهي پيپلز پارٽيءَ ذريعي اسلام سان اقتصادي مسئلي کي ڳنڍي، ماڻهن کي بيوقوف بنائي رهيا آهن، ليڪن سندن اهو تجربو بہ ڪامياب ٿيڻ وارو نہ آهي.

پٽو صاحب ڪانئس بين وڏن ڊڪٽيٽرن وانگر ماڻهن جا مجموعا ڏسي، ڏوڪي ۾ اچي، صحيح حقيقتن ڪان بي خبر آهي، ڪيس خبر آهي تہ لياقت علي خان مسلم ليگ جو مکيہ ليڊر ۽ مهاجر مستقل مفاد جو نمائندو هو. ان وقت ملڪ جي ساري سياست مسلم ليگ جي زير اثر هئي، ان تي قبضي هئڻ ڪري، هو ملڪ ۾ نهايت طاقتور شخصيت بنجي ويل هو مهاجر پنجابي مستقل مفاد گروهہ جو بااثر حاڪم هو ليڪن جنهن ڏينهن انهيءَ گروهہ جي هڪ طبقي، هن کي سندن مفاد لاءِ نقصانڪار سمجهيو ۽ ڏٺائون تہ بيو طريقو هن مان جان آزاد ڪرائڻ جو نہ هو تہ هنن بندوق جي هڪ گوليءَ سان هِن جي سارين تجويزن کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو. حالت اها آهي تہ اڄان تائين هن جي خون جا جوابدار هٿ نہ ٿي سگهيا آهن. انهيءَ هڪ ڳالهہ مهاجرن کي انهيءَ گروه ۾ ثانوي حيثيت ڏيئي ڇڏي

اهڙيءَ طرح مهاجرن جي پاڪستان تان اقتدار جهڪي ٿيڻ بعد بينگالين ان تي قبضو ڪرڻ گهريو. ان وقت جي بينگالي نمائندن کي نظرئي پاڪستان ۾ اعتماد هو ليڪن سگهوئي پنجابي گروهہ مهاجر سول سروس ۽ پنجابي ملٽريءَ جي آڏار تي، بينگالين جي نمائندي خواجہ ناظم الدين کي پاڪستان جي نيشنل اسيمبليءَ ۾ باوجود اڪثريت هئڻ ۽ مسلم ليگ پارٽيءَ جي صدر هئڻ جي، لاهي ڇڏيو تہ ان لاءِ ڪجهہ نہ ٿي سگهيو.

پاڪستان جا رهاڪو نہ هڪ قوم آهن ۽ نہ انهن جا مفاد ساڳيا آهن. پٽو صاحب عوام جو نالو وٺي، ڪيترو بہ پاڻ کي ڏوڪي ۾ رکي، تہ هن کي ڪو بہ ڪڏي نٽو سگهي، اهو خيال غلط ۽ بي بنياد آهي. هيءَ پاڻ کي اسلام، جمهوريت ۽ سوشلزم جو علمبردار ظاهر ڪري ٿو پر اهي ٽيئي دعوائون غلط اٿس. اسلام جو نالو لياقت علي خان ورتو پر اهو ڪم نہ آيس. جمهوريت جي آڌار تي خواجہ ناظم الدين طاقت ۾ آيل هو پر ان ڪو فائدو نہ ڏنس. سوشلزم ۽ مذهب تہ آهن ئي متضاد ڳالهيون، تنهن ڪري اهي ٽيئي متضاد ڳالهيون هڪ وقت ڪرڻ بيڪار آهن.

پٽي صاحب کي هيءَ ڳالهہ ذهن ۾ ويهارڻ گهرجي تہ مهاجر

پنجابي مستقل مفاد، جن جي هو نمائندگي ڪري رهيو آهي، تن جا مفاد ۽ پاڪستان ۾ شامل قومن جا مفاد متضاد ۽ منفرد آهن. اها پرواهه نه آهي ته هن مظلوم قومون سندن حمايت ۾ سندن صوبن اندر طاقتور گروهه يا بيروني حمايت حاصل ڪري نه سگهيون آهن. پر ان حقيقت کان انڪار ڪرڻ اجايو ٿيندو ته انهن قوميتن جا وجود ۽ انهن جا مفاد پنهنجي جاءِ تي مستقل طرح موجود آهن. انهن کي مهاجر پنجابي مستقل مفاد گهڻو وقت دٻائي، محڪوم رکي نه سگهندا. خان عبدالوالي خان، عطاء الله خان، خيربخش خان مري ۽ جي ايم سيد کي هيسائي يا ختم ڪرڻ سان هزارن ورهين جي قومي وجود ۽ آزاديءَ کي ختم ڪري نٿو سگهجي.

هر ظلم ۽ دٻاءَ، سندن ردعمل آڻي ٿو. تشدد ۽ فسطائي طريقن سان ڪابه ڳالهه دائمي طرح حاصل ٿي نه سگهندي. تنهن ڪري پيٽي صاحب واري نظرئي پاڪستان جي بنياد تي هڪ پارٽيءَ واري ڪوشش ناڪامياب ٿيندي. اهڙيون ڪوششون جڏهين جرمني، اٽلي ۽ جپان ۾ هڪ قوم هوندي به ڪامياب ٿي نه سگهيون، ته انهن جو گهڻين قومن واري ملڪ پاڪستان ۾ ڪامياب ٿيڻ ناممڪن آهي.

ٽين ڳالهه جا پيٽي صاحب هٿان، مهاجر پنجابي ڪرائڻ گهرن ٿا. ته مغربي پاڪستان کي هڪ پارٽيءَ ۽ هڪ قوم جي آڌار تي مضبوط مرڪزي حڪومت هيٺ آڻين ۽ کيس ملڪ جي هر معاملي ۾ پوري اختيار جو صاحب بنائين، سا ڳالهه به اجائي آهي. اهي مستقل مفاد جن جو هيءُ نمائندو ٿي حڪومت ڪري ٿو تن جي مفاد ۾ آهي ته کيس گهڻو وقت طاقت ۾ رهڻ نه ڏين. پاڪستان جي سموري تاريخ ۾ اهڙن مثالن سان پرپور آهي. جناح صاحب کي ابتدا ۾ عام مسلمانن جي همدردي ۽ جوش شامل راءِ هئا. لياقت علي خان کي طاقتور سول سروس ۽ سرمائيدار طبقي جي حمايت ساڻ هئي. جنرل ايوب خان کي سموري ملٽري طاقت ۽ ڪجهه قدر سول سروس جي همدردي حاصل هئي، پر باوجود ان جي هي مفاد هنن کان پاڪستان کي متحد، مضبوط ۽ يڪجهت ڪرائي نه سگهيا. اهو ڏوهه هنن جي ليڊرشپ جو نه هو پر ملڪ جون تاريخي حالتون ۽ حقيقتون ملڪ جي اهڙي اتحاد ۾ حائل

هيون. پاڪستان مختلف قومن ۽ مفاد تي مشتمل ملڪ آهي، جنهن جو مهاجر پنجابي مستقل مفاد استحصال ڪرڻ چاهي ٿو. انهن قوم جا مفاد ۽ حڪمران طبقي جو مفاد متضاد آهي. انهن ڳالهين هوندي، هن مقصد ۾ ڪنهن جو ڪامياب ٿيڻ ناممڪن آهي. جائيڪ ڀٽو ڀٽي صاحب کي نہ ملٽري مدد حاصل آهي، ۽ نہ سول سروس ان جي پويان آهي. هو هڪ اهڙي صوبي جو نمائندو آهي، جنهن جو عوام ڀٽي پيل آهي. هن کي عارضي طرح ڪارآمد سمجهي، انهيءَ مفاد برسراقتدار آندو آهي، جڏهن هو ڏسندا تہ جنهن ڪم لاءِ هنن کيس اڳتي ڪيو هو سو سرانجام تي نہ ٿو سگهي تہ کيس ڪڍي ڇڏيندا. پاڪستان ۾ دير تائين اهي مستقل مفاد سندن تسلط قائم رکي نہ سگهندا، ڇاڪاڻ تہ حالتون انهن جي مخالف آهن.

ڀٽو صاحب جمهوريت جو حامي نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ جيسيتائين جملي قومن کي جمهوري حق حاصل نہ ٿيا آهن، ان وقت تائين جمهوريت جو نالو وٺڻ، پنجابي اڪثريت جي طرفداري ٿيندي جمهوريت، قوم جي سوال فيصل ڪرڻ کان بي معنيٰ آهي. ڀٽو صاحب، عوام جو نمائندو نہ آهي. عوام ۾ نعري بازيءَ يا شعبده بازيءَ سان عارضي طرح مقبول ٿيڻ ڪا معنيٰ نٿو رکي. عوام جي صحيح نمائندگي تڏهن ٿي سگهي ٿي، جڏهن پاڪستان جي مختلف خطن جي سياسي، اقتصادي ۽ ڪلچرل آزاديءَ، خوشحاليءَ ۽ ترقيءَ جي نمائندگي ڪندو هجي. جنهن صورت ۾ هر خطي جا مفاد متضاد آهن، تنهن حالت ۾ ساڳيو ماڻهو سڀني خطن جي نمائندگي ڪري نٿو سگهي. هن حالت ۾ نہ هي سنڌ جي صحيح نمائندگي ڪري ٿو نہ پنجاب جي، نہ سرحد جي، ۽ نہ بلوچستان جي.

هن کان اڳ آئون پاڪستان جي نهڻ وقت سنڌين جي آسرن ۽ اميدن ۽ انهن جي عيوض کين جي نقصان پهتا آهن، ان جو ذڪر ڪري آيو آهيان. انهيءَ سموري سرگزشت تي نظر ڪرڻ بعد آئون هيٺين نتيجن تي پهتو آهيان:

پاڪستان جن آسرن ۽ اميدن سان قائم ڪرايل هو سي بر ثواب ٿي نہ سگهيون آهن.

پاڪستان مان ننڍين قومن وارن ملڪن، خاص طرح سنڌ کي وڏو نقصان پهتو آهي.

پاڪستان کي مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي سامراج لاءِ قائم ڪرايو ويو هو ۽ انهن جي استحصال لاءِ هلايو پيو وڃي.

پاڪستان جو حڪمران طبقو سندن مفاد خاطر قديم قومن جي وجود کان انڪار ڪري، هڪ خودساخته ملڪ ۽ قوم جي نالي ۾ حڪومت هلائڻ گهري ٿو. جنهن صورت ۾ نه اهو ملڪ ۽ نه اها قوم ڪڏهين تاريخ جي صفحن تي رهي آهي، تنهن ڪري غلط بنيادن تي رکيل تجويز ڪامياب ٿي نه سگهندي.

پاڪستان جو حڪمران طبقو تاريخ جي سبقن کان منهن موڙي هزارين سالن جي قومن ۽ ملڪن کي سندن طبقاتي مفاد لاءِ ختم ڪرڻ گهري ٿو. جيئن ته اها ڳالهه تاريخي حقيقتن جي خلاف آهي، ان ڪري اها ثواب ٿي نه سگهندي.

انهن حالتن کي مدنظر رکي، آئون ان نتيجي تي پهتو آهيان ته پاڪستان جي حالت ان مريض جهڙي آهي، جو گذريل چوويهن سالن کان موت جي بستري تي پيل آهي، هاڻ ان جا خيرخواهه هي چئي رهيا آهن ته، "خدا ڪٽي پنهنجو ڪرم ڪريس"، يعني ماريس ته جند آزاد ٿئي، ان ڪري هاڻ پاڪستان جو بچڻ ناممڪن آهي. هن جا حڪمران عقل کان انڌا ٿي چڪا آهن. هو صلاح مصلحت ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهن.

تنهن ڪري ملڪ جي خيرخواهن جو فرض آهي ته ان کي ٽوڙي، اصل تجويز مطابق کيس آزاد ۽ خودمختيار رياستن ۾ ورهايو وڃي. پوءِ انهن کي آزاد رياستن تي ڇڏجي ته پاڻ ۾ ڪهڙا تعلقات قائم ڪن ٿيون. جيترو وقت انهن کي زوريءَ هڪ مرڪز هيٺ رکبو اوترو انهن جي مستقبل ۾ باهمي تعاون جا امڪان گهٽ ٿيندا.

فصل چوٿون

سنڌوديس جي قيام بعد اُن مان فائدن جي اُميد

آءٌ اڳين فصلن ۾ ڄاڻائي آيو آهيان، تہ سنڌ برصغير هند ۾ تاريخي ارتقا بعد پيدا ٿيل ملڪ آهي. ان جو ماضي شاندار رهيو آهي. ان جي جداگانہ خطي زمين ۾ تاريخي روايات، ڪلچر، زبان، سياسي ۽ اقتصاد مفاد واري قوم رهندڙ آهي. ٻئي طرف، پاڪستان ڪي نہ اڳين تاريخ آهي، نہ انهيءَ نالي وارو اڳي ڪو ملڪ هو. اهو سياسي سازشن ڪري وجود ۾ آيل هڪ عجوبو آهي.

اهو بہ ٻڌائي آيو آهيان تہ پاڪستان جي قيام ڪهڙن آسرن ۽ اميدن جي آڌار تي ڪرايل هو ۽ ڪهڙيءَ طرح اهي خواب پريشان ٿي چڪا آهن، ۽ سنڌ ۾ سنڌي، دنيا جي هڪ بدترين، وطن دشمن، انسان دشمن سامراج جي ڪالوني بڻجي چڪا آهن. تنهن ڪري مجبور ٿي، اسان ڪي سنڌ جي سياسي آزاديءَ، اقتصادي خوشحاليءَ ۽ ڪلچرل ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻي پيئي آهي.

هاڻ سوال اُٿندو تہ سنڌوديش جي قيام لاءِ اسان کي ڪهڙا جوکا ۽ تڪليفون برداشت ڪرڻيون پونديون، ۽ ديش آزاد ٿيڻ بعد ان مان ڪهڙا فائدا حاصل ڪرڻا آهن. جيتري قدر مون غور ڪيو آهي تہ مون کي ائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ آزاديءَ جي حصول لاءِ اسان کي هيٺين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوندو.

1. مهاجر پنجابي مستقل مفاد جا الزام.
2. جيل ۽ سزائون.
3. پنهنجن جون سزائون.
4. جنگ آزاديءَ وقت ٿيل نقصان.
5. آزاديءَ بعد قومي اتحاد ۽ ملڪي ترقي جي راهہ ۾ رڪاوٽون.

پھرين آءٌ مٿي ذڪر ڪيل پنجن مشڪلاتن جو مختصر ذڪر ڪري، پوءِ سنڌ جي آزاديءَ مان ٿيندڙ فائدن جو بيان ڪندس:

مهاجر پنجابي مستقل مفاد جا الزام

شخصن ۽ قومن تي غلبيءَ ۽ تسلط قائم ڪرڻ لاءِ زور زبردستيءَ کان علاوه ذهني غلبي ڪي اوزار طور ڪتب آندو ويجي ٿو. پوئتي پيل جاهل ماڻهن ۽ قومن ڪي هوشيار ماڻهو طبقا ۽ قومون ذهني طرح غلبو حاصل ڪري، هنن جا ذهن بگاڙي ڇڏيندا آهن. سنڌين، بلوچن، پٺاڻن ۽ بينگالين کي، مهاجر پنجابي مستقل مفاد، پهرين مذهب جي نالي ۾ گمراھ ڪري، پاڪستان قائم ڪرايو پوءِ هنن اسلام جي سربلنديءَ، مسلمانن جي اتحاد، نظام اسلامي، پاڪستان جي يڪجهتيءَ ۽ استحڪام جي نالي ۾ عوام جا ذهن سن ڪري، پنهنجي سياسي تسلط، اقتصادي استحصال ۽ ڪلچرل غلبي لاءِ کين رضامند ڪرڻ جو پرچار ڪيو.

انهيءَ سلسلي ۾ هنن هيٺيان نظرياتي ڍوڪا ڪتب آڻي، سنڌين، بلوچن، پٺاڻن ۽ بينگالين کي گمراھ پئي ڪيو آهي. خوشقستيءَ سان بينگالي انهيءَ غلاميءَ مان پاڻ ڇڏائي ويا. باقي ٽي ڏريون بلوچ، پختون ۽ سنڌي اڃا مصيبت ۾ ڦاٿل آهن.

مهاجر پنجابي سامراج جا ڍوڪا

1. پاڪستان جا رهاڪو مذهب جي بنياد تي هڪ قوم هئا.
2. پاڪستان برصغير هند جي مسلمانن جو قومي وطن هو.
3. پاڪستان دنيا جي مسلمانن کي متحد ڪرڻ لاءِ وجود ۾ آندو ويو هو.
4. پاڪستان ۾ اسلامي آئين ۽ نظام رائج ڪري، ان کي هڪ مثالي ملڪ بڻائڻو هو.
5. پاڪستان کي مسلمانن ۽ اسلام جي بچائڻ جو ڪردار ادا ڪرڻو هو.

جيتوڻيڪ انهن پنجن ڍوڪن تي تفصيلي روشنيءَ اڳين فصلن ۾ وڌي ويئي آهي، بهتر آهي تہ هت ان بحث جو نچوڙ پيش ڪري، سنڌين جي سامهون صحيح نقطہ نگاھ واضح ڪيو وڃي.

(I) پاڪستان جا رهاڪو مذهب جي بنياد تي هڪ قوم هئا

ان جو جواب صاف ظاهر پيو آهي تہ پاڪستان جا رهاڪو هڪ قوم نہ هئا. بلڪ چئن قومن تي مشتمل متضاد مفاد جو مجموعو هئا. مذهب جي بنياد تي مسلمانن جي قوم جو نظريو دنيا ۾ ڪٿي بہ مروج نہ آهي. ان کي مهاجر پنجابي مستقل مفاد سندن سامراج قائم ڪرڻ لاءِ سنڌين، بلوچن، پناڻن کي گمراهہ ڪري، پنهنجي تابع رکڻ لاءِ ايجاد ڪيو هو. اهو نظريو (1) غلط (2) ڏوڪو ڏيندڙ (3) تاريخي تجربي خلاف ۽ (4) اقوام متحده جي تسليم ڪيل اصولن جي خلاف هو.

(i) غلط ڪيئن هو؟

اهو نظريو غلط ان ڪري آهي، جو مذهب اسلام ۾ سوين فرقا پيدا ٿي ويل آهن. جي هڪ ٻئي سان برسر بيڪار آهن. جن مان هڪڙو ٻئي کي صحيح نٿو سمجهي، بلڪ دوزخي ڄاڻي ٿو. تنهن ڪري عقيدن جي بنياد تي هو ڪڏهن هڪ ٿي نہ رهيا هئا.

(ii) ڏوڪو ڏيندڙ ڪئين هو؟

ڏوڪو ڏيندڙ ان ڪري هو جو گذريل 13 سو ورهين جي تاريخ ۾ ڪڏهن بہ مسلمان هڪ ٿي نہ رهيا هئا. هنن هڪ ٻئي جا رت وهايا هئا. منجهن ڪڏهن بہ نسلي، لساني، اقتصادي، اخلاقي ۽ سياسي يڪجهتي پيدا ٿي نہ سگهي هئي. هن وقت بہ هو 40 ڪان مٿي جدا قومن ۽ ملڪن ۾ ورهايل آهن.

(iii) تاريخي تجربي خلاف ڪيئن هو؟

دنيا جي تاريخي تجربي خلاف ان ڪري هو جو هن وقت تائين مذهب جي بنياد تي ماڻهن يا ملڪن کي متحد ڪرڻ جون جملي ڪوششون رائگان ويون آهن. جنهن مان سبق حاصل ڪري، دنيا جي اڪثر قومن مذهب ڪان سياست کي علحده ڪري، ملڪن جو ڪاروبار هلايو ٿي.

(الف) ٻڌ ڌرم وارن جو اشوڪا جي ڏينهن ۾ مذهب جي بنياد تي

ماڻهن کي متحد ڪرڻ جو تجربو ديرپا قائم رهي نہ سگهيو.

(ب) هندن کي وڪرماجيت جي ڏينهن ۾ ماڻهن کي گڏ ڪرڻ جو آزمودو ڪامياب نہ ٿيو.

(ت) عيسائي قومن کي پوپن ماتحت متحد ڪرڻ جي سياسي تنظيم ناڪامياب ثابت ٿي.

(ث) مسلمانن جي خلافت جي اداري هيٺ ڪيل اتحاد لاءِ ڪوشش، مسلمان ۾ يڪجهتي پيدا ڪرڻ جي عيوض انتشار جو باعث بني، ۽ ڪن گهراڻن جي سامراج جو ڪارڻ ٿي. نيٺ ترڪن ان اداري کي مسلمانن لاءِ نقصانڪار سمجهي، خلافت کي ختم ڪري، جان آزاد ڪرائي. هاڻ ان فرسوده نظرئي جو تجربو وري برصغير هند جي پنتي پيل، صحيح اسلامي تعليم کان غير واقف، عمل کان بي بهره ماڻهن تي آزمايو وڃي ٿو، پر اهو بہ ناڪامياب ٿيندو. پلا جن ماڻهن کي اولياءِ ڪرام، صوفياءِ اعظام، مجتهد زمان هڪ ڪري نہ سگهيا، تن کي جناح صاحب، لياقت علي خان ۽ پٽي طرفان هڪ ڪرڻ جي دعوي خام خيالُ ۽ چريائيءَ کانسواءِ ڪجهہ نہ آهي. اهو نظريو صرف چند مستقل مفاد، سندن طبقاتي نفعي خاطر ماڻهن کي برغلائڻ لاءِ ڪتب آڻي رهيا آهن.

(V) اقوام متحده جي تسليم ڪيل اصولن جي خلاف ڪيئن هو؟

پاڪستان جي بنياد تي قوميت جو نظريو دنيا جي حالات حاضره جي حقيقتن جي خلاف آهي. اقوام متحده جي جملي ميمبر قومن مان هڪ اسرائيل ملڪ آهي، جو ان ۾ اعتماد رکي ٿو. ٻيا سڀ ميمبر وطن، زبان، ڪلچر، تاريخي روايات، اقتصادي ۽ سياسي مفاد جي بنياد تي قومي وجود ۾ اعتماد رکن ٿا، جنهن ۾ يهودين وانگر مهاجر پنجابي مستقل مفاد ساڳين اصولن کي مڃين ٿا ۽ ساڳي ذهنيت رکن ٿا. ان ڪري هتي پاڪستان ۾ ان جي پوئلڳيءَ ۾ ان نظرئي جو آواز اٿاريو وڃي ٿو.

(2) پاڪستان برصغير هند جي مسلمانن جو ملڪ هو

اها ڳالهہ غلط ۽ بي بنياد آهي. پاڪستان نہ تاريخي طور هڪ

ملڪ رهيو آهي ۽ نہ هن وقت هڪ ملڪ آهي. بلڪ چئن جدا سنڌي، پنجابي، پٺاڻ ۽ بلوچ وغيره جي ملڪن جو هڪ خطو آهي. جن ملڪن کي قديم زماني کان پنهنجون علحده آزاد رياستون پئي رهيون آهن. انهن مهاجر پنجابي مستقل مفاد انگريزن جي معرفت پنهنجو سامراج قائم ڪيو آهي، ۽ هن وقت ڏنڊي جي زور تي اهو هلائي رهيا آهن. ان ۾ رهندڙ قومن کي حق رواداريءَ موجب پنهنجن آزاد ۽ خودمختيار رياستن قائم ڪرڻ جو حق آهي. سنڌ، صرف مسلمانن جو ملڪ نہ، پر سنڌي مسلمانن، سنڌي هندن، سنڌي ڪرستانن ۽ سنڌي سڪن جو ملڪ آهي. ان جي خصوصيت ئي ان ۾ آهي تہ مڙني مذهبن جي بنيادي وحدت جي زمين آهي.

سنڌ تي پارت ڪان لڏي آيل مسلمانن جو ڪو بہ حق نہ آهي. چاڪاڻ تہ قوم پرست سنڌي مذهبن جي بنياد تي قائم ڪيل قوم ۾ ويساھہ ئي نٿا رکن. ان کي خود اسلام جي بنيادي اصول جي خلاف ٿا سمجهن. خلافت، پئن اسلامزم ۽ موجوده وقت پاڪستان طرفان ڪونايل مسلمان ملڪن جي ڪانفرنس ۽ اداري کي غلط ۽ اسلام جي فروغ لاءِ نقصانڪار سمجهن ٿا. جهڙيءَ طرح آمريڪا صيهونيت جي مدد ڪري، پنهنجي سامراج کي طاقت وٺائڻ گهري ٿي، اهڙيءَ طرح هي مهاجر پنجابي مستقل مفاد عربن ۽ اسلام جي نالي ۾ سندن سامراج جون پاڙون پختيون ڪرڻ گهرن ٿا. جنهن ڳالهہ ۾ مهاجر پنجابي سامراجين جو فائدو آهي، ان ۾ سنڌين جو نقصان آهي. علامہ مودوديءَ صحيح چيو آهي تہ ”جيئي سنڌ معنيٰ مري پاڪستان“. ان ڪري سنڌي سمجهڻ لڳا آهن تہ سنڌ جيئندي تڏهن، جڏهن پاڪستان ختم ٿيندو.

(3) پاڪستان دنيا جي مسلمان ملڪن ۾ اتحاد آڻيندو

اهو دليل بہ سراسر غلط آهي. ملڪ نہ مسلمان ٿيندا آهن، نہ هندو يا عيسائي. انهن ۾ رهندڙ ماڻهو پنهنجيءَ مرضيءَ مطابق عقيدا قائم ڪري يا بدلائي سگهندا آهن. مسلمان ڄمي ڪونہ پيدا ٿين ٿا. مسلمان سڏائڻ سولو آهي، ليڪن ان اعليٰ روحاني پنڌ تي پهچڻ

ڏکيو اهي. اهو سوال بہ بحث طلب آهي تہ موجوده مسلمان حڪومتون ۽ ملڪ صحيح طور تي اسلامي هئا يا آهن. ازانسواءِ مذهب جي بنياد تي ملڪن جو اتحاد، خود مذهبن لاءِ نقصانڪار آهي. ڪرستانن جي گهڻائيءَ وارا ملڪ، مسلمانن کان علم، پيسي، صفت، ملٽري طاقت ۽ تهذيب ۾ گهڻو ترقي يافتہ هئا. جيڪڏهن مذهب جي بنياد تي اتحاد ڪي هو ڪرسچنٽي (عيسائيت) لاءِ مفيد سمجهن ها، تہ هو اتحاد ڪري سگهن ها، بلڪ هنن ان راهہ ۾ جيڪي اڳي ڪوششون ڪيون، سي سڀ ناڪامياب ثابت ٿيون هيون. مسلمان ملڪن جي اتحاد لاءِ خلافت جي اداري هيٺ هڪ طرف ۽ پئن اسلامزم جي نالي ۾ ٻئي طرف، ۽ مهدين جي پوئلڳيءَ ۾ ٽئين طرف، سڀ ڪوششون رائگان ويون آهن.

پاڪستان جي حڪومت دنيا جي مسلمان ملڪن کي ڪهڙيءَ طرح متحد ڪري سگهندي، جڏهن اها ان ۾ مشتمل قومن کي اتحاد ۽ انصاف پلئہ وجهي نہ سگهي آهي! تنهن ڪري اها گفتگو منافقانہ ۽ ڏوڪو ڏيندڙ آهي. ان جو مطلب پاڪستان جي مختلف قومن ۽ ماڻهن جو توجهہ حقيقي مسئلن کان هٽائڻ آهي. تيرهن سون ورهين کان مهاجر پنجابي سامراج کي مضبوط ڪرڻو آهي. تيرهن سون ورهين کان وٺي مسلمان پاڻ متحد ٿي نہ سگهيا، تن کي هاڻ جناح، ايوب خان ۽ يحيٰ جهڙا مذهب کان اڻ واقف، اخلاق کان عاري، ابن الوقت ۽ سامراجي مفاد جا ايجنٽ ڪهڙيءَ طرح اتحاد ڪرائي سگهندا. هر صاحب عقل ماڻهوءَ کي پتو آهي تہ پاڪستان کي سندس حڪمران طبقن، آمريڪن سامراج جي ملٽري عهدنامن ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي. ان کان هو اسلح وٺي، پنهنجي ماتحت قومن کي غلام رکي، انهن جو استحصال ڪري رهيا آهن. آمريڪا جا هن وقت مغربي ايشيا ۾ ٽي سامراجي اڏا آهن: 1. پاڪستان، 2. اسرائيل، 3. ترڪي، جن جي وسيلي هو سندس تسلط وچ ايشيا ۽ افريقا تي رکڻ گهري ٿو. تنهن ڪري عالم اسلام جي اتحاد جو نعرو سراسر غلط ۽ ڏوڪو آهي.

(4) پاڪستان ۾ اسلامي آئين ۽ نظام قائم ڪري، ان کي هڪ مثالي ملڪ بنائڻ

هيءَ ڳالهه پڻ مهاجر پنجابي مستقل مفاد، سنڌين، بلوچن ۽ پختونن جي توجهه سندن سياسي آزاديءَ، اقتصادي خوشحاليءَ ۽ ڪلچرل ترقيءَ جي سوالن کان هٽائڻ لاءِ ڪن ٿا. ڇاڪاڻ جو هڪ ته اسلامي آئين ٿيندو ڪونه آهي، ٻيو ته جديد معاشري ۾ اسلام جي فقه جا قانون ڪارگر نٿا ٿي سگهن، ٽيون ته مثالي حڪومت قائم ٿيڻ لاءِ عوام جو ٿورڙيائين صالح ۽ بااخلاق ٿيڻ بنيادي شرط آهي، چوٿون ته اسلامي سياست يا اقتصاديت جهڙي ڪا ڳالهه وجود ۾ ئي ڪانهي، پنجون ته پاڪستان جو متحد ٿي، پر امن ۽ مستحڪم ملڪ ٿي رهڻ هڪ خلاف فطرت امر آهي.

هيٺ آئون مٿي ذڪر ڪيل پنجن دليلن جي تشريح ڪندس.

(i) اسلامي آئين ٿيندو ئي نه آهي

جي تاريخ تي نظر ڪري ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته ڪڏهن به ڪنهن مسلمان ملڪ ۾، ڪنهن حڪومت باقاعدي ڪو آئين ناهي، ان موجب حڪومت نه هلائي هئي. هاڻ ڪجهه وقت کان مغربي ملڪن جي تتبيع تي مسلمان ملڪن آئين ناهڻ شروع ڪيا آهن، جي سڀ سيڪيولر قسم جا آئين آهن. هن وقت به اٽڪل 40 کان مٿي مسلمان ملڪن مان هڪ ملڪ ۾ به صحيح جمهوري حڪومت جو سرشتو رائج نه آهي، نه انهن مان ڪنهن ڪو اسلامي آئين ناهيو آهي، يا اهڙي دعوي ڪئي آهي.

آئين جو جيئن مٿي هڪ هنڌ چيو ويو آهي، واسطو اڪثر هيٺين مسئلن سان ٿئي ٿو:

1. عام ماڻهن جا بنيادي حق.
2. مرڪزي حڪومت جا اختيار
3. صوبائي حڪومت جا اختيار جي اهڙيون حڪومتون ڪنهن رياستي نظام ۾ هجن.

4. ڍلن ۽ ٽيڪسن جا اختيار مرڪز ۽ صوبن ۾ انهن جي ورهاست.
5. قانون سازي، عملداري ۽ عدالتي ادارن جا اختيار.
6. آئين پارليامينٽري قسم جو هجي، يا ڊڪٽيٽري قسم جو. وغيره.

انهن مان ڪنهن هڪ مسئلي لاءِ بہ مذهب اسلام مان ڪا واضح رهبري ملي نٿي سگهي، بلڪ جيڪڏهن اِئين چئجي تہ آئين جديد دور جي پيداوار آهي. عرب ۾ اسلام مروج ٿيڻ وقت معاشرو آئيني حڪومت هلائڻ جي لائق ٿي نہ سگهيو هو. تہ اها ڳالهہ صحيح چئي سگهجي ٿي.

هن وقت عوام کي ڏوڪي ڏيڻ لاءِ آئين کي مشرفيہ اسلام بنائڻ واسطي، پاڪستاني آئين ۾ هيٺيون ڳالهيون درج ڪيون ويون آهن:

1. ملڪ جو سربراهہ مسلمان هوندو.
2. پاڪستان حڪومت جو نالو "اسلامي ريپبلڪ" هوندو.
3. ان ۾ قرآن ۽ سنت نبويءَ خلاف ڪو بہ قانون پاس ٿي نہ سگهندو.

هاڻي پڙهندڙ انصاف ڪري ڏسن تہ

(الف) بداخلاق ۽ قول ۽ فعل ۾ اختلاف رکندڙ ماڻهو مملڪت جو سربراهہ رکڻ سان ڪهڙي طرح آئين اسلامي ٿي سگهندو!

(ب) جنهن حڪومت ۾ شرابخوري، وياج خوري، جوا، اقتصادي استحصال، ڏاڍن جا غريبن تي ظلم، هڪڙين قومن جو ٻين تي تسلط قائم هجي، ان کي "اسلامڪ ريپبلڪ" سڏڻ ماڻهن جي اکين ۾ ڌوڙ پائڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. ان جو مثال اهڙو آهي، جهڙوڪ ڪاڪوس مٿان اذان ڏيئي، مسجد سڏڻ.

(ت) يلا جنهن ملڪ ۾ پاڪستان پينل ڪوڊ، ڪرمنل پروسيڊيئر ڪوڊ وغيره قانون، مغربي طرز تي، رومن قانون جي بنياد تي ٺهيل هجن، ان کي قرآن سنت جي مطابق سمجهڻ ڪيتري قدر صداقت جي ڳالهہ آهي.

(2) اسلامي نظام ۽ اسلامي قانون

جديد معاشري ۾ ملڪي انتظام جو مذهب سان گهٽو واسطو نٿو رهي. حڪومت جو نظام سيڪيولر بنياد تي رهي ٿو. هر سيڪيولر حڪومت ۾ بہ شاديءَ، ورثي وغيره جا قانون هر هڪ مذهب جي پوئلڳن جي شريعتن مطابق هلندا آهن. باقي حڪومت جي اڪثر ڪاتن، جهڙوڪ: (1) پوليس (2) عدالت (3) روينيو (4) ميڊيڪل (5) انجنيرنگ (6) پبلڪ ورڪس (7) بچاءُ (8) خارجہ معاملات (9) ايڪسائيز وغيره سان تعلق رکندڙ قاعدا قانون، حالتن ۽ ضرورتن مطابق ملڪي معاملي فهميءَ کي مدنظر رکي، ٺاهيا ويندا آهن، جن جي پاس ڪرڻ جو اختيار اڪثر عام ووٽن تي چونڊيل اسيمبلين ۽ ڪائونسلن جي نمائندن جي هٿ ۾ هوندو آهي. هنن حالتن ۾ مذهبي قانون ٺاهڻ جو اصول جيڪڏهن قبول ڪبو تہ پوءِ سمورو جمهوري نظامِ حڪومت بيڪار ٿي پوندو.

انهن مسئلن تي مذهبي قانون ٺاهڻ مان هيٺيان اخلاقي مسئلا پيدا ٿي، اڪيچار مشڪلاتون پيدا ڪري ڇڏيندا:

(الف) اهي اسلامي نظام جا قانون عوام طرفان چونڊيل نمائندا ٺاهيندا يا ملن کي ٺاهڻ جو اختيار هوندو!

(ب) جيڪڏهن مذهبي مهندارن کي قانون ٺاهڻ جي اختياري ڏبي تہ قانون ساز اسيمبلين جي ميمبرن جو ان تي ڪهڙو اختيار رهڻ ڏنو ويندو؟

(ت) مذهبي مهندارن مان ڪهڙي مذهب ۽ فرقي جي ماڻهن جي هٿ ۾ اها قانون ٺاهڻ جي واڳ ڏني ويندي؟

(ث) جيڪڏهن مختلف مذهبن ۽ فرقن جي رهنمائن جو ڪنهن مسئلي تان اختلاف پيدا ٿي پوي، تہ آخري فيصلو ڪير ڪندو ۽ ڪهڙن اصولن مطابق ڪيو ويندو؟

(ج) اهڙيءَ طرح پاس ڪيل قانون جي فيصلي ڪرڻ لاءِ موجوده قسم جون ڪورٽون ججن ۽ ماجسٽريٽن واريون بحال رکيون وينديون، يا ان لاءِ نوان قاضي ۽ مفتي رکيا ويندا؟

(ح) جي مفتي ۽ قاضي رکڻ جي تجويز بحال ٿي، تہ انهن جي تيار ڪرڻ لاءِ ڪي هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج کولڻا پوندا ڇا؟

(خ) مفتين ۽ قاضين جي ڪورٽن ۾ ڪيس هلائڻ جي اجازت موجده وڪيلن کي ڏني ويندي، جي جديد قانون جا ماهر آهن. يا ان لاءِ ملن ۽ مولوين کي وڪالت ڪرڻ ڏني ويندي؟

(د) انجنيرنگ، ميڊيڪل، ايڪسائيز ريلوي، فنانس، پبلي، بچاءَ، بئنڪن وغيره ڪاتن جي قانون ناهڻ جو ڪم اسيمبلين جي سپرد ڪيو ويندو، يا ملن جي هٿ ۾ ڏنو ويندو؟ جي اسيمبلين کي ڏنو ويندو تہ انهن قانونن کي شريعت اسلاميءَ مطابق ناهڻ لاءِ ملن کي بہ ان ۾ رکيو ويندو چا؟ جي ها تہ انهن جو تعداد ڪيترو هوندو؟

جنهن صورت ۾ گذريل چويهن سالن اندر پاڪستان ۾ مهاجر پنجابي سامراجين يا سندن ايجنٽن طرفان ان مسئلي بابت ڪافي غلط فهمي ڦهلائي ويئي آهي، ان ڪري آئون مناسب ٿو ڄاڻان تہ جديد نظام حڪومت جي ڪن ڪاتن جا نالا ڏيئي، هر هڪ ڪاتي تي بحث ڪريان تہ ڪهڙيءَ طرح ملان جي شريعت انهن ڪاتن جي رهبري ڪري سگهي ٿي.

(1) انتظامي ڪاتو

هن ڪاتي جو مکيہ عملدار ڊپٽي ڪمشنر (ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ) ٿئي ٿو. نظام اسلاميءَ جا حامي ٻڌائي سگهندا تہ ڊپٽي ڪمشنر کي ڪهڙي نظام شريعت مطابق تعليم ۽ تربيت ڏيئي، انهيءَ عهدي جي لائق بنائڻ جي تجويز رکن ٿا. ان جي ڊگري مقرر ڪرڻ جو فيصلو وزيرن يا اسيمبلين کي هوندو يا ملن کي ڪرڻو پوندو. ڇا اهي عملدار ملن جي هدايتن مطابق ڪاروبار هلائيندا، يا خود ملا اهي عهدا سنڀاليندا. يا انهن عهدن لاءِ ماڻهو تيار ڪرڻ واسطي ملن جي ماتحت ڪاليج کولڻا پوندا.

(2) پوليس ڪاتو

پوليس ڪاتي جي ماڻهن کي پريڊ ڪرڻ، چورين جي ڳولا ڪرڻ، جاسوسي ڪرڻ، ٽرئفڪ جي ڪنٽرل ڪرڻ، فسادن کي روڪڻ، بندوق هئڻ وغيره جا حڪم سپرد ٿين ٿا. نظام اسلاميءَ جا طرفدار

ٻڌائي سگھندا، تہ ھو اھو ڪم ملن جي حوالي ڪندا، يا پوليس عملدارن جي مٿان ھدايتن لاءِ ملن کي مقرر ڪري ڪم ھلائيندا.

3. ريلوي کاتو

انهيءَ کاتي سان واسطو رکندڙ ڳالھيون، ريلوي لائين پکيڙڻ، اسٽيشنون ٺاھڻ، ريلن جا گاڏا ۽ انجڻيون ٺاھڻ ۽ ھلائڻ، ريلوي لائين جون پليون ۽ موريون ٻڌڻ، ٽڪيٽن ٺھرائڻ، سگنل ۽ تارن وغيره جا ڪم ٿين ٿا، جنھن لاءِ انجنيئر، تارن وارا، اسٽيشن ماسٽر وغيره عملو رکٽو پوي ٿو. نظام اسلاميءَ جا حامي ٻڌائي سگھندا، تہ ريلوي کاتي کي ڪهڙيءَ طرح نظام اسلاميءَ مطابق ھلائڻ جي تجويز رکن ٿا. انهيءَ ڳالھہ لاءِ شريعت اسلامي ڪھڙي رھبري ڪري سگھي ٿي.

4. انجنييري کاتو

انهيءَ کاتي جي سپرد بيراج ٺاھڻ واھہ کوٽائڻ، پليون ٻڌڻ، رستا ٺاھڻ، جايون اڏڻ، نھرن جي پاڻيءَ جي ورھاست ڪرڻ، ڪارخانن جون عمارتون ٺاھڻ، شھر اڏڻ، وغيره جا ڪم ٿين ٿا. نظام اسلاميءَ جا طرفدار ٻڌائي سگھندا تہ 13 سو ورھيہ اڳي معاشري جي وقت ٺھيل شريعت، دورِ جديد جي ضرورتن مطابق ھن کاتي جي ڪھڙي رھبري ڪري سگھندا؟ ڇا انجنيرن کي ملن کان پڇي براج ٻڌڻا پوندا يا پليون ٺاھڻيون پونديون؟ پاڻيءَ جي ورھاست لاءِ فقه ۽ شريعت مان ان ڊپارٽمينٽ جي ھلائڻ لاءِ ڪھڙيون ھدايتون ملي سگھنديون؟

5. تعليم کاتو

دور جديد ۾ تعليم جو دائرو ايڏو وسيع ٿي ويو آھي، جو انهيءَ جون ڪيئي شاخون ٿي ويون آھن. مثلاً آرٽس، سائنس، ميڊيسن، انجنيئرنگ، ايگريڪلچر، جنگي تعليم، مڪئنيڪل، پاليٽيڪنڪ، آرڪيالاجي، جيالاجي وغيره. انھن لاءِ اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽيون، لائبريريون، ليبارٽيون وغيره کولڻيون پون ٿيون، جي سڀ جديد دور جي پيداوار آھن. 13 سئو ورھيہ اڳي معاشري لاءِ رٿيل شرعي تعليم ان راھہ ۾ ڪابہ ھدايت ڪري نٿي سگھي. ڇا، نظام اسلاميءَ جي نالي ۾ عوام کي

ڏوڪو ڏيندڙ مهاجر ۽ انهن جا ايجنٽ ملا ٻڌائي سگهندا. يونيورسٽين ۽ ليبارٽين ۾ ملا ڪهڙي رهبري ڪري سگهندا؟ پر جي نٽا ڪري سگهن، ته پوءِ چو هرويرو اسلام جهڙي روحانيت ۽ اخلاق جي علمبردار مذهب جي نالي ۾ ماڻهن کي گمراهه ڪري، پنهنجا طبقاتي مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ سندن توجه ملڪ جي حقيقي مسئلن کان هٽائين ٿا؟

6. بچاءَ ڪاتو

اڄڪلهه جنگ يا بچاءَ لاءِ ٽينڪون، بم گولا، هوائي جهاز مشين گنون، راڪيٽ، ميزائيل وغيره ڪتب آندا وڃن ٿا. اهو ڪاتو جديد سائنس جي نين کوجنائن مطابق هلي ٿو. ان کي اسلامي بنائڻ لاءِ جيڪڏهن ملا صاحب چون ته اهي سڀ کوجنائون بدعتون آهن، صحيح اسلامي جنگ اُٺن، گهوڙن، تلوارن، نيزن ۽ ڀالن سان ٿيڻ گهرجي، ته ان لاءِ ڪهڙو جواب ڏيڻو پوندو؟ هر هڪ ڪمانڊ آفيس ۾ جنرل جي هدايت ۽ رهبريءَ لاءِ ملن کي رکڻ لازمي هوندو ڇا؟ جنگ کي اسلامي بنائڻ لاءِ مال غنيمت جي اجازت ڏيڻي پوندي ڇا؟ گرفتار ٿيل شهرين يا سپاهين کي غلام يا ٻانيهون ڪري ورهائڻ جو رواج چالو ڪرڻو پوندو ڇا؟ جي ها، ته جديد مهذب دنيا کي ان جي جواز ۾ ڪهڙو جواب ڏيڻو پوندو؟

7 خارجه معاملات جو ڪاتو

انهيءَ ڪاتي ذريعي حڪومتن سان تعلقات قائم ڪرڻ، ٻاهرين ملڪن سان واپار ڪرڻ، ٻين حڪومتن جي ڇر پر ۽ ارادن کان واقفيت حاصل ڪرڻ لاءِ جاسوسي ڪرائڻ، ۽ ٻاهرين ملڪن سان آمدرفت جا ڪم سر انجام ٿين ٿا.

ملا جي شريعت موجب جهاد اسلام جي بنيادي اصولن ۾ داخل آهي. ان حالت ۾ دوستانه تعلقات صرف مسلمان ملڪن سان رکي سگهجن ٿا. اوائلي خليفن جي دستور موجب غير مسلم ملڪن جي حڪومت کي هدايت ڪرڻي هئي ته دين اسلام قبول ڪن، نه ته ٻيءَ صورت ۾ سندن خلاف جهاد ڪري، کين مطيع بنائي، اسلام پکيڙڻو هو.

امريڪا، روس ۽ چين جا ملڪ جيڪڏهن اسلام نہ قبولين، تہ انهن سان جنگ ڪرڻي پوندي ڇا؟

مسلمانن جي ابتدائي دور ۾ حڪومت جو ڪاروبار هڪ خليفي جي ماتحت هلندو هو. وقت گذرڻ بعد مسلمانن جون جدا جدا بادشاهتون قائم ٿي ويون، جن مان ڪيترين هڪ ٻين جي مخالف هيون. هاڻ وري مسلم دنيا کي هڪ خليفي جي هٿ هيٺ آڻڻو پوندو ڇا؟ ان مان سوال اٿندو تہ جيڪڏهن ڪي مسلمان ملڪ هڪ خليفي جي ماتحت رهڻ نہ قبولين، تہ اُن لاءِ ڇا ڪرڻو پوندو؟ ڇا انهن کي زوريءَ جنگ ڪرڻ بعد هڪ اتحاد ۾ شامل ڪرڻو پوندو؟ ڇا اهي جنگيون بہ جهاد ۾ شمار ڪبيون؟

هن وقت مسلمان ملڪ غير مسلم حڪومتن کان وياج تي قرض ۽ مدد وٺن ٿا، ان لاءِ نظام اسلاميءَ جا حامي ڪهڙو حڪم ڏيندا؟

ٻاهرين ملڪن ۾ سفير موڪلڻا پون ٿا. انهن جي لياقت، سيرت ۽ صورت لاءِ نظام اسلاميءَ وارن جو ڪهڙو حڪم ٿيندو؟ ڇا اهي سفير ملا مدرسن جا تعليم يافتہ عالم هوندا؟ ڏاڙهيون هوندن؟ ويس ديسي هوندن، شراب استعمال ڪرڻ جي منع هوندين، ڪين زالن کي پردو ڪرائڻ ضروري ٿيندو؟ پرڏيهي معاملات شريعت اسلامي موجب هلن، ان لاءِ وزارت خارجہ ۽ جملي سفارتخانن ۾ عالمن جو تقرر لازمي ٿيندو ڇا؟

انهن سيني ڳالهين جو جواب وٺڻو آهي. جنهن صورت ۾ قرآن ۽ حديث ان معاملي ۾ رهبري نٿا ڪن، تہ پوءِ نظام اسلاميءَ جو نالو وٺڻ ڪيتري قدر صحيح ٿيندو؟

8. مالي ڪاتو

اڄڪلهہ ملڪن جي انتظامي ضروريات، ترقي ۽ تعمير واسطي ڪيترا ٽيڪس ۽ ڍلون ماڻهن تي وڌيون وڃن ٿيون. انهن ٽيڪسن ۽ ڍلن جو جواز قرآن ۽ حديث مان ڪهڙيءَ طرح ڪڍي سگهبو؟ فقهہ ۾ سواءِ زڪوات جي ٻيو ڪو ڇنو ٽيڪس ذڪر ڪيل نہ آهي. زڪوات موجوده دور ۾ بيڪار ٿي چڪي آهي. دنيا جي اڪثري مسلمان

ملڪن ۾ حڪومتن طرفان زڪوات جي وصولي نتي ڪئي وڃي. موجوده دور ۾ جي ٽيڪسن جهڙوڪ اينٽرٽينمينٽ ٽيڪس، ايڪسائيز ٽيڪس، زرعي ڍلون، انڪم ٽيڪس وغيره جو جواز قرآن ۽ حديث مان ڪهڙيءَ طرح ڪري سگهبو؟ وياج وٺڻ ۽ ڏيڻ شريعت اسلاميءَ جي خلاف چيو وڃي ٿو پر ڪهڙو مسلمان ملڪ آهي، جنهن ۾ بئنڪون نہ هجن. جي اهي نہ هجن تہ واپار، ڪارخانا، ترقيءَ ۽ تعمير جو ڪاروبار هلي نہ سگهندو. ملڪ ۾ 90 سيڪڙو ماڻهو غريب، بيروزگار، بيمارين ۾ مبتلا ۽ بي گهر آهن. انهن جي آبادڪاري، معاشي ۽ سماجي ترقيءَ جو ڪم، جيڪڏهن ڪا حڪومت ڪڻڻ چاهي تہ ان لاءِ پيسن جي ضرورت پوندي. ان واسطي حڪومت سوشلزم موجب ڪي قدم کڻڻ چاهي ۽ ان تي ملن طرفان شخصي ملڪيت جي بچاءَ جي بهاني سان مخالفت ڪئي وڃي، تہ ان حالت ۾ ڪو سڌارو ٿي سگهندو؟ ڪي ماڻهو يا ملا اسلامي سوشلزم جو نالو وٺن ٿا، ليڪن تاريخ جي ڄاڻن ڪي پتو آهي تہ سوشلزم هنري دور جي پيداوار آهن، ان جو اسلام سان ڪو واسطو ئي نہ آهي.

9. صحت کاتو

اڳئين زماني ۾ بيمارين لاءِ ڏنيپ ڏيڻ، رما هڻن، سيرون چوڙڻ، بيمارين کي جنن جي اثر هيٺ سمجهي مارون ڏيڻ ۽ ڦيٽا ڇندا ڪرڻ وغيره طريقن سان علاج ڪيا ويندا هئا.

هن وقت ايڪسري ايجاد ٿيا آهن، انجيڪشنون ٺاهيون ويون آهن، مائڪرو اسڪوپ، ريڊيا گرام وغيره ڪم آندا وڃن ٿا. اهڙيون دوائون ايجاد ٿيون آهن، جو اڳي خواب خيال ۾ بہ نہ هيون. طبعي تعليم لاءِ ميڊيڪل ڪاليج ۽ ليباريٽريون کوليون ويون آهن. انهن ڳالهين لاءِ نظام اسلامي ڪهڙي مدد ڏني آهي، يا ڏيئي سگهندو؟ جيڪڏهن خدانخواستہ ڪا وچڙندڙ بيماري ڪالرا، پليگ، انفلوئنزا وغيره پيدا ٿي پوي تہ صحت وارا انجيڪشن يا ٻيون دوائون ان جي بند ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻيندا، يا ملن کي گهرائي ورد وظيفن ۽ دعائن وسيلي ان جو سدباب ڪندا؟ ان حالت ۾ هر ڊائريڪٽر آف پبلڪ هيلٿ جي آفيس

۾ ملن کي تعويذن ۽ دعائن وغيره لاءِ مقرر ڪرڻو پوندو ڇا؟

انهن مثالن مان پتو پوندو تہ اهي نظريا يا نعرا مهاجر پنجابي سامراجين ۽ سندن ايجنٽن مسلم عوام کي ڏوڪو ڏيئي، پنهنجا مستقل مفاد سڌ ڪرڻ لاءِ ايجاد ڪيا هئا.

(iii) پاڪستان ۾ مثالي حڪومت قائم ڪرڻ

پاڪستان جي چوويهن سالن جي تاريخ مان ثابت ٿي چڪو آهي تہ هتي مثالي حڪومت جو قائم ٿيڻ ناممڪن آهي. انهيءَ جي قيام لاءِ ماڻهن جو صالح ۽ بااخلاق هئڻ ضروري آهي، جو ڪم درويشن ۽ صوفياءِ ڪرام ۽ بااخلاق عالمن جي ذريعي حاصل ٿي سگهي ٿو ۽ نہ موجوده قسم جي سياستدانن جي وسيلي، جن جي ساري زندگي ڏوڪي ۽ فريب سان پريل رهي ٿي. البت پاڪستان ۾ هيٺين ڳالهين جا مثال ڏيئي سگهبا:

- هتي انسانن جا بنيادي حق محفوظ نہ آهن.
- هتي ننڍين قومن تي مهاجر پنجابي استحصال جاري آهي.
- هتي رشوت ستاني عام جام آهي.
- نشو ۽ شرابخوري، ننڍي پيماني کان وڏي پيماني تائين جاري آهي.
- هتي جوا قانوناً جائز آهي.
- هتي وياجخوري هر هنڌ هلي رهي آهي.
- هتي بليڪ مارڪيٽنگ، سمگلنگ، چوريون، ڌاڙا بند نہ ٿي سگهيا آهن.
- هتي بيگناهہ ماڻهن کي، مخالف راءِ رکڻ ڪري، بنا ڪيس هلائڻ جي سزائون ڏنيون وڃن ٿيون.
- هتي اسلام کان رعاري ۽ بدعتي ماڻهن کي اسلام جو علمبردار سڏي، متن ڪروڙن جا قبا اڏيا ويا آهن.
- هتي بدڪردار، ڏوڪيباز بداخلاق ۽ فرعون صفت سياستدانن کي عوام جو ليڊر ڪونيو وڃي ٿو.
- هتي بک ۽ بيروزگاري ۽ ڌاڪا زني عام جام آهي.
- هتي ظلم ۽ استحصال رواجي ڳالهيون آهن.

انهن حالتن هيٺ بہ جي صاحب اتي مثالي حڪومت جا خواب لهن ٿا، تہ اهو ٿيو ٻيرن ڪان ٻير گهرڻ.

(iv) اسلامي سياست ۽ اقتصاديات

چيو ويچي ٿو تہ هتي اسلامي سياست يا اقتصاديات جي مروج ڪرڻ لاءِ، حڪومت جو ڪاروبار هلايو ويندو. مسلمانن جي تاريخ ۾ اهو بدبخت ڏينهن هو جڏهين مذهب کي سياست سان گڏڻ جي شروعات ڪئي ويئي.

مون پنهنجي ڪتاب "پاڪستان جو ماضي، حال ۽ مستقبل" ۾ چاٽايو آهي تہ مذهب جو اصل مقصد روحاني ۽ اخلاقي اصلاح آهي، جا تاليف قلوب ۽ صحيح تربيت ذريعي حاصل ٿي سگهي ٿي. اها رضاڪارانہ طور شخصي اخلاق جي تڪميل وسيلي حاصل ٿي سگهندي. اُن ۾ جڏهين بہ سياست کي وچ ۾ آڻي تشدد کي ڪتب آندو ويو آهي، يا هڪڙن جي راءِ کي ٻين مٿان زوريءَ مڙهڻ جي ڪوشش ٿي آهي، تہ ان مان فائدي جي بدران نقصان زياده پهتو آهي. انهيءَ ڪري ئي صوفياءِ ڪرام سياست کان علحده ٿي، ماڻهن کي رضاڪارانہ طور روحاني ۽ اخلاقي ترقيءَ لاءِ درس تدريس ڏيندا هئا.

اقتصاديات، روزمره جي گذر معاش ۽ ان جي طريقہ ڪار جي مسئلي سان واسطو رکندڙ ڳالهين جو علم آهي. جيڪڏهن گذر معاش کي اخلاقي اصولن جي ماتحت ڪري ڪم هلائجي، تہ اها ڳالهہ علحده آهي، پر ٽيڪس ڪهڙا وجهجن، زراعت ڪهڙيءَ طرح ڪجي زمين جي ورهاست يا ڪارخانن جي هلائڻ لاءِ بهترين طريقا ڪهڙا هئا؟ ان ۾ مذهب جي نالي کي ٽپائي وچ ۾ آڻڻ غلط آهي. ان لاءِ صحيح طريقو اهو آهي تہ معاشري جي تبديليءَ سان اقتصادي مسئلن جي تبديلي لازمي سمجهي، حالات جي تقاضا مطابق عقل کان ڪم وٺي، معاشي انصاف آڻجي.

(5) پاڪستان جو اتحاد ۽ استحڪام

گذشته چويهن سالن جي تجربي اهو ثابت ڪيو آهي. ته پاڪستان جو قيام ئي غلط بنيادن تي ڪيو ويو هو. جنهن ۾ مکيه غلطي اها هئي ته هزارن ورهين جي تاريخ وارين قومن کي هڪ غلط قومي نظرئي، جنهن جو وجود دنيا ۾ ڪٿي به نه آهي، موجب زوريءَ ڳنڍي، هڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي ويئي. جنهن نظرئي کي مهاجر پنجابي مستقل مفاد ايجاد ڪيو هو. انهيءَ بنيادي غلطيءَ کي درست ڪرڻ جي عيوض، پاڻ ان تي اصرار ڪرڻ، حالتن کي سڌارڻ بدران بگاڙيو هو.

جڏهن ڪا ڪمپني، مختلف ڏرين جي شموليت سان برپا ڪئي ويندي آهي، ۽ جنهن وقت ان ۾ شامل ٿيندڙ ڀائيوار محسوس ڪندا آهن ته ان مان سيني کي فائدو نٿو پلئه پوي ۽ ڪي ڌريون سموري پيداوار کي سندن نفعي لاءِ ڪتب آڻين ٿيون، ته نقصان پهتل ڌريون ان مان جدا ٿي وينديون آهن. ان وانگر پاڪستان جو وجود پنجن قومن جي باهمي عهدنامي "ته ان ۾ شامل ٿيندڙ قومون ۽ خود مختيار رياستون قائم ڪري سگهنديون" جي آڌار تي وجود ۾ آيو هو ليڪن مهاجر پنجابي مستقل مفاد انهيءَ عهدنامي جي ڀڃڪڙي ڪري، پاڪستان کي سندن سامراج طور هلائي، سنڌين ۽ ٻين قومن کي غلام ڪري هلائڻ شروع ڪيو.

جڏهن سنڌين ۽ اُلهندي پاڪستان ۾ شامل بلوچ ۽ پختونن سندن حق جي گهر ڪئي، ته مورڳو انهيءَ مفاد صوبا ختم ڪري، ون يونٽ بنائي، انهن کي پنجاب جي ڪالوني ڪري ڇڏيو جڏهن انهنءَ گروهه ڏنو ته ون يونٽ جي ڪري مخالفت وڌي ويئي ته ان کي ٽوڙي اهڙي پاليسي اختيار ڪئي، جو بينگال علحده ٿي ويو ۽ هاڻ نئين قسم جي مضبوط مرڪز جي نالي ۾ ون يونٽ کان بدتر حڪومت هلائي رهيا آهن. ان ۾ جيڪي وهيو واپريو آهي، ان جو مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان. اهو ئي سبب آهي جو پاڪستان ذريعي مٿي ذڪر ڪيل قومن ۾ اتحاد جون سڀ اميدون ٽٽي ويل آهن.

(5) پاڪستان کي مسلمانن ۽ اسلام جي حفاظت جو ڪم ڪرڻو آهي

اها ڳالھ سراسر ڪوڙ آهي. ڀارت جا رهاڪو مسلمان پاڪستان ۾ رهندڙ ننڍن صوبن جي اصلي رهاڪو مسلمانن کان وڌيڪ آزاد ۽ سکيا آهن. هتي ظلم، تشدد ۽ استحصال جي بازار گرم آهي. اسلام کي نہ ڀارت ۾ نقصان پهتو آهي، نہ چين ۽ رشيا ۾. يورپ ۾ بہ مسلمان رهن ٿا.

اسلام کي مٿي ذڪر ڪيل ملڪن ۾ هندن، عيسائين يا دهرين جي ڪثرت ڪري ڪو نقصان نہ پهتو آهي. هي خطري جو نعرو صرف مهاجر پنجابي مستقل مفاد، سندن طبقاتي مفاد جي برقرار رکڻ ۽ مڪاني ماڻهن کي بيوقوف بنائڻ لاءِ هڻي رهيا آهن ۽ ان ۾ صداقت ڪانہ آهي. پاڪستان جي قيام بعد اسلام جي نالي جو جيتري قدر استحصال ڪيو ويو آهي، ۽ هندن ڪميونسٽن ۽ قومپرستن جو خوف ماڻهن کي ڏياري، مهاجر پنجابي مستقل مفاد جيتري قدر سنڌين سان ظلم ڪيا آهن، تن اسلام خلاف نوجوان طبقي ۾ نهايت خراب اثر پيدا ڪيو آهي. منهنجي خيال ۾ اسلام کي جيترو نقصان هتي پاڪستان ۾ پهتو آهي، اوترو نہ چين، نہ رشيا، نہ يورپ ۽ نہ ڀارت ۾ پهتو هوندو تنهن ڪري آئون انهيءَ راءِ جو آهيان تہ پاڪستان کي ختم ڪرڻ سان پاڻ اسلام کي وڏو فائدو پهچندو.

البت پاڪستان کي ختم ڪري، سنڌو ديش قائم ڪرڻ لاءِ سنڌين کي وڏين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوندو. هي مهاجر پنجابي سامراجي، جن ڪائي ڏنو آهي، سي مُئي مارائي ڪانسواءِ سنڌ کي آزاد ڪرڻ نہ ڏيندا. تنهن ڪري آزاديءَ لاءِ قربانيون ڏيڻ ضروري آهن. هيڪر تباهي ايندي، پوءِ فائدا حاصل ٿيندا.

آزاديءَ مان فائدا

سنڌ ۽ سنڌي هزارن ورهين کان جدا ملڪ ۽ قوم رهيا آهن. انهيءَ ڪري هنن جي آزادي فطري ڳالھ ۽ سندن جنم جو حق آهي. جيڪڏهن پکيءَ کي هڪ طرف سوني پڃري ۾ رکي، طرح طرح جا طعام کارائجن، ۽ ٻي طرف ٻاهر آزاديءَ جي هوا ۾ ڪيس بکون ڪاٽيون پون، تہ بہ هو آزاديءَ جي هوا کي سوني پڃري ۾ صدها نعمتن

ڪان وڌيڪ پسند ڪندو.

عمر بادشاهہ مارئيءَ کي زوريءَ ڪٺي محلات ۾ اچي رهايو هو. جتي طرح طرح جا طعام، ريشمي ۽ زربفت جا ڪپڙا، عاليشان محل ۽ سوين سکن جا سامان موجود هئا. پر مارئيءَ کي سدائين پکن، جهوپڙين، پنهوارن، لنبن، لاٽن، ڏٿ، ڪتن ۽ لوين ۽ قاتل ڪپڙن جي ياد ستائيندي رهندي هئي. سدائين دعائون گهرندي هئي تہ شال! موتي ملڪ وڃي، مارن سان ملي. هوءَ سدائين ڪوٽن جي ڪرڻ ۽ تالن جي ٽٽن لاءِ دعا گهرندي هئي ۽ چوندي هئي:

"اِيءَ نہ مارن ريت، جو سيڻ مٽائين سون تي."

پاڪستان سنڌ ۽ سنڌين لاءِ جيل کان بدتر آهي. شاهہ صاحب فرمايو آهي:

"قسمت قيد ڪياس، نہ تہ ڪير اچي هن ڪوٽ ۾!"

آزاد ٿيڻ جي خواهش فطري آهي. امير خسروؒ فرمايو آهي تہ:

ڪافر عشقم مسلماني مرا درڪار نيست،
هر رگ من تار گشتہ حاجت زنار نيست.

(يعني، عشق جو ڪافر آهيان. اوهان جي مسلمانيءَ جي مون کي ضرورت نہ آهي. منهنجي رگ رگ جٽيا تي ويئي آهي.)

هاڻ سنڌي ان حالت تي پهتا آهن، جو مهاجر پنجابي غلامي هيٺ رهڻ کان منڪر ٿي چڪا آهن. پاڪستان جيڪڏهن بهشت آهي، تہ آزاد سنڌ وارو دوزخ کين وڌيڪ قبول آهي. سنڌين لاءِ اها خوشي ٿوري ٿيندي، تہ هن غلاميءَ کان آزاد ٿي ۽ خودمختيار بنجي، اقوام متحده جا ميمبر بنجن!

هاڻ اچو تہ ان مسئلي تي نگاهہ ڪريون تہ سنڌ جي آزاديءَ بعد سنڌين کي ڪهڙا فائدا رسڻا آهن:

(1) سنڌ جي آزاد ٿيڻ بعد ملڪ جي سموري پيداوار جا ٽيڪسن مان هن وقت مرڪزي حڪومت جي هٿ ۾ وڃڻ ڪري، پنجابي ۽ مهاجرن جي بلي خرچ ٿئي ٿي، سا سنڌ جي ترقيءَ ۽ تعمير لاءِ ڪتب آڻي سگهبي. جنهن ڪري سنڌ ٿوري کان پوءِ ترقي يافتہ

بنجي ويندو.

(2) سنڌ جي آزاد ٿيڻ بعد سنڌ جي رهاڪن کي، جيڪي هن وقت سامراجي ويڙهائي منتشر ڪريو ويٺا آهن، متحد ڪري، هڪ بافعال قوم بنائي سگهبو، جن جي زبان، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفاد هڪ ٿي ويندا. ان وقت هو سنڌن ترقيءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽ ڪندڙن کي ڪيڍي سگهندا.

(3) سنڌ جي آزاديءَ بعد سنڌ جا اصل باشندا، يا اُهي ٻاهران آيل ماڻهو جن سنڌي زبان ۽ ڪلچر اختيار ڪري، پاڻ کي سنڌي مفاد جو جزو بنائي ڇڏيو هوندو سي سڀ مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي سياسي سامراج، اقتصادي استحصال ۽ ڪلچرل غلبي کان بچي، ترقي ڪري سگهندا.

(4) سنڌ جي آزاديءَ بعد سنڌ جي سموريءَ زرعي زمين تي سنڌ جي دائمي رهاڪن کي قبضو ملي سگهندو. هن وقت جو ٻاهرين غير سنڌين ۽ غير آبادگارن کي زمين مليل آهي، سا هنن کان کسي، سنڌي آبادگارن کي ڏيئي سگهبي.

(5) سنڌ جي آزاديءَ بعد سنڌ جي سموري واپار تي سنڌ جي دائمي طور رهاڪن، سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهن کي تسلط ڏياري سگهبو. هن وقت اهو ڌارين جي قبضي هيٺ آهي.

(6) سنڌ جي آزاديءَ بعد ٻاهرين ماڻهن جي آمد تي بندش وجهي، ملڪ ۽ زمين تي آباديءَ جو وڌندڙ بار روڪي سگهبو. ازانسواءِ ٻاهران عارضي طور آيلن يا سنڌي قوم ۾ سمائجڻ کان انڪار ڪندڙن، يا ڌارين جي ايجنٽن کي ملڪ مان ٻاهر ڪيڍي سگهبو.

(7) سنڌ جي آزاديءَ بعد سنڌ جي جملي پيسي تي دائمي طور سنڌين جو قبضو ڪرائبو. هن وقت واپار، ڪارخانا، بئنڪون ٻاهرين جي قبضي ۾ هئڻ ڪري، سنڌ جي ڪمائي سنڌن رهاڪن لاءِ ڪم نٿي اچي. مرڪزي حڪومت تي مهاجر پنجابي سامراجين جو قبضو هئڻ ڪري، هو اهڙي پاليسي هلائين ٿا، جنهن ڪري سنڌي مسڪين رهجيو وڃن.

(8) سوشلزم، سواءِ قومي آزاديءَ جي بي فائدي آهي. يعني هن وقت

جيڪڏهن ڪوبہ ڪارخانو ملڪيت، بئنڪ وغيره قومي ملڪيت ۾ آندي وڃي ٿي، تہ مرڪزي حڪومت مهاجر پنجابي سامراجين جي هٿ هيٺ هئڻ ڪري، ان جو فائدو سنڌي عوام کي نٿو پهچي. سنڌ جي مڪمل آزاديءَ بعد سوشلزم جي طريقن جو پورو فائدو سنڌ جي رهاڪن کي نصيب ٿي سگهندو.

(9) هن وقت سنڌ جا جملي ڪارخانا غير سنڌين جي حوالي آهن، جي منجهن مزدور بہ غير سنڌي رکن ٿا. جيڪڏهن سنڌ آزاد ٿي تہ انهن کي مجبور ڪيو ويندو تہ سنڌي مزدور رکن. ۽ سنڌ سرڪار کي ان جو حصو ڏين. يا قومي ملڪيت بنائبو تہ بہ ان جو قبضو سنڌ سرڪار وٽ رهندو. نہ هن وقت وانگر، جو قومي ملڪيت هيٺ ويل ڪارخانا اڻ سڌيءَ طرح سان وري مهاجر پنجابي مستقل مافد سامراجين جي قبضي ۾ رهن ٿا.

(10) هن وقت پاڪستان ۾ اڪثر ڪارخانا، هلڪي سامان ٺاهڻ وارا ۽ رواجي ڪاريگريءَ وارا بنيا ويا آهن. بنيادي ۽ ڳري صنعت اڃا هتي قائم نہ ڪئي ويئي آهي، تنهن ڪري سنڌ آزاد ٿيڻ بعد اهي بنيادي ۽ ڳرا ڪارخانا پبلڪ سيڪٽر هيٺ ٺاهڻ جو انتظام ڪرڻو پوندو.

(11) پرائيويٽ سيڪٽر (خانگي ڪارخانن) لاءِ اهو شرط رکڻو پوندو تہ ان ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو سنڌ جا هوندا ۽ ان مان پيسا ڪمائي ٻاهر ڪڍي نہ ويندا.

(12) سنڌ جي آزاديءَ بعد ملڪ جي قومي ۽ سرڪاري زبان صرف سنڌي رهندي، ڪوبہ ماڻهو جو سنڌي زبان نہ ڄاڻندو هوندو تہ ان کي شهري حق نہ ڏنا ويندا. يعني ان کي ووٽ جو حق نہ هوندو ۽ خانگي يا سرڪاري کاتي ۾ نوڪري نہ ملي سگهندي. اهڙيءَ طرح سنڌي اردوءَ جي تسلط کان هميشہ لاءِ آزاد ٿي ويندا ۽ اردو دانن جو موجوده غرور ٽٽي پوندو. پر جيڪڏهن ان کان پوءِ بہ هو سازشون ڪندا تہ بنگلاديش وانگر انهن کي ملڪ نيڪالي ڏيئي سگهبي.

(13) سنڌ جي آزاديءَ بعد سنڌي ڪلچر کي ترقي وناڻڻ سان غير

سنڌي ڪلچر جي غلط ۽ ناجائز نشانن کي متائي سگهبو. جهڙوڪ سوڙهيون پتلونون پائڻ، پان کائڻ ۽ نوڙي سلام ڪرڻ جا دستور وغيره. ريڊيو ٽيليويزن، سئنيمائن ۽ سنڌي زبان ۾ ڪلچر کي ترجيح ۽ ترويج ڏيارڀي.

(14) سنڌ جي آزاديءَ بعد سنڌ جي رهاڪن ۾ يڪسانيت ۽ پنهنجي قومي انفراديت جي احترام پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ قسم جي مانائتي قومي لباس کي مروج ڪري، ڌارين تهذيب جي ترجماني ڪندڙ لباسن جي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ٿي سگهندي.

(15) سنڌ جي آزاديءَ بعد شهرن، محلن، مارڪيٽن، رستن، اسڪولن، ڪاليجن، اسپتالن وغيره تان غير سنڌي يا سنڌ دشمن ماڻهن جا نالا ڪڍي، سنڌي نالا رکڻ سان قوم پرستيءَ جي هوا کي زور وٺائي سگهبو ۽ قومي، تاريخي عظمت ۽ شان کي وڌائي ۽ مستحڪم ڪري سگهبو.

(16) سنڌ جي آزاديءَ بعد شهرن، ڳوٺن، جهنگلن، دريائن ۽ ڍنڍن جي پير ۾ رهندڙ خانہ بدوش يا نيم خانہ بدوش جهوپڙين ۾ رهندڙ ماڻهن کي پڪا ڳوٺ ٻڌائي، ان ۾ بجلي، ٽيليفون، مارڪيٽ، تفريح گاهہ باغن، اسڪولن، اسپتالن، رستن ۽ پوليس ٿاڻن جو انتظام ڪري، ماڻهن کي شهري زندگيءَ جي سهوليتن سان روشناس ڪرائي سگهبو.

(17) جيڪي ٻاهريان ماڻهو سنڌ ۾ هندن جي رهائش جي جاين، دڪانن، زمينن ۽ ڪارخانن تي قبضو ڪري ويٺا آهن، تن کان اهي ڇڏائي، اهي جايون سنڌي مسلمانن يا ٻاهران موٽي آيل هندن ۾ ورهايون وينديون. پر مهاجرن مان جن سنڌ جي آزاديءَ ۾ حصو ورتو هوندو، انهن جي ملڪيت کي هٿ نہ لاتو ويندو.

(18) جيڪي ماڻهو سنڌي زبان نہ ڄاڻندا هوندا يا آزاديءَ کانپوءِ ٽن مهينن ۾ سنڌي سکي، امتحان ڏيئي نہ سگهندا، تن کان نوڪري کسي ويندي. جيڪو ماڻهو سنڌين جي جداگانہ قوم، سنڌ جي جدا وطن سان وفاداريءَ جو قسم نہ کڻندو، ان کان سنڌ ۾ رهائش جو حق کسي سگهبو.

(19) هن وقت سنڌ ۾ ستر سيڪڙو ماڻهن جو مدار زراعت تي آهي، جن

جو تعداد 70 لک کن ٿيندو. 210 ڪروڙ ايڪڙ زمين سنڌ ۾ آباديءَ لائق آهي. ان حساب سان زراعت پيشه في ماڻهوءَ کي مساوي ورهاست ذريعي صرف 3 ايڪڙ زمين ملي سگهندي. جيئن ته هڪ ڪٽنب ۾ 5 ماڻهو شمار ڪرڻ بعد هر هڪ ڪٽنب کي 15 ايڪڙ زمين ملي سگهندي، جنهن جي پيدائش سٺي معيار زندگيءَ بسر ڪرڻ لاءِ ڪافي نه ٿيندي. انهيءَ ڪري زمين جي حد وڌائي 200 ايڪڙ بئريج زمين چئن ڪٽنبن لاءِ گڏيل پوکي جي اصول تي آباد ڪرڻ لاءِ مخصوص ڪرڻ بعد، باقي بچيل ماڻهن جي گذر معاش لاءِ نوڪرين، ڪارخانن، واپار ۽ ننڍن هنرن وغيره ۾ انتظام ڪرڻو پوندو. ته جيئن زراعت تي مدار صرف 30 سيڪڙو ماڻهن جو رهي سگهي.

(20) ساري ملڪ جي رهاڪن جي سروي ڪرائي، انهن جي روزگار جي انتظام ڪرڻ لاءِ منصوبا ناهي، هر هڪ ماڻهوءَ کي گهر، روزگار، علاج، تعليم ۽ شهري زندگيءَ گذارڻ لاءِ انتظام، پوڙهپڻ جي پينشن، زالن جي ويم وقت خرچ ۽ علاج جو انتظام، سرڪاري طرح ڪرڻو پوندو. ان لاءِ پلاننگ ڪميشن مقرر ڪري، اهڙيءَ طرح پلئن تيار ڪبو جيئن 15 سالن اندر هر هڪ ماڻهوءَ کي روزگار، گهر، علاج ۽ تعليم جو بندوبست ٿي وڃي.

(21) هر هڪ ماڻهوءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ تنخواه اهڙيءَ طرح مقرر ڪئي ويندي، جنهن مان هن جو معيار زندگي مهذب نموني جو رهي سگهي.

(22) سنڌ جي آزاديءَ بعد تعليم عام ڪري، ماڻهن مان جهالت ڪڍي، علم، اخلاق ۽ هنر سان واقف ڪرائڻ جو ذمو سرڪار تي هوندو.

(23) هڪ حد کان مٿي ملڪيت وارين جاين رکڻ جي اجازت نه ڏني ويندي.

(24) خانگي ڪارخانا صرف ننڍا رهڻ ڏنا ويندا، جن ۾ ڏهن کان گهٽ ڪم ڪندڙ ماڻهو رهندا.

(25) پيريءَ ۽ سرداريءَ تي گذر ڪرڻ جي ممانعت ڪئي ويندي.

(26) ملڪ ۾ صحيح جمهوريت رائج ڪرڻ لاءِ مذهبي ملا، پير، وڏيري،

زميندار، ڪارخانيدار ۽ ڪاموري کي اسيمبلين ۾ داخلا جو حق نہ هوندو.

(27) سئنيمائن، اخبارن، تيليوزن، ڪتابن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽي تعليم ذريعي سنڌي قوم جي يڪجهتيءَ لاءِ تعليم ۽ تربيت ڏني ويندي. فرقيوار ۽ باهمي نفرت پيدا ڪندڙ جماعتن تي بندش وڌي ويندي.

(28) سنڌ جي پيداوار جي ذريعن، پيسي ۽ ورهاست جي وسيلن تي عوام جي معيار زندگي بلند ڪرڻ ۽ روزگار جي ضمانت مهيا ڪرڻ ۽ ملڪ جي ترقي ۽ تعمير لاءِ سوشلزم جي بنيادي اصول مطابق قومي ملڪيت ۾ آڻي استعمال ڪيو ويندو.

(29) سنڌ جي آمد رفت جا ذريعا، جهڙوڪ: ريلوي، خشڪي ستا، هوائي سروس عام ڪري، سنڌ جي هرهڪ ڳوٺ تائين آسانيءَ سان پهچڻ جو انتظام ڪيو ويندو.

(30) بجلي، تيليفون، تار ۽ پوسٽ کي فروغ ڏيئي، ڳوٺن ۽ شهرن جي وچ ۾ رابطو وڌائي، ڳوٺن کي مهذب زندگيءَ جي طريقي سان رهڻ جي لائق بنائڻو پوندو.

(31) ماڻهن کي امن امان ۾ رهڻ ۽ پنهنجي بچاءَ ڪرڻ لاءِ تعليم ۽ تربيت ڏيئي، ڌوهن کي گهٽائي، ڳوٺن کي عام ماڻهن جي سلامتيءَ جي جاءِ بنائڻو پوندو.

(32) چوپائي مال جي گوشت ۽ کير ڪتب آڻڻ واسطي مال جا وڏا فارم ناهيا ويندا. زراعت جو گهڻو مدار مشنريءَ تي رکي، مال جي چوريءَ ۽ کوٽ جا رستا بند ڪيا ويندا.

(33) ڳوٺن ۾ ننڍا هنر عام ڪري، ماڻهن جي آمدنيءَ جي ذريعن ۾ واڌارو ڪيو ويندو ۽ انهيءَ طرح ڳوناڻن هنرن کي زور وڌايو ويندو.

(34) هن وقت سنڌ ۾ باغن هيٺ زمين تمام گهٽ آهي، جيڪا آهي سا اڪثري ميوي لاءِ آهي ۽ ڪن خاص ايراضين ۾ آهي. سنڌ جي آزاديءَ بعد سنڌ جي گوشي گوشي ۾ ميوي ۽ تفريح ۽ ملڪ جي حسن وڌائڻ لاءِ باغ رکيا ويندا. ۽ هر هنڌ عام رستن جي ٻنهي

طرف وڃڻ پوکايا ويندا.

(35) هن وقت زالن جو گهڻو وقت گهر جي صفائي ڪرڻ، مردن سان زراعت ۾ شرڪت ڪرڻ، مال چارڻ، اٽي پيهڻ، ڪپڙن سبڻ، ڪپڙن ڌوئڻ ۽ سبڻ، ٻار پالڻ، ماني ناهڻ وغيره ۾ صرف ٿئي ٿو. آزاديءَ بعد انهن کي زياده تعليم ۽ تربيت ڏيئي، زندگيءَ جي مختلف معاملن ۾ مردن سان هم شريڪ بنائڻ جو انتظام ڪرڻو پوندو. اٽي پيهڻ، ڪپڙن سبڻ، ڪپڙن ڌوئڻ، ماني پچائڻ، ٻار نپائڻ، زراعت ۾ ڪم ڪرڻ کان زالن کي آزادي ڏياربي. اهي ڪم مشنري ۽ اسپتالن وغيره جي وسيلي ڪرائڻا پوندا.

(36) مذهب ۽ سياست کي علحده رکي، حڪومت جو سرشتو سيڪيولر بنائي، ملا، پير، پنڊت ۽ پادريءَ کي سياسي معاملن کان ٻاهر رکي، کين ماڻهن جي اخلاق، تعليم ۽ تربيت لاءِ ڪم لائبو.

(37) تعليم کي اهڙيءَ طرح سڌارڻ جو انتظام ڪبو، جو ماڻهن کي مختلف مذهبن، نظرين، سياسي راين، اعتمادن، نسلن ۽ طبيعتن جي باوجود بقائي باهميءَ يا گڏيل بچاءَ جي بنياد تي قومي ۽ بين الاقوامي مسئلن ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ رغبت ڏياري ويندي.

(38) سنڌ جي آزاديءَ بعد سنڌ جي زيرزمين ذخيرن جهڙوڪ گئس، پيٽرول، لوهه، ڪوئلي وغيره جي ڪاڻين جي کوٽائي ڪري، ملڪ کي انهيءَ معاملي ۾ پاڻيرو ڪيو ويندو ۽ اهڙيءَ طرح ملڪ جي آمدنيءَ ۽ روزگار جي ذريعن کي وڌايو ويندو.

(39) سنڌ جي عام ٻهراڙيءَ کي رهڻ جي لائق بنائڻ لاءِ سنڌ جي ڳوٺن جي جديد طريقي مطابق تعمير ڪرائي، ان ۾ ضروريات زندگيءَ جي هر ڳالهه جو انتظام ڪيو ويندو.

(40) سنڌي زبان کي ابتدائي تعليم کان وٺي يونيورسٽيءَ تائين لازمي نهرايو ويندو. ان جي ترقيءَ ۽ واڌاريءَ لاءِ خاص انتظام ڪرڻا پوندا.

(41) سنڌ ۾ انجنيرنگ، ائگريڪلچرل، ميڊيڪل، سائنس ۽ مذهبي يونيورسٽيون برپا ڪرڻ لاءِ ساريءَ سنڌ اندر اسڪولن، ڪاليجن ۽ هاسٽلن جو ڄار وڇائڻو پوندو. انهيءَ واسطي ابتدائي تعليم کان يونيورسٽيءَ تائين تعليم کي مفت ڪرڻو پوندو ۽

لکن شاگردن جي رهڻ، کاڌي ۽ ڪتابن جي خرچ جو حڪومت کي انتظام ڪرڻو پوندو. جن ڌارين کي سنڌ جي ڪاليجن يا يونيورسٽيءَ ۾ نوڪري آهي، انهن کي سنڌي سکڻ ۽ سنڌو ديش سان وفاداريءَ جو قسم کڻڻ بعد نوڪري ڏئي سگهبي.

(42) سنڌو ديش جي قديم تهذيب ۽ تمدن جي کوجنا ڪري، ان جي تاريخ مڪمل ڪرڻ لاءِ قديم دڙا کوٽائي، وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ جو انتظام ڪرڻو پوندو.

(43) سنڌ جي تاريخ پوريءَ طرح لکيل نہ آهي، ان لاءِ قديم وقت کان وٺي موجوده دور تائين، ان جي تاريخ کي مڪمل ڪرائڻ لاءِ مکيہ ليکڪن کي ويهاري، ڪم سرانجام ڪرائڻو پوندو.

(44) سنڌي ٻوليءَ جي لغت تيار نہ ٿي سگهي آهي، ان کي مڪمل ڪرائڻ لاءِ ٻاهرين ۽ سنڌ جا بهتر ماهر رکي، ان کي مڪمل ڪرائڻو آهي. اهڙيءَ طرح سنڌيءَ مان انگريزيءَ ۽ انگريزيءَ مان سنڌي، سنڌيءَ مان عربي ۽ عربيءَ مان سنڌي، پارسيءَ مان سنڌي ۽ سنڌيءَ مان پارسي، سنسڪرت مان سنڌي لغتون تيار ڪرائڻيون پونديون.

(45) سنڌيءَ ۾ انسائيڪلوپيڊيا ۽ سنڌ جي ڪلچرل هيريٽيج تي ڪتاب تيار ڪرائڻا پوندا.

(46) سنڌيءَ ۾ سڀني علمن ۽ فنن جي علمي اصطلاحن جون لغتون تيار ڪرائي سگهبيون. سنڌي زبان ۾ دنيا جي مختلف علوم، فنون، سائنس ۽ ٻين مضمونن تي معياري ڪتاب ترجما ڪرائي، ڇپائي، سنڌ جي هر پنج سو کان مٿي آباديءَ واري ڳوٺ ۾ لائبريري قائم ڪرائي، ان ۾ رکائڻ جو بندوبست ڪبو.

(47) سنڌ جي جملي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ فوجي تعليم ۽ تربيت جو انتظام ڪرايو ويندو. بري، بحري ۽ هوائي فوج تربيت لاءِ ڪاليج ۽ اڪيڊميون کولايون وينديون.

(48) سنڌ جي آباديءَ ۽ پيئڻ لاءِ زير زمين پاڻيءَ جا ذخيرا ڳولائي، گهرج وارن هنڌن تي ان جي پهچائڻ لاءِ انتظام ڪرڻو پوندو. کاري پاڻيءَ کي مٺي ڪرڻ، بارش جي پاڻيءَ ۽ سمنڊ جي پاڻيءَ مان فائدو وٺڻ لاءِ

پڻ گهرج پٽاندڙ تجويزون تيار ڪرائيون پوندون.

(49) سنڌ جي جبلن، پٽن ۽ ڪلرائين زمينن کي درست ڪرائي، آباديءَ لائق بنائي، ٻيلن يا ٻي پيداوار لاءِ ڪتب آڻڻ جو انتظام ڪرڻو پوندو.

(50) سنڌ ۾ ٻيلا اڳيئي گهٽ هئا. ويتر ھاٽوڪي دور ۾ انهن کي گهڻو نقصان پهتو آهي. انهن کي وڌائڻ ۽ وري درست ڪرائڻ جو انتظام ڪرڻو پوندو.

(51) سنڌ ۾ ڪمند جي پوک کي زور وٺائي، سنڌ ۾ کنڊ جي ڪارخانن جو تعداد وڌائي، 20 عدد تائين آڻڻ جو بندوبست ڪرڻو پوندو.

(52) ڳوٺن ۾ سٺي پيئڻ جي پاڻيءَ، ڀاڄي ۽ ميوات ميسر ڪرڻ لاءِ مناسب انتظام ڪرڻو پوندو.

(53) راجا ڏاهر جو جمسو ڪراچيءَ جي پر ۾ نئين تعمير ٿيندڙ بندرگاهه تي نصب ڪرائڻ ۽ ان بندرگاهه کي ابن قاسم بدران ڏاهر بندر سڏڻ جو انتظام ڪبو.

(54) سنڌ ۾ طعام، راڳ، راندين ۽ ڊرامي جي تعليم لاءِ انتظام ڪرائڻو پوندو.

(55) هر اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا لاءِ سنڌي زبان جو ڄاڻڻ لازمي ٺهرايو ويندو.

(56) بجليءَ کي زياده مقدار ۾ پيدا ڪري، هر هڪ ڳوٺ ۽ شهر ۾ مهيا ڪبي ۽ جملي ڪارخانا، ريلوي گاڏيون، بجليءَ تي هلائڻ لاءِ انتظام ڪبو.

(57) ڪڇ ۽ راجستان سان ملڻ لاءِ پڪا رستا ٺهرايا ويندا. جئين جاتي لکپت، ڪيڙ پيج، ننگرپارڪر کان ڪانياواڙ عمرڪوٽ کان مارواڙ نوابشاهه ۽ بيڪانير کي ڳنڍي ڇڏجي.

(58) سنڌو درياه جو اونهاري ۾ زائد پاڻي، لاڳاپيل پاڙيسري ملڪن کي ڏيئي، انهيءَ بدلي سنڌ جي تعميري ترقيءَ لاءِ انهن کان مدد وٺي سگهبي.

(59) ڀارت، افغانستان، روس، ايران، بنگلاديش ۽ عرب ملڪن سان ڪلچرل ناتا قائم ڪري، انهن سان هنري ۽ تجارتي معاهدا ڪري، تعلقات مضبوط بنائڻا پوندا.

(60) حڪومت جي پاليسي سيڪيولرزم، سوشلزم، جمهوريت ۽

نيشنلزم تي رکي ويندي، ۽ پنهنجي پرڏيهي پاليسي غير جانبدارانہ ڪرڻي پوندي.

(61) سنڌو ديش جي آزاديءَ بعد بنگلاديش، پختونستان، بلوچستان، پنجاب، ڀارت، ايران ۽ عرب ملڪن جي ڪامنويلٿ ٺاهڻ لاءِ ڪوشش ڪبي.

(62) سنڌ ۾ مذهبن، ڪلچر ۽ تمدن ۾ اتحاد پيدا ڪري، مستقبل جي تعمير ۽ ترقيءَ لاءِ جدا جدا ڪميشنون ويهاري، انساني اتحاد لاءِ منصوبا ٺاهي، انهن تي عمل ڪرائبو.

(63) سنڌ جي اقتصادي، علمي ۽ سائنسي ترقيءَ ۽ تعمير لاءِ منصوبا ٺاهي، ٿوري عرصي اندر سنڌ کي ترقي يافتہ بنائڻ لاءِ ڪوشش ڪبي.

اهي سڀ ۽ ٻيون ڳالهيون تڏهن حاصل ٿي سگهنديون، جڏهن پاڪستان ختم ڪري، سنڌو ديش قائم ڪرايو ويندو.

سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ڪم ڪندڙن کي هيٺيون ڳالهيون ذهن ۾ ويهارڻيون آهن:

(1) سنڌ جي آزاديءَ جي راهہ ۾ وڏي رڪاوٽ نظريہ پاڪستان آهي.

(2) سنڌ جي آزاديءَ کان اڳ جمهوري طريقن جو استعمال اجايو آهي.

ڇاڪاڻ تہ ماڻهو سياسي طور بيدار نہ آهن. مٿانهين طبقي وارا ماڻهو جهڙوڪ پير، ملا، ڪامورا، زميندار وغيره ڌارين جا ايجنٽ آهن ۽ ملڪ جو استحصال ڪرڻ چاهين ٿا. چوندن تي گهڻي وقت تائين انهن جو اثر رهڻو آهي، تنهن ڪري ٿوريائين مخصوص ماڻهن ذريعي آزادي حاصل ڪري، انهيءَ ڪلاس کي ختم ڪري، پوءِ ملڪ جو سڌارو ڪري سگهبو. ان ڪم ۾ ڀارت ۾ رهندڙ سنڌي هندن جو هڪ گروهہ وڏي مدد ڏئي سگهندو، بشرطيڪ انهن کي ان لاءِ رضامند ڪيو وڃي.

إِنَّ اللَّهَ لَا يُغَيِّرُ مَا بِقَوْمٍ حَتَّىٰ يُغَيِّرُوا مَا بِأَنفُسِهِمْ (قرآن)

يعني خدا ڪنهن قوم جي حالت نٿو بدلائي، جيستائين اهي خود پنهنجي حالت بدلائڻ لاءِ ڪوشش نٿا ڪن.

آئون ننڊپڻ کان ڪي خواب ڏسي، ان جي تعبير لاءِ ڪوشش

ڪندو رهيو آهيان. پر چوٽي آهي تہ "بندي جي من ۾ هڪڙي، صاحب جي من ۾ ٻي." ابتدا ۾ بمبئيءَ کان سنڌ جي جدائيءَ لاءِ ڪوششون ڪيونسون. اميد هئي تہ ان جي جدا ٿيڻ بعد سنڌ جي ترقيءَ ۽ تعمير ڪري، ان کي باغ بهار بنائي ڇڏينداسون. پر "وئي سڳن لاءِ، ڪن بہ ڪپائي آئي،" وانگر سڌاري جي عيوض پاڻ ۾ وڙهي، مورڳو رد عمل ۾ اچي، پاڪستان کي وجود ۾ آندوسون. پاڪستان جي ابتدا ۾ خيال هوسون تہ ان ۾ حڪومت الاهيءَ جو قيام ڪري، ملڪ مان بک، ڏک ۽ بداخلاقي ڪڍي، سنڌ جي پنج هزار سالہ ماضيءَ جي ياد تازي ڪنداسون. پر اسان جو حال ان مڇيءَ جهڙو ٿيو جا فرائنگ پئن (ڪڙهي) مان بل کائي، وڃي باهہ ۾ پئي.

مٿي ذڪر ڪيل احوال مان معلوم ٿيندو تہ هن وقت ڪيئن پاڪستان مان تنگ ٿي، ان کي ڊاهي، سنڌ جي آزاديءَ لاءِ سرگردان ۽ پريشان آهيون. پر اها ڳالهہ سولي نہ آهي. شاهہ صاحب فرمايو آهي:

عشق نہ آهي راند، جو کيڏنس ٻيرو،
جيءَ جسي ۽ جان جي، پڄي ٿو هيڪاند.
سسي نيزي پاند، اُڇلِ تہ اڏ ٿئي!

بنگلا ديش وارن آزادي سستي ڪانہ ورتي آهي. سندن هڪ ڪروڙ ماڻهو ملڪ ڇڏي، دربدر ٿي، صدها تڪليفن جو شڪار بنيا. 2 لک عورتن جي عصمت دري ٿين، 30 لک ماڻهو مارايائون. پوءِ بہ شابس آهي ڀارتي حڪومت کي، جنهن وچ ۾ پئي، هنن جي پاڪستاني درندن کان جان آزاد ڪرائي.

جيڪڏهن غور ڪري ڏسندا تہ ڀارت سرڪار بہ سولي سندن مدد لاءِ نہ آئي هئي. جن سنگهي ليڊر ستيا گره ڪري جيلن ۾ ويندا رهيا، پر وزيراعظم کي ذرو بہ خيال نہ آيو. اوپر بينگال ۾ آزاديءَ جا پروانا تباهہ ٿيندا رهيا. پر ڀارت سرڪار کي بين الاقوامي مصلحتن پيش اچي پئي رڪاوٽون وڌيون. هندوستان جي اخبارن دانهن گهوڙا ڪئي، پر ان تي ڀارت جو هاٿي ننڊ مان اٿي نہ سگهيو. نيٺ هڪ ڪروڙ بينگالي پناهگيرن جو بوجو ۽ پاڪستان مان ڊاڪٽر ڪسينجر جي چين مان روانگيءَ تي، جڏهن روس حڪومت جوش ۾ اچي، ڀارت جي

همت افزائي ڪئي، تڏهن هن جرئت ڏاري. بنگلا ديش کي مدد ڏيئي، کيس آزاد ڪرايو. ليڪن اسان سنڌي ته بي يار ۽ مددگار آهيون. اسان جا همت وارا هيمون ڪالاڻيءَ جا مائٽ لڏي وڃي پاڻ مٿو ڪري پارت ۾ سکيا ٿيا. هتي سندن هم مذهب ٿورا آهن، جن لاءِ فرقيوار ذهيت کي ڏڪاريندي به ان اثر ۾ آيل پارت سرڪار يا اتي جي سنڌن هندن جو هڏ ڪرڪي. اسان جا مسلمان وڏيرا، پير، ڪامورا ۽ واپاري ڏارين جي غلاميءَ ۾ خوش پيا ٿا ڏسجن. اهڙيءَ حالت ۾ اسان جي واهر ڪير ڪندو؟ پارت سرڪار جمهوريت، قوم پرستي، سيڪيولرزم ۽ سوشلزم جي گهڻي هام هڻي ٿي، پر ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته اها صرف دنيا کي ڏيکاءَ لاءِ آهي. مصر جي صدر انورالسادات کي دلاسا ڏئي، عربن کي يهودين جي ظلم کان ڇڏائڻ ۾ همدرديءَ ڪرڻ واسطي آواز ڪيڏي سگهن ٿا. روڊيشيا ۾ ڪارن ۽ گورن جي ظلم تي سندن دل ڏکي ٿي، جو اقوام متحده ۾ هنن جي حمايت ڪن ٿا. ويٽنامين سان ٿيل ظلم خلاف آواز اٿارڻ ۾ عيب ڪو نه ٿا سمجهن، پر جيڪڏهن ڪا ڏکيائي ڏسڻ ۾ اچين ٿي، ته اها پر ۾ سنڌو ديش جي ماڻهن کي مهاجر پنجابي مستقل سامراج کان بچائڻ لاءِ آواز اٿارڻ يا همدردي ڪرڻ ۾!

اسان جمهوريت، قوم پرستي، سيڪيولرزم، سوشلزم ۽ غير جانبدار پاليسيءَ جا طرفدار آهيون. اسان پنهنجي پنج هزار ساله شاندار ماضي کي هنن سامراجي درندن کان ڇڏائڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهيون. اسان آريا ورت جي سنڌو ماتريءَ جي تهذيب کي بچائڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيا آهيون. اسان سندن اڳوڻي سائي آهيون. اسان کي گذشته تاريخ آهي، انگريزن کان اڳ اسان آزاد رياستون هئاسون. اسان کي جدا زبان، روايات، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفاد آهن، جن جو مهاجر پنجابي مستقل مفاد استحصال ڪري رهيو آهي. پر حرام جو پارت سرڪار جي ضمير کي ڇهنڊڙي پوي! اسان اهو طعنو نه ڏينداسون ته هتي ايرندي بينگال وانگر هندن سان زيادتيون نه ٿي رهيون آهن، تنهن ڪري سندن رت ۾ جوش نٿو اچي. اسان اهو مهڻو ڪو نه ڏينداسون ته اسان جا ڪي مظلوم سنڌي مسلمان پائر هتي جي ظلم کان ستائجي پارت ويا آهن، ته انهن کي جيل ۾ موڪليو ويو آهي،

يا اهي پارٽي پوليس ڪان لڪندا ٽا وتن. اسان اها معيار ڪو نہ ٿا ڏيون تہ افغان سرڪار سنڌين، پٺاڻن ۽ بلوچن کي پاڪستاني ظلم کان پناهہ ڏئي رهي آهي، پر پارٽي سرڪار نٿي ڏئي، ڇاڪاڻ تہ هو مسلمان آهن ۽ پارٽين کي مسلمانن سان همدردي نہ آهي! مظلوم جون نہ ميارون ٿينديون آهن، نہ ڏوراپا.

مون کي هڪ مثال ياد آهي، تہ جڏهن اسان مسلم ليگ جي خلاف سنڌ ۾ بغاوت ڪئي هئي، ۽ سنڌ جو گورنر موڊي کليو کلايو جملي سرڪاري مدد مسلم ليگ کي ڏئي، اسان جي اميدوارن کي شڪست ڏيارڻ لاءِ هر حيلا هلائي رهيو هو. تہ وائسراءِ کي تارون ڪيون سون. پر ان توجهہ ڪونہ ڏنو. نيٺ ڪانگريسي دوستن کي، جي ان وقت مرڪزي حڪومت ۾ وزير هئا، تارون ڪيونسون. پر ڪجهہ نہ وريو. ان تي ڊاڪٽر چوئٿرام، سنڌ ڪانگريس ڪميٽيءَ جي پريزيڊنٽ کي ڪهل پئي، سو دهليءَ چڙهي ويو ۽ سردار پٽيل کي وڃي مليو. ان کي چيائين تہ. ”قوم پرست مسلمانن سان هيڏو ظلم ٿي رهيو آهي، انهن جي شڪست کان پوءِ هندن جو سنڌ ۾ رهڻ مشڪل ٿي پوندو.“ جنهن تي سردار پٽيل کيس جواب ڏنو تہ. ”حالتون اهڙيون آهن، جو پارت جي آزاد ڪرائڻ لاءِ، اسان کي سنڌ جي هندن کي قربان ڪرڻو پوندو.“ ان تي ڊاڪٽر صاحب روئي ڏنو ۽ پڇاڙيءَ تائين سردار پٽيل سان نہ ٺهيو.

سياست عمل ۾ ائين ٿيندو آهي، ڪو ڪنهن تي رحم نہ ٿو ڪري. هن وقت اسان جي حالت اها آهي، جنهن لاءِ شاهہ صاحب فرمايو هو:

”پاڙي ناهِ پروڙ تہ ڪا رات رنجائي گذري“

سنڌ مان لڏي ويل هندن جي اڪثريت پارت ۾ خوش آهي. ڪين کهڙي پرواهہ تہ سندن سنڌي هم قوم پائرن سان هتي ڪهڙا ويل وهي رهيا آهن! البت ڪي سنڌي نوجوانن جا گروهہ آهن، جن هن وقت تائين سنڌي لپي ۽ سنڌي زبان نہ صرف بچائي آهي، پر پارت سرڪار کان تسليم ڪرائي آهي، ۽ وقت بوقت ديس جي محبت جا راڳ ڳائي، اسان ۾ اهو احساس پيدا ڪرائي رهيا آهن تہ سڀ سنڌي هندو وطن وساري ڪونہ ويٺا آهن ۽ انهن مان همدرديءَ جي اميد رکي سگهون ٿا.

اسان کي سندن مشڪلاتن جو پتو آهي. هو مسڪين ۽ تورا آهن. پوڙها ۽ وڏا خوش ويٺا آهن. پارتي حڪومت غير همدردي ۽ ڪنور دل آهي. هنن جو آوازان وت طوطي جي نقارخاني ۾ آواز مثل آهي، پر اها پرواهہ نہ آهي. شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ:

"جي ڪَرَ لڏائون، تہ بنديءَ بند نہ ساريو."

جيڪڏهن هنن اسان جي همدرديءَ ۾ آواز اٿاريو اقوام متحده ۽ دنيا جي ملڪن تائين اسان جي ظلمن جي داستانن کي پهچايو تہ اسان سمجهنداسون تہ هنن پنهنجي پت پاري آهي. اولهہ بينگالين بہ پارت سرڪار کي مجبور ڪري، اوير بينگالين جي مدد لاءِ آماده ڪيو هو. ممڪن آهي، جي هي همت ڪن تہ گهٽو ڪجهہ ٿي سگهي ٿو. بهرحال اسان کي سندن سرڪار مان گهٽي اميد نہ آهي. پارت سرڪار جي پاليسي سوداگرانہ آهي، جي اها نہ هجي ها تہ ملڪ نہ ورهائجي ها. هتي جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ سنڌين جا مٿيان طبقا، جهڙوڪ: زميندار، ڪامورو، پير، واپاري ڏارين جي ايجنٽ ۽ غلام ٿي رهڻ ۾ خوش آهي. هتي بہ سمورو بار ڪن جيئي سنڌ جي ڪارڪنن ۽ شاگردن تي آهي.

پر باوجود ان جي، اسان دل نہ لاٿي آهي. اميد رکيو ويٺا آهيون، تہ نيٺ اسان کي ڪاميابي نصيب ٿيندي:

هڙ ۾ ڪيئِن هئونِ، هونهين هنن نہ چاڙهيا،
سارو ڏينهن سمونڊ تي، لهي سج ويونِ،
جڏهن سائينءَ سبب ڪيونِ، تہ سٽڙ ٿيا سيد چوي!

(شاهہ)

فصل پنجون

سنڌو ديس جي مشن

دنيا جي قديم تهذيبن مان سنڌي تهذيب بہ قديم آهي. هتي مصر جي نيل ندي، عراق جي دجلہ ۽ فرات ندين جي تهذيب وانگر سنڌو تهذيب جنم ورتو آهي.

جئين مادي جسم اموبيا مان ترقي ڪري، مختلف ارتقائي درجا طئي ڪندي، اشرف المخلوقات (ماڻهو) تائين پهچي ٿو. اهڙيءَ طرح روح (ذهن) بہ ماڪوڙيءَ کان وٺي ماڻهوءَ تائين جدا جدا درجا طئي ڪندو آيو آهي. ماڻهو رواجيءَ طرح ڳالهائيندڙ جانور جو مثل آهي. هو ساڳين جبلتن (Instincts) جو حامل آهي، جهڙيون جانور کي آهن. هن جو عروج انهيءَ ۾ آهي تہ هڪ طرف بدن کي مضبوط، حسين ۽ تندرست رکي، جسماني ڪمال حاصل ڪري؛ ۽ ٻئي طرف فڪر ۽ عمل کي مڪمل ۽ متحد ڪري، بهترين نموني زندگي پيش ڪري.

قديم زماني کان وٺي مختلف مذهبن جي بانين، فيلسوفن، درويشن پاڻ سجاڻي، فڪري ۽ عملي زندگيءَ کي مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي.

پاڻيءَ جو قطرو جداگانہ حيثيت رکي ٿو ليڪن وڏيڪ معلومات بعد ڪيس پتو پوي ٿو تہ هو سمنڊ جو جزو آهي. اهڙيءَ طرح ماڻهوءَ کي بہ هڪ طرف شخصي حيثيت آهي، جنهن ۾ شخصي ترقي ڪرڻ لاءِ رستو کليل اٿس. ٻئي طرف وڌيڪ ڄاڻ بعد ڪيس پتو پوي ٿو تہ هو انسان ذات جو جزو آهي. جهڙيءَ طرح پاڻيءَ جو قطرو ڪهڙو بہ صاف، سنو ۽ خوشبودار هجي، پر جنهن تالاب ۾ هو مليل آهي، ان جي سني نہ هئڻ ڪري سندس صاف رهڻ مشڪل آهي، اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪيترو بہ ترقي يافتہ هجي، سياسي اقتدار جي اعليٰ درجن تي پهچي وڃي، پر جنهن سوسائٽيءَ ۾ رهي ٿو اها پٺتي پيل، نا صالح ۽ بداخلاق آهي تہ سندس ذهني، روحاني ترقي يا اقتدار بي معنيٰ ۽ بيڪار ٿي پوندو.

ان ڪري صالح ماڻهن جي زندگيءَ جو مقصد اهو ٿئي ٿو تہ پاڻ کي بہ علم ۽ اخلاق جو مجسمو بنائين ۽ ان بعد جنهن سوسائٽيءَ ۾ رهن ٿا، ان کي بہ انهن صفتن سان موصوف ڪن. انهن مقصدن جي حصول لاءِ دنيا ۾ مختلف طور طريقا اختيار ڪيا ويا آهن. جن مان هڪ مذهبن يا نظرين جو طريقو هو ٻيو تاريخي ارتقا جو هو.

(1) مذهبن يا نظرين جو طريقو

انهيءَ طريقي ذريعي سوسائٽيءَ کي درست ڪرڻ لاءِ دنيا ۾ گهڻيون ڪوششون ٿيون آهن. سوين مذهب دنيا ۾ پيدا ٿيا ۽ انهن جي ذريعي سوسائٽيءَ جي اتحاد ۽ ترقيءَ لاءِ ڪوشش ٿي آهي، پر زماني جي ڪسوٽيءَ تي حالتن جي تبديليءَ بعد ڪيترا نظريا ۽ مذهب صفحہ هستيءَ تان ڪي نشان ڇڏي منتجي ويا. هن قت چند عالمگير مذهب اجا تائين پنهنجو وجود قائم رکيو اچن ٿا. جن مان مکيہ هندو مت، ٻڌ مت، عيسائيت ۽ اسلام آهن.

جڏهن ڪا تحريڪ يا متو سوسائٽيءَ کي پنهنجي رنگ ۾ رڱڻ گهرندو آهي، تہ اهو نظام ناهي، انهيءَ جي قائدن قانونن مطابق سندن هم خيال ماڻهن کي ضابطي هيٺ رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، اهڙيءَ طرح مکيہ مذهب دين منظم (Orgnized Religion) تي ڪم ڪرڻ لڳا، ۽ انهن جا دائره عمل پهرين محدود هئا. پر آهستي آهستي تي اُهي بين الاقوامي صورت اختيار ڪرڻ لڳا. ان صورت ۾ پنهنجي افادي ڪارج جي تڪميل لاءِ منجهن عمل ۽ فڪر جي يڪجهتي ضرور هئي، ليڪن جيئن انهن مذهبن جي عمل جو دائرو وسيع ٿيندو ويو تہ انهن جي ڪارڪردگي ۽ نقطہ نگاه ۾ اختلاف پيدا ٿيندا ويا. نہ صرف ڪن خاص مذهبن جي پوئلڳن ۾ اندروني طور پر مختلف مذهبن جي پوئلڳن ۾ بہ هڪ مذهب جا ٻئي مذهب سان اختلاف پيدا ٿيڻ لڳا. ائين ٿيندي ٿيندي، انهن مذهبن جا پوئلڳ مستقل مفاد بنجي ويا. جن جي اختلافن جو مستقل صورت وٺي بيهڻ لازمي هو تنهن ڪري جنهن اتحاد، امن ۽ ترقي انسانيءَ جي مقصد سان اهي مذهب يا نظريا شروع ٿيا هئا، ان جي سرانجامي تي نہ سگهي آهي.

دنيا ۾ ماڻهن کي متحد ڪرڻ لاءِ مذهبن ۽ نظرين طرفان هڪ طرف ڪوشش جاري رهي، تہ گڏوگڏ پنهنجين پنهنجين ايراضين ۾ ماڻهن گڏجي حڪومتون قائم ڪيون ۽ قومون وجود ۾ آيون. جن هڪ وطن ۾ زبان، ڪلچر، تاريخي روايات، سياسي ۽ اقتصادي مفاد لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. انهن قومن ۾ جدا جدا مذهبن ۽ نظرين جا ماڻهو شامل هئا. انهن جي اتحاد جو بنياد صرف قوميت تي رکيو ويو.

اهڙيءَ طرح سان قومپرستيءَ ذريعي ۽ مذهبي (نظرياتي) بنياد تي اتحاد جون ڪوششون گهڻي وقت کان هلنديون آيون آهن. هندن، ڪرستانن، ٻڌن ۽ مسلمانن مذهبن جي بنيادن تي اتحاد لاءِ گهڻي وقت کان ڪوششون جاري رکيون، ليڪن جنهن صورت ۾ اهي مذهب بين الاقوامي صورت اختيار ڪري ويا هئا، انهن جي پوئلڳن جون زبانون ساڳيون نہ هيون ۽ اهي ڪنهن خاص خطہ زمين جي ايراضين ۾ محدود نہ هئا ۽ انهن ۾ اعتقادي اختلاف پيدا ٿي پيا هئا، تنهن ڪري جئين پوءِ تيئن اهي جدا جدا فرقن ۽ مذهبن جي باهمي اختلاف جو شڪار ٿيندا رهيا. هڪ حصي ملڪ ۾ رهندڙ ماڻهن جون حالتون ۽ تقاضائون، ٻئي حصي ملڪ ۾ رهندڙن کان مختلف هيون، تنهن ڪري اهو طريقہ عمل ڪامياب ٿي نہ سگهيو. ان ڪري مغربي ملڪن، جي اڄ ڪلهہ زياده ترقي يافتہ آهن، اهو رستو ڇڏي، قومپرستيءَ جي بنياد تي سوسائٽيءَ جي تنظيم جو دستور وڌو. اڄڪلهہ قومن جي جماعت قائم ٿيل آهي. جنهن ۾ شامل قومن جو بنياد وطن، زبان، ڪلچر، تاريخي روايات، سياسي ۽ اقتصادي مفاد تي قائم ٿيل آهي، ليڪن اجا ڪي ملڪ آهن، جتي مذهب جي بنياد تي اتحاد ۽ ترقيءَ لاءِ ڪوششون جاري آهن، جن مان پاڪستان، ۽ اسرائيل بہ ملڪ آهن. جيڪڏهين اسلامي تاريخ تي نظر ڪبي تہ پتو پوندو تہ خلافت، پئن اسلامزم ۽ هندستان ۾ اورنگزيبي حڪومت ۽ هاڻ پاڪستاني حڪومت جي پاليسي مذهب جي بنياد تي ماڻهن کي متحد ڪرڻ لاءِ ناهيل آهي.

هتي اسان مان جن تاريخ جو مطالعو ڪيو آهي ۽ زندگيءَ ۾ تجربي جي ڪسوٽيءَ جي آڌار تي انهيءَ مذهبي اتحاد پاليسيءَ جي افاديت بابت غور ڪيو آهي. سي مجبور ٿي دنيا جي عام دستور

مطابق قومپرستيءَ جي بنياد تي معاشري جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ جدوجهد جاري رکندا اچن ٿا. اسان کي اعتقاد ويٺل آهي تہ جنهن صورت ۾ ساريءَ دنيا ۾ مذهب ذريعي اتحاد، امن ۽ ترقي حاصل ٿي نہ سگهي آهي، تہ هتي پاڪستان ۾ بہ ڪاميابي حاصل ٿي نہ سگهندي. ان ڪري اسين سنڌي قوم جا فرد هئڻ جي حالت ۾ پهرين پنهجي قومي يڪجهتي، فڪر ۽ عمل ۾ حاصل ڪرڻ گهرون ٿا. پوءِ انسان ذات جي مجموعي مفاد خاطر ڪن صولن مطابق اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪنداسون. اسان جو ويساهہ آهي تہ سنڌو ديش کي گذشتہ روايات مطابق اها مشن سپرد ٿيل آهي، ان موجب سنڌ جي رهاڪن کي پهرين پاڻ ۾ متحد ٿي امن قائم ڪري، ترقيءَ ڪرڻ بعد دنيا جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻي پوندي.

هن وقت دنيا بہ گروهن ۾ ورهايل آهي.

(1) هڪ مغربي دنيا جو گروهہ آهي، جنهن کي پنهنجي تهذيب، تمدن ۽ فلسفہ حيات، مفاد ۽ طريقہ ڪار آهن.

(2) مشرقي دنيا جو گروهہ آهي، جو هن وقت جيتوڻيڪ پٺتي پيل آهي، پر سندس ماضي شاندار رهيو آهي. کيس جدا فلسفہ حيات، ڪلچر، مفاد ۽ طريقہ ڪار آهن.

هن وقت ٻئي مختلف ۽ متضاد ڏسڻ ۾ پيا اچن. يعني هڪڙن روحانيت طرف زياده توجهہ ڏيئي، ظاهري زندگيءَ کي پوئتي اڇلائي ڇڏيو آهي. ٻين ظاهر جي ترقيءَ تي ايترو توجهہ ڏنو آهي، جو باوجود دنياوي ترقي جي بنيادي مقصد، اتحاد ۽ امن حاصل ڪري نہ سگهيا آهن.

گهڻي وقت کان اهل فڪر اها تمنا ظاهر ڪندا آيا آهن تہ ڪهڙيءَ طرح ٻنهي تهذيبن کي ملائي هڪ ڪجي. انهن مختلف خيالن ۽ عملن جي ماڻهن کي ملائڻ لاءِ خاص ماحول ۽ تاريخي روايات موجب ٿهيل سنڌي قوم زياده موزون آهي. بشرطيڪ اها آزاد ٿي، ترقي ڪري، پنهنجي مشن پوري ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري.

اهو هي ئي ملڪ هو جتي مختلف مذهبن جا پوئلڳ، بقا يا باهمي جي بنياد تي هڪ ٻين کي نزديڪ آيا. وحدت مذاهب جو

فلسفو هتي سرجيو ۽ بارآور ٿيو. تنهن ڪري سنڌو ديش جي ماڻهن کي آزادي حاصل ڪرڻ بعد مشرق ۽ مغرب جي فلسفن ۽ تهذيبن کي نزديڪ آڻڻ جي مشن پوري ڪرڻي آهي.

سنڌوديش کي ماضيءَ کان هيٺيون روايتون ورثي ۾ مليل آهن.

1. مذهبي رواداري.
2. قومي غيرت.
3. محبت.
4. بقائي باهمي.
5. مهمان نوازي.
6. عدم تشدد جو مادو.
7. لاڪوفيت.

دنيا هن وقت مختلف اختلافن جو آماجگاه بني پئي آهي، جنهن ڪري ماڻهن ۾ نه اتحاد پيدا ٿي سگهيو آهي، نه امن قائم ٿيو آهي. انهن جهڳڙن جي ڪري ماڻهن جي ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ پئجي ويئي آهي.

ماڻهن جي اتحاد جي راهه ۾ رڪاوٽون هيٺين مختلف ڪارڻن ڪري پيون آهن.

1. دهريت (مٽيريلزم) ۽ روحانيت (آئڊيلزم) جو اختلاف.
2. جمهوريت ۽ آمرانه نظام حڪومت جو اختلاف.
3. نيشنلزم ۽ نظرياتي سامراج جو اختلاف.
4. اشتراڪيت ۽ سرمائيداري جو اختلاف.
5. تشدد ۽ عدم تشدد جو اختلاف.

بهتر آهي ته انهن نظرين جي مختصر تشريح ڪري، ان جي باهمي اختلافن تي روشني وجهجي.

(1). دهريت ۽ روحانيت

(الف) دهريت (مٽيريلزم)

هن نظرئي موجب مادي کي زندگيءَ (روح) تي اهميت ڏني وڃي ٿي. ان ڪري مادي کي درجي اول جي حيثيت ڏيئي، روح (مائينڊ) کي ثانوي درجو ڏنو وڃي ٿو. انهيءَ نقطه نگاهه کان روح مادي جي مختلف

عنصرن جي باهمي عمل جي پيداوار آهي. ان ڪري جڏهن بہ مادي جي فعاليت يا قائم باالذات تحريڪ بند ٿئي ٿو يا ان ۾ رڪاوٽ پوي ٿي، تہ زندگي ختم ٿيو وڃي. هن نظرئي جي معتقدن جو شخصي روح جي جداگانہ هستيءَ ۽ تسلسل ۾ اعتقاد نہ آهي. انهيءَ نظرئي جي ميڄڻ بعد مذهبن جا جملي اعتقاد، جهڙوڪ: حيات بعدالممات، تناسخ، (جوڻ)، سزا ۽ جزا، بهشت ۽ دوزخ، ڪائنات جو مقصد يا رٿا سان پيدا ٿيڻ ۽ انهن جي پيدا ڪندڙ هلائيندڙ طاقت (خدا) ۾ اعتماد رکڻ جا سڀ عقيدا ختم ٿيو وڃن- جنهن ڪري ان جي معتقدن جو سارو زور هن دنيا جي زندگيءَ بهتر بنائڻ ۽ هر ڳالهہ جو فيصلو عقل ۽ تجربي جي بنياد تي ڪرڻ طرف رهي ٿو.

(ب) روحانيت (آئيڊيلزم)

هن نظرئي مطابق روح کي اصل شيءِ ڪري ورتو وڃي ٿو. ان ۾ مادي کي ثانوي حيثيت ڏني وڃي ٿي. انهيءَ جي مڃيندڙن مان ڪي تہ مورڳو مادي جي جدا هستيءَ کان انڪار ڪري، ان کي صفت يا مايا سان تشبيهہ ڏين ٿا. انهن جي نقطہ نگاہ کان روح ذات ۽ مادو صفات آهي. روح ابدي (آدي) ۽ ازلي (جڳادي) آهي ۽ مادو فاني ۽ تبديل ٿيندڙ آهي.

انهيءَ نظرئي جي بنياد تي جملي مذهب وجود ۾ آيا آهن. خدا، حيات بعدالممات، آواگون (تناسخ)، جزا ۽ سزا، ڪرم جو قل، بهشت ۽ دوزخ ۽ مذهبن جا ٻيا جملي عقيدا ناهيا ويا آهن. ان نظرئي جي آخري نتيجي طور هرهڪ ماڻهو سندس عملن لاءِ جوابدار هو. تنهن ڪري گهٽي ياڳي هو شخص آزاد هو. جيئن تہ ڪي ماڻهو محنتي، لياقت وارا ۽ مضبوط ٿين ٿا، ۽ ڪي سست، ڪند فهم (ڏڏ) ۽ ڪمزور آهن، تنهن ڪري ٻنهي ڌرين جي ڪليل مقابلي ۾ ڪي ماڻهو ملڪيت، پيسي ۽ اقتدار جا مالڪ بنجيو وڃن ۽ ڪي محڪوم، مفلس ۽ نادار ٿيو پون.

جنهن صورت ۾ هن نظرئي موجب بنيادي طرح کليل مقابلو روا آهي، تہ ان جي آڌار تي پيدا ڪيل طبقاتي ۽ مستقل مفاد تسليم ڪري، مذهبي قانون اهڙيءَ طرح بنايا ويا آهن، جو شخصي ملڪيت، ذرايع پيداوار ۽ ورهاست کي هٿ لائڻ يا دست اندازي ڪرڻ جي هڪ

حد تائين منع هئي. نتيجي ۾ ڪي ڪروڙها روپين، هزارين ايڪڙن، ڪثير تعداد جاين، ڪارخانن ۽ ڪيترين زالن جا مالڪ بنجيو وڃن ته ڪي بي زر بي اجهي، مزدور ۽ چڙا پاند رهجيو وڃن.

اهڙي نظام کي ختم ڪرڻ لاءِ مذهبي قانون مخالفت ڪن ٿا. بلڪ ڪي ته ان کي ڪرم جو ڦل يا قسمت جو نتيجو قرار ڏيئي، قانون ۾ عين انصاف تي ٻڌل سرشتو يا نظام سمجهن ٿا. ازانسواءِ مذهب فوق العقل اختياريءَ تي مدار رکي، گهڻي حد تائين عقل ۽ تجربي مان حاصل ڪيل معلومات کي ثانوي حيثيت بخشي ٿو. انهن نظرين جي بنياد تي جي جماعتون نهن ٿيون، سي بين الاقوامي حيثيت رکڻ ڪري، مختلف قومن جي مستقل مفاد جهڙوڪ وطن، ڪلچر، اقتصادي مفاد ۽ زبانن کي نقصان پهچائين ٿيون. اهي بيئي ذهني سامراج آهن، جي سندن نظرين ۾ انسانذات جو ڀلو ڏسي، سيني ماڻهن کي زوريءَ يا تبليغ ذريعي سندن جماعتي نظام ۾ آڻڻ گهرن ٿا. جن مان فطري طرح مختلف ملڪن ۾ پيدا ٿيل قومن جي مختلف ورثن، جهڙوڪ: شخصي عقيدن، سماجي زندگيءَ جي طور طريقن، قومي ڪردار ۽ آرٽ (ادب ۽ فنون لطيفه) جي جدا وجودن کي ختم ڪري، ڪن نظرياتي قالبن ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. تنهن ڪري انهن جي انتهائي حالت ۾ قومن ۽ ان جي ڪلچرن کي نظرين جي بنياد تي نهيل جماعتن مان نقصان پهچڻ جو انديشو آهي.

دهريت ۽ روحانيت پنهنجي پنهنجي انتهائي درجي تي نه رڳو پنهنجي باهمي تضادم جي صورت ۾، پر پنهنجي پنهنجي انفرادي عمل جي دائري ۾ پڻ، ماڻهن ۾ اتحاد آڻڻ جي عيوض اختلاف پيدا ڪن ٿا.

انسانذات جي انهيءَ بنيادي فڪري، سماجي مسئلي جي حل لاءِ، اهل سنڌ وحدت الوجود (ويدانيت) جي نقطه نگاهه کان انهن ٻنهي نظرين کي هڪٻئي جو رد نٿا سمجهن، بلڪ انهن کي هڪ شيءِ جا ٻه پهلو قرار ڏيئي، ٿيسز ائنٽي ٿيسز ۽ سنٿيسز جي اصول تي انهن جي يڪجا ٿيڻ يا سهمت ٿيڻ کي ممڪن سمجهن ٿا. انهيءَ واسطي دنيا جڏهن دوئيءَ ۾ قاتل آهي، ته ان کي هڪ اهڙي نظرئي جي ضرورت

آهي، جو باوجود اختلافن جي بقائي باهميءَ جي آڌار تي گڏجي، گڏيل مفاد لاءِ ڪيس ڪم ڪرڻ سيکاري.

(2) جمهوريت ۽ آمريت (آپيشاهي)

(الف) جمهوريت (ڊيموڪريسي)

ان نظرئي کي ڪونجي ٿو جنهن موجب قوم جي افراد جي مساوي حيثيت تسليم ڪجي ٿي. ملڪ جي هر عاقل بالغ ماڻهوءَ کي ملڪ جي سياسي، اقتصادي ۽ سماجي معاملن لاءِ آزادانه راءِ سان عيوضي چونڊي، انهن جي معرفت پنهنجي عام گڏيل مرضيءَ مطابق حڪومت قائم ڪرڻ ۽ هلائڻ جو حق ڏنو وڃي ٿو. انهيءَ ڪري هر فرد کي آزادانه تقرير، تحرير ۽ جماعت سازيءَ جو حق ڏنو وڃي ٿو. البت پٺتي پيل ملڪن ۾ جتي ڪثرت تعداد ماڻهن جو اڻ پڙهيل ۽ سياسي شعور نه رکندڙ غريب ۽ غير منظم آهي، اتي ابتدا ۾ هوشيار پيسي وارا ۽ مٿانهين طبقي جا ماڻهو عوام کي برغلائي، طاقت پنهنجي قبضي ۾ رکن ٿا. ليڪن بنيادي طرح جمهوريت جي اصول مڃڻ ڪري ۽ بالغ راءِ دهيءَ جي استعمال ۾ رهڻ ڪري، نيٺ عوام سندن حقن حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو وڃن. قوم پرستي ۽ جمهوريت لازم ملزوم ڳالهيون آهن. جمهوريت جي بينادي اصولن مطابق نه صرف افراد جي حقن کي قبوليو وڃي ٿو پر هر قوم جي حق خوداريءَ جو حق پڻ تسليم ڪيو وڃي ٿو.

(ب) آمريت (ڊڪٽيترشپ)

هن نظرئي جو بنياد فسطائي نقطه نگاه تي رکيو ويو آهي، جنهن مطابق ماڻهن کي لائق ۽ اڻ لائق، مضبوط ۽ ڪمزور، سڌريل ۽ اڻ سڌريل گروهن ۾ ورهائي، پهرئين گروهه کي حڪومت، بزرگيءَ ۽ رهبريءَ جو اهل ڄاڻي، اقتدار ۾ آندو وڃي ٿو. نتيجو اهو ٿو نڪري ته مذهب، حڪومت، علم ۽ عقل ۾ چند ماڻهو پاڻ کي علمبردار مقرر ڪري، عوام کي پنهنجن عيوضين جي چونڊ ڪري ڪاروبار هلائڻ کان محروم ڪن ٿا. ان لاءِ آزادانه تقرير، تحرير ۽ جماعت سازيءَ

ڦهلائڻ جي الزام ۾ برداشت نٿو ڪيو وڃي. هنن جي نقطہ نگاهہ موجب صرف لائق ۽ مضبوط شيون، زندگيءَ جي بقا جي ويڙهہ ۾ ڪامياب ٿين ٿيون ۽ ٻيون سڀ فنا ٿيڻ واريون آهن. تنهن ڪري لائق افراد يا لائق قومون ئي حڪومت هلائڻ جي لائق سمجهيون وڃن ٿيون. انهن جي راءِ صحيح ۽ بي عيب هجي ٿي.

انهن خيالن مطابق ڪي طاقتور، هوشيار ۽ جنگجو شخص يا گروهہ زور زبردستيءَ سان حڪومت تي قبضو ڪري، ان کي سندن مستقل مفاد لاءِ هلائين ٿا. ان مان عارضي طرح سختي ۽ تشدد ڪري مخالف راءِ دٻجيو وڃي ۽ ماڻهن ۾ جمود پيدا ٿيڻ ڪري، عوام ملڪي معاملن ۾ دلچسپي وٺڻ ڇڏيو ڏين. ڊڪٽيٽر جو لفظ سند ڪري مڃيو وڃي ٿو ۽ مٺو پوي ٿو. ڊڪٽيٽرن جي چوڌاري خوشامدڙين ۽ جي حضور جو هجوم گڏ ٿيو وڃي. آزاد خيال ۽ ايماندار ماڻهن کي نزديڪ ۽ اچڻ کان رڪاوٽ پئجيو وڃي، جنهن ڪري اقتدار جا صاحب صحيح صلاح مشوري کان محروم ٿيو وڃن. انهن کان پوءِ غلطيون سرزد ٿيڻ لڳن ٿيون. ڪامورن جي ٻيگهي مڃيو وڃي. هر نڪتہ چينيءَ کي ناپسنديءَ جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو. ظاهري مخالفت گهٽجيو وڃي، اندروني طرح ناراضگي وڌڻ لڳي ٿي. آئيني طريقن سان اختلاف ڪرڻ جي اجازت نہ هئڻ ڪري، مخفي سازشون شروع ٿين ٿيون. اهي ڳالهيون ملڪ کي خانہ جنگيءَ ڏي ڌڪين ٿيون.

انهن ٻنهي نظرين جمهوريت ۽ آمريت جي انتها پسنديءَ ڪري، ٻنهي مان ڪو فائدو حاصل نٿو ٿئي. مغربي پاڪستان مان جن ملڪن ۾ قديم زماني کان جمهوريت جو رواج آهي، تہ بہ اُتي اجا تائين ڪي تمام غريب ۽ ڪي شاهوڪار آهن. عام ماڻهن جو معيار زندگي درست ٿي نہ سگهيو آهي. اڪثري جمهوريت وارا ملڪ سرمائيداريءَ طرف وڌي ويا آهن. ٻئي طرف آمرانہ حڪومت باوجود ڪن خوبين جي، مٿي ذڪر ڪيل خرابين جو باعث بنجيو پوي، ان ڪري انهن ٻنهي سرشتن جي امتزاج سان ڪو خاطرخواه حل ڳولڻو پوندو. منهنجي نظر ۾ سنڌ اهڙي تجربي لاءِ بهترين ملڪ آهي.

(3) نيشنلزم (قوم پرستي) ۽ امپيريلزم (سامراج)

اڄڪلهه نيشنلزم دنيا ۾ مقبول عام نظريو آهي. هر قوم ان ۾ اعتماد رکي، پنهنجي ترقيءَ لاءِ ڪوشان نظر اچي ٿي. نيشنلزم جا دنيا ۾ ڪيترائي تخيل مختلف زبانن ۾ مروج رهيا آهن. جهڙوڪ نسلي قوم، شهري قوم، سامراجي قوم، مذهبي قوم. ليڪن هن دور ۾ جنهن نيشنلزم جو دنيا ۾ سڪو چالو آهي، تنهن جو بنياد وطن، زبان، ڪلچر، قومي ڪردار، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جي اصولن تي ٻڌل آهي.

هن وقت اهڙين قومن جو اقوام متحده ۾ تعداد 135 آهي. نيشنلزم جو آواز هن وقت نهايت طاقتور آهي. ان ذريعي ملڪن جي آزادي، ترقيءَ ۽ تعمير لاءِ گهڻو ڪجهه ٿي رهيو آهي، ليڪن ان جي صحيح طور واڌاري جي راهه ۾ هينئيون رڪاوٽون پيل آهن. ان جي دور ڪرڻ لاءِ اقوام متحده يا انسانذات طرفان ڪو خاطرخواه انتظام نه ڪيو ويو ته مستقبل ۾ دنيا جي امن کي خطرو آهي.

(الف) اگريسو نيشنلزم (اڳرائيءَ واري قوم پرستي)

اهو ان قسم جو رويو آهي، جو جرمني، اٽلي ۽ جپان هڪ وقت اختيار ڪيو هو. اڄڪلهه اسرائيل، سائوٿ آفريڪا ۽ مهاجر پنجابي سامراج اختيار ڪري رهيا آهن.

(ب) مذهبي نيشنلزم

ان جو اظهار پاڪستان ۽ اسرائيل ۾ حڪمران طبقو ڪري رهيو آهي. جنهن جي زور ونڻ ڪري، ننڍين ۽ ڪمزور قومن جي مفاد ۽ وجود کي هڪ طرف نقصان جو انديشو آهي، ته ٻئي طرف ڪٽرپڻي، تعصب ۽ نفرت پيدا ٿيڻ جو انديشو آهي.

(ت) سفيد رنگ جو نيشنلزم

ان جو اظهار سفيد قوم جي چند گروهن طرفان ٿي رهيو آهي. جهڙوڪ سائوٿ آفريڪا، پورچو گال، روڊيشيا ۽ ڪي آمريڪا جا گروهه، نسل ۽ رنگ جي بنياد تي نفرت ۽ نفاق پيدا ڪري رهيا آهن.

(ث) ڪثرت تعداد جو نيشنلزم

ان جو اظهار چند ڪثرت تعداد قومن طرفان ٿي رهيو آهي. جهڙوڪ ڪئناڊا ۾ انگريزن جو فرينچن مٿان، پاڪستان ۾ پنجابين جو سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان مٿان، آمريڪا ۽ چين جو ننڍين قومن سان رويو.

(ج) ترقي يافته ملڪن جو نيشنلزم

هن وقت دنيا جون قومون ٻن گروهن ۾ ورهايل آهن. هڪڙون ترقي يافته، ٻيون پنتي پيل ۽ ترقيءَ لاءِ ڪوشان (ترقي پذير) قومون آهن. ايشيا، افريقا، لئٽن آمريڪا جون اڪثر قومون پوئين گروهه ۾ شامل آهن. پهرين گروهه وارا تعليم، هنر، سائنس، واپار ۽ پيسي ۾ ترقي ڪرڻ سبب شاهوڪار آهن. ۽ پوئين گروهه وارا غريب آهن. مساويانه حيثيت اختيار ڪرڻ جو، ترقي يافته قومن جي موجوده پاليسي ڪري، ظاهر ڪو امڪان نظر نٿو اچي. جي اها حالت گهڻو وقت قائم رهي، ته اها بدامنيءَ جو باعث بنبي.

امپريلزم (سامراج)

سامراج جي معنيٰ اها آهي ته وڏيون، طاقتور ۽ ترقي يافته قومون يا ملڪ ۽ حڪومتون ننڍين، ڪمزور، پنتي پيل قومن ۽ ملڪن کي سنڌن سياسي تسلط، اقتصادي استحصال ۽ ڪلچرل ۾ لساني غلبي لاءِ ڪتب آڻين ٿيون. هن وقت سامراج جا اڳيان طريقا سواءِ چند حالتن جي گهٽبا وڃن ٿا، پر اڃا به ڪي ملڪ آهن، جن اقوام متحده جي نهرائن يا عام راءِ جي خلاف بينڪو رکيو ويٺا آهن. جهڙوڪ: سائوٿ آفريڪا، روڊيشيا، پاڪستان جا پنجابي، پر وارين ننڍين قومن کي ڪالونيون بنايو پيا هلن.

پر سامراجي قومن اجوڪي دور ۾ وري نيون صورتون اختيار ڪيون آهن، جن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا.

(1) ڪي طاقتور قومون ننڍين ۽ پوئتي پيل قومن کي پنهنجي زير اثر آڻڻ لاءِ اقتصادي ۽ فوجي مدد جا ذريعا استعمال ڪن ٿيون.

(2) ڪي طاقتون فسطائي نظرئي موجب ٻين کي اڻ لائق سمجهي، پاڻ کي خود ساخته اتاليق ۽ محافظ مقرر ڪري، ننڍين ۽ ڪمزور قوتن کي تسلط هيٺ رکن ٿيون.

(3) ڪي ڪميونزم کي نجات انسانيءَ جو ڪارڻ سمجهي، ان جي اثر هيٺ ٻين قومن کي مختلف طريقن سان آڻڻ ضروري ڄاڻن ٿيون، جن مان هڪ طريقو خوني انقلاب جو آهي.

(4) ڪن قومن جو مکيه گروهن، سندن مذهبن کي نجات ديني ۽ دنيوي ڄاڻي، انهن جي اثر هيٺ ٻين قومن، فرقن ۽ حڪومتن کي آڻڻ، پنهنجو مطمح نگاهه بنايو آهي.

(5) ڪٿي سفيد فام قومن يا نسلن پاڻ کي ترقي يافته، چونڊيل ۽ ليڊر شپ جو لائق ڄاڻي، غيرسفيد قومن ۽ ماڻهن کي زيردست رکڻ جائز ڄاتو آهي.

(6) ڪٿي هڪ حڪومت ۾ وڏا ۽ ترقي يافته حصا، پٺتي پيل حصن (قومن) جي سياسي آزادي، اقتصادي مفاد، ڪلچرل ترقي ۽ زبان جي واڌاري ۾ رڪاوٽون وجهي، انهن کي پنهنجي مستقل مفاد لاءِ ڪتب آڻڻ صحيح ٿا سمجهن.

سامراج جو مٿي ذڪر ڪيل سڀني قسمن جو بنياد فسطائي، نظرين، خود مطلبيءَ، طاقت، لياقت، زور زبردستيءَ ۽ ڏوڪيبازيءَ تي رهي ٿو. جنهن مان ننڍين ۽ پٺتي پيل قومن ۾ ناراضگي پيدا ٿي، بدامنيءَ جو باعث بڻجي ٿي.

گذريل ٻه مهاڀاري لڙايون ان جو ڪارڻ هيون. ان جي سدباب لاءِ اقوام متحده قائم ڪئي ويئي هي، ليڪن هيٺين سببن ڪري اها ان جي دور ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي نه سگهي آهي.

(1) اقوام متحده جي سلامتي ڪائونسل تي پنجن قومن کي دائمي جايون مليل آهن، جن مان هرهڪ کي ڪنهن به تجويز کي رد ڪرڻ لاءِ ويٽو جو اختيار مليل آهي.

(2) اقوام متحده جي جنرل اسيمبليءَ ۾ آمريڪا ۽ روس جهڙين وڏين طاقتن کي به هڪ ووٽ جو حق آهي، ته قطر ۽ اسرائيل جهڙن ننڍن ملڪن کي به هڪ ووٽ جو اختيار آهي.

(3) جيستائين انهن ننڍن ملڪن وڏين طاقتن جي سياسي گروهن ۾ رهي، سندن مرضيءَ مطابق ووٽ ڏنو ٿي، ته وڏين طاقتن ڪڇيو ڪونه ٿي، هاڻ جڏهن ايشيا ۽ افريقا جي ملڪن مان ڪن گڏجي، آزاديءَ سان ووٽ ڏيڻ شروع ڪيو آهي، ته وڏين طاقتن اقوام متحده جي نهرائن کي سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح بيڪار بنائڻ شروع ڪيو آهي. جهڙوڪ، سائوٿ آفريڪا، پورچو گال،روڊيشيا، اسرائيل وغيره جي معاملن ۾.

(4) اقوام متحده کي ڪميونسٽ بلاڪ ۽ مغربي سامراجي بلاڪ، سندن پروپيگنڊا لاءِ سياسي شطرنج ڪٽي بنايو آهي. ان ڪري ايشيا، آفريڪا، سائوٿ آمريڪا جي ڪيترن ملڪن ۾ ان جي وقعت گهٽجي ويئي آهي.

(5) اقوام متحده کي سندن نهرائن کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ ڪا به اختياري نه آهي.

(6) اقوام متحده سامراجي سازشن، جنگي تيارين، خوفناڪ هٿيار ناهڻ جي گهٽتائيءَ ۽ ننڍين قومن جي آزاديءَ، داد رسيءَ ۽ ترقيءَ لاءِ خاطر خواهه انتظام نه ڪري سگهي آهي.

انهن حالتن مان ائين ڏسڻ ۾ پيو اچي ته اقوام متحده کي مٿين ذڪر ڪيل خامين کي آجي ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻي پوندي. سنڌو ديش آزاديءَ بعد انهيءَ ڏس ۾ چڱو ڪم ڪري سگهي ٿو.

(4) ڪميونزم (اشتراڪيت) ۽ ڪئپيٽلزم (سرمائيداري)

(الف) ڪميونزم (اشتراڪيت)

هن نظرئي مطابق جملي ملڪيت، پيداوار ۽ ورهاست جا ذريعا ۽ پيسو حڪومت جي هٿ هيٺ آندا وڃن ٿا، جا عوام جي فائدي لاءِ ان کي منصوبن مطابق ڪتب آڻي ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ هونئن جو شخصن ۽ طبقن جي ڇڙواڳ استحصال سبب مخصوص طبقي ڪان سواءِ عوام مسڪين ۽ محتاج ٿيو پون، سو نٿو ٿئي. هن نظرئي واران کي مذهب جي پوئلڳن وانگر اهو ويساهه ويهي ويو آهي ته جملي انسان

ذات جي دنيوي نجات. سندن نظرئي جي دنيا تي تسلط ٿيڻ جي وسيلي حاصل ٿيڻ واري آهي. ان ڪري خوشيءَ سان يا زور سان دنيا تي ان نظرئي کي مڙهڻ ضروري آهي. مذهب ۽ ڪميونزم جي وچ ۾ تفاوت صرف هيءُ آهي تہ پهرين جو مدار زياده تر فوقاالعقل اختياريءَ تي رهي ٿو ۽ پوئين جو مدار تاريخي ارتقا جي تجزئي ۽ عقل تي رهي ٿو. ليڪن ٻئي سندن عالمگير صداقت جا قائل آهن.

(ب) ڪئپيٽلزم (سرمائيدار)

هن نظرئي جو بيناد هر شخص جي بنيادي آزاديءَ تي ٻڌو وڃي ٿو جو اصل ۾ مذهبي نظرئي جي پيداوار آهي. ان مطابق هر ماڻهو پنهنجي عملن لاءِ جوابدار آهي. تنهن ڪري ڪيس ملڪيت گڏ ڪرڻ، پيدائش ۽ ورهاست جي ذريعن کي پنهنجي مفاد لاءِ ڪتب آڻڻ، پيسي ذّريعي ڪمائي ڪرڻ جو حق رهي ٿو. ان واسطي هنن مذهبي ۽ فلسفيانہ جواز ڳولي ڪڍيا آهن. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي تہ ماڻهن جو گهڻو حصو غريب، بي گهر، بيمار ۽ محتاج رهي ٿو ۽ ڪي گروهہ ۽ طبقا ساري ملڪيت، پيدائش ۽ ورهاست جي ذريعن ۽ پيسي جا مالڪ بنجي رنگ رليون ڪندا وتن ٿا.

(5) تشدد ۽ عدم تشدد

(الف) تشدد

هن نظرئي جي حامين جو مدار بقائي اصلح جي فلسفي جي آڌار تي رکيو وڃي ٿو. جنهن مطابق هر طاقتور ۽ صالح شيءِ يا قوم قائم رهي ٿي ۽ ڪمزور ۽ ناصالح شيءِ ۽ قوم فنا ٿيو وڃي.

اجڪلهہ دنيا جي گهڻن قومن يا حڪومت جو انهيءَ نظرئي ۾ ويساهہ هئڻ ڪري، سيڪا قوم پاڻ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ زراعت، واپار، پيسي، انڊسٽريز وغيره ذريعي ٻين تي سبقت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي، ان ڪري باهمي مقابلو جاري آهي. جنهن جي نتيجي ۾ جنگيون، واپاري چٽا ڀيٽيون، هنري برتريءَ وغيره ۾ مقابلا جاري آهن. هڪ طرف ائٽم بم، راڪيٽون، ميزائل آهن ۽ جنگي ساز

سامان ۾ اضافو ڪري رهيا آهن، تہ ٻي طرف هنرن ۾ ٻي پيداوار وڌائڻ لاءِ مقابلو جاري آهي. ان ڪري ملڪ جو گهڻو پيسو ۽ وقت پاڻ بچاءَ يا برتريءَ جي ڪمن لاءِ ضايع ٿيو وڃي ۽ ملڪن جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ جو ڪم رڪجيو وڃي.

(ب) عدم تشدد

هن نظرئي جي قائلن جو بنياد بقائي باهميءَ ۽ باهمي تعاون جي اصولن تي رکيو ويو آهي. ان نظرئي جا روحاني ۽ ذهنيءَ طرح ترقي يافتہ ارواح ئي حامي ٿين ٿا. ان ڪري ان جا پوئلگ تمام ٿورا آهن. هاڻ وقت ايندو ويجهو تہ ماڻهو تشدد جي نقصانن کان واقف ٿي، بقائي باهميءَ جي اصولن ۾ مڃي، باهمي تعاون ذريعي ترقيءَ طرف مائل ٿين. ان طرح جنگين کان بچي، ماڻهن جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ جو انتظام ٿي سگهندو.

مٿي ذڪر ڪيل نظرين ڪري پيدا ٿيل مشڪلاتن سبب انسانذات اهڙي دوراهي تي اچي پهتي آهي، جنهن مان يا تہ ڪو خاطرخواه حل باهمي سمجهوتي سان ڳولي، هن وقت تائين پيدا ڪيل تهذيب ۽ تمدن کي بچائي ۽ انهن کي ترقي وٺائي، زندگيءَ جي مکيہ مقصدن، انساني اتحاد، عالمي امن ۽ ترقي انسانيءَ ڏي هلي، منزل مقصود تي ماڻهو پهچن يا باهمي شڪ شبهن، نفرت ۽ نفاق ۽ تشدد جي ذريعي معاملن کي فيصل ڪرڻ ۾ قاسي، انسان ذات جي تباهيءَ جو تنزل جو ڪارڻ بنجن.

انهن مسئلن جي حل ڪرڻ واسطي دنيا کي اهڙي فلسفہ حيات ۽ ڪچرل جي ضرورت آهي، جو سندن صحيح رهبري ڪري سگهي. انهيءَ ڪسوٽيءَ جي بنياد تي دنيا جي مختلف ڪلچرن ۽ فلسفن کي پرکڻ آهي- جي ڪلچر ۽ فلسفا انهيءَ ڪسوٽيءَ تي نهڪي آيا، سي بين الاقوامي ڪلچر فلسفہ حيات لاءِ پيتي ۽ تاجيءَ جو ڪم ڏيئي سگهندا. ٻيا ڪلچر ۽ فلسفا باوجود سندن وڏين دعوائن، مختلف، جانفروشي ۽ وسائل جي تاريخي سيلاب جي وهڪري ۾ لڙهي ختم ٿي ويندا.

هاڻ ڏسڻو آهي تہ اسان جي سنڌي ڪلچر ۾ فلسفہ حيات ۾ ڪي اهڙا جزا آهن، جي مختلف نظرين جي تصادم، انسان ذات ۾ موجوده شبهن، نفرت ۽ نفاق کي دور ڪرائڻ لاءِ رهبري ڪري سگهن.

آءُ ان مسئلي غور ڪرڻ بعد هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ سنڌو ديش جي آزاديءَ بعد سنڌين کي قومي ورثا مليل آهن، انهن جي آڌار تي، اسان انهيءَ تضاد جي حل ڳولهي لهڻ ۾ ڪارآمد ثابت ٿي سگهنداسون.

وحدت مذاهب جو نظريو

دنيا ۾ هن وقت ڪيترائي مذهب مروج آهن، جن مان وري هر هڪ مذهب ۾ ڪيترا فرقا پيدا ٿي پيا آهن، جن جي ڪري مذهبن جا بنيادي مقصد اتحاد لساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم ۽ روحاني تڪميل فوت ٿيو وڃن.

هتي سنڌ ۾ قديم وقت کان ڪيترن مذهبن جا پوئلڳ پئي رهيا آهن، جن کي بقائي باهميءَ جي آڌار تي، انهن کي مذهبن جي بنيادي مقصد ڳولي لهڻ لاءِ، سنڌ جي درويشن پيغام ڏنا آهن، جن تي عمل ڪرڻ سان نہ رڳو مختلف مذهبن جي وچ مان اختلاف گهٽجي سگهن ٿا، پر انهن جا پولڳ پنهنجن اعتقادن تي قائم رهندي، باهمي تعاون سان اتحاد ۽ امن پيدا ڪرڻ لاءِ ڪم سر انجام ڏيئي سگهن ٿا.

انهيءَ ڏس ۾ هنن ڪي مکيہ اصول پيش ڪيا آهن:

1. وحدت الوجد (ويدانيت)
2. محبت (پريم)
3. عدم تشدد (اهنسا)
4. رواداري (Talerance)
5. لاڪوفيت (Non Alliance)
6. خود شناسي.

بهتر آهي تہ انهيءَ سلسلي ۾ درويشن جي هر هڪ پيش ڪيل اصول جي مختصر تشريح ڪجي:

(1) وحدت الوجود (ويدانيت)

زندگيءَ جي بنيادي مسئلن کي سمجهڻ لاءِ ٻه مکيه فلسفا ايجاد ڪيا ويا آهن. جن ۾ هڪ فلسفه وحدت الشهود آهي، ٻيو فلسفو وحدت الوجود آهي.

(الف) فلسفه وحدت الشهود

هن جو ٻيو نالو مسلمانن وٽ همه او است جو نظريو آهي. هن مطابق اگرچ جملي هستيءَ جو بنياد وجود ڪل آهي، ليڪن پيدا ٿيڻ بعد مادي دنيا پنهنجي جدا هستي رکي ٿي، انهيءَ نظرئي ڪري هر شيءِ جا ٻه پهلو آهن. هڪ طرف روح آهي، ته ٻئي طرف مادو آهي. سچ آهي، ته ڪوڙ به آهي. نور آهي، ته اوندهه به آهي.

ان فلسفي اصل ۾ ايران ۾ تقويت ورتي. زراشتر جي تشريح مطابق جملي هستي ٻن گروهن ۾ ورهايل هئي، جن جون مکيه ڪارڪن طاقتون ٻه هيون: اهرمزد ۽ اهرمن. هڪ ملڪوتي طاقت، جا خير طرف مائل هئي- ٻي شيطاني طاقت، جا شر پيدا ڪندڙ هئي، انهن ٻنهي جي وچ ۾ تصادم هلندڙ هو. انهيءَ مقابلي ۾ زندگيءَ جي تازگي ۽ روانيءَ جو راز لڪل هو. موجوده قسم جا اختلاف، جهڙوڪ: 1. نيشنلزم ۽ نظرياتي سامراج، 2. جمهوريت ۽ آمرانه نظام حڪومت، 3. اشتراڪيت ۽ سرمائيداري، 4. تشدد ۽ عدم تشدد، سڀ اڻ سڌيءَ طرح انهيءَ دوئيءَ واري فلسفي جي شاخ آهي.

(ب) فلسفه وحدت الجود (ويدانيت)

ان کي همه اوست ۽ ويدانيت به سڏين ٿا، جنهن جو مطلب اهو آهي، ته جملي هستيءَ جو حقيقي بنياد هستي مطلق يا وجود ڪل آهي. ان کان سواءِ ٻي ڪا چيز عالم ۾ موجود نه آهي. جملي ڪائنات ان جي وجود پرتوي جو مظهر يا عڪس آهي، جنهن شيءِ کي عالم صفات (مايا) ڪري سڏجي ٿو ان کي ڪا جدا هستي نه آهي. جيئن ماڻهوءَ جي آئيني ۾ عڪس يا زمين تي پاڇولو يا سڏ جو پڙاڏو ڪا جدا حيثيت نٿا رکن، ان وانگر صفات (مايا) به ڪا جدا حيثيت ڪانه ٿي

رکي. بلڪ ذات حقيقيءَ تي مدار رکندڙ عڪس مثل آهي. ان نظرئي مطابق هر شيءِ ۾ جي ظاهري اختلاف ڏسجن ٿا. سي تصوير جو هڪ طرف ٿين ٿا.

اهو فلسفو عالم ڪثرت جي ظاهري اختلافن پويان هڪ لڪل يڪوجوديءَ جو راز کولي ٿو. اهو فلسفو مذهبن جي اختلاف، حق ۽ ناحق، گناهہ ۽ ثواب، روشنيءَ ۽ اوندهہ جي ظاهري تفاوت تي اهڙي قسم جي روشني وجهي ٿو جنهن ڪري انهن جي صورت ئي بدلجيو وڃي. اهو مذهبن جي اختلافن کي دور ڪري ٿو. اهو ماڻهن ۾ محبت (پريم) پيدا ڪري ٿو. اهو بقائي باهمي (Co-existance) جو جذبو پيدا ڪري ٿو ان ڪري باهمي تعاون (Co-operation) پياد ٿئي ٿو. ان ڪري اتحاد انساني پيدا ٿي، امن عالم پکيڙڻ ۾ مدد ڪري ٿو. جنهن ڪري انسان ذات تخريب جي عيوض، تعمير ۽ ترقيءَ ڏي راغب ٿئي ٿي.

(2) محبت (پريم)

عالم دوئي (وحدت الشهود) ۾ ٻہ شيون جدا صورت رکن ٿيون. هڪ ڳنديندڙ طاقت آهي، ٻي جدا ڪندڙ آهي. ڳنديندڙ طاقت محبت آهي. محبت مذهب جو روح آهي. محبت مان اتحاد پيدا ٿي، امن لاءِ ماحول پيدا ڪري ٿو. امن جو پيدا ٿيڻ، انساني ترقيءَ لاءِ لازمي امر آهي.

هن وقت دنيا ۾ جي بہ اختلاف موجود آهن، تن جو ڪارڻ محبت جي عدم موجودگي آهي. محبت جو ضد نفرت آهي، جنهن ڪري نفاق پيدا ٿئي ٿو. محبت جي ڪري تشدد ۽ تسلط جا جذبا غائب ٿي وڃن ٿا، ۽ مساوات پيدا ٿئي ٿي. محبت ڪري شڪ شبها ۽ خوف خطرا نڪري وڃن ٿا. محبت ارتقا جي محرڪ آهي. نفرت تنزل ڏي نئي ٿي. ڪشش ۽ محبت هڪ شيءِ آهن. ردعمل ۽ ڌڪار ان جا ضد آهن.

(3) عدم تشدد (اهنسا)

انسان ۽ حيوان ۾ تفاوت اهو آهي تہ ماڻهو نفس اماره (جبلتن) Instincts جي محڪوميت هيٺ نٿو هلي. تشدد حيواني جبلتن جي محڪوميت هيٺ رهي ٿو. انهن مان تشدد، هنسا، زور زبردستي هڪ

جبليت آهي، جا ماڻهن جي وچ ۾ نند وڌائي، فساد، استحصال ۽ نخوت (هٺ) جو باعث بنجي ٿي.

اڄڪلهه دنيا ۾ جي جنگيون، ظلم ۽ فساد ٿي رهيا آهن، انهن جو مکيه ڪارڻ اهنسا آهي. عدم تشدد جي عادت پوڻ ڪري، ماڻهو اڳرائيءَ کان پاسي رهي، باهمي سمجهوتي ۽ پراپڪاري جذبي سان معاملا طي ڪري ٿو.

- تشدد، جهنگل جو حيواني فائدو آهي.
- تشدد، فساد ۽ جنگ جو باعث بنجي ٿو.
- تشدد، محبت جو مانع آهي ۽ نفرت پيدا ڪري ٿو.
- تشدد، امن جي عيوض بدامني پيدا ڪري ٿو.
- تشدد، عقل جو دشمن آهي عقل جي عدم موجودگيءَ ۾ اتحاد، امن ۽ ترقي حاصل ٿي نه سگهندا.

(4) رواداري (Talerance)

- رواداريءَ جو ضد تعصب آهي.
- تعصب خود مطلبيءَ ڪري پيدا ٿئي ٿو.
- تعصب ڪري اتحاد جو رستو بند ٿي وڃي ٿو.
- تعصب بخل پيدا ڪري، زندگيءَ کي تنگ نظريءَ ڏي ڇڪي ٿو.
- جتي تعصب پير رکندو اتي محبت لاءِ دروازو بند ٿي ويندو.
- تعصب دل کي ڪٽر ڪري، ان کي حق شناسيءَ کان دور ڪري ٿو.

رواداري

- رواداري خودمطلبيءَ کي وڃائي، پراپڪاريءَ جو جذبو پيدا ڪري ٿو.
- رواداري ڪري ماڻهن ۾ باهمي تعاون جو احساس پيدا ٿئي ٿو.
- رواداري سخاوت جو مادو پيدا ڪري، فراخدلي بنائي ٿي.
- رواداري محبت لاءِ ماحول پيدا ڪري ٿي.
- رواداري تڏهن پيدا ٿيندي آهي، جڏهن ماڻهوءَ ۾ خودشناسيءَ جو گڻ پيدا ٿئي ٿو.

- رواداري مختلف مذهبن جي اختلافن کي دور ڪري، بنيادي وحدت مذاهب جي راهه ڏيکاري ٿي.
- رواداري بقائي باهميءَ جي اصول جو پابند ڪري، اتحاد پيدا ڪرائي ٿو.
- رواداري مختلف نظرين جا اختلاف دور ڪري، محبت جو پيش خيمو بنجي ٿي.

(5) لاڪوفيت (غيرجانبداري):

غيرجانبداري لفظ جي معنيٰ سمجهڻ ۾ پوري خبرداري اختيار ڪرڻي آهي. هيٺين حالتن ۾ غيرجانبدار رهڻ نيڪ نه آهي.

- هڪ طرف حق هجي، ٻئي طرف ناحق هجي.
- هڪ طرف اهنسا ۽ انصاف هجي، ٻئي طرف ڏاڍ ۽ ظلم هجي.
- هڪ طرف هدايت هجي، ٻئي طرف گمراهي هجي.
- هڪ طرف آزادي هجي، ٻئي طرف غلامي هجي.
- هڪ طرف محبت هجي، ٻئي طرف نفرت هجي.

اهڙيءَ حالت ۾ ماڻهن کي علي الاعلان ڀهرئين گروهه جي طرفداري وٺي، حق ۽ انصاف جو پلو ڀاري ڪرڻو آهي.

پر غيرجانبداري هيٺين حالتن ۾ اختيار ڪرڻي آهي.

- جيڪڏهن ڪي طاقتون، سندن سامراجي ۽ طبقاتي مفاد لاءِ پنهنجو پاڻ ۾ برسر پيڪار هجن.
- جڏهن مختلف مذهبن جا علمبردار مذاهب جي بنيادي وحدت ۽ دين فطرت جي قانون کان اڻ واقفيت ڪري، پنهنجي صداقت جي دعويٰ ڪري، پنهنجو پاڻ ۾ برسرپيڪار هجن ۽ انسانذات ۾ نفاق پيدا ڪرڻ جو باعث بنجندا هجن. جڏهين ڪي ماڻهو پنهنجي پنهنجي نظرئي جي صداقت تي اصرار ڪري، هڪ ٻئي کي غلط سمجهي، پنهنجو پاڻ ۾ برسرپيڪار هجن ۽ عام بدامنيءَ جو باعث بنجن ٿا.
- جڏهن ڪي افراد، قوتون ۽ قومون، سندن سائنسي ترقيءَ، پيسي جي فراوانيءَ، تعداد جي ڪثرت ۽ موتمار هٿيارن جي آڌار تي بين

تي تسلط لاءِ ڪوشان هجن، ۽ ان لاءِ پنهنجو پاڻ ۾ برسرپيڪار هجن، تہ اهڙيءَ حالت ۾ ڪن جو لالچ ڪري حامي ٿيڻ بہ غيرجانبداريءَ جي جذبي جي خلاف آهي.

غيرجانبداري صرف سياسي معاملن ۾ اختيار نہ ڪرڻي آهي، پر مذهبي ۽ نظرين جي سوالن تي بہ ماڻهو پاڻ کي ڪنهن مذهب يا نظرئي يا وابستہ رکي مقالد نہ بنائي.

حق ۽ صداقت محدود نہ آهن. تجربي ۽ علم جي وڌڻ ڪري، انهن جا نوان راز معلوم ٿيڻ لڳن ٿا. جي ماڻهو لڪير جا فقير ٿي، هڪ وقت ۾ حاصل ڪيل معلومات يا اعتقادن سان چنبڙي پون ٿا، سي غيرجانبداريءَ سڏي نٿا سگهجن. غيرجانبدار جي دل ڪليل هوندي آهي، جا حقيقتن جي آڌار تي حاصل ٿيل معلومات مطابق بدلائڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي.

(6) خود شناسي

ماڻهو روح ۽ مادي جو مرڪب آهي، تنهن ڪري ان کي ٻنهي عالمن جي شناخت ڪرڻ ضروري آهي. روح زندگيءَ جو محرڪ آهي. ان ۾ عقل ۽ عشق ذريعي هو ترقي ڪري، خودشناسيءَ يا ڪل ۾ جز جي سمائجڻ جو راز معلوم ڪري سگهجي ٿو. ٻئي طرف ماڻهوءَ کي اهو معلوم ڪرڻو آهي تہ فرد قوم جو جزو آهي ۽ قوم انسانذات جو حصو آهي. روحاني طرح ماڻهو مڪمل ٿي نٿو سگهي، جيستائين خدا کي نٿو سڃاڻي. مادي طرح مڪمل ٿيڻ جو راز فرد جو قوم ۾ ۽ قوم جو انسانذات جي مفاد لاءِ ڪم ڪرڻ ۾ راز سمايل آهي. مادي ۽ روح جي تضاد کي هڪ ٻئي جي ضد جي منزل تي رهڻ کان ائين بچائي سگهجي ٿو.

سنڌو ديش جي آزادي، پاڪستان جي دور حڪومت ۾ پيدا ٿيل هيٺين قسمن جي خامين ۽ خرابين کي دور ڪري سگهي ٿي:

1. تعصب
2. نفرت
3. سامراجي ذهنيت

4. غلط مذهبي خيالات
5. طبقاتي استحصال

بهتر آهي تہ انهن مان هر مسئلي تي مختصر روشني وجهان:

(1) تعصب

تعصب مذهبي ڪٽرپڻي کي سڏبو آهي. اهو علم جي گهٽتائيءَ ۽ تنگدليءَ ڪري پيدا ٿئي ٿو. پاڪستان، اوهان معلوم ڪري آيا هوندا تہ مذهب جي ڏوڪي هيٺ مستقل مفاد وجود ۾ آندو هو. پهرين خيال هو تہ اهو تعصب صرف هندن خلاف ڪتب ايندو. ليڪن بعد ۾ ايئن ڏٺو ويو آهي تہ اهو وچڙندڙ بيماريءَ وانگر پاڪستان جي رهاڪن ۾ پکڙجي ويو آهي. نہ رڳو مسلمانن ۾ هندن خلاف تعصب پيدا ڪيو ويو پر آهستي ٿي اهو پارٽ خلاف، صوبن خلاف، ننڍن صوبن جي اصل رهاڪن خلاف پکڙيو آهي. هاڻ ٿيندي ٿيندي، دليون دلين کان ڪٽجي ويون آهن.

(2) نفرت

نفرت بيمار ذهن ۽ طبيعت جي پيداوار آهي. اها اهڙي وچڙندڙ بيماري آهي، جو هڪ دفعي پيدا ٿيڻ بعد ان جو نڪرڻ نهايت مشڪل آهي. ان جو لازمي نتيجو اختلاف، انتشار، فساد ۽ دشمني نڪري ٿو. جنهن ملڪ ۾ اها پيدا ٿئي ٿي، اتي، اتحاد، امن ۽ ترقي پيدا ٿي نہ سگهندا. اها ملڪ ۽ ماڻهن کي نچوڙي نئي ٿي. ان ڪري انهن ۾ خانہ جنگي ۽ فساد پيدا ٿي، امن عامہ ۽ امن عالم ۾ رخنوي پوي ٿو. جنهن ڪري انساني معاشرو تنزل جو شڪار ٿيو پوي.

(3) سامراجي ذهنيت

سامراج جي معنيٰ اها آهي تہ چند مستقل مفاد طبقا، فسطائي ذهنيت واريون قومون خود مطلبيءَ ڪري، عوام ۽ بين قومن تي سياسي تسلط قائم ڪري، انهن جو اقتصادي طرح استعمال ڪن ۽ ان کي قائم رکڻ لاءِ مٿن ڪلچرل غلبو قائم ڪرڻ گهرن. پاڪستان ۾ مهاجر پنجابي مستقل مفاد بينگالين، سنڌين، بلوچن ۽ پختونن کي محڪوم

۽ غلام رکي، انهن جو استحصال ڪيو آهي. جنهن ڪري بينگالين انهيءَ خلاف لڙائي ڪري، آزادي حاصل ڪئي آهي. باقي سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان جون قومون آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ لڙي رهيون آهن. انهيءَ سلسلي ۾ سنڌين، بلوچن ۽ پناڻن سان ظلم ٿيڻ ورا آهن. انهن جا نشان گهڻو وقت قائم رهندا. آزاديءَ بعد انهن جي دور ڪرڻ ۾ وقت لڳندو.

(4) غلط مذهبي خيال

پاڪستان جي قيام کان اڳ مسلم اقليت وارن مسلمانن ۽ پنجابين جي مستقل مفاد، غلط اسلامي تشريح ڪري، هند جي مسلمانن کي علحده قوم قرار ڏنو ۽ هندن خلاف کين آماده ڪري، ملڪ ورهايو. ان کان پوءِ اسلامي آئين ۽ نظام اسلاميءَ جا ڍوڪا ڏئي، عوام جو توجهه سندن حقيقي مسئلن کان هٽائيندا آيا آهن. هاڻ جملي مسلمان ملڪن کي متحد ڪرڻ جي نالي سان وري نوان ڍوڪا ڏيڻ شروع ڪيا اٿن. انهن غلط ڳالهين ماڻهن جا ذهن زهر آلود ڪري ڇڏيا آهن. سنڌ جي آزاديءَ بعد انهن کي درست ڪري، مذهبي شعبي کي ملڪي سياست کان علحده ڪري، مذهب ۽ سياست کي ملڪ جي سياسي يڪجهتيءَ ۽ مضبوطيءَ، اقتصادي خوشحاليءَ ۽ ڪلچرل ترقيءَ جي ڪمن لاءِ ڪتب آڻبو ۽ مذهب کي اتحاد انسانيءَ امن عالم ۽ اخلاقي درستيءَ لاءِ ڪم آڻڻ واسطي راهه هموار ڪبي.

(5) طبقاتي استحصال

پاڪستان جي قيام بعد عوام کي مختلف ڍوڪن جي آڌار تي غلام رکي، ان ۾ شامل ٿيندڙ رياستن کي مهاجر پنجابي سامراج جون ڪالونيون ڪري هلايو پيو وڃي. بينگال مس مس ان مصيبت کان آجو ٿيو آهي، پر پاڪستان ۾ ٿيل چوويهن سالن جي ڦرلٽ ۽ سول وار جي دوران ٿيل نقصانن جي سدباب لاءِ ڪيئي سال لڳڻا آهن. اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ مهاجر پنجابي مستقل مفاد طرفان زمينون واپار بئنڪن جا قبضا، نوڪريون، دوڪان ۽ ڪارخانا ڦٻايا ويا آهن، سي واپس وٺڻا

آهن. جنگ آزاديءَ جي دوران تيڻ واري نقصان جي تلافي ڪرڻي پوندي، پوءِ ملڪ جي زمين جي پوريءَ طرح ورهاست ڪرڻ، واپار، ڪارخانن وغيره کي زور وناڻو پوندو. زير زمين خزانن کي ڪڍڻو پوندو، ۽ عوام کي مذهب زندگيءَ جي نعمتن کان روشناس ڪرڻو پوندو.

- ديش کي خودشناسيءَ ۽ قومي يڪجهتيءَ جي راهه ۾ هيئيان ڪم ڪرڻا پوندا.
- سنڌ جي جملي رهاڪن مان صوفياءِ ڪرام جي تعليم مطابق تعصب ۽ نفرت ڪڍي، بنا تفاوت مذهب جي هڪ قوم بنائڻو پوندو.
- سنڌي زبان کي زور وناڻو پوندو. غير سنڌين کي سنڌي زبان سکڻي پوندي، يا شهري حقوق تان هٿ کڻڻو پوندو.
- سنڌي قوم لاءِ هڪ لباس اختيار ڪرڻو پوندو.
- ذات پات جا سنڌا متائي، هڪ قوم موجب گڏجڻو پوندو. پنڊت، سيد، بلوچ، پير، برهمڻ ۽ ملا جي جدا سنڌن کي متائڻو پوندو.
- اقتصادي طور اشتراڪيت جي بنياد تي سڀ ملڪيت قومي بنائي، انهيءَ جي نفعي کي هر هڪ کي مستفيض ٿيڻ لاءِ موقعا ڏيارڻا.
- سنڌ جي ڪلچر جي يڪسانگيءَ ۽ ترقيءَ لاءِ منظم منصوبي ماتحت ڪم ڪرڻو پوندو.
- سنڌ جي ترقيءَ لاءِ هر چڱي ڳالهه کي قبول ڪري، خراب ڳالهه کي ترڪ ڪرڻو پوندو.
- زالن کي مردن جهڙا حق ڏياري، انهن جي تعليم، گذرمعاش جي انتظام وغيره لاءِ اهڙا قدم کنيا ويندا. جنهن ڪري هو آئيندي ملڪ ۽ معاشري جي ترقيءَ لاءِ مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪم ڪري سگهن.
- ملڪ ۽ قوم جي ترقيءَ ۾ پير، ملا ۽ سردار دستور وڏي رڪاوٽ آهن، تنهن ڪري انهن کي درست ڪرڻ لاءِ هنن کان غير سنڌين وانگر شهري حق کسيا ويندا.
- مذهبي رواداريءَ لاءِ صوفياءِ ڪرام جي تعليم مطابق بنيادي

وحدت اديان ۽ بقائي باهميءَ جي اصولن تي تعليم ڏيڻ لاءِ ادارا قائم ڪيا ويندا ۽ جيڪي ماڻهو نفرت پيدا ڪرڻ گهرندا، انهن جي حرڪتن کي بند ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويندا.

- عوام جي سلسلي ۾ هر ڳالهه کليل تبليغي ۽ دعوتي بنياد تي ڪئي ويندي، ان ۾ جبر ۽ تشدد کي دخل نه ڏنو ويندو.
- مذهب کي سياست ۾ داخل ڪرڻ جي منع هوندي. حڪومت جي پاليسي سيڪيولر بنياد تي رکي ويندي
- مذهبي ادارن ۾ جملي مذهبن جي تعليم ڏياري، سڀني کي پنهنجي عقيدي رکڻ جي آزادي ڏئي، صالح مذهبي جذبن ۽ اڏمن کي بقائي باهميءَ جي بنياد تي، گڏيل قومي مفاد لاءِ ڪم آندو ويندو.
- شاهه عنايت، شاهه لطيف، سچل سرمست، گرونانڪ ۽ ٻين دوريشن جي تعليم مطابق مختلف مذاهب جي پيروڪارن درميان، مذهبي يڪجهتيءَ پيدا ڪرڻ لاءِ انتظام ڪرڻا پوندا.

نه صرف مذهب جي تعليم کي محبت ۽ رواداريءَ جي بنياد تي پڙهايو ويندو پر گڏوگڏ دهريت جي تعليم تي به منع نه هوندي جيئن ته صرف جملي مذهبن جا پوئلڳ پاڻ ۾ کير کنڊ ٿي رهن، پر دهريا يا غير مذهب ماڻهو به بقائي باهميءَ جي اصولن تي اهل مذهب وارن سان گڏجي، ملڪ ۽ ماڻهن جي ڀلي لاءِ ڪم ڪار ڪن.

محبت، امن ۽ روحاني تعليم لاءِ خاص ادارا قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻي پوندي جيئن دنيوي ترقيءَ سان گڏ ذهني ۽ روحاني ترقيءَ جو به انتظام ڪيو وڃي.

سنڌو ديش کي اقوام عالم واسطي محبت، امن ذهني ۽ روحاني ترقيءَ لاءِ خاص پيغام آهي. ان کي ترتيب ڏئي، گذشته روايات جي بنياد تي کوجنا ڪري، دنيا جي مختلف مذاهب ۽ فلسفن جي گڏجڻ لاءِ هتي جي تجربا ٿيا آهن، انهن کي ڪتابي صورت ڏيئي سنڌين جي اقوام عالم جي خدمت لاءِ اتحاد، امن، ذهني ۽ روحاني ترقيءَ جي ڪمن ۾ حصو وناڻو آهي.

هتي مشرق ۽ مغرب جي تهذيبن کي ملائڻ لاءِ کوجنا ڪري، کي قبول عام تجربا ڪرڻا آهن.

هتي مذهب، فلسفي ۽ سائنس جي تقابلي تعليم ڏيئي، انهن جي اختلافن کي دور ڪري، انسان ذات جي ڀلي لاءِ ڪتب آڻيو آهي.

هتان محبت جي ميخاني جو جام ماڻهن کي پياري، انسان ذات ۾ اتحاد آڻڻ جي شروعات ڪرڻي آهي.

هتي جي سياست کي اخلاق جي بنياد تي قائم ڪري، دنيا لاءِ مثال پيش ڪرڻو آهي.